1|1|الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)
1|2|سڀ ساراهه (خاص) جهانن جي پالڻهار الله کي جڳائي.
1|3|ٻاجهارو مهربان (جو).
1|4|قيامت جي ڏينهن جو مالڪ (آهي).
1|5|تنهنجي ئي عبادت ڪيون ٿا ۽ تو کان ئي مدد گهرون ٿا.
1|6|اسان کي سڌي واٽ ڏيکار.
1|7|جا انهن جي واٽ آهي جن تي فضل ڪيو اٿئي، نه انهن جي (واٽ) جن تي (تنهنجو) ڏمر ٿيل آهي ۽ نه
گمراهن جي (واٽ).
2|1|الٓمٓ
2|2|هيءُ ڪتاب، جنهن ۾ ڪو شڪ ڪونهي، اُنهن خدا ترسن کي سِڌو رستو ڏيکاريندڙ آهي،
2|3|جيڪي اڻ ڏٺي تي ايمان آڻيندا آهن ۽ نماز پڙهندا آهن ۽ کين جيڪي رزق ڏنوسين تنهن مان خرچيندا آهن.
2|4|۽ جيڪي تو ڏانهن لاٿو ويو (قرآن) ۽ جيڪي توکان اڳ (ٻين پيغمبرن تي) لاٿو ويو تنهن کي (اي پيغمبر) اُهي مڃيندا آهن ۽ اُهي آخرت تي يقين رکندا آهن.
2|5|اِهي ئي (انهيءَ) سڌي واٽ تي آهن جا سندن پالڻهار کان (ڏسيل) آهي ۽ اِهي ئي ڇوٽڪاري وارا آهن.
2|6|بيشڪ جن انڪار ڪيو تن تي (اي پيغمبر!) تنهنجو کين ڊيڄارين يا نه ڊيڄارين (سو) هڪجهڙو آهي اِهي ايمان نه آڻيندا.
2|7|الله سندن دلين تي ۽ سندن ڪنن تي مُهر هنئي آهي، ۽ سندن اکين تي ڇَوڙُ (ڇڙهيل) آهي ۽ اُنهن لاءِ وڏو عذاب آهي.
2|8|۽ ماڻهن مان ڪي (اهڙا) آهن جي چوندا آهن ته الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيوسين ۽ حقيقت ۾ اُهي مؤمن نه آهن.
2|9|الله ۽ مومنن کي دلبو ڏيندا آهن، ۽ حالانڪ پاڻ کان سواءِ (ٻئي ڪنهن کي) دلبو نه ڏيندا آهن ۽ نه سمجهندا آهن.
2|10|سندن دلين ۾ (منافقيءَ جي) بيماري آهي پوءِ الله سندين بيماري وڌائي، ۽ انهيءَ ڪري جو (هو) ڪُوڙ ڳالهائيندا آهن انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي.
2|11|۽ جڏهن کين چئبو آهي ته مُلڪ ۾ فساد نه وجهو، چوندا آهن ته اسين سڌاريندڙ ئي آهيون.
2|12|خبردار! اِهي پاڻ فسادي آهن پر نه سمجهندا آهن.
2|13|۽ جڏهن کين چئبو آهي ته جهڙي طرح ٻين ماڻهن ايمان آندو آهي (تهڙي طرح اوهين به) ايمان آڻيو (تڏهن) چوندا آهن ته جئن بي سمجهن ايمان آندو آهي تئن ايمان آڻيون ڇا؟ خبردار، اُهي ئي بي سمجه آهن پر نه ڄاڻندا آهن.
2|14|۽ جڏهن مؤمنن کي ملندا آهن (تڏهن) چوندا آهن ته اسان ايمان آندو آهي، ۽ جڏهن پنهنجن شيطانن (سردارن) کي هيڪلو ملندا آهن (تڏهن) چوندا آهن ته اسين (پر ۾) اوهان سان آهيون اسين (مؤمنن سان) رڳو ٺٺر ڪندڙ آهيون.
2|15|الله ساڻن ٺٺر ڪندو آهي ۽ انهن کي پنهنجي سرڪشي ۾ ڍيگهه ڏيندو آهي جو عقل جا انڌا آهن.
2|16|اِهي اُهي آهن جن هدايت جي بدران گمراهي ڳِڌي، پوءِ سندن واپار کين فائدو نه ڏنو ۽ نڪي اُهي هدايت وارا ٿيا.
2|17|سندن مثال انهيءَ جي مثال جهڙو آهي جنهن باهه ٻاري، پوءِ جنهن مهل باهه پنهنجي آس پاس کي روشن ڪيو (تنهن مهل) الله سندن سوجهرو اجهايو ۽ کين اونداهيءَ ۾ ڇڏي ڏنائين جو نه ڏسن.
2|18|ٻوڙا، گونگا، انڌا آهن پوءِ اُهي نه موٽندا (اُهي).
2|19|يا (سندن مثال اُنهي) آسماني برسات (وارن) جهڙو آهي جنهن ۾ اونداهيون ۽ گوڙ ۽ وڄ هجي، اُهي پنهنجيون آڱريون پنهنجن ڪنن ۾، ڪڙڪن کان موت جي ڊَپ ڪري وجهن، ۽ الله ڪافرن کي گهيرو ڪندڙ آهي.
2|20|وڄ سندن اکين (جي سوجهري کي) اُمالڪ کسڻ تي هُجي، جڏهن انهن لاءِ چمڪي ته منجهس هلن ٿا، ۽ جڏهن مٿن اونده ڪري تڏهن بيهي رهن ٿا، ۽ جيڪڏهن الله گهري ته سندن اکيون ۽ سندن ڪن ضرور وڃائي ڇڏي، بيشڪ الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.
2|21|اي ماڻهؤ پنهنجي انهيءَ پالڻهار جي عبادت ڪريو جنهن اوهان کي ۽ جي اوهان کان اڳ هُئا تن کي پيدا ڪيو ته مانَ اوهين ڊڄو.
2|22|جنهن اوهان لاءِ زمين کي وڇاڻو بڻايو ۽ آسمان کي ڇت، ۽ (مينهن جو) پاڻي آسمان کان وسايائين پوءِ اُن سان (هر جنس جي) ميون منجهان اوهان لاءِ روزي پيدا ڪيائين، پوءِ اوهين ڄاڻ هوندي الله سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪريو.
2|23|۽ پنهنجي ٻانهي (محمد ﷺ) تي جيڪو (قرآن) لاٿوسون تنهن کان جيڪڏهن اوهين شڪ ۾ آهيو ته جهڙيس ڪائي سُورة بڻائي آڻيو، ۽ الله کان سواءِ پنهنجا مددگار (به) سڏيو جيڪڏهن سچا آهيو.
2|24|پوءِ جيڪڏهن نه ڪندؤ، ۽ ڪري به ڪڏهن نه سگهندؤ، ته انهيءَ باهه کان ڊڄو جنهن جو ٻل ماڻهو ۽ پهڻ آهن، اُها نه مڃيندڙن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي.
2|25|۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي هيءَ خوشخبري ڏي ته انهن لاءِ بهشت آهن جن جي هيٺان واهيون پيون وهن، جڏهن اُن مان ڪو به ميوو کاڄ لاءِ ڏنو پيو ويندن (تنهن مهل) پيا چوندا ته هيءُ (ميوو) اُهو آهي جو اڳ اسان کي ڏنو ويو هو ۽ اُهو (شڪل ۾) هڪ جهڙو (پيو) ڏبن، ۽ انهن لاءِ منجهس پاڪ زالون آهن ۽ اُهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن.
2|26|الله مڇر ۽ اُن کان وڌيڪ جي مثال ڏيڻ کان حياء ئي نه ڪندوآهي، پوءِ جن ايمان آندو آهي سي (پڪ) ڄاڻندا آهن ته اُهو سندن پالڻهار وٽان (آيل) سچ آهي، ۽ جن انڪار ڪيو سي چوندا آهن ته هن مثال ڏيڻ ۾ الله جو ڇا مطلب آهي؟ (الله) ان مثال (ڏيڻ) سببان گهڻن کي ڀلائيندو آهي ۽ ان سببان گهڻن کي سڌو رستو ڏيکاريندو آهي، اُن سان اهڙن بي دينن کانسواءِ (ٻي ڪنهين کي) نه ڀلائيندو آهي.
2|27|جيڪي الله جو انجام ان جي پڪي ڪرڻ کانپوءِ ڀڃندا آهن، ۽ الله جن ڪمن جي ڳنڍڻ جو حڪم ڪيو آهي تن کي ڇنندا آهن ۽ مُلڪ ۾ فساد وجهندا آهن، اُهي ئي ڇيئي وارا آهن.
2|28|اوهين هن هوندي به الله کي ڪهڙي طرح نه ٿا مڃيو؟ جو بي ساها هُيؤ پوءِ اوهان کي جيئرو ڪيائين، وري اوهان کي ماريندو وري اوهان کي جياريندو ۽ وري ڏانهس موٽايا ويندؤ.
2|29|اُهو (الله) آهي جنهن توهان (جي فائدي) لاءِ جيڪي مڙئي (شيون) زمين ۾ آهن سي پيدا ڪيون، وري آسمان ڏانهن متوجه ٿيو پوءِ اُنهن کي ست آسمان ڪري برابر بيهاريائين، ۽ اُهو (الله) سڀڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.
2|30|۽ (اي پيغمبر) جڏهن تنهنجي پالڻهار ملائڪن کي چيو ته آءٌ زمين ۾ هڪ نائب مُقرر ڪرڻ وارو آهيان، (تڏهن)

درجن ۾ وڏو ڪيائين، ۽ عيسىٰ پٽ مريم جي کي چٽا مُعجزا ڏناسون ۽ ڪيس پاڪ رُوح سان مدد ڏني سون، ۽ جيڪڏهن
الله گُهري ها ته جيڪي (ماڻهو) اُنهن (پيغمبرن) کان پوءِ هُئا سي پاڻ ۾ چِٽن مُعجزن اچڻ پڄاڻان (پاڻ ۾) نه
وڙهن ها پر اختلاف ۾ پيا پوءِ منجهائن ڪن ايمان آندو ۽ منجهائن ڪن ڪفر ڪيو ۽ جيڪڏهن الله گهري ها ته (پاڻ
۾) نه وڙهن ها، پر الله جيڪي گهرندو آهي سو ڪندو آهي.

2|254| اي مؤمنؤ جيڪي اوهان کي ڏنوسون تنهن مان اُن ڏينهن جي اچڻ کان اڳ خرچ ڪريو جنهن ۾ نه ڪو واپار ۽
نه ڪا ياراڻي آهي ۽ نه ڪا پارت هلندي، ۽ ڪافر ئي ظالم آهن.

2|255| الله (اُهو آهي جو) اُن کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق نه آهي، (اُهو سدائين) جيئرو (جهانن کي) بيهڪ ڏيندڙ
آهي، کيس نڪي پنڪي ۽ نڪي ننڊ وٺندي آهي، جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو (سڀ) سندس
(ملڪيت) آهي. ڪير آهي جو سندس موڪل ڌاران وٽس پارت ڪري سگهي؟ جيڪي اُنهن (مخلوقن) جي اڳيان
آهي ۽ جيڪي سندن پوئتان آهي سو (سڀ) ڄاڻندو آهي، ۽ جيڪي گهري تنهن کان سواءِ سندس علم مان ڪنهن ذري
کي (اُهي) گهيرو ڪري نه سگهندا آهن، سندس (بادشاهيءَ جي) ڪرسيءَ آسمانن ۽ زمين کي لپيٽيو آهي، ۽ اُنهن جي
سنڀال کيس نه ٿڪائيندي آهي، ۽ اُهو (سڀ کان) مٿاهون وڏي وڏائيءَ وارو آهي.

2|256| دين مڃائڻ ۾ ڪا زبردستي نه آهي، (چوته) بيشڪ گمراهيءَ کان هدايت (جدا ٿي) پڌري ٿي آهي، تنهنڪري
جيڪو طاغوت (يعني خُدا کانسواءِ ٻين معبودن) کي نه مڃي ۽ الله کي مڃي تنهن بيشڪ اهڙي مُحڪم ڪڙي کي ورتو،
جنهن کي ڇڇڻ نه آهي، ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.

2|257| الله مؤمنن جو سنڀاليندڙ آهي کين اونداهين مان سوجهري ڏانهن ڪڍندو آهي، ۽ جيڪي ڪافر آهن تن جا مددگار
(خُدا کانسواءِ جن جي عبادت ڪن ٿا سي) بت آهن کين سوجهري مان اونداهين ڏانهن ڪڍندا آهن، اُهي دوزخي آهن،
اُهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن.

2|258| تو اُنهن ڏانهن نه ڏٺو ڇا؟ جنهن پنهنجي پالڻهار بابت ابراهيم سان (انهيءَ مغروريءَ سبب) تڪرار (اي پيغمبر)
ڪيو جو الله کيس بادشاهي ڏني هئي، جڏهن ابراهيم چيو ته منهنجو پالڻهار اُهو آهي جو جياريندو آهي ۽ ماريندو آهي،
(ڪافر) چيو ته آءٌ (به) جياريان ٿو ۽ ماريان ٿو. ابراهيم چيو ته الله سج کي اوڀر کان اوڀاريندو آهي تنهنڪري (تون)
اُن کي اولهه کان اوڀار پوءِ ڪافر هَڪو ٻَڪو ٿي ويو، ۽ الله ظالم ٽوليءَ کي سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي.

2|259| يا اِنهيءَ طرح اُنهي (پيغمبر) کي (ڏٺئي ڇا؟) جو هڪ ڳوٺ وٽان هن حالت ۾ لنگهيو جو اُهو پنهنجي ڇتين
سوڌو ڊٺل هو، (ڏسي ڪري) چيائين ته هن کي الله ڪهڙي طرح سندس ڦٽڻ کانپوءِ وسائيندو، پوءِ الله کيس سؤ ورهيه
ماريو وري کيس (جياري) کڙو ڪيائين، الله چيو ته ڪيترو رهئين؟ چيائين ته هڪ ڏينهن يا ڪجھ پهر دير ڪئي اٿم،
الله چيو ته بلڪ سؤ ورهيه دير ڪئي اٿيئي پوءِ پنهنجي طعام ۽ پاڻيءَ ڏانهن نهار جو اُهو نه سينواريو آهي، ۽ پنهنجي
(مئل) گڏھ ڏانهن نهار (ته جياري توکي ڏيکاريون) ۽ (اِهو هِن لاءِ ڪيوسين) ته توکي ماڻهن لاءِ نشاني ڪريون ۽ (هاڻي
گڏھ جي) هڏن ڏانهن ڏس ته کين ڪئن چوريون ٿا وري اُنهن (هڏن) کي گوشت پهرايون ٿا. پوءِ جنهن مهل ان تي
(اِهو حال) پڌرو ٿيو (تڏهن) چيائين ته ڄاڻان ٿو ته الله سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.

2|260| ۽ (ياد ڪر) جڏهن ابراهيم چيو ته اي مُنهنجا پالڻهار مون کي ڏيکار ته ڪهڙي طرح مئلن کي جياريندو آهين،
(الله) چيو ته نه ٿو وسهين ڇا؟ (ابراهيم) چيو ته هائو (وسهان ٿو) پر هن لاءِ ته منهنجي دل کي تسلّىٰ ٿئي. (الله)
چيو ته چار پکي وٺ پوءِ کين پاڻ وٽ ذرا ذرا ڪر پوءِ منجهائن ڪو ڀاڱو هر هڪ جبل تي رک وري کين سڏ ته
توڏانهن ڊوڙندا ايندا، ۽ ڄاڻ ته الله غالب حڪمت وارو آهي.

2|261| جيڪي (ماڻهو) پنهنجا مال الله جي واٽ ۾ خرچيندا آهن تن جو مثال اُنهيءَ داڻي جي مثال وانگر آهي جو
ست سنگ ڄمائي هر هڪ سنگ ۾ سؤ داڻو هجي، ۽ الله جنهن کي گهرندو آهي (تنهن کي) ٻيڻو ڏيندو آهي، ۽ الله
(مهربانيءَ ۾) ڪشادگي وارو ڄاڻندڙ آهي.

2|262| جيڪي (ماڻهو) پنهنجو مال الله جي واٽ ۾ خرچيندا آهن وري پنهنجي ڏيڻ پٺيان نڪي ٿورو رکندا آهن ۽ نڪي
ايذائيندا آهن تن لاءِ سندن پالڻهار وٽ سندن ثواب آهي، ۽ نڪي کين ڪو ڀؤ آهي ۽ نڪي اُهي غمگين رهندا.

2|263| مِٺو ڳالهائڻ ۽ معاف ڪرڻ اُنهيءَ خيرات کان ڀَلو آهي جنهن جي پٺيان ايذاءُ هُجي، ۽ الله بي پرواه بُردبار آهي.

2|264| اي مؤمنؤ پنهنجين خيراتن کي اِحسان رکڻ ۽ ايذائڻ سان اُنهيءَ ماڻهوءَ وانگر نه وڃايو جيڪو پنهنجو مال ماڻهن
جي ڏيکاري لاءِ خرچي ۽ الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي نه مڃي، پوءِ سندس مثال (اُنهيءَ) لسي پهڻ وانگر آهي جنهن تي
ٿوري مٽي (پيل) هجي ۽ مٿس وڏو مينهن وسي پوءِ چنبي ڇڏيس، (ته رياءِ وارن) جيڪي ڪمايو تنهن مان ڪنهن
ذري تي (اُهي) وس وارا نه ٿيندا، ۽ الله ڪافر ٽوليءَ کي سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي.

2|265| ۽ جيڪي پنهنجن مالن کي الله جي رضامندي حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجين دلين ۾ پڪي يقين پيدا ڪرڻ لاءِ
خرچيندا آهن تن جو مثال هڪ باغ وانگر آهي جو دڙي تي هجي اُن تي وڏڦڙو مينهن وسي ۽ پنهنجو ڦر ٻيڻو ڪري، پر
جيڪڏهن مٿس وڏڦڙو مينهن نه وسي ته ماڪ بس هجيس، ۽ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي.

2|266| اوهان مان ڪو هڪ (دل سان) گهرندو آهي ڇا؟ ته اُن کي کجين ۽ ڊاکن جو هڪ باغ هجي جنهن جي هيٺان
واهيون وهنديون هجن اُن لاءِ منجهس سڀ ڪنهن (جنس جا) ميوا هجن ۽ کيس پوڙهائي اچي وڃي ۽ ان کي هيڻو اولاد
هجي، پوءِ اُن (باغ) کي (اهڙو) واچوڙو لڳي جنهن ۾ باهه هجي تنهنڪري (سندس باغ) سڙي وڃي، اهڙي طرح الله
اوهان لاءِ (چٽيون) نشانيون بيان ڪندو آهي ته مانَ اوهين سمجهو.

2|267| اي مؤمنؤ جيڪي ڪمايوَ تنهن مان (۽ پڻ) جيڪي اوهان لاءِ زمين مان پيدا ڪيوسين تنهن مان ڪي سٺيون
شيون (خدا ڪارڻ) خرچ ڪيو، ۽ ان مان خراب شيءِ خرچ ڪرڻ جي نيت هن هوندي نه ڪريو جو (پاڻ) اُن ۾
پنهنجين اکين ٻوٽڻ کانسواءِ کيس وٺڻ وارا نه هجو، ۽ ڄاڻو ته الله بي پرواه ساراهيل آهي.

2|268| شيطان اوهان کي سڃائيءَ جو ڀؤ ڏيندو آهي ۽ اوهان کي بي حيائيءَ (جي ڪمن) جو حڪم (اي مسلمانؤ)
ڪندو آهي، ۽ الله اوهان کي پنهنجي پاران بخشش ۽ ڀلائيءَ جو وعدو ڏيندو آهي، ۽ الله (مهربانيءَ ۾) ڪشادگيءَ وارو
ڄاڻندڙ آهي.

2|269| جنهن کي گهرندو آهي تنهن کي سمجھ ڏيندو آهي، ۽ جنهن کي سمجھ ڏني ويئي تنهن کي بيشڪ گهڻي ڇڱائِي
ڏِني ويئي، ۽ سمجھ وارن کانسواءِ ٻيو ڪو نصيحت نه مڃيندو آهي.

2|270| ۽ (اي مسلمانؤ) جيڪي اوهان مال خرچيو يا باس باسيو تنهن کي الله ڄاڻندو آهي، ۽ ظالمن جو ڪو مددگار نه
آهي.

2|271| جيڪڏهن خيراتون پڌريون ڪري ڏيندؤ ته اُهي (ڪهڙيون نه) ڇڱيون آهن، ۽ جيڪڏهن اُنهن کي ڳجهو ڪندؤ ۽
اُهي محتاجن کي ڏيندؤ ته اُهي اوهان لاءِ (ويتر) ڀليون آهن، ۽ الله اوهان جا ڪي گناه اوهان کان ميٽيندو، ۽ جيڪي
اوهان ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي.

2|272| (اي پيغمبر) توتي اُنهن (ڪافرن) کي هدايت (يعني دل ۾ اثر پيدا) ڪرڻ لازم نه آهي پر الله جنهن کي

گهرندو آهي تنهن کي هدايت ڪندو آهي ۽ جيڪي ڪجھ مال خرچيندا آهيو سو اوهان لاءِ آهي ۽ الله جي رضامندي طلبڻ کانسواءِ (اوهين) خرچ نه ڪريو، ۽ جيڪي ڪجھ مال خرچيو (اُن جو ثواب) اوهان کي پورو ڏبو ۽ اوهان تي ظلم نه ڪبو.

2|273|اهڙن فقيرن کي (خيرات ڏيڻ لازم آهي) جيڪي الله جي واٽ ۾ روڪيل آهن (واپار لاءِ) مُلڪ ۾ سفر ڪري نه سگهندا آهن، ناواقف (سندن) بي طمعي سببان کين آسودا پائيندا آهن، سندين پيشانين مان کين سڃاڻندو آهين، چنبڙي ماڻهن کان نه پنندا آهن، ۽ جيڪي ڪجھ مال خرچيندا آهيو سو الله ڄاڻندڙ آهي.

2|274|جيڪي پنهنجا مال رات جو ۽ ڏينهن جو ڳجهو ۽ پڌرو خرچيندا آهن تن لاءِ سندن پالڻهار وٽ سندن اَجر آهي، ۽ نڪي کين ڪو ڀؤ آهي ۽ نڪي اُهي غمگين رهندا.

2|275|جيڪي وياج کائيندا آهن سي (قبرن مان) رڳو اُنهيءَ (ماڻهوءَ) جي اُٿڻ جهڙو اُٿندا جنهن کي جِنّ اثر سببان چريو ڪيو هجي، اِهو هن ڪري آهي جو اُهي (وياج خور) چون ٿا ته واپار وياج جهڙو ئي آهي، هن هوندي جو الله واپار کي حلال ڪيو آهي ۽ وياج کي حرام ڪيو آهي، پوءِ جنهن کي پنهنجي پالڻهار وٽان نصيحت آئي ۽ (وياج) ڇڏيائين تنهن لاءِ جيڪي اڳي ڪيائين سو (هينئر معاف) آهي، ۽ (آخرت ۾) سندس ڪم الله ڏانهن (سونپيل) آهي، ۽ جن هيءَ عادت نه ڇڏي سي دوزخي آهن، اُهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن.

2|276|الله وياج (جو ڪٽيو) ناس ڪري ڇڏيندو آهي ۽ خيراتن کي وڌائيندو آهي، ۽ الله سڀ ڪنهن بي شڪر گنهگار کي دوست نه رکندو آهي.

2|277|جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ۽ نماز پڙهيائون ۽ زڪوٰة ڏنائون تن لاءِ سندن پالڻهار وٽ سندن اَجر آهي، ۽ نڪي کين ڪو ڀؤ آهي ۽ نڪي اُهي غمگين رهندا.

2|278|اي ايمان وارؤ الله کان ڊڄو ۽ جيڪڏهن اوهين (الله ۽ رسول کي) مڃيندڙ آهيو ته جيڪي وياج مان رهيل آهي سو ڇڏيو.

2|279|پوءِ جيڪڏهن (ائين) نه ڪندؤ ته الله ۽ سندس رسول جي پاران اوهان کي جنگ جي سُڌ هجي، ۽ جيڪڏهن توبه ڪيوَ ته اوهان لاءِ اوهان جي مالن جي موڙي آهي، نڪي وڌيڪ وٺو ۽ نڪي اوهان کي گهٽ ڏبو.

2|280|۽ جيڪڏهن (قرضي) سڃو هجي ته سگهه تائين مُهلت ڏيڻ لازم آهي، ۽ جيڪڏهن اوهين ڄاڻندا آهيو ته اوهان جو (قرض) بخشڻ اوهان لاءِ ڀلو آهي.

2|281|۽ (اي ماڻهو) اُنهيءَ ڏينهن کان ڊڄو جنهن ۾ الله ڏانهن موٽايا ويندؤ، پوءِ سڀڪنهن ماڻهوءَ کي جيڪي ڪمايائين تنهن جو پورو بدلو ڏبو ۽ اُنهن تي ظلم نه ڪبو.

2|282|اي مؤمنؤ جڏهن ڪنهن ٺهرايل (مُدت) تائين قرض جو معاملو ڪريو تڏهن اُن کي لکو، ۽ اوهان جي وچ ۾ لکندڙ کي انصاف سان لکڻ گهرجي، ۽ جئن کيس الله سيکاريو تئن لکندڙ لکڻ کان انڪار نه ڪري پوءِ لکڻ گهرجيس، ۽ جنهن تي قرض آهي سو (مطلب) بيان ڪري ۽ پنهنجي پالڻهار الله کان ڊڄڻ گهرجيس ۽ منجهانئس ڪجھ نه گهٽائي، پوءِ جنهن تي قرض آهي سو جيڪڏهن اَبوجهه يا هيڻو هجي يا بيان نه ڪري سگهي ته سندس سنڀاليندڙ کي اِنصاف سان بيان ڪرڻ گهرجي، ۽ پنهنجن (مسلمانن) مڙسن مان ٻه گواهه شاهد ڪريو، پوءِ جيڪڏهن ٻه مڙس نه هجن ته هڪ مڙس ۽ ٻه زالون (اُنهن) شاهدن مان جيڪي اوهان کي وڻن (شاهد ڪريو هن لاءِ) ته جي اُنهن (ٻنهي) مان هڪڙي وساريندي ته اُنهن مان ٻي کيس ياد ڏياريندي، ۽ جڏهن شاهد (شاهديءَ ڏانهن) سڏيا وڃن ته انڪار نه ڪن، ۽ اُن جي مدت تائين ٿوري يا گهڻي (قرض) جي لکي ڏيڻ کان نه ٿڪجو، اِهو (لکڻ) الله وٽ انصاف کي تمام ويجهو ۽ شاهديءَ لاءِ بلڪل بيهڪ وارو آهي ۽ اوهان جي شڪ ۾ نه پوڻ کي (ٻه) ڏاڍو ويجهو آهي پر جيڪڏهن اوهان جو واپار رُوبرو هجي جو اوهين هٿون هٿ پاڻ ۾ پيا ڪريو ته اُن جي نه لکڻ ۾ اوهان تي ڪو گناهه نه آهي، ۽ جڏهن ڳنهو وڪڻو ته شاهد ڪريو، ۽ لکندڙ ۽ شاهد کي نه ڏکوئجي، ۽ جيڪڏهن (اهڙو ڪم) ڪندؤ ته اُهو اوهان کي گُناهه آهي، ۽ الله کان ڊڄو، ۽ الله اوهان کي سيکاري ٿو، ۽ الله سڀڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

2|283|۽ جيڪڏهن اوهين مسافريءَ ۾ هُجو ۽ لکندڙ نه لهو ته هٿڻ گروي وٺڻ لازم آهي، پوءِ جيڪڏهن اوهان مان هڪڙا ٻين تي اعتبار رکن ته جنهن تي اعتبار رکيو ويو تنهن کي پنهنجي امانت (يعني قرض) ادا ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي پالڻهار الله کان ڊڄڻ گهرجي، ۽ شاهدي نه لڪايو، ۽ جيڪو اُن کي لڪائيندو ته بيشڪ سندس دل ڏوهارڻ آهي، ۽ جيڪي اوهين ڪندا آهيو سو الله ڄاڻندڙ آهي.

2|284|جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سا الله جي ئي (ملڪيت) آهي، ۽ جيڪي اوهان جي دلين ۾ آهي سو جيڪڏهن پڌرو ڪريو توڙي اُهو لڪايو (ته به) الله اوهان سان اُن جو حساب ڪندو، پوءِ جنهن لاءِ گهرندو تنهن کي بخشيندو، ۽ جنهن لاءِ گهرندو تنهن کي عذاب ڪندو، ۽ الله سڀڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.

2|285|پيغمبر (محمد ﷺ) ڏانهن جيڪي سندس پالڻهار کان لاٿو ويو سو اُن مڃيو آهي ۽ مؤمنن (ٻه)، سڀڪنهن الله ۽ سندس ملائڪن ۽ سندس ڪتابن ۽ سندس رسولن کي مڃيو آهي، (چون ٿا ته) سندس پيغمبرن مان ڪنهن هڪ (جي مڃڻ) ۾ فرق نه ڪندا آهيون، ۽ چيائون ته ٻڌوسون ۽ سندس (حُڪم) مڃيوسون، اي اسان جا پالڻهار تنهنجي بخشش گهرون ٿا ۽ تو ڏانهن موٽڻو آهي.

2|286|الله ڪنهن کي سندس وس ڌاران تڪليف نه ڏيندو آهي، جيڪي (چڱو) ڪمايائين سو سندس (فائدي) لاءِ آهي ۽ جيڪي (بڇڙو) ڪمايائين سو مٿس آهي، اي اسان جا پالڻهار جيڪڏهن وساريون يا چوڪ ڪريون ته اسان کي نه پڪڙ، ۽ اي اسان جا پالڻهار اسان تي اهڙو بار نه رک جهڙو اسان کان اڳين تي رکيو هيئي، ۽ اي اسان جا پالڻهار (جنهن بار) جي کڻڻ جي اسان کي سگهه ڪانهي سو اسان تي نه رک، ۽ اسان کي معاف ڪر، ۽ اسان کي بخش، ۽ اسان تي مِهر ڪر، تون اسان جو سائين آهين تنهنڪري اسان کي ڪافر ٽوليءَ تي سوڀ ڏي.

3|1|الٓمٓ.

3|2|الله (اُهو آهي جو) اُن کانسواءِ ڪوئي عبادت جو لائق نه آهي (جو سدائين) جيئرو (جڳ جي) بيهڪ ڏيڻ وارو آهي.

3|3|توتي (اُهو) ڪتاب سچ سان لاٿائين (جو) جيڪي (ڪتاب) کانئس اڳي آهن تن جو سچو ڪندڙ آهي ۽ توريت ۽ اِنجيل کي لاٿائين.

3|4|اڳي ئي ماڻهن جي هدايت لاءِ ۽ (سچ ۽ ڪُوڙ ۾) سڌو وجهندڙ لاٿائين، جن الله جي آيتن جو اِنڪار ڪيو تن لاءِ سخت عذاب آهي، ۽ الله غالب بدلي وٺڻ وارو آهي.

3|5|بيشڪ الله تي ڪائي شيءِ نڪي زمين ۾ ۽ نڪي آسمان ۾ ڳجهي رهندي آهي.

3|6|اُهو (الله) اهو آهي جيڪو (مائن) ڳڀيرڻن ۾ جئن گهرندو آهي (تئن) اوهان جي شڪل ٺاهيندو آهي، اُن کانسواءِ ڪوئي عبادت جو لائق نه آهي (اُهوئي) غالب حِڪمت وارو آهي.

3|7|اُهو (الله) آهي جنهن توتي ڪتاب لاٿو جنهن مان ڪي آيتون مُحڪم آهن (يعني اُنهن جي معنىٰ صاف آهي) اُهي

سمجهندا آهيو ڇا؟
3|66|اوهين اُهي آهيو جو جنهن شيءِ جي اوهان کي ڄاڻپ آهي تنهن بابت ته جهڳڙو ڪندا آهيو پر جي (اي يهوديؤ)
اوهان کي ڪا ڄاڻپ آهي ئي نه تنهن بابت ڇو جهڳڙو ڪندا آهيو؟ ۽ الله ڄاڻندو آهي ۽ اوهين نه ڄاڻندا آهيو.
3|67|ابراهيم نڪو يهودي هو ۽ نڪي نصراني پر حَنيف (هڪ طرفو) مُسلمان هو، ۽ مُشرڪن مان نه هو.
3|68|ابراهيم کي اُهي ماڻهو ويجها آهن جن سندس تابعداري ڪئي ۽ هيءُ پيغمبر ۽ جن مٿس ايمان آندو، ۽ الله مؤمنن
جو سنڀاليندڙ آهي.
3|69|ڪتاب وارن مان ڪا ٽولي گهرندي آهي ته جيڪر اوهان کي ڀُلائين، ۽ اُهي پاڻ کانسواءِ (ٻئي) ڪنهن کي نه
ڀلائيندا آهن ۽ نه پروڙيندا آهن.
3|70|اي ڪتاب وارؤ الله جي آيتن کي ڇالاءِ نه ٿا مڃو؟ ۽ حالانڪ اوهين شاهدي ڏيو ٿا.
3|71|اي ڪتاب وارؤ ڇالاءِ سچ کي ڪُوڙ سان ملائيندا آهيو ۽ سچ کي لڪائيندا آهيو؟ ۽ حالانڪ (به) جو اوهين
ڄاڻندا آهيو.
3|72|۽ ڪتاب وارن مان ڪا ٽولي (پاڻ ۾) چوي ٿي ته جيڪي مؤمنن تي لاٿو ويو آهي تنهن کي ڏينهن جي
اڳياڙيءَ ۾ مڃيو ۽ ان جي پوياڙيءَ ۾ انڪار ڪريو ته مانَ اُهي ڦري وڃن.
3|73|۽ جيڪو اوهان جي دين جي تابعداري ڪري تنهن کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي نه مڃيو، چئو ته هدايت الله واري
هدايت آهي ۽ چون ٿا ته هيءَ به نه مڃيو ته جهڙو (دين) اوهان کي ڏنو ويو آهي تهڙو دين اُنهن کي ڏنو ويندو يا اوهان
جي پالڻهار وٽ اوهان کي الزام ڏيندا، چؤ ته ڀلائي الله جي هٿ ۾ آهي، جنهن کي وڻيس تنهن کي اُها ڏيندو آهي، ۽ الله
(مهربانيءَ ۾) ڪشادگيءَ وارو ڄاڻندڙ آهي.
3|74|جنهن کي وڻيس تنهنکي پنهنجي ٻاجهه سان خاص ڪندو آهي، ۽ الله وڏي فضل وارو آهي.
3|75|۽ ڪتاب وارن مان ڪي اهڙا آهن جو جيڪڏهن وٽن تمام گهڻو مال امانت رکين ته اُهو (سمورو) توکي ورائي
ڏيندا، ۽ منجهائن ڪي اهڙا آهن جو جيڪڏهن وٽن هِڪ مُهر امانت رکين ته مٿن سدائين بيهڻ کانسواءِ توکي ورائي نه
ڏيندا، اِهو (نه ڏئڻ) هن سببان آهي جو چون ٿا ته اڻ پڙهيلن (جي مال کسڻ) ۾ اسان تي ڪا پڪڙ پڇاڙ نه آهي، ۽
الله تي اهي ڄاڻي هوندي به ڪُوڙ چوندا آهن.
3|76|هائو جنهن پنهنجو انجام پاڙيو ۽ ڊِنو ته بيشڪ الله ڊڄندڙن کي دوست رکندو آهي.
3|77|جيڪي الله سان ڪيل انجامن ۽ پنهنجن قسمن جي عوض ٿورو مُلهه وٺندا آهن اِهي (اُهي) آهن جن کي آخرت ۾
ڪو ڀرو نه آهي ۽ نڪي قيامت جي ڏينهن الله ساڻن ڳالهائيندو ۽ نڪي اُنهن ڏانهن نهاريندو ۽ نڪي کين (گناهن کان)
پاڪ ڪندو، ۽ اُنهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي.
3|78|۽ منجهائن هڪ ٽولي آهي جا ڪتاب (پڙهڻ) ۾ پنهنجين زبانن کي هن لاءِ وِچڙائيندي آهي ته ان کي اوهين
ڪتاب مان ڀانيو ۽ (حقيقت ڪري) اُهو ڪتاب مان نه آهي، ۽ (پڻ) چوندا آهن ته اُهو الله وٽان آهي ۽ (حقيقت
ڪري) اُهو الله وٽان نه آهي، ۽ اُهي ڄاڻي هوندي به الله تي ڪُوڙ چوندا آهن.
3|79|ڪنهن به ماڻهوءَ کي نه جڳائيندو آهي جو الله کيس ڪتاب ۽ دانائي ۽ پيغمبري ڏئي اُهو وري ماڻهن کي چوي ته
الله کانسواءِ منهنجا ٻانها ٿيو پر (چوندو ته) رب جا (سچا ٻانهان) ٿيو انهيءَ ڪري جو ڪتاب سيکاريو ٿا ۽ پڻ انهيءَ
ڪري جو پڙهو ٿا.
3|80|۽ ملائڪن ۽ پيغمبرن کي پالڻهار ڪري مڃڻ جو اوهان کي حڪم نه ڪندو، جڏهن اوهين خُدا جا فرمانبردار ٿيا
هجو ته پوءِ اوهان کي ڇو ڪُفر جو حُڪم ڪندو.
3|81|۽ (ياد ڪر) جڏهن الله (سڀني) پيغمبرن کان انجام ورتو ته جيڪي ڪتاب ۽ حڪمت اوهان کي ڏيان تنهن
کانپوءِ هڪ پيغمبر جيڪو (علم) اوهان وٽ آهي تنهنجو سچو ڪندڙ اوهان وٽ اچي ته کيس ضرور مڃجو ۽ کيس ضرور
مدد ڏجو، (الله) چيو ته اوهين اقرار ڪري چڪؤ ۽ اُن تي مُنهنجي (حُڪم جي) بار کي کنيوَ، چيائون ته اقرار
ڪيوسون، (الله) چيو ته اوهين شاهد هجو، ۽ آءٌ (به) اوهان سان گڏ شاهد آهيان.
3|82|پوءِ جيڪي هن پڄاڻان ڦرندا سي ئي بي دين آهن.
3|83|الله جي دين کانسواءِ ڇو ٻيو (دين) طلبيندا آهن ۽ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن تن سرهو توڙي ارهو ٿي کيس
مڃيو آهي ۽ ڏانهس موٽايا ويندا.
3|84|چؤ ته اسان الله کي ۽ جيڪي اسان تي لاٿو ويو آهي تنهن کي ۽ جيڪي ابراهيم ۽ اسماعيل ۽ (اي پيغمبر)
اسحٰق ۽ يعقوب ۽ (اُن جي) اولاد تي لاٿو ويو ۽ جيڪي موسٰي ۽ عيسٰي ۽ (ٻين) پيغمبرن کي سندن پالڻهار کان ڏنو ويو
تنهن کي مڃيون ٿا، اُنهن مان ڪنهن هڪ ۾ فرق نه ٿا پائيون، ۽ اسان اُن (الله) کي مڃيندڙ آهيون.
3|85|۽ جيڪو اسلام ڌاران ٻيو دين طلبيندو تنهن کان اُهو ڪڏهن نه قبول ڪبو، ۽ اُهو آخرت ۾ ڇيئي وارن مان آهي.
3|86|الله اُن قوم کي ڪيئن هدايت ڪندو جي پنهنجي اِيمان آڻڻ کانپوءِ ڪافر ٿيا ۽ (پهريائين) اقرار ڪيائون ته
پيغمبر سچو آهي ۽ وٽن معجزا (به) آيا، ۽ الله ظالم ٽولي کي هدايت نه ڪندو آهي.
3|87|اِهي اُهي آهن جن تي سزا (هيءَ) آهي ته مٿن الله ۽ ملائڪن ۽ مڙني ماڻهن جي لَعنت آهي.
3|88|اُن ۾ سدائين رهڻ وارا آهن، کانئن عذاب هلڪو نه ڪبو ۽ نه اُنهن کي مُهلت ڏبي.
3|89|پر جن اُن کانپوءِ توبه ڪئي ۽ (پاڻ) سڌاريائون، ته بيشڪ الله (به) بخشڻهار مهربان آهي.
3|90|جن پنهنجي ايمان آڻڻ کانپوءِ ڪُفر ڪيو وري ڪُفر ۾ وڌيا تن جي توبه ڪڏهن قبول نه ڪبي، ۽ اُهي ئي ڀليل
آهن.
3|91|جن ڪُفر ڪيو ۽ اُهي ڪافر ٿي مُئا تن مان ڪو هڪڙو اگرچه سڄيءَ زمين جيترو سونُ (پنهنجن گناهن جي)
عوض ڏئي ته به اُهو اُن کان قبول نه ڪبو، اِهي (اُهي) آهن جن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي ۽ اُنهن جو ڪو واهرو
ڪونهي.
3|92|ڇڱائيءَ کي ايسين ڪڏهن نه پهچندؤ جيسين جن شين کي دوست رکندا آهيو تن مان (الله جي واٽ ۾ نه)
خرچيو، ۽ جيڪا شيءِ (الله لڳ خرچيو سا ڀَلي هئڻ گهرجي) ڇوته الله اُن کي ڄاڻندڙ آهي.
3|93|سڀ (ڪنهن قسم جو) طعام بني اسرائيلن لاءِ حلال هو پر جيڪي يعقوب پاڻ تي حرام ڪيو هو سو توريت
جي لهڻ کان اڳ هو، (اي پيغمبر) چؤ ته جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته توريت آڻيو پوءِ اُهو پڙهو.
3|94|پوءِ جيڪي هن کانپوءِ الله تي ڪوڙ ٺاهيندا سي ئي ظالم آهن.
3|95|چؤ ته الله سچ چيو آهي، پوءِ ابراهيم حنيف (هڪطرفي) جي دين جي تابعداري ڪريو، ۽ (اي پيغمبر)
(ابراهيم) مشرڪن مان نه هو.
3|96|پهريون گهرُ جو ماڻهن لاءِ بڻايو ويو سو اُهو ئي آهي جو مَڪي ۾ برڪت وارو ۽ جڳ لاءِ هدايت (عبادت جو)
آهي.

جنهن ۾ پڌريون نشانيون آهن (هڪڙي) مقام ابراهيم آهي (جو اُن ۾ ابراهيم جي پيرن جو نشان آهي)، ۽ جيڪو 3|97|
اُتي داخل ٿيو سو امن وارو آهي. ۽ الله لاءِ خانه ڪعبه جو حج اُنهن ماڻهن تي لازم آهي جنهن کي ڏانهس وڃڻ
جي سگهه آهي، ۽ جنهن انڪار ڪيو (ته الله کي پرواه نه آهي) ڇو ته الله جهانن کان بي پرواه آهي.
ڇؤ ته اي ڪتاب وارؤ الله جي آيتن کي ڇونه ٿا مڃيو؟ ۽ (حقيقت ڪري) جيڪي ڪندا (اي پيغمبر کين)|98|3
آهيو تنهن تي الله حاضر آهي.
ڇؤ ته اي ڪتاب وارؤ جيڪو ايمان آڻي تنهن کي الله جي واٽ کان اُن (واٽ) جي ڏنگائي ڳُولي (اي پيغمبر)|99|3
ڇو ٿا جهليو؟ هن هوندي به جو اوهين ڄاڻندڙ آهيو، ۽ جيڪي (اوهين) ڪندا آهيو تنهن کان الله بي خبر نه آهي.
اي ايمان وارؤ جيڪڏهن ڪتاب وارن مان ڪنهن به ٽوليءَ جي فرمانبرداري ڪندؤ ته اوهان جي ايمان آڻڻ کان|100|3
پوءِ اوهان کي ڪافر ڪري ڦيرائيندا.
۽ (اوهين) هن هوندي ڪئن ڪافر ٿا ٿيو؟ جو الله جون آيتون اوهان تي پڙهجن ٿيون ۽ سندس پيغمبر اوهان ۾ |101|3
آهي، ۽ جيڪو الله (جي دين) کي چنبڙي پئندو تنهن کي بيشڪ سڌيءَ واٽ ڏانهن رستو ڏيکاريو ويندو.
اي مؤمنؤ الله کان (اِئين) ڊڄو جئن ڪانئس ڊڄڻ جو حق آهي ۽ اوهين مسلمان هجڻ ڪانسواءِ نه مرجو.|102|3
۽ الله جي رسيءَ (يعني قرآن) کي سڀئي چنبڙي وٺو ۽ ڌاروڌار نه ٿيو، ۽ پاڻ تي الله جي نعمت کي ياد ڪريو |103|3
جو جڏهن پاڻ ۾ ويري هيؤ پوءِ اوهان جي دلين ۾ ميلاپ وڌائين پوءِ سندس فضل سان هڪ ٻئي جا ڀاءُ ٿيؤ، ۽ اوهين
دوزخ جي کڏ جي پَر تي هيؤ پوءِ اوهان کي ڪانئس ڇڏايائين، اهڙيءَ طرح الله اوهان لاءِ پنهنجيون نشانيون بيان ڪندو آهي
ته مانَ اوهين هدايت لهو.
۽ اوهان ۾ اهڙي ٽولي هئڻ گهرجي جي چڱائيءَ ڏانهن سڏين ۽ چڱن ڪمن جو حُڪم ڪن ۽ مَدن ڪمن کان |104|3
جهلين، ۽ اهي ئي ڇٽل آهن.
۽ اوهين اُنهن جهڙا نه ٿيو جي فرقو فرقو ٿي ويا ۽ وٽن معجزا آيا اُن کانپوءِ بهتڪرار ڪيائون، ۽ اُنهن لاءِ وڏو |105|3
عذاب آهي.
اُنهيءَ ڏينهن جو ڪي مُنهن اڇا ٿيندا ۽ ڪي مُنهن ڪارا ٿيندا، پوءِ جن جا مُنهن ڪارا ٿيندا (چيو ويندن ته)|106|3
اوهين پنهنجي اِيمان (آڻڻ) کانپوءِ ڇو ڪافر ٿيؤ؟ پوءِ اُنهيءَ سببان جو اوهين ڪافر ٿيا هيؤ عذاب (جو مزو) چکو.
۽ جن جا منهن اڇا هوندا سي الله جي رحمت هيٺ رهندا، اُهي منجهس سدائين رهڻ وارا هوندا.|107|3
اِهي الله جون آيتون آهن جي (اسين) توتي سچيءَ طرح پڙهون ٿا، ۽ الله جهانن لاءِ ظُلم ڪرڻ نه (اي پيغمبر)|108|3
گهرندو آهي.
۽ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي (سو خاص) الله جو آهي، ۽ (سڀ) ڪم الله ڏانهن موٽايا |109|3
ويندا.
اوهين اهڙي ڀَلي اُمت ماڻهن لاءِ پيدا ٿيل آهيو جو چڱن ڪمن جو حُڪم ڪندا آهيو ۽ مدن ڪمن کان جهليندا|110|3
آهيو ۽ الله کي مڃيندا آهيو، ۽ جيڪڏهن ڪتاب وارا ايمان آڻين ها ته ضرور کين ڀَلو هُجي ها، منجهائن کي مؤمن آهن
۽ منجهائن گهڻا بي دين آهن.
اِيذاءُ کانسواءِ اوهان کي ڪڏهن ڏکوئي نه سگهندا، ۽ جيڪڏهن اوهان سان وڙهندا ته اوهان کي پُٺي (اِهي زباني)|111|3
ڏيئي ڀڄندا، وري مدد نه ڏبن.
الله جي ذمي ۽ ماڻهن جي پناه کانسواءِ جتي لڌا ويندا اُتي مٿن خواري هنئي ويئي آهي ۽ الله جي ڏمر هيٺ |112|3
وري وريا ۽ مٿن محتاجي هنئي ويئي آهي، اِها (سزا) هن سببان آهي جو الله جي آيتن کي نه ٿي مڃيائون ۽ پيغمبرن کي
ناحق ٿي ڪُٺائون، اِهي (عادتون) اِنهيءَ سبب آهن جو بي فرماني ڪيائون ۽ حد کان لنگهندڙ هئا.
اِهي (سڀ) هڪ جهڙا نه آهن، ڪتاب وارن مان هڪڙي اهڙي سڌي ٽولي آهي جو الله جون آيتون رات جي |113|3
وقتن ۾ پڙهندا آهن ۽ اُهي نماز (پڻ) پڙهندا آهن.
الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندا آهن ۽ چڱن ڪمن جو حڪم ڪندا آهن ۽ مدن ڪمن کان جهليندا آهن ۽|114|3
چڱاين (يعني دين مڃڻ) ۾ اڳرائي ڪندا آهن، ۽ اِهي ڀلارن مان آهن.
۽ جيڪا ڪا به چڱائي ڪندا آهن تنهن جي بي قدري پٽيءَ نه ڪبي، ۽ الله پرهيزگارن کي ڄاڻندڙ آهي.|115|3
جن اِنڪار ڪيو تن کان نڪي سندن مال سندن اولاد الله جو ڪُجهه (عذاب) ٽاري سگهندا، ۽ اُهي دوزخي |116|3
آهن، اُهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن.
هن دنيا جي حياتيءَ ۾ جيڪي (رياءُ لاءِ) خرچيندا آهن تنهن جو مثال اُنهيءَ واءُ جي مثال وانگر آهي جنهن ۾ |117|3
پارو هجي جو اُن ٽوليءَ جي پوکه کي پهچي جن پاڻ تي ظلم ڪيو پوءِ اُن (سندن پوکه) کي ناس ڪري، ۽ الله ساڻن
ظلم نه ڪيو آهي پر اُهي پاڻ تي ظلم ڪن ٿا.
اي اِيمان وارؤ پنهنجن (مسلمانن) کانسواءِ ٻين (قومن) کي ڳجهو دوست ڪري نه مڃيو (جو) اوهان جي خرابي|118|3
ڪرڻ ۾ ڪا گهٽتائي نه ڪندا آهن، اوهان جي ڏکه کي دوست رکيائون، بيشڪ سندن واتن مان دشمني پڌري ٿي آهي، ۽
جيڪي (ضد) سندن سينن لڪايو آهي سو تمام وڏو آهي، بيشڪ اسان اوهان لاءِ نشانيون بيان ڪيون آهن جيڪڏهن
سمجهندا آهيو.
اوهين اُهي آهيو جو اُنهن کي دوست رکندا آهيو ۽ اُهي اوهان کي دوست نه رکندا آهن ۽ اوهين الله جي سڄي |119|3
ڪتاب کي مڃيندا آهيو، ۽ جڏهن اوهان کي مِلن ٿا (تڏهن) چون ٿا ته مڃيوسين، ۽ جڏهن هيڪلا ٿين ٿا (تڏهن) اوهان
تي ڪاوڙ کان آڱرين کي چٻين ٿا، (اي پيغمبر کين) چؤ ته (اوهين) پنهنجيءَ ڪاوڙ سببان مرو، ڇوته الله سينن وارو
(ڀيد) ڄاڻندو آهي.
جيڪڏهن اوهان کي ڪا چڱائي پهچندي آهي ته کين ڏکوئيندي آهي، ۽ جيڪڏهن اوهان کي ڪو (اي مؤمنؤ)|120|3
ڏکه پهچندو آهي ته اُن سببان سرها ٿيندا آهن، ۽ جيڪڏهن اوهين صبر ڪريو ۽ پرهيزگاري ڪريو ته سندن مڪر اوهان
کي ڪجهه به نه ڏکوئيندو، ڇوته جيڪي ڪندا آهن تنهن کي الله گهيرو ڪندڙ آهي.
جنهن مهل (تون) پنهنجي گهر مان سويرو نڪتين جو مؤمنن کي جنگ لاءِ مورچن تي (اي پيغمبر ياد ڪر)|121|3
وهاريئي ٿي، ۽ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.
جنهن مهل اوهان مان ٻن ٽولين بي همت ٿيڻ جو ارادو ڪيو ۽ الله سندن مددگار هو، ۽ مؤمنن کي (ياد ڪر)|122|3
جڳائي ته الله تي ڀروسو ڪن.
۽ بيشڪ الله اوهان کي اُنهيءَ حالت ۾ جو اوهين بي زور هيؤ بدر ۾ سوڀ ڏني، پوءِ الله کان ڊڄو مانَ اوهين |123|3
شڪر ڪريو.
جنهن مهل تو مؤمنن کي چيو ٿي ته اوهان کي اوهان جي پالڻهار جي (اي پيغمبر اُنهيءَ مهل کي ياد ڪر)|124|3
ٽن هزارن ملائڪن (آسمان کان) لاٿلن سان مدد ڪرڻ ڪافي نه آهي ڇا؟

3|155| اوھان مان جن اُنھيءَ ڏينھن مُنھن موڙيو جو ٻه ٽوليون (ھڪ ٻئي جي) سامھون ٿيون ته اُنھن کي شيطان سندن ڪجھ ڪيئي جي شامت کان سواءِ نه ٿيڙيو، ۽ بيشڪ الله اُنھن کي معافي ڏني، چوته الله بخشڻھار بُردبار آھي.

3|156| اي ايمان وارؤ اُنھن ڪافرن وانگر نه ٿيو جي پنھنجن ڀائرن لاءِ جڏھن اُھي ملڪ ۾ مسافري ڪن يا لڙائي ڪندڙ ھجن (تڏھن) چون ٿا ته جيڪڏھن اسان وٽ ھجن ھا ته نه مرن ھا ۽ نڪي ڪُسن ھا، ته الله اھو ارمان سندن دلين ۾ ڪري، ۽ الله جيارينده ۽ مارينده آھي، ۽ جيڪي اوھين ڪندا آھيو سو الله ڏسندڙ آھي.

3|157| ۽ جيڪڏھن اوھين الله جي واٽ ۾ ڪُسي پيؤ يا مري پيؤ ته جيڪي گڏ ڪندا آھن تنھن کان الله جي بخشش ۽ ٻاجھ (بلڪل) ڀلي آھي.

3|158| ۽ جيڪڏھن (اوھين) مري وڃو يا ڪُسي پئو ته ضرور الله ڏانھن گڏ ڪيا ويندؤ.

3|159| پوءِ (اي پيغمبر) الله جي ٻاجھ سبٻان اُنھن لاءِ نرم ٿيو آھين، ۽ جيڪڏھن ڪاوڙيل سخت سخت دل ھجين ھا ته ضرور تنھنجي آسپاس کان ڀڄي اُٿن ھا، پوءِ کين معافي ڏي ۽ اُنھن لاءِ بخشش گھر ۽ ساڻن ڪم ۾ صلاح ڪر، پوءِ جڏھن تون پڪو اِرادو ڪرين تڏھن الله تي ڀروسو ڪر، چوته الله ڀروسي ڪرڻ وارن کي دوست رکندو آھي.

3|160| جيڪڏھن الله اوھان کي مدد ڏيندو ته اوھان تي ڪو غالب (ٿيڻو) نه آھي، ۽ جيڪڏھن اوھان کي مدد نه ڏيندو ته اُن کانپوءِ ڪير اوھان کي مدد ڏيندو؟ ۽ مؤمنن کي جڳائي ته الله تي ڀروسو ڪن.

3|161| ۽ ڪنھن پيغمبر کي (غنيمت جي مال ۾) خيانت ڪرڻ نه جڳائي، ۽ جيڪو خيانت ڪندو سو جيڪا شيءِ خيانت ڪيائين تنھن سميت قيامت جي ڏينھن ايندو، پوءِ سڀڪنھن ماڻھوءَ جيڪي ڪمايو تنھن جو پورو بدلو کيس ڏنو ويندو ۽ اُنھن تي ظلم نه ڪبو.

3|162| جيڪو الله جي رضامنديءَ جي پٺيان لڳو سو اُن جھڙو آھي ڇا؟ جيڪو الله جي ڪاوڙ ھيٺ ڦري آيو ۽ سندس جاءِ دوزخ آھي، ۽ (اُھو) ورڻ جو ھنڌ بُڇڙو آھي.

3|163| اُھي الله وٽ (وڏن) درجن وارا آھن، ۽ جيڪي ڪندا آھن سو الله ڏسندڙ آھي.

3|164| بيشڪ الله مؤمنن تي وڏو احسان ڪيو آھي جڏھن ته اُنھن ۾ سندن قوم مان پيغمبر موڪليائين جو کين سندس آيتون پڙھي ٻڌائيندو آھي ۽ کين پاڪ ڪندو آھي ۽ کين ڪتاب ۽ دانائي سيکاريندو آھي، بيشڪ ھن کان اڳ پڌريءَ ڀل ۾ (ڀليل) ھؤا.

3|165| ۽ جڏھن اوھانکي (جنگ اُحد ۾) ڏک پھتو توڙيڪ (پنھنجن دشمنن کي) اُن جو ٻيڻو (ڏک بَدر ۾) پھچايو ھيو ته به چيوَ ٿي ته ھي (مصيبت) ڪٿان (پھتي) آھي، (اي پيغمبر) چؤ ته اُھا اوھان کي پاڻ وٽان (پھتي) آھي، چوته الله سڀڪنھن شيءِ تي وسوارو آھي.

3|166| ۽ اُنھيءَ ڏينھن جو ٻه ٽوليون پاڻ ۾ سامھون ٿيون (تنھن ڏينھن) جيڪي اوھانکي پھتو سو الله جي حُڪم سان ھو ۽ ھن لاءِ ته مؤمنن کي نِکيڙي.

3|167| ۽ منافقن کي به نِکيڙي، ۽ کين چيو ويو ته اچو الله جي واٽ ۾ وڙھو يا (ڪافرن کي) جواب ڪريو، چيائون ته جيڪڏھن اسان کي ڪنھن جنگ ٿيڻ جي خبر ھجي ھا ته ضرور اوھان سان ھجون ھا، اُھي اُن ڏينھن پاڻ اِيمان کان ڪفر ڏي بلڪل ويجھو ھؤا، پنھنجن واتن سان اُھي (ڳالھيون) چوندا آھن جيڪي سندين دلين ۾ نه آھن، ۽ جيڪي لڪائيندا آھن سو الله بلڪل ڄاڻندڙ آھي.

3|168| اِھي اُھي آھن جن پنھنجن ڀائرن کي چيو ۽ ويٺا رھيا ته جيڪڏھن (اُھي) اسان جو چيو مڃن ھا ته نه (ته) ڪُسن ھا، (اي پيغمبر کين) چؤ ته جيڪڏھن اوھين سچا آھيو ته پاڻ کان موت کي ٽاريو.

3|169| ۽ جيڪي الله جي واٽ ۾ ڪُٺا ويا تن کي مئل پٽيءَ نه ڀانءِ، بلڪ (اُھي) جيئرا آھن (۽) پنھنجي پالڻھار وٽ روزي ڏنل آھن.

3|170| جيڪي الله اُنھن کي پنھنجي فضل ساڻ ڏنو آھي تنھن (حال) سان خوش ٿيندڙ آھن ۽ جيڪي سندن پٺيان آھن تن مان جيڪي ساڻن نه گڏيا آھن اُنھن لاءِ ھن ڪري خوش ٿيندا آھن ته کين ڪو ڀؤ نه آھي ۽ نڪي اُھي غمگين رھندا.

3|171| الله جي نعمت ۽ فضل سان خوش ٿيندا آھن ۽ الله مؤمنن جو اجر نه وڃائيندو آھي.

3|172| جن پاڻ کي ڦٽ پھچڻ کان پوءِ به الله ۽ رسول جو حُڪم قبول ڪيو، انھن مان جن چڱائي ڪئي ۽ ڊنا تن لاءِ وڏو اجر آھي.

3|173| جن کي ماڻھن چيو ته ( ڪافرن) ماڻھن اوھان لاءِ لشڪر گڏ ڪيو آھي تنھن ڪري کانئن ڊڄو پوءِ (اُن چوڻ) ھنن اُنھن جو ايمان وڌايو ۽ چيائون ته اسان کي الله ڪافي آھي ۽ (اُھو) چڱو وڪيل (پرجھلو) آھي.

3|174| پوءِ (اُھي مسلمان) الله جي نعمت ۽ فضل سان موٽيا کين ڪا سختي نه پھتي ۽ الله جي راضپي پٺيان لڳا، ۽ الله وڏي فضل وارو آھي.

3|175| شيطان کان سواءِ ٻيو نه آھي جو پنھنجن دوستن کي ڊيڄاريندو آھي، (اُھو اوھان کي جنگ کان جھليندڙ) جيڪڏھن (اوھين) مؤمن آھيو ته اُنھن (ڪافرن) کان نه ڊڄو ۽ مون کان ڊڄو.

3|176| ۽ (اي پيغمبر) جيڪي ڪفر (جي سوڀ) ۾ اڳرائي ڪندا آھن سي توکي غمگين نه ڪن، ڇو ته اُھي الله کي ڪجھ به نقصان نه لائيندا، الله گھرندو آھي ته اُنھن کي آخرت ۾ ڪجھ ڀھرو نه ڏي، ۽ اُنھن لاءِ وڏو عذاب آھي.

3|177| جن اِيمان جي بدران ڪفر ڳڌو سي الله کي ڪجھ به نقصان نه لائيندا، ۽ اُنھن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آھي.

3|178| ۽ ڪافر (ھيءُ) نه ڀانئن ته کين اسان جي مُھلت ڏيڻ اُنھن لاءِ ڀلي آھي، اُنھن کي ھن ڪانسواءِ ڍر نه ڏني سون ته گناھ ۾ وڌن، ۽ انھن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آھي.

3|179| (اي منافقؤ) الله کي نه جڳائيندو آھي ته جنھن تي اوھين آھيو تنھن تي مؤمنن کي (ٻه) ڇڏي ڏي تان جو پليت کي پاڪ کان ڌار ڪري، ۽ الله کي نه جڳائيندو آھي جو اوھان کي ڳجھ تي واقف ڪري پر الله پنھنجن پيغمبرن مان جنھن کي گھرندو آھي تنھن کي چونڊيندو آھي، پوءِ الله ۽ سندس پيغمبرن کي مڃيو، ۽ جيڪڏھن (اوھين) مڃيندؤ ۽ ڊڄندؤ ته اوھان لاءِ وڏو اجر آھي.

3|180| ۽ جيڪي الله پنھنجي فضل سان کين ڏنو آھي تنھن ۾ جيڪي بخل ڪن سي (اِئين) پٽيءَ نه ڀانئين ته اُھو (بُخل) کين ڪو چڱو آھي، بلڪ اُھو اُنھن لاءِ بڇڙو آھي، جنھن شيءِ جو بخل ڪيائون سا قيامت جي ڏينھن ڳٽ ڪري وجھبين، ۽ آسمانن ۽ زمين جي ميراث الله جي آھي، ۽ جيڪي ڪندا آھيو تنھن جي الله خبر رکندڙ آھي.

3|181| بيشڪ الله اُنھن جو چوڻ ٻڌو جن چيو ته الله سڃو آھي ۽ اَسين شاھوڪار آھيون، جيڪي چيائون سو لکنداسون ۽ اُنھن جو پيغمبرن کي ناحق ڪھڻ به ۽ (آخرت ۾) چونداسون ته ساڙيندڙ عذاب (جو مزو) چکو.

3|182| اھا (سزا) اِنھيءَ سبٻان آھي جو اوھان جي ھٿن اڳ موڪليو آھي ۽ (ھن سبٻان) ته الله ٻانھن تي ظلم ڪندڙ نه آھي.

3|183| جيڪي چون ٿا ته الله اسان سان انجام ڪيو آھي ته ڪنھن پيغمبر تي ايستائين ايمان نه آڻيون جيستائين (ھو

اهڙي) قرباني اسان وٽ (نه) آڻي جو اُن (قربانيءَ) کي باه کائي، (اي پيغمبر کين) چئو ته بيشڪ مون کان اڳ
ڪيترن پيغمبرن مُعجزا ۽ (ٻيو) جيڪي چيوَ سو اوهان وٽ آندو پوءِ جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته اُنهن (پيغمبرن) کي
چالاءِ ڪُٺوَ؟
3|184| پوءِ (اي پيغمبر) جيڪڏهن توکي ڪوڙو پانيائون ته بيشڪ توکان اڳ ڪيترا پيغمبر ڪوڙا پانيا ويا هؤا (جن)
آندا (وٽن) نوراني ڪتاب ۽ ڪيترا صحيفا ۽ ڪيتريون حجتون.
3|185| سڀڪو جيءُ موت (جو مزو) چکندڙ آهي، ۽ هن کان سواءِ (ٻيوڪجھ ڪرڻو) نه آهي جو اوهان کي قيامت جي
ڏينهن پورو اجر ڏبو، پوءِ جنهن کي باه کان پري ڪيو ويو ۽ بهشت ۾ گهيڙيو ويو سو بيشڪ مراد کي پهتو، ۽ دنيا جي
حياتي ٺڳيءَ جي سامان کانسواءِ نه آهي.
3|186| پنهنجن مالن ۽ پنهنجين جانين ۾ ضرور پرکبو، ۽ جن کي اوهان کان اڳ ڪتاب ڏنو ويو آهي تن کان ۽ (اوهين)
مشرڪن کان گهڻيون گاريون ضرور ٻڌندؤ، ۽ جيڪڏهن صبر ڪندؤ ۽ الله کان ڊڄندؤ ته اِها (عادت) همت جي ڪمن مان
آهي.
3|187| ۽ (ياد ڪر) جڏهن الله ڪتاب وارن کان هن لاءِ (پڪو) انجام ورتو ته اُن (ڪتاب) کي ماڻهن لاءِ بيان
ڪجو ۽ اُن کي نه لڪائجو، پوءِ اُن (انجام) کي پنهنجين پٺين پوئتان اُڇلايائون ۽ اُن جي عيوض ٿورو مُلهه ڪمايائون، پوءِ
جيڪي ڳنهندا آهن سو بڇڙو آهي.
3|188| (اي پيغمبر تون) اُنهن کي چڱو نه ڀانءِ جيڪي پنهنجي ڪئي تي خوش ٿيندا آهن ۽ جيڪي نه ڪيائون تنهن
تي پنهنجي ساراهڻ کي دوست رکندا آهن پوءِ تون اُنهن کي عذاب کان ڇٽل نه ڀانءِ، ۽ اُنهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي.
3|189| ۽ آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي الله جي آهي، ۽ الله سڀڪنهن شيءِ تي وسوارو آهي.
3|190| آسمانن ۽ زمين جي بڻاوت (۾) ۽ رات ۽ ڏينهن جي ڦير گهير ۾ اُنهن سمجھ وارن لاءِ ضرور نشانيون آهن.
3|191| جيڪي بيٺي ۽ ويٺي ۽ پنهنجن پاسن پر الله کي ياد ڪندا آهن ۽ آسمانن ۽ زمين جي بڻاوت ۾ فڪر ڪندا
آهن، (۽ چوندا آهن ته) اي اسانجا پالڻهار هنن کي بي رڻو نه بڻايو اٿيئي، توکي پاڪ ڄاڻون ٿا تنهنڪري اسان کي باه جي
عذاب کان بچاءِ.
3|192| اي اسانجا پالڻهار جنهن کي تو باه ۾ گهيڙيو تنهن کي بيشڪ خوار ڪيئي، ۽ ظالمن جو ڪو مددگار نه آهي.
3|193| اي اسانجا پالڻهار اسان سڏيندڙ جي سڏ کي ٻڌو جو ايمان ڏانهن سڏيندو آهي ته پنهنجي پالڻهار تي ايمان آڻيو پوءِ
مڃيوسون، اي اسانجا پالڻهار اسان کي اسانجا گناه بخش ۽ اسان کان اسان جون مدايون ميٽ ۽ اسان کي ڀلارن سان گڏ
مار.
3|194| اي اسانجا پالڻهار اسان کي پنهنجن پيغمبرن (جي زبان) سان جيڪي انجام ڏنو اٿيئي سو پار ۽ قيامت جي
ڏينهن اسان کي خوار نه ڪج، ڇوته تون وعدي خلافي نه ڪندو آهين.
3|195| پوءِ سندن پالڻهار اُنهن جي دعا قبول ڪئي ته آءٌ اوهان مان عمل ڪندڙ مڙس يا زال جو عمل نه وڃائيندس،
اوهان مان ڪي ڪن مان (پيدا ٿيل) آهن (يعني سڀ هڪ جنس آهيو) پوءِ جن وطن ڇڏيو ۽ پنهنجن گهرن مان ڪڍيا
ويا ۽ مُنهنجي واٽ ۾ ڏکويا ويا ۽ وڙهيا ۽ ڪُٺا ويا تن کان سندن مدايون ضرور ميٽيندس ۽ اُنهن کي (بهشت جي اهڙن)
باغن ۾ ضرور داخل ڪندس جن جي هيٺان واهيون وهنديون آهن، (اِهو) بدلو الله وٽان آهي، ۽ الله وٽ چڱو بدلو آهي.
3|196| (اي پيغمبر) ڪافرن جي اُچ وڄ توکي نه ٺڳي ملڪن ۾.
3|197| اِهو فائدو ٿورو آهي، وري سندن جاءِ دوزخ آهي، ۽ (اُهو) بڇڙو هنڌ آهي.
3|198| پر جيڪي پنهنجي پالڻهار کان ڊنا تن لاءِ باغ آهن جن جي هيٺان واهيون وهنديون آهن اُن ۾ سدائين رهڻ وارا
آهن اِها مهماني الله وٽان آهي، ۽ جيڪي الله وٽ آهي سو ڀلارن لاءِ چڱو آهي.
3|199| ۽ ڪتاب وارن مان ڪي اُهي آهن جيڪي الله کي ۽ جيڪي توڏانهن (قرآن) لاٿو ويو تنهن کي ۽ جيڪي
(توريت) اُنهن ڏانهن لاٿو ويو تنهن کي الله جي عاجزي ڪندڙ ٿي مڃيندا آهن الله جي آيتن کي ٿوري مُلهه سان نه
وڪڻندا آهن، اِهي (اُهي) آهن جن لاءِ سندن پالڻهار وٽ سندن اجر آهي، ڇوته الله سگهو حساب وٺندڙ آهي.
3|200| اي ايمان وارؤ صبر ڪريو ۽ (جهاد لاءِ) بيهڪ وارا ٿيو ۽ مُحڪم رهو، ۽ الله کان ڊڄو ته مانَ اوهين ڇٽو.
4|1| اي ماڻهؤ اوهين اُنهيءَ پنهنجي پالڻهار کان ڊڄو جنهن اوهان کي هڪ جيءَ (آدم) مان پيدا ڪيو ۽ منجهانئس
سندس زال پيدا ڪيائين ۽ انهن مان گهڻا مڙس ۽ زالون پکيڙيائين، ۽ اُنهيءَ الله کان ڊڄو جنهن (جي نالي) سان (پاڻ ۾)
هڪ ٻئي کان گهرندا آهيو ۽ مائٽي (ڇنڻ) کان (به ڊڄو)، ڇوته الله اوهان تي نگهبان آهي.
4|2| ۽ يتيمن کي سندن مال ڏيو ۽ سٺي شيءِ کي بڇڙيءَ شيءِ سان نه مٽايو، ۽ اُنهن (يتيمن) جو مال پنهنجن مالن
سان (گڏي) نه کائو، ڇوته اُهو وڏو ڏوه آهي.
4|3| ۽ جيڪڏهن ڊڄو ته يتيمن ڇوڪرين (جي نڪاح ڪرڻ) ۾ عدل نه ڪندؤ ته (ٻين) زالن مان جيڪي اوهان کي
وڻن سي ٻه ٻه ۽ ٽي ٽي ۽ چار چار پرڻيو، پوءِ جيڪڏهن ڊنو ٿا ته اوهان کان انصاف ٿي نه سگهندو ته هڪ (پرڻيو)
يا اوهان جا هٿ جنهن جا مالڪ ٿيا (سا ٻانهي رکو) اِهو هن کي ويجهو آهي ته ڏاڍائي نه ڪريو.
4|4| ۽ زالن کي سندن ٺهرايل ڪابين خوشيءَ سان ڏيو، پوءِ جيڪڏهن اوهان کي پاڻ خوشيءَ سان اُنهيءَ مان ڪجھ
ڇڏين ته اُها سُهائيندڙ وڻندڙ ڪري کائو.
4|5| ۽ بي سمجهن کي پنهنجا اُهي مال نه ڏيو جن کي الله اوهان لاءِ گذران جو سبب بڻايو آهي ۽ منجهانئس کين کارايو
۽ کين پهرايو ۽ کين چڱي ڳالھ چئو.
4|6| ۽ ايستائين يتيمن کي پرکو جيستائين پرڻي (جي عمر) کي پهچن، پوءِ جيڪڏهن اُنهن ۾ ڪا سياڻپ لهو ته سندن
مال کين ورائي ڏيو، ۽ اُهي (مال) اجايو ۽ (سندن) وڏي ٿيڻ جي ڀؤ کان تڪڙ ڪري نه کائو، ۽ جيڪو (سنڀاليندڙ)
آسودو هجي تنهن کي گهرجي ته پاسي رهي، ۽ جيڪو مسڪين هجي سو مناسب (خدمت) آهر کائيندو رهي، پوءِ جڏهن
سندس مال کين ورائي ڏيو تڏهن مٿن شاهد ڪريو، ۽ الله حساب ڪندڙ بس آهي.
4|7| جيڪو (مال) ماءُ پيءُ ۽ مٽن ڇڏيو تنهن مان مڙسن لاءِ حصّو آهي، ۽ جيڪو (مال) ماءُ پيءُ ۽ مٽن ڇڏيو تنهن
مان زالن لاءِ (به) حصو آهي اهو ڇڏيل مال ٿورو هجي يا گهڻو، حصّا (الله جا) مقرر ڪيل آهن.
4|8| ۽ جڏهن ورهاڱي مهل مائٽيءَ وارا ۽ يتيم ۽ مسڪين حاضر ٿين تڏهن اُن (مال) مان اُنهن ماڻهن کي (ڪجھ) ڏيو
۽ اُنهن کي مٺي ڳالھ چئو.
4|9| ۽ اُنهن کي (الله کان) ڊڄڻ گهرجي جيڪي جيڪڏهن پنهنجي پٺيان هيڻو اولاد ڇڏين ته مٿن ڊڄن (ته ڪهڙو حال
ٿيندن)، پوءِ گهرجي ته الله کان ڊڄن ۽ گهرجي ته سڌي ڳالهه چون.
4|10| جيڪي يتيمن جو مال ڏاڍ سان کائيندا آهن سي پنهنجن پيٽن ۾ رڳو باه کائيندا آهن، ۽ دوزخ ۾ سگهو گهڙندا.
4|11| الله اوهان جي اولاد بابت اوهان کي وصيت ٿو ڪري، ته پٽ لاءِ (حصو) ٻن ڌيئرن جي ڀاڱي جيترو آهي، ۽
جيڪڏهن (فقط) ڌيئرون ٻن کان وڌيڪ هجن ته (مُئَل) جيڪي ڇڏيو تنهن جون ٻه ٽهايون اُنهن لاءِ آهن، ۽ جيڪڏهن

(پلي ڪائو)، ۽ اوهان پاڻ کي هلاڪ نه ڪريو، چوته الله اوهان تي مهربان آهي.
4|30| ۽ جيڪو حد کان ٻاهر نڪرڻ ۽ ظلم سان ائين ڪندو تنهن کي باه ۾ سگهو وجهنداسين، ۽ اهو ڪم الله تي
سهنجو آهي.
4|31| جيڪڏهن وڏن گناهن کان جن کان اوهانکي جهليو ويو پاسو ڪندا رهندؤ ته اوهان جيون (هلڪيون) مدايون اوهان
کان ميٽينداسين ۽ اوهان کي عزت واريءَ جاءِ ۾ داخل ڪنداسين.
4|32| جن شين سان الله اوهان مان هڪڙن کي ٻين کان فضيلت ڏني آهي تن جي ريس نه ڪريو، مڙسن لاءِ جيترو
(پاڻ) ڪمايائون تنهن مان حصّو آهي، ۽ زالن لاءِ جيترو پاڻ ڪمايائون تنهن مان حصّو آهي، ۽ الله کان سندس فضل گهرو،
چوته الله سڀڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.
4|33| ۽ ماءُ پيءُ ۽ مائٽن جيڪي (مال) ڇڏيو تنهن سڀ لاءِ وارث مُقرّر ڪياسون، ۽ جن کي (مائٽيءَ جهڙي دوستيءَ
۾) اوهانجي قَسمن ٻَڌو آهي تن کي سندن حصّو ڏيو، چوته الله سڀڪنهن شيءِ تي حاضر آهي.
4|34| مڙس زالن تي انهيءَ سببان حاڪم آهن جو الله انهن مان هڪڙن کي ٻين کان ڀلو ڪيو آهي ۽ (ٻيو) هن سببان
جو پنهنجن مالن مان خرچيندا آهن، پوءِ ڀلاريون فرمانبرداريون پرپٺ نگاه رکڻ واريون الله جي نگهباني موجب آهن، ۽ جن
(زالن) جي بي فرماني معلوم ڪريو تن کي (زباني) نصيحت ڪريو ۽ پٿارين ۾ ڪين ڌار ڪريو ۽ مار ڏيون، پوءِ
جيڪڏهن اوهان جي فرمانبرداري ڪن ته مٿن ڪا (ايذاءُ جي) واٽ نه ڳوليو، چوته الله وڏو وڏيءَ وڏائيءَ وارو آهي.
4|35| ۽ جيڪڏهن سندن وچ ۾ ڦيٽي کان ڊڄو ته هن جي گهراڻي مان هڪ امين ۽ هن جي گهراڻي مان (به) هڪ
امين مُقرّر ڪريو، جيڪڏهن ٻئي (امين) صُلح ڪرائڻ گهرندا ته الله سندن وچ ۾ ميلاپ ڪندو، چوته الله ڄاڻندڙ خبر
رکندڙ آهي.
4|36| ۽ (خاص) الله جي عبادت ڪريو ۽ ساڻس ڪنهن شيء کي شريڪ نه ڪريو ۽ ماءُ پيءُ سان ۽ مٽيءَ وارن
سان ۽ ڇورن (ٻارن) ۽ مسڪينن ۽ مٽيءَ واريءَ پاڙيچي ۽ ڌاريي پاڙيچي ۽ ويجهي سنگتي ۽ مسافر ۽ پنهنجن ٻانهن سان
چڱائي ڪريو، چوته جيڪو هٺيلو وڏائي ڪندڙ هجي تنهن کي الله دوست نه رکندو آهي.
4|37| جيڪي (پاڻ) ڪنجوسي ڪندا آهن ۽ ماڻهن کي به ڪنجوسي ڪرڻ جو حُڪم ڪندا (۽ نڪي اُنهن کي)
آهن ۽ الله پنهنجي فضل سان ڪين جيڪي ڏنو آهي سو لڪائيندا آهن، ۽ اهڙن نه مڃيندڙن لاءِ خواريءَ وارو عذاب تيار
ڪيو اٿئون.
4|38| ۽ (اُنهن لاءِ به) جيڪي پنهنجن مالن کي ماڻهن جي ڏيکاريءَ لاءِ خرچيندا آهن ۽ نڪي الله کي ۽ نڪي قيامت
جي ڏينهن کي مڃيندا آهن، ۽ جنهن جو سنگتي شيطان ٿيو ته اُهو سنگتي بڇڙو آهي.
4|39| ۽ مٿن ڪهڙي (ڏکيائي) هئي جيڪڏهن الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃين ها ۽ الله جيڪي ڪين ڏنو آهي ان
مان خرچين ها، ۽ الله انهن (جي حال) کي (چڱو) ڄاڻندڙ آهي.
4|40| الله ذري جيترو به ظلم نه ڪندو آهي، ۽ جيڪڏهن (ڪا) چڱائي هوندي ته ان کي ٻيڻو ڪندو آهي ۽ پاڻ وٽان
وڏو اجر ڏيندو آهي.
4|41| پوءِ (تڏهن) ڪئن (ڪندا) جڏهن سڀڪنهن ٽوليءَ مان (هڪ) شاهد آڻينداسون ۽ (اي پيغمبر) توکي (به) هن
ٽوليءَ تي شاهد ڪري آڻينداسون.
4|42| اُنهيءَ ڏينهن ڪافر ۽ جن پيغمبر جو چيو نه مڃيو سي گهرندا ته جيڪر مٿن زمين سنئين ڪئي وڃي، ۽ الله
کان ڪائي ڳالهه لڪائي نه سگهندا.
4|43| اي ايمان وارؤ! اوهان نشي ۾ ٿي ايستائين نماز کي ويجها نه وڃو جيستائين جيڪي ڳالهايو ٿا سو سمجهو ۽ نڪي
مسافرن کانسواءِ (مقيم) تڙ وارو (نماز پڙهي) جيسين تڙ ڪريو، ۽ جيڪڏهن اوهين بيمار هجو يا مسافري تي هجو يا اوهان
مان ڪوئي جاءِ ضرور کان اچي يا زالن کي ويجها ويا هجو ۽ پاڻي نه لهو ته پاڪ مٽيءَ سان تيمّم ڪريو پوءِ پنهنجن
مُنهن ۽ پنهنجن هٿن کي مک ڪريو، چوته الله معافي ڏيندڙ بخشڻهار آهي.
4|44| (اي پيغمبر) اُنهن ڏانهن نه ڏٺو اٿئي ڇا؟ جن کي ڪتاب مان حصو ڏنو ويو آهي اُهي گمراهي ڳنهندا آهن ۽
اوهان جو واٽ کان ڀلڻ (به) گهُرندا آهن.
4|45| ۽ الله اوهان جي ويرين کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي، ۽ الله (سڀني ڪمن جو) ڪارساز بس آهي، ۽ الله مددگار بس
آهي.
4|46| يهودين مان ڪي (توريت ۾) لفظن کي سندن جاين کان مٽائيندا آهن ۽ سَمِعْنَا وَ عَصَيْنَا ۽ اِسْمَعْ غَيْرَ مُسْمَعٍ ۽
رَاعِنَا (جي لفظن) کي (چوڻ وقت) پنهنجيون زبانون وڇڙائي ۽ دين ۾ طعنو هڻڻ لاءِ چوندا آهن، ۽ جيڪڏهن (سَمِعْنَا
وَعَصَيْنَا جي بجاءِ) سَمِعْنَا وَاَطَعْنَا (يعني ٻڌوسون ۽ فرمانبرداري ڪئيسون) ۽ (اِسْمَعْ غَيْرَ مُسْمَعٍ جي هنڌ) اِسْمَعْ (يعني ٻڌ)
۽ (رَاعِنَا لفظ جي بجاءِ لفظ) اُنْظُرْنَا (يعني اسان جو خيال رک) چون ها ته اُنهن لاءِ ڀلو ۽ ڏاڍو سنئون هجي ها پر الله
سندن ڪُفر سببان مٿن لعنت ڪئي آهي پوءِ ٿورن کانسواءِ (ٻيا) ايمان نه ٿا آڻين.
4|47| اي ڪتاب وارؤ جيڪو (قرآن) لاٿوسون جيڪي اوهان وٽ آهي تنهن جو (اُهو) سچو ڪندڙ (به) آهي تنهنکي
انهي کان اڳ مڃيو جو (اوهان جي) منهن جي صورت ميٽي ڇڏيون پوءِ ڦيرائي انهن کي ڪياڙي جي شڪل ڪريون يا
مٿن اهڙي لعنت ڪريون جهڙي ڇنڇر وارن تي لعنت ڪئيسون، ۽ الله جو (جيڪو) حُڪم (جاري ٿيندو آهي) سو ٿي
چڪندو آهي.
4|48| بيشڪ الله هيءُ (ڏوه) نه بخشيندو جو (ڪنهن کي به) ساڻس شريڪ ڪيو وڃي ۽ اُن کانسواءِ ٻيا (ڏوه) جنهن
کي وڻيس تنهن کي بخشيندو، ۽ جيڪو الله سان (ڪنهن کي به) شريڪ بڻائيندو تنهن بيشڪ وڏي گناه جو بُهتان ٻڌو.
4|49| (اي پيغمبر) انهن ڏانهن نه ڏٺو اٿيئي ڇا؟ جيڪي پاڻون پاڻ کي پاڪ چوندا آهن، (نه) بلڪ الله جنهن کي
گهرندو آهي پاڪ ڪندو آهي ۽ تند جيترو به ظلم نه ڪبن.
4|50| (اي پيغمبر) ڏس ته الله تي ڪيئن ڪوڙ ٺاهيندا آهن؟ ۽ اهو پڌرو گناه بس آهي.
4|51| (اي پيغمبر) اُنهن ڏانهن نه ڏٺو اٿيئي ڇا؟ جن کي ڪتاب مان ڀاڱو ڏنو ويو ته اُهي بتن ۽ شيطان کي مڃيندا
آهن ۽ ڪافرن لاءِ چوندا آهن ته هيءَ ٽولي مؤمنن کان وڌيڪ سنئين واٽ واري آهي.
4|52| اِهي (اُهي) آهن جن تي الله لعنت ڪئي آهي، ۽ جنهن تي الله لعنت ڪندو آهي تنهن جو ڪو مددگار نه
لهندين.
4|53| اُنهن کي بادشاهيءَ مان ڪو ڀاڱو آهي ڇا؟ (جي ڪين ڪٽي هجي به ته) اُن مهل ماڻهن کي ترُ جيترو (به) نه
ڏين.
4|54| ويتر ماڻهن سان انهيءَ تي حسد ڪندا آهن جيڪي الله پنهنجي فضل سان ڪين ڏنو آهي، پوءِ بيشڪ ابراهيم جي
اولاد کي ڪتاب ۽ دانائي ڏنيسون ۽ ڪين وڏي بادشاهي ڏني سون.
4|55| پوءِ منجهائن ڪي آهن جن اُن ڪتاب کي مڃيو ۽ منجهائن ڪي آهن جي ڪائنس اٽڪي رهيا، ۽ (انهن لاءِ)

ٻرندڙ دوزخ بس آهي.
جن اسان جي آيتن کي نه مڃيو تن کي سگهو باه ۾ گهيرينداسون، جڏهن ڪڏهن سندن کلون پُڄنديون (تڏهن) 4|56|
سندن ٻيون کلون هن لاءِ پيا مٽائينداسون ته پليءِ عذاب (جو مزو) چکن، چوته الله غالب حڪمت وارو آهي.
جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي (اُنهن) باغن ۾ سگهو داخل ڪنداسون جن جي هيٺان واهيون وهنديون 4|57|
آهن منجهن اصلي سدائين رهڻ وارا آهن، اُنهن لاءِ منجهن پاڪ زالون آهن، ۽ کين گهاٽين ڇانون ۾ داخل ڪنداسون.
بيشڪ الله اوهان کي حُڪم ٿو ڪري ته امانتون سندن مالڪن کي پهچائي ڏيو ۽ جڏهن ماڻهن جي وچ ۾ فيصلو 4|58|
ڪريو (تڏهن) انصاف سان حڪم ڪريو، بيشڪ الله اوهان کي جيڪا نصيحت ڪري ٿو سا چڱي آهي، چوته الله ٻڌندڙ
ڏسندڙ آهي.
اي ايمان وارؤ الله جي فرمانبرداري ڪريو ۽ پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو ۽ اوهان مان جيڪو حاڪم هجي تنهن 4|59|
جي (به) پوءِ جيڪڏهن ڪنهن شيءِ بابت جهڳڙو ڪريو ته جيڪڏهن الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندا آهيو ته ان
کي الله ۽ پيغمبر جي حُڪم ڏانهن رجوع ڪريو، اِهو ڀلو ۽ نتيجي جي ڪري ڏاڍو چڱو آهي.
اُنهن ڏانهن نه ڏٺو اٿيئي ڇا؟ جيڪي پائيندا آهن ته جيڪي تو ڏانهن لاٿو ويو ۽ جيڪي توکان اڳ (اي پيغمبر) 4|60|
لاٿو ويو تنهن کي پاڻ مڃيو اٿن اهي هن هوندي به طاغوت (يعني غير خدا) ڏانهن (مقد مونيئي) فيصلو ڪرائڻ گهرندا
آهن حالانڪ ان جي نه مڃڻ جو حڪم ڪيو ويو اٿن، ۽ شيطان کين وڏي ڀُل ۾ ڀُلائڻ گهرندو آهي.
۽ جڏهن کين چئجي ته جيڪي الله لاٿو تنهن ڏانهن ۽ پيغمبر ڏانهن اچو ته منافقن کي ڏٺئي ته توکان پوري طرح 4|61|
جهلجي ويندا آهن.
پوءِ (تڏهن) ڪيئن (ڪندا) جڏهن کين ڪا اوکائي اُنهيءَ سببان پهچندي جو سندن هٿن اڳي ڪيو آهي ته وري 4|62|
تو وٽ اچي الله جو قسم کڻندا ته اسان جو چڱائي ۽ ٺهراءَ ڪانسواءِ (ٻيو) ڪو ارادو نه هو.
اِهي (اُهي) آهن جن جي دلين ۾ جيڪي (ڪفر ۽ نفاق) آهي سو الله ڄاڻندو آهي، پوءِ کانئن مُڙ ۽ کين نصيحت 4|63|
ڪر ۽ کين سندين دلين ۾ پهچندڙ ڳالهه چؤ.
ڪوئي پيغمبر نه موڪليوسون پر هن لاءِ ته الله جي حڪم سان سندس تابعداري ڪئي وڃي، ۽ جڏهن اُنهن 4|64|
(ماڻهن) پاڻ تي ظلم ڪيو تڏهن جيڪڏهن تو وٽ اچن ها پوءِ الله کان بخشش گهرن ها ۽ پيغمبر انهن لاءِ بخشش گهري
ها ته الله کي ٻاجه سان موٽندڙ مهربان لهن ها.
پوءِ تنهنجي پالڻهار جو قسم آهي ته (اهي ماڻهو) مسلمان نه آهن جيستائين انهي معاملي ۾ جو سندن وچ ۾ پيو 4|65|
آهي توکان فيصلو ڪرائن پوءِ (تون) جيڪو نبيرو ڪرين تنهن کان پنهنجي دلين ۾ اڙڪُڙ نه ڏسن ۽ پوري طرح مڃين.
۽ جيڪڏهن اسين مٿن لازم ڪريون ها ته اوهين پاڻ کي ڪُهو يا پنهنجن ديسن مان نڪرو ته منجهانئن ٿورڙن 4|66|
کانسواءِ (ٻيا ) اُهو نه ڪن ها، ۽ جيڪا نصيحت ڪئي وين تنهن موجب جيڪڏهن اُهي ڪم ڪن ها ته اُنهن لاءِ ضرور
ڀلو ۽ (ايمان کي) زياده پڪي ڪرڻ وارو هجي ها.
۽ انهيءَ وقت پاڻ وٽان وڏو اجر کين ضرور ڏيون ها. 4|67|
۽ ضرور کين سڌي واٽ وٺايون ها. 4|68|
۽ جيڪي الله ۽ پيغمبر جي تابعداري ڪندا سي انهن سان گڏ رهندڙ آهن جن تي الله فضل ڪيو آهي (يعني) 4|69|
پيغمبر ۽ صديق ۽ شهيد ۽ صالح، ۽ اُهي چڱا سنگتي آهن.
اِهو فضل الله جي طرفان آهي، ۽ الله ڄاڻندڙ بس آهي. 4|70|
اي ايمان وارؤ پنهنجي بچاءُ جو سامان وٺو پوءِ لڙائيءَ لاءِ ٽولي ٽولي ٿي نڪرو يا گڏجي نڪرو. 4|71|
۽ بيشڪ اوهان مان ڪو (اهڙو) آهي جو (ڄاڻي واڻي) دير ڪندو آهي، پوءِ جيڪڏهن اوهان کي ڪو اهنج 4|72|
پهچندو ته چوندو آهي ته بيشڪ الله مون تي احسان ڪيو جو (آءٌ) ساڻن نه حاضر هوس.
۽ جيڪڏهن الله (جي پار) کان ڪو احسان اوهان کي پهچي ته (انهيءَ وانگر جو) ڄڻ ته اوهان جي ۽ سندس 4|73|
وچ ۾ دوستي نه هئي ضرور چوندو آهي ته مون کي ارمان آهي جيڪر ساڻن هجان ها ته وڏي مراد ماڻيان ها.
پوءِ اُنهن (مؤمنن) کي جڳائي ته الله جي واٽ ۾ وڙهن جيڪي دنيا جي حياتيءَ کي آخرت سان وڪڻندا آهن، ۽ 4|74|
جيڪو الله جي واٽ ۾ وڙهندو پوءِ ماريو ويو يا غالب ٿيو تنهن کي وڏو اجر سگهوئي ڏينداسون.
۽ (اي مسلمانؤ) اوهان کي ڇا (ٿيو) آهي؟ جو الله جي واٽ ۾ نٿا وڙهو؟ حالانڪ هيڻن مڙسن ۽ زالن ۽ ٻارن مان 4|75|
اُهي آهن جي چون ٿا ته اي اسان جا پالڻهار هن شهر مان جنهن جا رهاڪو ظالم آهن اسان کي (ٻاهر) ڪڍ ۽ پاڻ
وٽان اسان جو (ڪو) سنڀاليندڙ ڪر، ۽ پاڻ وٽان اسان جو ڪو مددگار ڪر.
جيڪي مؤمن آهن سي الله جي واٽ ۾ وڙهندا آهن، ۽ جيڪي ڪافر آهن سي شيطان جي واٽ ۾ وڙهندا آهن 4|76|
تنهنڪري شيطان جي ساٿين کي ماريو، چوته شيطان جي ٺڳي هيڻي آهي.
اُنهن ڏانهن نه ڏٺو اٿيئي ڇا؟ جن کي چيو ويو ته پنهنجن هٿن کي (ويڙهه کان) جهليو ۽ نماز پڙهو ۽ (اي پيغمبر) 4|77|
زڪوٰة ڏيو، پوءِ جنهن مهل مٿن ويڙهه لازم ڪئي ويئي تنهن مهل منجهانئن اوچتو هڪ ٽولي الله جي خوف وانگر ماڻهن
کان ڊڄي ٿي بلڪ ان کان به وڌيڪ ڊڄي ٿي، ۽ چوڻ لڳا ته اي اسانجا پالڻهار ڇالاءِ اسان تي ويڙهه لازم ڪئي اٿيئي،
ويجهي وقت تائين تو اسان کي ڇونه ير ڏني؟ (اي پيغمبر) چؤ ته دنيا جو سامان ٿورڙو آهي، ۽ آخرت انهيءَ لاءِ ڀلي
آهي جيڪو پرهيزگاري ڪندو، ۽ تند جيترو به ظلم نه ڪبو.
جتي هوندؤ اُتي اوهان کي موت پهچندو جيتوڻيڪ مُحڪم ڪوٽن ۾ هوندؤ، ۽ جيڪڏهن کين ڪا چڱائي پهچندي 4|78|
آهي ته چوندا آهن ته هي الله وٽان (پهتي) آهي، ۽ جيڪڏهن کين ڪو اهنج پهچندو آهي ته هي تو وٽان پهتو آهي،
(کين) چؤ ته (ڏک سک) سڀ الله وٽان آهي، پوءِ هن قوم کي ڇا (ٿيو) آهي؟ جو ڳالهه جي سمجهڻ کي ويجهو
(ئي) نه آهن.
توکي جيڪا ڪا چڱائي پهچي ٿي سا الله وٽان (ڄاڻ)، ۽ توکي جيڪو ڪو اهنج پهچي ٿو سو پنهنجي نفس 4|79|
(جي ڪمن جي شامت) کان (ڄاڻ)، ۽ توکي ماڻهن لاءِ پيغمبر ڪري موڪليوسون، ۽ الله شاهد بس آهي.
جيڪو پيغمبر جي فرمانبرداري ڪندو تنهن بيشڪ الله جي فرمانبرداري ڪئي، ۽ جيڪو ڦرندو تن تي توکي نگهبان 4|80|
ڪري نه موڪليو اٿئون.
۽ (منافق تو وٽ) چوندا آهن فرمانبرداري (ڪنداسون) پوءِ جڏهن تو وٽان هليا ويندا آهن تڏهن منجهانئن هڪ 4|81|
ٽولي تنهنجي ڳالهين جي ابتڙ رات جو صلاحون ڪندي آهي، ۽ جيڪي رات جو صلاحون ڪندا آهن سي الله لکندو آهي،
تنهنڪري کانئن مُنهن موڙ ۽ الله تي ڀروسو ڪر، ۽ الله وڪيل بس آهي.
قرآن ۾ ڇونه سوچ ڪندا آهن، جيڪڏهن الله کانسواءِ ٻئي (ڪنهن) وٽان هجي ها ته منجهس گهڻو اختلاف لهن 4|82|
ها.
۽ جڏهن وٽن امن جي يا ڀَو جي ڪا خبر ايندي آهي ته ان کي پڌرو ڪندا آهن، ۽ جيڪڏهن ان کي پيغمبر 4|83|

ڏانهن ۽ پنهنجن (مسلمانن) مان اميرن ڏانهن پهچائين ها ته منجهائن جيڪي اُنکي جاچيندا آهن سي ضرور ان کي (چڱي
طرح) ڄاڻن ها، ۽ جيڪڏهن الله جو فضل ۽ سندس ٻاجهه اوهان تي نه هجي ها ته ٿورڙن کانسواءِ ضرور شيطان جي پٺيان
لڳو ها.
پوءِ (اي پيغمبر) الله جي واٽ ۾ ويڙهه ڪر، تنهنجي سِر کانسواءِ توتي بار نه رکيو ويو آهي ۽ مؤمنن کي همٿاءِ، 4|84|
ويجهو ئي الله ڪافرن جي ويڙهه کي روڪڻ تي آهي، ۽ الله ويڙهه جي ڪري ڏاڍو زور وارو ۽ سزا ڏيڻ ۾ (به) ڏاڍو زور
وارو آهي.
جيڪو چڱيءَ ڳالهه جي سفارش ڪندو تنهن لاءِ منجهانئس حصّو آهي، جيڪي بڇڙي ڳالهه جي سفارش ڪندو تنهن 4|85|
لاءِ منجهانئس حصّو آهي، ۽ الله سڀ شيءِ تي نگهبان آهي.
۽ جڏهن اوهانکي سلام ڪرڻ سان تعظيم ڏني وڃي ته ان کان بهتر تعظيم سان (سلام) ورايو يا اوترو ورايو، ڇوته 4|86|
الله سڀڪنهن شيءِ جو حساب ڪندڙ آهي.
الله (اُهو آهي) جو اُن کانسواءِ ڪو عبادت جو لائق نه آهي، قيامت جي ڏينهن جنهن ۾ (ڪو) شڪ نه آهي 4|87|
اوهان کي ضرور گڏ ڪندو، ۽ الله کان ڪير (پنهنجي) ڳالهه ۾ زور سچو آهي.
اوهان کي ڇا (ٿيو) آهي جو منافقن جي بابت ٻه ٽوليون (ٿي پيا) آهيو ۽ الله سندن ڪرتوتن سببان کين اونڌو 4|88|
ڪيو آهي، جنهن کي الله ڀلايو تنهن کي اوهين هدايت ڪرڻ گهُرندا آهيو ڇا؟ جنهن کي الله ڀلائيندو آهي تنهن لاءِ ڪا
واٽ ڪڏهن نه لهندين.
گهرندا آهن ته جيڪر اوهين ڪافر ٿيو جهڙا پاڻ ڪافر آهن ته سڀ هڪ جهڙا ٿيون پوءِ منجهائن ڪنهن (اُهي) 4|89|
کي ايستائين دوست ڪري نه وٺو جيستائين الله جي واٽ ۾ وطن ڇڏين، پوءِ جيڪڏهن ڦري وڃن ته پڪڙيون ۽ جتي لهون
تتي قتل ڪريون، ۽ منجهائن ڪنهنکي نکي دوست ۽ نکي مددگار ڪري وٺو.
پر (انهن سان نه وڙهو) جيڪي اهڙيءَ قوم سان ڳنڍيل هجن جو اوهان جي ۽ انهن جي وچ ۾ انجام ٺهيل هجي يا 4|90|
اوهان وٽ هن حال ۾ اچن جو اوهان سان وڙهڻ يا پنهنجي قوم سان وڙهڻ کان سندن سينا ڊڪ ٿيا هجن، ۽ جيڪڏهن
الله گهري ها ته کين اوهان تي غالب ڪري ها پوءِ اوهان کي ضرور مارين ها، پوءِ جيڪڏهن اوهان کان پاسو ڪن ۽
اوهان سان نه وڙهن ۽ اوهان ڏانهن صُلح (جي پيغام) کي اُڇلين پوءِ الله اوهان لاءِ مٿن ڪا ويڙهه جي واٽ نه ڪئي
آهي.
ٻيءَ ٽوليءَ کي (اوهين) سگهوئي لهندؤ جو اوهان کان امن ۾ هجڻ گهرندا ۽ پنهنجيءَ قوم کان (به) امن ۾ هجڻ 4|91|
گهرندا، جڏهن ڪڏهن ڪنهن فتني ڏانهن سڏيا ويندا تڏهن منجهس جهٽ پٽ اونڌي منهن ڪري پوندا، پوءِ جيڪڏهن اوهان
کان پاسو نه ڪن ۽ نکي اوهان ڏانهن صُلح جي پيغام کي اُڇلين ۽ نکي پنهنجي هٿن کي (ويڙهه کان) جهلين ته انهن
کي پڪڙيو ۽ جتي انهن کي لهو تتي اُنهن کي ماريو، ۽ انهن تي اسان اوهان کي پڌرو غلبو ڏنو آهي.
۽ مؤمنن جو مارڻ ڪنهن مؤمن کي ڀُل چُڪ کانسواءِ (ڪنهن حال ۾) نه جڳائي، ۽ جيڪو مؤمن ڀُل چُڪ سان 4|92|
ماري ته (هڪ ته) مؤمن ٻانهي کي آجو ڪري ۽ (ٻيو ته) ڇٽي سندس وارثن کي پهچائي پر جي بخشين (ته انهن
کي اختيار آهي)، پوءِ جيڪڏهن اوهان جي ويرين جي قوم مان آهي ۽ اُهو مؤمن هجي ته (ڇڙو) مؤمن ٻانهي کي آجو
ڪرڻ لازم آهي (۽ ڇٽي معاف آهي)، ۽ جيڪڏهن انهيءَ قوم مان آهي جو اوهان جي ۽ انهن جي وچ ۾ پڪو انجام
ٺهيل آهي ته ڇٽي سندس وارثن کي پهچائجي ۽ مؤمن ٻانهي کي آجو ڪرڻ لازم آهي، ۽ جيڪو نه لهي ته ٻه مهينا لڳو
لڳ روزا رکي، (اهو ڪفّارو) الله (جي پار) کان توبه جي (قبول ٿيڻ) ٺيڻ لاءِ آهي، ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي.
۽ جيڪو مؤمن کي ڄاڻي واڻي ماريندو تنهن جي سزا دوزخ آهي منجهس سدائين رهڻ وارو آهي ۽ الله مٿس ڏمريو 4|93|
۽ مٿس لعنت ڪندو ۽ اُن لاءِ وڏو عذاب تيار ڪيو اٿس.
اي ايمان وارؤ جڏهن اوهين الله جي واٽ ۾ (جهاد لاءِ) مسافري ڪريو تڏهن پوري طرح جاچيو ۽ جيڪو اوهانکي 4|94|
اَلسَّلام ڪري تنهن کي اوهين دنيا جي حياتيءَ جو سامان طلبيندڙ ٿي نه چؤ ته تون مؤمن نه آهين، ڇوته الله وٽ گهڻيون
غنيمتون آهن، اڳ اوهين به اهڙا هيؤ پوءِ الله اوهان تي احسان ڪيو پوءِ اوهين (پوري طرح) جاچيو، ڇوته جيڪي ڪندا
آهيو تنهنجي الله خبر رکندڙ آهي.
مؤمنن مان ڪنهن عذر ڌاران (جهاد کان گهر ۾) ويهي رهندڙ ۽ الله جي واٽ ۾ پنهنجي مالن ۽ پنهنجن سِرن سان 4|95|
جهاد ڪندڙ (اِهي ٻئي) برابر نه آهن، پنهنجن مالن ۽ پنهنجن سِرن سان جهاد ڪندڙن کي الله (گهر ۾) ويهي رهندڙن
کان مرتبي ۾ ڀلو ڪيو آهي، ۽ الله هر هڪ کي چڱائيءَ جو وعدو ڏنو آهي، ۽ الله جهاد ڪندڙن کي ويهي رهندڙن کان
وڏي اجر جي ڪري ڀلو ڪيو آهي.
پاڻ وٽان درجا ۽ بخشش ۽ ٻاجهه ڪئي اٿس، ۽ الله بخشڻهار ۽ مهربان آهي. 4|96|
بيشڪ جن پاڻ تي ظلم ڪيو آهي تن کي ملائڪ مارڻ مهل چوندا آهن ته اوهين ڪهڙي (حال) ۾ هيؤ؟ اُهي 4|97|
چوندا ته اسين مُلڪ ۾ عاجز هُئاسون، (ملائڪ کين) چوندا ته الله جو مُلڪ ويڪرو نه هو ڇا؟ جو اُن ۾ لڏي وڃو ها،
پوءِ اُنهن جي جاءِ دوزخ آهي، ۽ اُهو هنڌ بڇڙو آهي.
پر مڙسن ۽ زالن ۽ ٻارن مان هيڻا جو ڪا واهه لهي نه سگهندا آهن ۽ نڪا نڪرڻ جي ڪا واٽ وٺي سگهندا 4|98|
آهن.
ويجهو انهن کي الله معاف ڪرڻ تي آهي، ۽ الله معافي ڏيندڙ بخشڻهار آهي. 4|99|
جيڪو الله جي واٽ ۾ وطن ڇڏيندو سو زمين ۾ گهڻيون رهڻ جون جايون ۽ (روزيءَ) جي ڪشادگي لهندو، ۽ 4|100|
جيڪو الله (جي واٽ ۾) ۽ سندس پيغمبر ڏانهن هجرت ڪندڙ ٿي پنهنجي گهر کان نڪرندو پوءِ کيس موت پهچندو تنهن
جو اجر بيشڪ الله تي (لازم) آهي، ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.
۽ جڏهن اوهين ملڪ ۾ مسافري ڪريو تڏهن جيڪڏهن ڊڄو ٿا ته ڪافر اوهان کي پريشان ڪندا ته نماز مان 4|101|
ڪجهه گهٽائڻ ۾ اوهان تي گناهه ڪونهي، ڇوته ڪافر اوهان جا پڌرا ويري آهن.
۽ (اي پيغمبر ويڙهه مهل) جڏهن منجهن هجين پوءِ کين نماز پڙهائين ته منجهائن هڪ ٽوليءَ کي توسان (نماز 4|102|
۾) بيهڻ گهرجي ۽ پنهنجن هٿيارن کي (ساڻ) وٺڻ گهرجين، پوءِ جنهن مهل (اُهي) سجدو ڏيئي رهن (تنهن مهل) اوهان
جي پوئتان ٿين، ۽ جنهن ٻئي ٽوليءَ نماز نه پڙهي آهي سي اچن تن کي توسان نماز پڙهڻ گهرجي ۽ پنهنجي بچاءَ (جي
شين) ۽ پنهنجن هٿيارن کي وٺڻ گهرجين، ڪافر گهرندا آهن ته جيڪر اوهين پنهنجن هٿيارن ۽ پنهنجي سامان کان
(ڪجهه) بي خبر ٿيو ته اوهان تي هڪ ئي ڀيري حملو ڪن، ۽ جيڪڏهن اوهان کي مينهن کان ڪو اهنج هجي يا
اوهين بيمار هجو ته اوهان تي گناهه نه آهي ته پنهنجا هٿيار لاهي رکو، ۽ پنهنجي بچاءَ جون شيون (ساڻ) وٺو، بيشڪ الله
ڪافرن لاءِ خواري ڏيندڙ عذاب تيار ڪيو آهي.
پوءِ جڏهن نماز پوري ڪريو (تڏهن) بيٺي ۽ ويٺي ۽ پنهنجي پاسن ڀر الله کي ياد ڪريو، پوءِ جڏهن اوهين دلجاءِ 4|103|
ڪريو ته پوءِ (اصلي دستور تي) نماز پڙهو، بيشڪ نماز مؤمنن تي ٺهرايل وقت ۾ فرض آهي.

ڪي ويجها ويا هجو پوءِ اوهين پاڻي نه لهو ته پاڪ مٽيءَ سان تيمم ڪريو پوءِ پنهنجن مُنهن کي ۽ پنهنجن هٿن کي
منجهانئس مَسح ڪريو، ۽ الله اوهان تي ڪا تنگي نه گهرندو آهي پر گهُرندو آهي ته اوهان کي پاڪ ڪري ۽ اوهان تي
پنهنجي نعمت پوري ڪري ماڻ اوهين شڪرانو ڪريو.
5|7| ۽ الله جي نعمت جا اوهان تي آهي سا ياد ڪريو ۽ سندس اُهو انجام جيڪو اوهان سان پڪيءَ طرح ڪيائين
تنهن کي (به ياد ڪريو) جڏهن اوهان چيو ته ٻڌوسون ۽ مڃيوسون، ۽ الله کان ڊڄو، ڇوته الله سينن وارو (ڳجهه) ڄاڻندڙ
آهي.
5|8| اي ايمان وارؤ انصاف سان شاهدي ڏيندڙ ٿي الله لڳ بيهڪ وٺندڙ هُجو، ۽ ڪنهن قوم جي دشمني اوهان کي اوهان
جي بي انصافي جو سبب نه بڻي، انصاف ڪريو، اُهو پرهيزگاري کي ڏاڍو ويجهو آهي، ۽ الله کان ڊڄو، ڇوته جيڪي اوهين
ڪندا آهيو تنهنجي الله خبر رکندڙ آهي.
5|9| جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن سان الله وعدو ڪيو آهي ته اُنهن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي.
5|10| ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪُوڙو ڄاتو اُهي دوزخي آهن.
5|11| اي ايمان وارؤ الله جي نعمت جا اوهان تي آهي سا ياد ڪريو جڏهن هڪ قوم پنهنجن هٿن کي اوهان ڏانهن
(ويڙهه لاءِ) ڊگهي ڪرڻ جو ارادو ڪيو تڏهن سندس هٿ اوهان کان جهليائين، ۽ الله کان ڊڄو، ۽ الله تي ڀلي ته مؤمن
ڀروسو ڪن.
5|12| ۽ الله بني اسرائيلن کان بيشڪ انجام ورتو، ۽ منجهان ٻارهن سردار مقرر ڪياسون، ۽ الله چيو ته تحقيق آءٌ اوهان
ساڻ آهيان، جيڪڏهن نماز پڙهيو ۽ زڪوٰة ڏنوَ ۽ مُنهنجن پيغمبرن کي مڃيوَ ۽ کين مدد ڪيو ۽ الله کي چڱو قرض ڏنوَ ته
البت اوهان جون مدايون اوهان کان ضرور ميٽيندس ۽ البت اوهان کي اهڙن باغن ۾ ضرور داخل ڪندس جن جي هيٺان
واهيون وهنديون آهن، وري هن کان پوءِ اوهان مان جيڪو ڪافر ٿيندو سو سڌيءَ واٽ کان بيشڪ ڀُلو.
5|13| پوءِ سندن انجام ڀڃڻ سببان مٿن لعنت ڪئي سون ۽ سندين دلين کي سخت ڪيوسون، (اُهي توريت ۾) ڪن
لفظن کي پنهنجن جاين کان بدلائين ٿا ۽ جيڪا نصيحت ڪئي وئي تنهن مان حصو وساريائون، ۽ منجهائن ٿورڙن کانسواءِ
انهن (سڀني) جي (ڪنه ڪنه ٻي) خيانت تي هميشه واقف ٿيندو رهندين تنهنڪري کين معاف ڪر ۽ مُڙي وڃ، بيشڪ
الله ڀلارن کي دوست رکندو آهي.
5|14| ۽ جيڪي چون ٿا ته اسين نصاريٰ آهيون تن کان (به) سندن انجام ورتوسون ۽ جيڪا نصيحت ڪئي وئي تنهن
مان ڀاڱو وساريائون، انهيءَ ڪري سندن وچ ۾ ساڙ ۽ دُشمني قيامت جي ڏينهن تائين وڌي سون، ۽ جيڪي ڪندا آهن
تنهن جي الله کين سگهو سُڌ ڏيندو.
5|15| اي ڪتاب وارؤ بيشڪ اسان جو پيغمبر (محمد ﷺ) اوهان وٽ آيو اوهين (الله جي) ڪتاب مان گهڻيون ڳالهيون
لڪائيندا هيؤ تن مان گهڻيون (ڳالهيون) اوهان کي بيان ڪري ٿو ۽ گهڻين (ڳالهين) کان ٽارو ڪري ٿو، بيشڪ اوهان
وٽ الله وٽان نُور ۽ پڌرو ڪتاب (قرآن) آيو آهي.
5|16| انهيءَ جي سببان الله انهن کي سڌو رستو ڏيکاريندو آهي جيڪي سلامتي جي واٽن ڏانهن سندس راضپو ڳولين ۽
کين اونداهين مان سوجهري ڏانهن پنهنجي حڪم سان ٻاهر ڪڍي ٿو ۽ کين سڌيءَ واٽ ڏانهن رستو ڏيکاري ٿو.
5|17| بيشڪ جن چيو ته الله پاڻ مسيح پٽ مريم جو آهي سي بيشڪ ڪافر ٿيا، چؤ ته جيڪڏهن الله عيسىٰ پُٽ مريم
جي کي ۽ سندس ماءُ کي ۽ جيڪي سڀيئي زمين ۾ آهن ناس ڪرڻ گهري ته ڪير الله کان انهن کي ڪُجهه بچائي
سگهندو؟ ۽ آسمانن ۽ زمين جي ۽ جيڪي اُنهن جي وچ ۾ آهي تنهنجي بادشاهي الله جي آهي، جيڪي گهري ٿو سو پيدا
ڪري ٿو، ۽ الله سڀڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.
5|18| يهودي ۽ نصاريٰ چوندا آهن ته اسين الله جا پُٽ ۽ سندس پيارا آهيون، (اي پيغمبر کين) چؤ ته پوءِ سندوَ گناهن
سببان ڇو عذاب ڪندا اٿوَ؟ بلڪ اوهين به انهيءَ جنس مان ماڻهو آهيو جيڪي خلقيائين، جنهن کي وڻيس (تنهنکي)
بخشي ۽ جنهن وڻيس (تنهنکي) عذاب ڪري، ۽ آسمانن ۽ زمين جي ۽ جيڪي سندن وچ ۾ آهي تنهنجي بادشاهي الله
جي آهي، ۽ ڏانهس موٽڻ آهي.
5|19| اي ڪتاب وارؤ بيشڪ اوهان وٽ اسان جو پيغمبر اهڙي وقت ۾ آيو جو (ڪجهه وقت تائين) پيغمبرن جو اچڻ بند
ٿي چڪو هو اوهان تي بيان ٿو ڪري متان چئو ته نڪو خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ اسان وٽ آيو، (هائو) انهي ڪري
بيشڪ اوهان وٽ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ آيو آهي، ۽ الله سڀڪنهن شيء تي وس وارو آهي.
5|20| ۽ (ياد ڪر) جڏهن مُوسىٰ پنهنجي قوم کي چيو ته اي منهنجي قوم پاڻ تي الله جي نعمت ياد ڪريو جو اوهان
۾ پيغمبر مُقرّر ڪيائين ۽ اوهان کي بادشاه ڪيائين، ۽ اوهان کي اهي (نعمتون) ڏنائين جي جهانن وارن مان ڪنهن کي
(به) نه ڏنائين.
5|21| اي منهنجي قوم پاڪ زمين ۾ گهڙو جا الله اوهان لاءِ ٺهرائي آهي ۽ پوٺتي نه ڦرو نه ته ڦري ڇيئي وارا ٿيندؤ.
5|22| چيائون ته اي مُوسىٰ بيشڪ اتي ڏاڍي زور واري قوم آهي، ۽ اسين منجهس ايسين ڪڏهن نه گهڙنداسون جيسين
اُهي منجهانس (نه) نڪرن، پوءِ جيڪڏهن اُهي اُتان نڪرن ته اسين گهِڙڻ وارا آهيون.
5|23| جيڪي خدا کان ڊڄندا هئا تن مان به ڄڻا جن تي الله نعمت ڪئي هئي سي چوڻ لڳا ته در کان مٿن گهڙو،
پوءِ جڏهن در کان لنگهيؤ تڏهن اوهين پڪ غالب آهيو، ۽ جيڪڏهن مؤمن آهيو ته الله تي ڀروسو ڪريو.
5|24| چيائون ته اي موسىٰ بيشڪ اسين اصلي ڪڏهن منجهس نه گهڙنداسون جيسين اُهي منجهس رهندا تنهنڪري تون ۽
تنهنجو پالڻهار وڃو پوءِ وڙهو بيشڪ اسين هتي (ئي) ويٺا آهيون.
5|25| مُوسىٰ چيو ته اي منهنجا پالڻهار آءٌ پنهنجي پاءُ ۽ پنهنجي سِرَ کانسواءِ (ٻئي) ڪنهن تي (به) اختيار نٿو رکان
تنهنڪري اسان جي ۽ بي فرمان قوم جي وچ ۾ جدائي ڪر.
5|26| (الله) چيو ته اُها (پاڪ زمين) چاليهه ورهيه مٿن حرام ڪئي وئي آهي، زمين (يعني بر) ۾ حيران پريشان رهندا،
تنهنڪري بي دين قوم تي ڏک نه ڪر.
5|27| (اي پيغمبر) آدم جي ٻن پُٽن (هابيل ۽ قابيل) جي خبر کين سچي طرح پڙهي ٻُڌاءِ، جڏهن ٻنهي (هڪ هڪ)
قرباني نذر ڪئي تڏهن ٻنهي مان هڪڙي جي قبول ڪئي وئي ۽ ٻئي جي قبول نه ڪئي وئي، (قابيل) چيو ته
ضرور مارينديوسانءِ، ۽ (هابيل) چيو ته الله رڳو پرهيزگارن جي (قرباني) قبول ڪندو آهي.
5|28| البت جيڪڏهن پنهنجو هٿ منهنجي مارڻ لاءِ مون ڏانهن ڊگهو ڪندين ته آءٌ پنهنجو هٿ تو ڏانهن ڪڏهن به ڊگهو
نه ڪندس ته توکي ماريان، بيشڪ آءٌ جهانن جي پالڻهار الله کان ڊڄان ٿو.
5|29| مُنهنجو ارادو آهي ته مُنهنجو گُناهه ۽ پنهنجو گُناهه تون کڻين ته دوزخين مان ٿئين، ۽ ظالمن جي اِها سزا آهي.
5|30| پوءِ سندس نفس کيس پاءُ جي مارڻ تي رغبت ڏياري پوءِ کيس کُٺائين پوءِ ڇيئي وارن مان ٿيو.
5|31| پوءِ الله هڪ ڪانوَ کي موڪليو جنهن زمين ۾ هن لاءِ کوٽيو ٿي ته کيس ڏيکاري ته پنهنجي پاءُ جي لاش کي
ڪيئن لڪائي، (ڪانو کي ڏسي) چيائين ته مون لاءِ ارمان آهي ڇا آءٌ هن ڳالهه کان (به) عاجز ٿيس جو هن ڪانو

آهي سو بڇڙو آهي جو مٿن الله جو ڏمرجڻ آهي ۽ اُن عذاب ۾ سدائين رهڻ وارا آهن.
5|81| ۽ جيڪڏهن (اُهي) الله ۽ (پنهنجي) پيغمبر کي ۽ جيڪي پيغمبر ڏانهن لاٿو ويو تنهن کي مڃين ها ته انهن
(مشرڪن) کي دوست ڪري نه وٺن ها پر منجهانئن گهڻا ايمان کان نڪتل آهن.
5|82| (اي پيغمبر) يهودين ۽ مشرڪن کي مؤمنن لاءِ ٻين ماڻهن کان بلڪل وڌيڪ دشمني ڪرڻ وارو ضرور ڏسندين، ۽
جيڪي چون ٿا ته اسين نصاريٰ آهيون تن کي مسلمانن سان دوستي ڪرڻ ۾ ڏاڍو ويجهو ڏسندين، اِهو هن سببان آهي جو
منجهانئن ڪي عالم ۽ ڪي فقير آهن ۽ بيشڪ اُهي وڏائي نه ڪندا آهن.
5|83| ۽ جيڪي پيغمبر ڏانهن لاٿو ويو سو جڏهن ٻڌندا آهن تڏهن سندين اکين کي انهيءَ سببان جو سچ کي سڃاتائون ڳوڙها
ڳاڙيندو ڏسندين، چوندا آهن ته اي اسان جا پالڻهار ايمان آندوسين تنهنڪري اسان کي شاهدن ۾ لک.
5|84| ۽ اسان کي ڇا (ٿيو) آهي؟ جو الله کي ۽ جيڪي اسان وٽ سچ (يعني قرآن) آيو تنهن کي هن هوندي به نه
مڃيون جو اُميد ٿا رکون ته اسان جو پالڻهار اسان کي صالحن جي ٽوليءَ سان (گڏي بهشت ۾) گهيريندو.
5|85| پوءِ جيڪي چيائون تنهن سببان الله کين بهشت ڏنو جنهن جي هيٺان واهيون وهنديون آهن منجهس سدائين رهڻ
وارا آهن، ۽ اِهو ڀلارن جو بدلو آهي.
5|86| ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڀانيو اُهي دوزخي آهن.
5|87| اي ايمان وارؤ جيڪي پاڪ شيون الله اوهان لاءِ حلال ڪيون آهن سي حرام نه بڻايو ۽ نڪي حد کان لنگهو،
بيشڪ الله حد کان لنگهندڙن کي دوست نه رکندو آهي.
5|88| ۽ جيڪي الله اوهان کي پاڪ حلال رزق ڏنو آهي تنهن مان کائو، ۽ اُن الله کان ڊڄو جنهن کي مڃيندڙ آهيو.
5|89| الله اوهان جي اجاين قسمن ڪڻڻ ۾ اوهان کي نه پڪڙيندو پر جيڪي قسم اوهان پڪي نيت سان کنيا تنهن سببان
اوهانکي وَٽ ڪندو، پوءِ ان جي ڪفارت وچٿرو (کاڌو) جيڪي پنهنجي عيال کي کارائيندا آهيو تنهن مان ڏهن مسڪينن
کي کاڌو ڏيڻ آهي يا کين ويس ڍڪائڻ يا ٻانهون آجو ڪرڻ (جڳائي)، پوءِ جيڪو نه لهي ته ٽي ڏينهن روزو رکڻ لازم
آهي، جڏهن اوهين قسم کڻو (۽ ڀڃو تڏهن) اِها ڪفارت اوهان جي قسمن جي آهي، ۽ پنهنجي قسمن کي (ڀڄڻ کان)
سوگهو رکو، اهڙي طرح الله اوهان لاءِ پنهنجا حڪم بيان ڪندو آهي مانَ اوهين شڪرانو ڪريو.
5|90| اي ايمان وارؤ شراب ۽ جؤا ۽ پوڄا آستانا ۽ ڍارا پليتُ شيطاني ڪمن مان آهن تنهنڪري اوهين کانئن پرهيز ڪريو
ته مانَ ڇٽو.
5|91| شيطان جو ارادو شراب (پيارڻ) ۽ جؤا (کيڏائڻ) ۾ هن کانسواءِ نه آهي ته اوهان جي وچ ۾ دشمني ۽ بغض وجهي
۽ الله جي ياد ڪرڻ کان ۽ نماز کان اوهان کي جهلي، پوءِ (هاڻي به) اوهين (نه) جهلبؤ ڇا؟
5|92| ۽ الله جي فرمانبرداري ڪريو ۽ پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو ۽ ڊڄو، پوءِ جيڪڏهن اوهين ڦرندؤ ته (پڪ) ڄاڻو
ته اسان جي پيغمبر تي رڳو پڌرو پيغام پهچائڻ آهي.
5|93| جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن تي جيڪي (اڳ) کاڌائون تنهن ۾ گناه نه آهي جڏهن پرهيزگاري ڪيائون ۽
ايمان آندائون ۽ چڱا ڪم ڪيائون وري پرهيزگاري ڪيائون ۽ ايمان آندائون وري پرهيزگاري ڪيائون ۽ چڱائي ڪيائون، ۽
الله ڀلارن کي دوست رکندو آهي.
5|94| اي ايمان وارؤ الله ڪنهن شڪار (جي حڪم) سان جنهن کي اوهان جا هٿ يا اوهان جا تير پهچن اوهان کي
هن لاءِ ضرور پرکيندو ته الله نڪيڙي ته ڪير کانئس پرپٺ ڊڄندو آهي، پوءِ جيڪو هن کانپوءِ حد کان لنگهندو تنهن لاءِ
ڏکوئيندڙ عذاب آهي.
5|95| اي ايمان وارؤ اوهين احرام (جي حالت) ۾ شڪار نه ڪريو، ۽ اوهان مان جنهن ڄاڻي واڻي ان کي ماريو پوءِ
جيڪي ماريو اٿس تنهن جهڙو جانور جنهن لاءِ اوهان مان ٻه معتبر حُڪم ڪن سزا لازم آهي اها قرباني ڪعبي وٽ
پهچڻي آهي يا (سزا) مسڪينن جو کاڌو ڪفارت آهي يا ان جي برابر روزا رکي هن لاءِ ته پنهنجي ڪم جي سزا چکي،
جيڪي اڳي گذريو سو الله معاف ڪيو، ۽ جنهن موٽي ڪيو تنهن کان الله بدلو وٺندو، ۽ الله غالب بدلي وٺڻ وارو آهي.
5|96| درياءَ جو شڪار اوهان لاءِ حلال ڪيو ويو ۽ ان جو کائڻ اوهان لاءِ ۽ مسافرن لاءِ نفعي وارو آهي، ۽ جهنگ جو
شڪار جيستائين اوهين احرام وارا هجو تيستائين اوهان تي حرام ڪيو ويو، ۽ اُن الله کان ڊڄو جنهن ڏانهن گڏ ڪيا
ويندؤ.
5|97| الله تعظيم واري گهر ڪعبه تعظيم واري مهيني ۽ (ڪعبي ڏانهن موڪليل) قرباني ۽ قلائد کي ماڻهن لاءِ بيهڪ
جو سبب ڪيو، اِهو (هن لاءِ) ته اوهين ڄاڻو ته جيڪي آسمانن ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو بيشڪ الله ڄاڻندو آهي ۽
الله سڀڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.
5|98| ڄاڻو ته الله سخت سزا ڏيندڙ آهي ۽ (هيءَ به ته) الله بخشڻهار مهربان آهي.
5|99| پيغمبر تي رڳو پيغام پهچائڻ آهي، ۽ جيڪي پڌرو ڪندا آهيو ۽ جيڪي لڪائيندا آهيو (سو سڀ) الله ڄاڻندو
آهي.
5|100| (اي پيغمبر) چؤ ته پليت ۽ پاڪ برابر نه آهن جيتوڻيڪ پليت جي گهڻائي توکي زياده وڻي، پوءِ اي ڏيان وارؤ
الله کان ڊڄو ته مانَ اوهين ڇٽو.
5|101| اي ايمان وارؤ انهن شين بابت سوال نه ڪريو جن جي حقيقت جيڪڏهن اوهان تي پڌري ڪئي وڃي ته اوهان
کي ڏکي لڳي، ۽ جيڪڏهن قرآن لهڻ مهل ان بابت سوال ڪريو ته اوهان لاءِ پڌرو ڪيو ويندو، انهن (سوالن) کان الله
اوهان کي معافي ڏني، ۽ الله بخشڻهار بردبار آهي.
5|102| بيشڪ هڪ قوم اوهان کان اڳ اهڙين (ڳالهين) جو سوال ڪيو هو (پر) سمجهائڻ تي وري اُن جا ڦري مُنڪر
ٿيا.
5|103| الله نڪي بحيره ۽ نڪي سائبہ ۽ نڪي وصيلہ ۽ نڪي حام مُقرّر ڪيو آهي پر ڪافر الله تي ڪوڙ ٻڌندا آهن،
۽ منجهانئن گهڻا نٿا سمجهن.
5|104| ۽ جڏهن کين چئبو آهي ته جيڪي الله لاٿو آهي تنهن ڏانهن ۽ پيغمبر ڏانهن اچو (تڏهن) چوندا آهن ته جنهن
تي پنهنجن ابن ڏاڏن کي (هلندو) ڏٺوسون سو اسان کي بس آهي، جيتوڻيڪ سندن ابا ڏاڏا ڪجهه نه ڄاڻندا هئا ۽ نڪي
هدايت وارا هئا.
5|105| اي مؤمنؤ اوهين پنهنجن نفسن جي ڪريو، جڏهن اوهين هدايت وارا ٿيؤ تڏهن اُهو اوهان کي ضرر نه رسائيندو
جيڪو ڀُلو، الله ڏانهن اوهان مڙني جو موٽڻ آهي پوءِ جيڪي اوهين ڪندا آهيو تنهنجي اوهان کي سُڌ ڏيندو.
5|106| اي ايمان وارؤ جڏهن اوهان مان ڪنهن کي موت ويجهو ٿئي ته وصيّت ڪرڻ مهل ٻه معتبر وصّي ڪريو جي
اوهان (مسلمانن) مان هجن يا اوهان کانسواءِ ٻيا (يعني غيرقوم جا) هجن (هي تڏهن) جيڪڏهن اوهين مُلڪ ۾ مسافر
هجو پوءِ اوهان کي موت جو واقعو پُهچي، جيڪڏهن (اوهين سندن گواهي ڏيڻ ۾ ڪو) شڪ رکو ٿا ته (وچينءَ) نماز
کانپوءِ اوهين ٻنهي کي جهليو پوءِ اُهي (ٻئي) الله جو قسم کڻي چون ته توڻيڪ مائٽ هوندا ته به اسين قسم جي عوض

ڪا ٻها نه وٺنداسون ۽ نڪي الله جي (حڪم واري) شاهدي لڪائينداسون (جي لڪائي سون) ته اُتي جو اُتي ضرور گنھگارن مان ٿينداسون.

5|107|پوءِ جيڪڏهن معلوم ٿئي ته اُهي ٻئي گنھگار ٿيا ته جن جي مال تي ٻئي حق رکيو آهي تن جي ويجهي مائٽي وارن مان ٻيا ٻه ڄڻا انهن جي بجاءِ ڪڙا ٿين پوءِ الله جو قسم کڻي چون ته ٻنهي جي شاهديءَ کان اسان جي شاهدي ڏاڍي سچي آهي ۽ حد کان نه لنگهنداسون، نه ته اتي جو اتي ضرور ظالمن مان ٿينداسون.

5|108|اِهو ( حُڪم ـ مِن ڳالھ ڪي) ويجهو آهي ته اُهي ( وصّي ـ ماڻهو) سچي ڳالهه جي شاهدي ڏيڻ يا پنهنجن قسمن کانپوءِ قسم جي رد ٿيڻ کان ڊڄن، ۽ الله کان ڊڄو ۽ هي (حڪم دل سان) ٻڌو، ۽ الله بي دين قوم کي سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي.

5|109|(ياد ڪر) جنهن ڏينهن الله سڀني پيغمبرن کي گڏ ڪندو (تنهن ڏينهن) چوندو ته اوهان کي ڇا جواب ڏنو ويو، چوندا ته اسان کي (ماڻهن جي دلين جي) خبر نه آهي، ڇوته تون ئي ڳجهن جو وڏو ڄاڻندڙ آهين.

5|110|جڏهن (اُن ڏينهن) الله عيسىٰ پٽ مريم جي کي چوندو ته پاڻ تي ۽ پنهنجي ماءُ تي مُنهنجي نعمت ياد ڪر، جڏهن توکي پاڪ رُوح سان مدد ڏنم، (جو) ماڻهن سان پينگهي ۾ (خاص طرح) ۽ وڏي وهيءَ ۾ ڳالهائيُئي ٿي، ۽ جڏهن توکي ڪتاب ۽ دانائي ۽ توريت ۽ انجيل سيکاريم، ۽ جڏهن ِمنهنجي ِحڪم سان مٽيءَ مان پکيءَ جي شڪل جهڙو ٺاهيئي پوءِ منجهس ڦوڪيئي ته منهنجي حڪم سان پکي ٿيو ۽ منهنجي حڪم سان ڄاول انڌي ۽ ڪوڙهي کي ڇڱو ڪيئي ٿي، ۽ جڏهن مئل کي مُنهنجي حُڪم سان (جيئرو ڪري) ڪڍيئي ٿي، ۽ جڏهن بني اسرائيلن (جي شر) کي توکان جهليم جڏهن وٽن معجزن سان آئين تڏهن منجهانئن ڪافرن چيو ته هيءُ رڳو پڌرو جادو آهي.

5|111|۽ جڏهن حوارين ڏانهن الهام ڪيم ته مون تي ۽ مُنهنجي پيغمبر تي ايمان آڻيو، چيائون ته ايمان آندوسون ۽ (اي عيسىٰ) شاهد هج ته اسان مسلمان آهيون.

5|112|(ياد ڪر) جڏهن حوارين چيو ته اي عيسىٰ پُٽ مريم جا تنهنجو پالڻهار اسان تي آسمان کان ڪو (طعام جو) خونچو لاهي سگهندو ڇا؟ (عيسىٰ) چيو ته جيڪڏهن مؤمن آهيو ته الله کان ڊڄو.

5|113|چيائون (اسين هيءُ) گهرون ٿا ته منجهانئس کائون ۽ اسان جون دليون آرام وٺن ۽ ڄاڻون ته اسان کي سچ چيو اٿيئي ۽ مٿس شاهد هجون.

5|114|(تڏهن) عيسىٰ پٽ مريم جي چيو ته اي اسان جا پالڻهار الله اسان تي هڪ خونچو آسمان کان لاهه ته اسان جي اڳين ۽ اسان جي پوين (سڀني) لاءِ عيد ٿئي ۽ تنهنجي نشاني ٿئي، ۽ اسان کي روزي ڏي ۽ تون ڇڱو روزي ڏيندڙ آهين.

5|115|الله چيو ته آءٌ اوهان تي (خونچو) لاهيندس، پوءِ اوهان مان جيڪو هن کان پوءِ بي فرماني ڪندو تنهن کي آءٌ اهڙو سخت عذاب ڪندس جو جهانن (جي رهندڙن) مان ڪنهن هڪ کي عذاب نه ڪندس.

5|116|۽ (اُهو وقت ياد ڪر) جڏهن الله چوندو ته اي عيسىٰ پٽ مريم جا تو ماڻهن کي چيو هو ڇا؟ ته الله کانسواءِ مونکي ۽ منهنجي ماءُ کي ٻه خدا ڪري مڃيو، (عيسىٰ) چوندو ته تون پاڪ آهين جنهن ڳالھ جو مون کي ڪو حق نه آهي سو چوڻ مون کي ڪئن جڳائيندو هو، جيڪڏهن مون اهو چيو هوندو ته بيشڪ اُهو توکي معلوم هوندو، جيڪي منهنجي دل ۾ آهي سو (تون) ڄاڻندو آهين ۽ جيڪي تنهنجي دل ۾ آهي سو (آءٌ) نه ڄاڻندو آهيان، بيشڪ تون ئي ڳُجهن جو ڏاڍو ڄاڻندڙ آهين.

5|117|جنهن لاءِ مون کي حُڪم ڪيو اٿيئي تنهن کانسواءِ (ٻيو ڪي) کين نه چيو اٿم (يعني) هي ته الله جي عبادت ڪريو جو منهنجو پالڻهار ۽ اوهان جو پالڻهار آهي، جيسين منجهن رهيس ته (آءٌ) مٿن نگهبان رهيس، پوءِ جنهن مهل تو مونکي کڻي ورتو ته تون ئي مٿن نگهبان رهيئن، ۽ تون سڀڪنهن شيءِ تي خبردار آهين.

5|118|جيڪڏهن کين عذاب ڪرين ته اُهي تنهنجا ٻانها آهن، جيڪڏهن کين بخشين ته تون ئي غالب حڪمت وارو آهين.

5|119|الله فرمائيندو ته هي اُهو ڏينهن آهي جو سچن کي سندين سچائي فائدو ڏيندي، اُنهن لاءِ (اُهي) بهشت آهن جن جي هيٺان واهيون وهنديون آهن منجهس اصلي سداءِ رهڻ وارا آهن، الله کانئن راضي آهي ۽ اُهي کانئس راضي آهن، اِها وڏي مراد ماڻڻ آهي.

5|120|آسمانن ۽ زمين جي ۽ جيڪي منجهن آهي تنهنجي بادشاهي الله جي آهي، ۽ اُهو سڀڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.

6|1|سڀ ساراهه (خاص) انهيءَ الله کي جڳائي جنهن آسمان ۽ زمين کي بڻايو ۽ اونده ۽ سوجهرو پيدا ڪيو، وري (به) ڪافر پنهنجي پالڻهار سان ٻين کي برابر ڪندا آهن.

6|2|اُهو (ئي الله) آهي جنهن اوهان کي مٽيءَ مان بڻايو وري (اوهان جي ڄمڻ ۽ موت جي ) مدت ٺهرايائين، ۽ (هڪڙي ٻي) مُدّت وٽس مُقرّر ٿيل آهي وري (اي ڪافرؤ الله بابت) اوهين شڪ ڪندا آهيو.

6|3|۽ اهوئي الله آسمانن ۽ زمين ۾ (سڀڪنهن جو معبود) آهي، اوهان جو ڳجهه ۽ اوهان جو پڌرو ڄاڻندو آهي ۽ جيڪي ڪندا آهيو سوبه ڄاڻندو آهي.

6|4|سندن پالڻهار جي آيتن مان ڪا آيت وٽن نه ايندي آهي پر کانئس منهن موڙيندا آهن.

6|5|پوءِ بيشڪ سچ (يعني قرآن) کي جنهن مهل وٽن آيو (تنهن مهل) ڪوڙ ڀانيائون، پوءِ جنهن (ڳالھ) بابت چٿر ڪندا آهن تنهنجي (سزا جون) خبرون وٽن سگهو پهچنديون.

6|6|(ڪافر) نه ڏسندا آهن ڇا؟ ته کانئن اڳي ڪيترا طبقا ناس ڪياسون جن کي زمين ۾ اهڙي قدرت ڏني هئي سون جو اوهان کي به نه ڏني اٿئون ۽ مٿن آسمانن مينهن سانده وساياسون، ۽ سندن هيٺان واهيون وهنڌڙ ڪيون سون پوءِ انهن کي سندن گناهن سببان هلاڪ ڪيوسون ۽ سندن پوئتان ٻين قومن کي پيدا ڪيوسون.

6|7|۽ جيڪڏهن توتي ڪاغذن ۾ (لکيل) ڪتاب (قرآن) نازل ڪريون ها پوءِ اُهي پنهنجا هٿ کيس لائين ها ته جيڪي ڪافر آهن سي ضرور چون ها ته هيءُ رڳو پڌرو جادو آهي.

6|8|۽ چون ٿا ته مٿس مَلڪ ڇونه لاٿو ويو؟ ۽ جيڪڏهن اسين مَلڪ نازل ڪريون ها ته ضرور ڪم پورو ٿي وڃي ها (يعني مري وڃن ها) وري کين مُهلت (مور) نه ڏجي ها.

6|9|۽ جيڪڏهن کيس مَلڪ ڪريون ها ته ضرور کيس مڙس (جي شڪل ۾) بڻايون ها ۽ جهڙو شبہ (هاڻي) ڪندا آهن تهڙو شبہ مٿن قائم رکون ها.

6|10|۽ بيشڪ توکان اڳ (ٻين) پيغمبرن سان (به) چٿر ڪئي ويئي (آهي) پوءِ منجهانئن جن چٿرون ڪيون تن تي جنهن (ڳالھ) تي چٿر ڪندا هئا تنهن (جي سزا اچي) گهيرو ڪيو.

6|11|(اي پيغمبر کين) چؤ ته ملڪ ۾ گهمو وري ڏسو ته ڪوڙن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟

6|12|(اي پيغمبر کانئن) پُڇا ڪر ته جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو ڪنهنجو آهي؟ چؤ ته الله جو آهي، جنهن

6|42| بيشڪ توکان اڳ (گھڻين) اُمتن ڏانهن (پيغمبر) موڪلياسون پوءِ (اُنهن جي بي فرمانيءَ سبب) کين اسان سختيءَ ۽ تڪليف ۾ پڪڙيو ته مانَ اُهي زاري ڪن.

6|43| پوءِ جنهن مهل اسان جو عذاب وٽن پُهتو ٿي (تنهن مهل) ڇونه ٿي زاري ڪيائون؟ پر سندن دليون سخت ٿي ويون هيون ۽ جيڪي ڪم ڪندا هئا سي شيطان انهن لاءِ سينگاريا.

6|44| پوءِ جيڪا نصيحت ڏني وين سا جنهن مهل وساريائون (تنهن مهل) مٿن هر شيءِ جا دروازا کولياسون، ايتريقدر جو جيڪي ڏنو وين تنهن سان جڏهن (چڱي طرح) خوش ٿيا (ته) کين اوچتو پڪڙيوسون پوءِ اُهي اُنهيءَ مهل نا اُميد ٿيا.

6|45| پوءِ ظالم قوم جي پاڙ پٽي ويئي، ۽ سڀ ساراه الله جهانن جي پالڻهار کي جڳائي.

6|46| (اي پيغمبر کين) چؤ ته ڏسو ته جيڪڏهن الله اوهان جا ڪن ۽ اوهان جون اکيون کسي وٺي ۽ اوهان جي دلين تي مُهر هڻي ته انهيءَ الله کانسواءِ ڪير ٻيو خُدا اوهان کي اُهو ڏيندو؟ ڏس ته ڪهڙا دليل بيان ڪريون ٿا وري به اُهي پاسو ڪندا آهن.

6|47| (اي پيغمبر کين) چؤ ته اوهين خبر ڏيو ته جيڪڏهن الله جو عذاب اوچتو يا پڌرو اوهان کي پُهچي ته ظالم قوم کانسواءِ (ٻيو ڪو) هلاڪ ٿيندو ڇا؟

6|48| پيغمبرن کي خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ئي ڪري موڪليوسون، پوءِ جن مڃيو ۽ پاڻ سڌاريو تن کي ڪو ڀؤ نه آهي ۽ نڪي اُهي غمگين رهندا.

6|49| ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڄاتو تن کي انهيءَ سببان جو بدڪاري ڪندا هئا عذاب پهچندو.

6|50| (اي پيغمبر کين) چؤ ته (آءٌ) اوهان کي نه ٿو چوان ته مون وٽ الله جا خزانا آهن ۽ نڪي (آءٌ) ڳُجهه ڄاڻندو آهيان ۽ نڪي اوهان کي چوان ٿو ته آءٌ مَلَڪ آهيان، جيڪي مون ڏانهن وحي ڪيو ويندو آهي تنهن کان سواءِ (ٻئي جي) تابعداري نه ڪندو آهيان، چؤ ته انڌو ۽ سڄو هڪ جهڙا آهن ڇا؟ پوءِ اوهين ڇونه فڪر ڪندا آهيو.

6|51| ۽ (اي پيغمبر) جيڪي (ماڻهو) پنهنجي پالڻهار وٽ گڏ ٿيڻ کان ڊڄندا آهن تن کي هن قرآن سان ڊيڄار الله کان سواءِ انهن جو نڪو سنڀاليندڙ ۽ نڪو سفارش ڪندڙ آهي مانَ اُهي پرهيزگاري ڪن.

6|52| ۽ جيڪي پنهنجي پالڻهار کي صُبح ۽ سانجهيءَ جو سندس رضامندي گھرندڙ ٿي سڏيندا آهن تن کي نه تڙ، توتي سندن ڪجهه به حساب نه آهي ۽ نڪي مٿن تنهنجو ڪُجهه به حساب آهي جو انهن کي تڙيندين (جي کين تڙيندين) ته نامناسب ڪم ڪندڙن مان ٿيندين.

6|53| ۽ اهڙي طرح منجهانئن ڪن کي ڪن سان پرکيوسون ته چون ته هيءَ ٽولي اُها آهي ڇا جن تي اسان منجهان الله احسان ڪيو آهي، الله شڪر ڪندڙن کي نه ڄاڻندو آهي ڇا؟

6|54| ۽ جيڪي اسان جي آيتن کي مڃيندا آهن سي جڏهن تو وٽ اچن ته (انهن کي) چؤ ته اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ اوهان جي پالڻهار پاڻ تي ٻاجهه لازم ڪئي آهي ته اوهان مان جيڪو بي علمي سان ڪا بڇڙائي ڪندو وري اُن کانپوءِ توبه ڪيائين ۽ سُڌريو ته اُهو (الله) بخشڻهار مهربان آهي.

6|55| ۽ اهڙي طرح آيتون بيان ڪندا آهيون (ته عمل ڪريو) ۽ (هن لاءِ) ته گنهگارن جو رستو (ماڻهن کي) پڌرو ٿئي.

6|56| (اي پيغمبر کين) چؤ ته الله کانسواءِ جن کي سڏيو ٿا تن جي عبادت ڪرڻ کان مون کي منع ڪئي وئي آهي، ۽ چؤ ته آءٌ اوهانجي سَڌن جي تابعداري نه ڪندس (نه ته) بيشڪ اُهي مهل گمراه ٿيندس ۽ آءٌ هدايت وارن مان نه هوندس.

6|57| چؤ ته آءٌ پنهنجي پالڻهار جي پڌري حُجّت تي آهيان ۽ اوهان ان کي ڪوڙ ڄاتو آهي، جنهن شيءِ جي ابهر ڪندا آهيو سا مون وٽ نه آهي، (اهڙو) حڪم الله کانسواءِ ٻئي ڪنهن جي اختيار ۾ نه آهي، اُهو سچ کي بيان ڪندو آهي ۽ اُهو (سڀني) فيصلي ڪندڙن کان ڀلو آهي.

6|58| چؤ ته جنهن جي ابهر ڪندا آهيو سا جيڪڏهن مون وٽ هجي ها ته منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ فيصلو ٿي وڃي ها، ۽ الله ظالمن کي چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي.

6|59| ۽ وٽس ڳُجهه جون ڪنجيون آهن ان (ڳجهه جي ڪنجين) کي الله کانسواءِ (ٻيو ڪوبه) ڪونه ڄاڻندو آهي، ۽ جيڪي ٻَڙن ۽ دريائن ۾ آهي سو (به اُهو) ڄاڻندو آهي، ۽ ڪوئي پن نه ڪرندو آهي پر اُن کي اُهو ڄاڻندو آهي ۽ نڪي ڪو داڻو زمين جي اونداهين ۾ ۽ نڪي ڪا آلي ۽ نڪي ڪا سڪي شيءِ پڌري ڪتاب ۾ (لکيل هجڻ) کانسواءِ آهي.

6|60| ۽ اُهو (الله) آهي جيڪو اوهان کي رات جو (جھٽڪ) ماري ٿو ۽ جيڪي اوهين ڏينهن جو ڪمايو ٿا سو (به) ڄاڻندو آهي وري اوهان کي ان مان هن لاءِ (جاڳائي) اٿاريندو آهي ته ٺهرايل مُدّت پوري ڪرائي وڃي، وري اوهان (سڀني) جو ڏانهس موٽڻ آهي وري جيڪي اوهين ڪندا آهيو تنهنجي اوهان کي سُڌ ڏيندو.

6|61| ۽ اُهو پنهنجن ٻانهن تي غالب آهي ۽ اوهان تي پنهنجا نگھبان موڪليندو آهي، ته جڏهن اوهان منجهان ڪنهن هڪ کي موت اچي تڏهن اسان جا قاصد (ملائڪ) ان کي ماريندا آهن ۽ اُهي ڪوتاهي نه ڪندا آهن.

6|62| وري (سڀ مئل) سندن سچي ڌڻي الله ڏانهن موٽايا ويندا، خبردار ان جو حُڪم (غالب) آهي، ۽ اُهو جلد حساب وٺندڙ آهي.

6|63| (اي پيغمبر) چؤ ته اوهان کي ٻَڙن ۽ دريائن جي اونداهين کان ڪير ڇڏائيندو آهي (جڏهن) کيس زاريءَ سان ۽ ڳجهو سڏيندا آهيو؟ (۽ چوندا آهيو) ته جيڪڏهن اسان کي هن (ڏُک) کان الله ڇڏايو ته شڪر ڪندڙن مان ضرور ٿينداسون.

6|64| (اي پيغمبر کين) چؤ ته الله اوهان کي ان کان ۽ سڀڪنهن ڏک کان ڇڏائيندو آهي وري به اوهين (ان سان) شرڪ ڪندا آهيو.

6|65| (اي پيغمبر کين) چؤ ته اُهو (الله) اوهان تي اوهان جي مٿان يا اوهان جي پيرن جي هيٺان عذاب موڪلڻ لاءِ وس وارو آهي يا اوهان کي ٽولي ٽولي ڪري وِڇڙائي ۽ اوهان مان ڪن کي ڪن جي لڙائي (جو مزو) چکائي، ڏس ته اسين ڪهڙي طرح (طرحين طرحين) دليل بيان ڪريون ٿا ته مانَ اُهي سمجهن.

6|66| ۽ تنهنجي قوم اُن (قرآن) کي ڪوڙ ڄاتو ۽ (حقيقت ڪري) اُهو بلڪل سچ آهي، (اي پيغمبر کين) چؤ ته آءٌ اوهان جو ذمي وار نه آهيان.

6|67| (۽) هر هڪ شيءِ لاءِ هڪ وقت مقرّر آهي ۽ سگھو ڄاڻندؤ.

6|68| ۽ جيڪي اسان جي آيتن بابت اجايو بحث ڪندا آهن تن کي جڏهن ڏسين ته کانئن مُنهن موڙ جيستائين اُن ڌاران ٻيءَ ڪنهن ڳالهه ۾ بحث ڪن، ۽ جيڪڏهن شيطان توکي وسارائي ته ياد اچڻ کانپوءِ ظالم ٽوليءَ سان نه ويهه.

6|69| ۽ جيڪي پرهيزگاري ڪندا آهن تن تي اُنهن (ظالمن) جي حساب جي ڪجهه به (چڪ تاڻ) نه آهي پر (انهن تي) نصيحت ڪرڻ لازم آهي مانَ اُهي ڊڄن.

6|70 ۽ (اي پيغمبر) جن پنھنجي دين کي راند ۽ تماشو بڻايو آهي ۽ کين دُنيا جي حياتيءَ ٺڳيو آهي تن کي ڇڏي ڏي ۽
قرآن سان نصيحت ڪر متان (قيامت جي ڏينهن) ڪوئي پنھنجي ڪئي جي سببان (هلاڪت ۾) ڦاسي، الله کانسواءِ ان
جو نڪو مددگار ۽ نڪو سفارش ڪندڙ آهي، ۽ جيڪڏهن سڀڪا شيءِ عوض ڏيندو ته کانئس نه ورتو ويندو، اِهي اُهي آهن
جو جيڪي ڪيائون تنهن سببان (هلاڪت ۾) ڦاسي ويا، اُنهن لاءِ ٽهڪندڙ پاڻي مان پيئڻ ۽ ڏکوئيندڙ عذاب انهيءَ ڪري
آهي جو ڪُفر ڪندا هوا.
6|71 (اي پيغمبر کين) چؤ ته الله کانسواءِ اهڙي کي سڏيون ڇا جيڪو اسان کي نڪي سُک ڏيندو آهي ۽ نڪي ڏُک
ڏيندو آهي ۽ اُنهيءَ کان پوءِ جو الله اسان کي هدايت ڪئي انهيءَ وانگر پنھنجين ڪڙين (پرپوءِ) تي موٽايا وڃون ڇا
جنهن کي شيطانن جهنگ ۾ ڀلائي ڇڏيو هجي اهو حيران پيو ڦري، سندس ڪيئي دوست هُجن جي ان کي سڌي رستي
ڏانهن پيا سڏين ته اسان ڏانهن اچ (۽ اهو اچي ئي نه، اي پيغمبر کين) چؤ ته الله جي ڏسيل واٽ اهائي سڌي واٽ
آهي، ۽ اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي ته جهانن جي پالڻهار جي فرمانبرداري ڪريون.
6|72 ۽ (هيءُ به حڪم ڏنو ويو آهي) ته نماز پڙهو ۽ کانئس ڊڄو، ۽ اُهو (الله) آهي جنهن ڏانهن اُٿاريا ويندؤ.
6|73 ۽ اُهو ئي آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي رِٿ سان بڻايو آهي، ۽ جنهن ڏينهن (قيامت لاءِ) چوندو ته ٿيءُ ته ٿي
پوندي. سندس ڳالھ سچي آهي، ۽ جنهن ڏينهن صور ۾ ڦوڪيو ويندو (تنهن ڏينهن) رڳو اُن جي بادشاهي آهي، ڳجھ ۽ ظاهر
جو ڄاڻندڙ آهي، ۽ اُهو حِڪمت وارو خبردار آهي.
6|74 ۽ (ياد ڪر) جڏهن ابراهيم پنھنجي پيءُ آزر کي چيو ته بُتن کي خدا ڪري ڇوٿا وٺو؟ بيشڪ آءٌ توکي ۽ تنهنجي
قوم کي پڌري گمراهيءَ ۾ ڏسان ٿو.
6|75 ۽ اهڙي طرح ابراهيم کي آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي ڏيکاري سون ٿي (هِن لاءِ) ته (اُهو) يقين ڪندڙن مان
ٿيئي.
6|76 پوءِ جنهن مهل رات مٿس اونداهي ڪئي (ته آسمان ۾) هڪ تارو ڏٺائين، چيائين هي منهنجو پالڻهار آهي، پوءِ
جنهن مهل لٿو (ته) چيائين ته لهندڙن کي پيارو نه ٿو رکان.
6|77 پوءِ جنهن مهل چنڊ کي چمڪندڙ ڏٺائين ته چيائين هي منهنجو پالڻهار آهي، پوءِ جنهن مهل لٿو (ته) چيائين ته
جيڪڏهن منهنجو پالڻهار مون کي هدايت نه ڪندو ته آءٌ ضرور گمراه قوم مان ٿيندس.
6|78 پوءِ جنهن مهل سج کي چمڪندڙ ڏٺائين (ته) چيائين هي منهنجو پالڻهار آهي (جو) هي وڏو آهي، پوءِ جنهن
مهل لٿو (ته) چيائين اي منهنجي قوم جن کي اوهين خُدا سان شريڪ بڻائيندا آهيو تن کان آءٌ بيزار آهيان.
6|79 مون (سڀني کان) هڪ طرفو ٿي پنھنجي مهاڙ کي انهيءَ الله ڏانهن سامهون ڪيو آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي
بڻايو آهي ۽ آءٌ مشرڪن مان نه آهيان.
6|80 ۽ سندس قوم ساڻس تڪرار ڪيو، چيائين ته اوهين الله بابت مون سان هن حالت ۾ ڇوٿا تڪرار ڪيو جو بيشڪ
مونکي سڌي رستي لاتو اٿس جنهن کي ساڻس شريڪ ڪريو ٿا تنهن کان ڪين ڊڄندس پر منهنجي پالڻهار جو ڪجھ
(ڪرڻ) گهريو (سو ٿيٺو آهي)، سڀڪا شيءِ منهنجي پالڻهار جي عِلم ۾ سمائي آهي، پوءِ اوهين ڇونه نصيحت مڃيندا
آهيو.
6|81 ۽ جنهن کي الله سان شريڪ ڪريو ٿا تنهن کان ڪئن ڊڄان ۽ (اوهين) هن کان نه ٿا ڊڄو اوهين الله ساڻ
اهو شريڪ ڪندا آهيو جنهن جي اوهان وٽ ڪا حُجّت لاٿل نه آهي، جيڪڏهن اوهين ڄاڻندا آهيو (ته ٻڌايو ته) ٻنهي
ٽولين مان ڪهڙي امن جي وڌيڪ حقدار آهي؟
6|82 جن ايمان آندو ۽ پنھنجي ايمان کي ڪفر سان نه وچڙايو اُنهن لاءِ امن آهي ۽ اُهي هدايت وارا آهن.
6|83 ۽ هي اسان جو دليل آهي جو ابراهيم کي سندس قوم تي (مقابلي لاءِ) ڏنوسون، جنهن کي گهرندا آهيون تنهنکي
درجن ۾ مٿاهون ڪندا آهيون، ڇوته تنهنجو پالڻهار حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي.
6|84 ۽ ابراهيم کي اسحاق ۽ يعقوب عطا ڪيوسون، سڀني کي هدايت ڪئي سون، ۽ اُن کان اڳ نُوح کي هدايت ڪئي
سون ۽ سندس اولاد مان داؤد کي ۽ سليمان ۽ اَيوب ۽ يوسف ۽ موسىٰ ۽ هارون کي (هدايت ڪئي سون)، ۽ اهڙي طرح
اسين ڀلارن کي بدلو ڏيندا آهيون.
6|85 ۽ ذڪريّا ۽ يَحيىٰ ۽ عيسىٰ ۽ الياس کي به، جو هر هڪ ڀلارن مان هو.
6|86 ۽ اسماعيل ۽ يَسَعَ ۽ يُونس ۽ لُوط کي به، ۽ سڀني کي جڳ (جي رهندڙن) کان ڀلائي ڏني سون.
6|87 ۽ سندن پين ڏاڏن ۽ سندن اولاد ۽ سندن ڀائرن مان به، ۽ کين چونڊيوسون ۽ کين سڌي واٽ ڏانهن هدايت ڪئي
سون.
6|88 اها الله جي هدايت آهي پنھنجن ٻانهن مان جنهن لاءِ گهري تنهن کي ان رستي لائي، ۽ جيڪڏهن (اهي ماڻهو)
شرڪ ڪن ها ته جيڪي ڪمايائون سو کانئن ضرور ناس ٿئي ها.
6|89 اِهي اُهي آهن جن کي ڪتاب ۽ حِڪمت ۽ پيغمبري ڏني سون، پوءِ جيڪڏهن هي ماڻهو (قرآن جي انهن) ڳالهين
کي نه مڃين ته بيشڪ اسان هڪ قوم کي مقرّر ڪيو آهي جي (قرآن جي انهن) ڳالهين جا انڪار ڪندڙ نه ٿيندا.
6|90 اِهي اُهي آهن جن کي الله هدايت ڪئي آهي پوءِ تون به سندن طريقي جي پيروي ڪر، چؤ ته اوهان کان اُن
(پيغام پُهچائڻ) تي ڪو اجورو نٿو گهُران، اِهو قرآن خاص جهانن لاءِ نصيحت آهي.
6|91 ۽ اُنهن (يهودين) الله جو سندس شان مطابق قدر نه ڪيو هن ڪري جو چيائون ته الله ڪنهن ماڻهوءَ تي ڪُجھ
نه لاٿو آهي، (اي پيغمبر کين) چؤ ته اُهو ڪتاب ڪنهن لاٿو جيڪو موسىٰ آندو هو؟ جو ماڻهن لاءِ نُور ۽ هدايت هو
جنهن کي اوهين جزون جزون ڪريو ٿا اُن جي ڪنهن پاڱي کي پڌرو ڪندا آهيو ۽ گهڻو لڪائيندا آهيو، ۽ جيڪي
(ڳالهيون) نڪي اوهين ۽ نڪي اوهان جا پيءُ ڏاڏا ڄاڻندا هئا سي اوهان کي سيکاريون ويون، چؤ ته الله (ڪتاب لاٿو
آهي) وري انهن کي سندن اجائي بحث ۾ راند ڪندو ڇڏي ڏي.
6|92 ۽ هي ڪتاب آهي جو ان کي برڪت وارو جيڪي اُن کان اڳ آهن تن کي سچو ڪندڙ لاٿوسون هن لاءِ ته
(تون) مڪّي وارن ۽ سندس آس پاس وارن کي ڊيڄارين، ۽ جيڪي آخرت کي مڃيندا آهن سي اُن (قرآن) کي مڃيندا
آهن ۽ اُهي پنھنجي نمازن جي سنڀال ڪندا آهن.
6|93 ۽ اُن کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جيڪو الله تي ڪوڙو ناهه ناهي يا چوي ته مون ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي ۽
ڏانهنس ڪُجھ به وحي نه ڪيو ويو هجي يا چوي ته جئن الله (ڪتاب) نازل ڪيو آهي تئن آءٌ (به) ڪتاب نازل
ڪندس، ۽ (اي پيغمبر) جيڪڏهن ڏسين (ته جيڪر عجب لڳيئي) جڏهن ظالم موت جي سڪراتين ۾ هوندا ۽ ملائڪ
پنهنجن هٿن کي ڊگهو ڪندا، (۽ چوندا ته) پنهنجن ساهن کي ٻاهر ڪڍو، اڄ اوهان کي خواري واري عذاب جي سزا
انهيءَ سببان ڏني ويندي جو اوهين الله تي ناحق چوندا هيؤ ۽ سندس آيتن کان وڏائي ڪندا هيؤ.
6|94 ۽ بيشڪ اسان وٽ (ائين) هڪ هڪ ٿي آيؤ جئن اوهان کي پهرين پيري پيدا ڪيو هوسون ۽ جيڪي اوهان کي
عطا ڪيو هوسون سو اوهان پنهنجين پٺين پوءِ تان ڇڏي ڏنو، ۽ اوهان جا سفارش ڪندڙ اوهان سان نه ٿا ڏسون جن کي

حد کان لنگھندڙ ٿيءِ (۽ ڪائي) ته بيشڪ تنھنجو پالڻھار بخشڻھار مھربان آھي.
6|146| يَھُودين تي سڀئي نَھن وارا جانور حرام ڪيا ھواسون، ۽ (ڍڳن) ڳئن ۽ ٻڪرين مان انھن جي پٺيءَ واري لڳل وَھ
يا آنڊي واري يا ھڏن سان ڳنڍيل وھ ڪانسواءِ (ٻي سڀ وھ) مٿن حرام ڪئي ھئي سون، اِھا سندن بي فرمانيءَ سببان کين
سزا ڏني سون، ۽ اسين ته ضرور سچ چوڻ وارا آھيون.
6|147| پوءِ (اي پيغمبر) جيڪڏھن توکي ڪوڙو ڀانئين ته چؤ ته اوھان جو پالڻھار گھڻي رحمت وارو آھي، ۽ ڏوھارڻ قوم
کان سندس عذاب نه ٽاربو.
6|148| مشرڪ سگھو چوندا ته جي الله گھري ھا ته نڪي اسين شرڪ ڪريون ھا ۽ نڪي اسان جا اَبا ڏاڏا (شرڪ
ڪن ھا) ۽ نڪي اسين ڪا شيءِ حرام ڪريون ھا، اھڙي طرح کانئن جيڪي اڳ ھوا تن به ڪوڙ ڀانيو ايتري قدر جو
اسان جي سزا (جو مزو) چکيائون، (اي پيغمبر کين) چؤ ته اوھان وٽ ڪو دليل آھي ته اُھو اسان لاءِ ڪڍي آڻين،
(اوھين) رڳو گمان تي ھلندا آھيو ۽ اوھين رڳو اٽڪل ھڻندا آھيو.
6|149| چؤ ته الله جي حُجّت مُحڪم آھي، جيڪڏھن گھري ھا ته ضرور اوھان مڙني کي سڌو رستو (اي پيغمبر کين)
ڏيکاري ھا.
6|150| چؤ ته پنھنجن شاھدن کي سڏيو جيڪي شاھدي ڏين ته (تون) انھن سان شاھدي نه ڏي، ۽ (اي پيغمبر کين)
جن اسان جي آيتن کي ڪُوڙ ڄاتو ۽ جيڪي آخرت کي نه مڃيندا آھن تن جي چوڻ تي نه ھل ۽ اُھي پنھنجي پالڻھار
سان ٻين کي برابر ڪن ٿا.
6|151| چؤ ته اوھان جي پالڻھار اوھان تي جيڪي حرام ڪيو آھي سو اچو ته آءٌ پڙھي ٻُڌايان (اُھو (اي پيغمبر کين)
ھيءَ آھي ته) اوھين ڪنھن شيءِ کي ساڻس شريڪ نه ڪريو ۽ ماءُ پيءُ سان چڱائي ڪريو، ۽ اوھين پنھنجي اولاد کي
سڃائي سببان نه ڪُھو، اسين اوھانکي (به) ۽ خاص انھن کي (به) روزي ڏيندا آھيون، ۽ بي حيائي جي ڪمن مان
جيڪي پڌرو ھجي ۽ جيڪي ڳجھو ھجي تنھن (سڀ) کي (اوھين) ويجھا نه وڃو، ۽ نڪي (اھڙي) ماڻھوءَ کي ماريو
جنھنجو مارڻ حق (شرعي قانون) ڪانسواءِ الله حرام ڪيو ھجي، اِھو (حُڪم) آھي جيڪو الله اوھان کي ڏنو آھي ته
اوھين سمجھو.
6|152| ۽ جيڪا (وات) بلڪل چڱي ھجي تنھن ڪانسواءِ ٻيءَ طرح سان يتيم جي مال کي ويجھا نه وڃو جيسين اُھو
پنھنجي جوانيءَ کي پھچي، ۽ ماپ ۽ تور انصاف سان پوري ڏيو وٺو، اسين ڪنھن ماڻھوءَ کي سندس وس کان (وڌيڪ)
تڪليف نه ٿا ڏيون، ۽ جڏھن اوھين (پاڻ ۾) ڳالھايو تڏھن انصاف سان ھلو جيتوڻيڪ مائٽي وارو ھجي، ۽ الله جو انجام
پاڙيو، اھو (حُڪم) اوھان کي ڏنو اِٿس ته مانَ اوھين نصيحت وٺو.
6|153| ۽ ھيءَ ته اِھا مُنھنجي سِڌي وات آھي تنھنڪري اُن تي ھلو، ۽ ٻين واٽن تي نه ھلو جو اُھي واٽون اوھان کي
سندس وات کان جدا ڪنديون، اھو اوھان کي حُڪم فرمايو اٿس ته مانَ اوھين پرھيزگاري ڪريو.
6|154| وري مُوسىٰ کي ڪتاب اُنھيءَ ماڻھو تي پنھنجي نعمت جي پوري ڪرڻ لاءِ جو ڀلارو ھجي ۽ سڀڪنھن شيءِ
جي ڇٽائيءَ لاءِ ۽ ھدايت ۽ ٻاجھ لاءِ ڏنوسون ته مانَ اُھي پنھنجي پالڻھار جي ديدار کي مڃين.
6|155| ھيءُ برڪت وارو ڪتاب (يعني قرآن) لاٿوسون تنھنڪري ان جي تابعداري ڪريو ۽ ڊڄو ته اوھان تي ٻاجھ
ڪئي وڃي.
6|156| متان چوڻ لڳو ته اسان کان اڳ وارين ٻن ٽولين ڪانسواءِ ٻئي (ڪنھن) تي (ھن لاءِ لاٿوسون ته اي ڪافرؤ)
ڪتاب نه لاٿو ويو آھي، ۽ اسين سندس پڙھي پڙھائي کان بيخبر ھئاسون.
6|157| يا چوڻ لڳو ته جيڪڏھن اسان تي ڪو ڪتاب نازل ٿئي ھا ته (اسين) ضرور اُنھن کان وڌيڪ ھدايت وارا ٿيون
ھا، پوءِ بيشڪ اوھان جي پالڻھار کان (روشن) دليل ۽ ھدايت ۽ ٻاجھ اوھان وٽ آئي آھي، پوءِ اُن کان وڌيڪ ظالم
ڪير آھي جو الله جي آيتن کي ڪُوڙ چوي ۽ کانئن مُنھن موڙي؟ جيڪي اسان جي آيتن کان مُنھن موڙيندا تن کي
انھيءَ سببان بُڇڙي عذاب جي سزا ڏينداسون جو مُنھن موڙيندا ھوا.
6|158| ھن ڪانسواءِ انتظار نه ڪندا آھن ته وٽن ملائڪ اچن يا تنھنجو پالڻھار اچي يا تنھنجي پالڻھار جون ڪي
نشانيون اچن، جنھن ڏينھن تنھنجي پالڻھار جون ڪي نشانيون اينديون (تنھن ڏينھن) اھڙي ڪنھن ماڻھو کي سندس ايمان
آڻڻ فائدو نه ڏيندو جنھن اڳ ايمان نه آندو ھوندو يا پنھنجي ايمان ۾ چڱائي نه ڪئي ھوندي، (اي پيغمبر کين) چؤ ته
انتظار ڪريو اسين به انتظار ڪندڙ آھيون.
6|159| جن پنھنجي دين کي ڌاروڌار ڪري ڇڏيو ۽ ٽوليون ٽوليون ٿي ويا تن سان تُنھنجو ڪو واسطو نه آھي، سندن
ڪم الله جي ئي حوالي آھي وري جيڪي ڪندا آھن تنھن جي کين سُڌ ڏيندو.
6|160| جيڪو ڪا چڱائي (الله جي حضور ۾) آڻيندو تنھن لاءِ اُن جھڙيون ڏھوڻيون آھن، ۽ جيڪو بڇڙائي آڻيندو تنھن
کي اُن جھڙي ڪانسواءِ (ٻي) سزا نه ڏبي ۽ اُنھن تي ظلم نه ڪبو.
6|161| چؤ ته منھنجي پالڻھار مون کي سڌي وات ڏانھن ھدايت ڪئي آھي، جو مُحڪم دين ابراھيم (اي پيغمبر کين)
حنيف (خُدا ڏانھن ھڪ طرفي) جو طريقو آھي، ۽ (ابراھيم) مُشرڪن مان نه ھو.
6|162| چؤ ته مُنھنجي نماز ۽ منھنجون مڙئي عبادتون ۽ منھنجو جيئڻ ۽ منھنجو مرڻ (سڀ) (اي پيغمبر کين ھيءَ به)
جھانن جي پالڻھار الله لاءِ آھي.
6|163| ڪيس ڪو شريڪ نه آھي، ۽ مون کي ان لاءِ حُڪم ٿيل آھي ۽ آءٌ پھريون مسلمان آھيان.
6|164| چؤ الله ڪانسواءِ ٻيو پالڻھار چو گھران؟ ۽ اُھو ھر شيءِ جو پالڻھار آھي، ۽ سڀڪو ماڻھو جيڪي ڪندو سو (بار)
رڳو مٿس ھوندو، ۽ ڪو کڻندڙ ٻئي جو بار نه کڻندو، وري اوھان کي پنھنجي پالڻھار ڏانھن موٽڻ جو ھنڌ آھي پوءِ جنھن
ڳالھ بابت اوھين تڪرار ڪندا آھيو تنھنجي اوھان کي سُڌ ڏيندو.
6|165| ۽ اُھو (الله) آھي جنھن اوھان کي زمين جو بادشاه ڪيو آھي ۽ اوھان مان ڪن جا درجا ڪن کان ھن لاءِ
بلند ڪيائين ته جيڪي اوھان کي ڏنو اٿس تنھن ۾ اوھان کي پرکي، چوته تنھنجو پالڻھار جلد سزا ڏيندڙ (به) آھي، ۽
بيشڪ اُھو بخشڻھار مھربان (به) آھي.
7|1| الٓمّٓصٓ.
7|2| ڪتاب توڏانھن لاٿو ويو ته ساڻس (ماڻھن) کي ديڇارين تنھنڪري ان بابت تنھنجي سيني ۾ ڪا (اي پيغمبر ھيءَ)
اوڪائي ٿيڻ نه گھرجي ۽ مؤمنن لاءِ نصيحت آھي.
7|3| جيڪي اوھان ڏانھن اوھان جي پالڻھار کان لاٿو ويو تنھن جي پيروي ڪريو ۽ اُن (الله) ڪانسواءِ ٻين دوستن جي
پيروي نه ڪريو، اوھان (تمام) ٿوري نصيحت وٺندا آھيو.
7|4| ۽ گھڻا ئي ڳوٺ ھئا جي ويران ڪياسون پوءِ (يا) راتوواه (سمھڻ مھل) اُنھن کي اسان جو عذاب پُھتو يا اُھي
منجھند جو ننڊ ڪرڻ وارا ھوا.
7|5| پوءِ جڏھن کين اسان جو عذاب پھتو (تڏھن) سندن پڪار ھن چوڻ ڪانسواءِ نه ھئي ته اسين پاڻ تي ظلم ڪندا

کان اُنهن کي جهليندو آهي ۽ سٺيون شيون اُنهن لاءِ حلال ڪندو آهي ۽ پليت شيون مٿن حرام ڪندو آهي ۽ سندن ڳرو بار ۽ جيڪي تڪليفون مٿن هيون سي ڪٽنئن لاهيندو آهي. پوءِ جن اُن تي ايمان آندو ۽ سندس تعظيم ڪئي ۽ ڪيس مدد ڏنائون ۽ اُنهيءَ نُور (ڪلام الله) جي تابعداري ڪيائون جيڪو ساڻس لاٿو ويو سي ئي ڇٽل آهن.
7|158|چؤ ته اي انسانؤ آءٌ اوهان مڙني ڏانهن اُن الله جو پيغمبر (ٿي آيو) آهيان جنهن جي آسمانن ۽ زمين ۾ بادشاهي آهي، اُن الله کانسواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جو لائق نه آهي اُهو جيارڻيندو آهي ۽ ماريندو آهي، تنهنڪري الله ۽ سندس انهي اُمّي نبيءَ تي ايمان آڻيو جيڪو الله ۽ سندس حڪمن کي مڃيندو آهي ۽ اُن جي تابعداري ڪريو ته مانَ اوهين سڌي واٽ لهو.
7|159|۽ مُوسىٰ جي قوم مان هڪڙي اهڙي ٽولي آهي جو (ماڻهن کي) سڌو رستو ڏيکاريندي آهي ۽ اُهي ان سان انصاف تي هلندا آهن.
7|160|۽ بني اسرائيلن مان ٻارهن پاڙا ٽوليون ڪري جدا ڪياسون، جڏهن موسىٰ کان سندس قوم پاڻي گهريو تڏهن ڏانهس وحي موڪليوسون ته پنهنجي لٺ پهڻ کي هڻ، پوءِ (هنيائين ته) اُن مان ٻارهن واهيون وهيون، بيشڪ سڀڪنهن ماڻهوءَ پنهنجي پاڻي پيئڻ جي جاءِ ڄاتي ٿي، ۽ اسان مٿن ڪڪرجي ڇانو ڪئي ۽ مٿن من ۽ سلوىٰ لاٿاسون، (۽ چيوسون ته) جيڪا اوهان جي سٺي روزي ٻڌائي اٿون تنهن مان کائو، ۽ اسان جو ڪُجھ نه وڃائون پر پاڻ کي نقصان ٿي لاٿائون.
7|161|۽ جڏهن انهن کي چيو ٿي ويو ته هن ڳوٺ ۾ وڃي ٽڪو ۽ منجهانئس جتان وڻيو تتان کائو ۽ چؤ ته بخش (ڪر) ۽ دروازي کان سجدو ڪندڙ ٿي لنگهو ته اوهان کي اوهان جون خطائون بخشيون، ڀلارن کي وڌيڪ (چڱائي) ڏينداسون.
7|162|پوءِ انهن (بني اسرائيلن) مان جيڪي ظالم هئا تن کي جيڪا ڳالهه چئي وئي سا انهن مٽائي ٻي ڳالهه چئي پوءِ مٿن آسمان کان انهيءَ سببان سزا موڪلي سون جو ظلم ٿي ڪيائون.
7|163|۽ (اي پيغمبر) کائن اُن ڳوٺ (جي حال) بابت پڇا ڪر جيڪو درياءَ جي ڪناري تي هو، جڏهن (اُهي منع هوندي) ڇنڇر (جي حُڪم) ۾ حُڪم عدولي ڪرڻ لڳا جڏهن انهن جون مڇيون سندن ڇنڇر ڏينهن (پاڻي جي مٿان) سندن سامهون پڌريون ٿي اينديون هيون ۽ جنهن ڏينهن ڇنڇر نه ڪندا هئا تنهن ڏينهن (ٻاهر نه) اينديون هيون، اهڙي طرح اُنهن کي انهي سببان پرکيوسون جو نافرماني ٿي ڪيائون.
7|164|۽ جڏهن منجهائن هڪ ٽوليءَ (نصيحت ڪندڙن کي) چيو ته اهڙي قوم کي اوهين ڇو نصيحت ڪندا آهيو جن کي الله هلاڪ ڪندڙ آهي يا کين سخت عذاب ڪندڙ آهي؟ (تڏهن) چيائون ته (اسان جي نصيحت) اوهانجي پالڻهار وٽ عذر آهي ۽ مانَ اُهي ڊڄن.
7|165|پوءِ جيڪا (نصيحت) ڏني وئي هُين سا جنهن مهل وساريائون اُنهي مهل اُنهن ماڻهن کي بچايوسون جيڪي مدائي کان جهليندا هُين ۽ ظالمن کي سخت عذاب سان انهيءَ ڪري پڪڙيوسون جو هو بدڪار هوا.
7|166|پوءِ جنهن کان جهليو ويو هُين تنهن کان جڏهن حد کان لنگهي ويا ته چيوسون ته خوار ٿيل پولڙا ٿيو.
7|167|۽ (ياد ڪر) جڏهن تنهنجي پالڻهار (يهودين کي) سُڌ ڏني ته (اُهو) مٿن قيامت تائين (اهڙو حاڪم) ضرور مقرر ڪندو جيڪو انهن کي بڇڙي سزا چکائيندو رهندو، ڇوته تنهنجو پالڻهار سَگهو سزا ڏيندڙ آهي، ۽ اُهو بخشڻهار مهربان (به) آهي.
7|168|۽ اُنهن (بني اسرائيلن) کي ملڪ ۾ ٽوليون ٽوليون ڪري ڇڙو ڇڙ ڪري ڇڏيوسون، منجهائن ڪي سُڌريل ۽ ڪي اَڻ سڌريل آهن، ۽ اُنهن کي سکن ۽ ڏکن سان پرکيوسون ته مانَ اُهي موٽن.
7|169|وري کائن پوءِ اهڙا بُڇڙا اُنهن جي جاڳهن تي ويٺا جو ڪتاب (توريت) جا (ڇڙا) وارث ٿيا هن دنيا جو سامان اختيار ڪندا آهن ۽ چوندا آهن ته بخشبا سون، ۽ جيڪڏهن وٽن ڪو اهڙو سامان ايندو آهي ته (اُهي پشيمان نه ٿيندا آهن ۽) اُهو وٺندا رهندا آهن، کائن ڪتاب (توريت) ۾ هي انجام نه ورتو ويو هو ڇا ته سچ کانسواءِ الله تي ڪي به ڪين چون؟ ۽ جيڪي منجهس آهي سو پڙهيو به اٿن، ۽ آخرت جو ملڪ اُنهن لاءِ ڀلو آهي جيڪي پرهيزگار آهن، پوءِ ڇونه سمجهندا آهيو؟
7|170|۽ جيڪي ڪتاب کي مُحڪم وٺن ٿا ۽ نماز پڙهن ٿا، (اهڙن) نيڪن جو اجر اسين نه وڃائيندا آهيون.
7|171|۽ (ياد ڪر) جڏهن انهن جي مٿان جبل کي ٽنگيوسون ڄڻ ته اُهو ڇٽي هو ۽ پانيائون ته اُهو مٿن ڪرندو، (کين چيوسون ته) جيڪي اسان اوهان کي ڏنو آهي سو مُحڪم ڪري وٺو ۽ جيڪي منجهس آهي سو ياد ڪندا رهو ته مانَ اوهين (عذاب کان) بچو.
7|172|۽ (اي پيغمبر ياد ڪر) جڏهن تنهنجي پالڻهار آدم جي اولاد مان (يعني) پٺين مان سندن اولاد کي پيدا ڪيو ۽ سندن وجود کي مٿن شاهد ڪيائين، (۽ پڇيائين) ته (آءٌ) اوهانجو پالڻهار نه آهيان ڇا؟ چيائون ته هائو (آهين)، گواه ٿيا آهيون، (اها گواهي هن لاءِ ورتي هئي) ته متان قيامت جي ڏينهن چئو ته اسين هن (ڳالهه) کان بي خبر هئاسون.
7|173|يا متان چئو ته اڳئي شرڪ اسان جي ابن ڏاڏن ڪيو هو ۽ اسين کائن پوءِ اولاد هئاسون، تنهنڪري جيڪي بيهودن ڪيو تنهن سببان اسان کي ڇو ٿو هلاڪ ڪرين؟
7|174|۽ اهڙي طرح اسين آيتون کليل طرح بيان ڪندا آهيون ته مانَ اُهي موٽن.
7|175|۽ (اي پيغمبر) تون اُن (ماڻهو) جو قصو کين پڙهي ٻڌاءِ جنهن کي پنهنجين آيتن جو علم ڏنوهوسون (اُهو) اُن (آيتن جي علم) مان نڪتو پوءِ شيطان سندس پُٺيان لڳو پوءِ (اُهو) گمراهن مان ٿيو.
7|176|۽ جيڪڏهن گهرون ها ته کيس انهن (آيتن) سان ضرور مٿاهون ڪريون ها پر هُن (هيٺ) زمين ڏانهن لاڙو ڪيو ۽ پنهنجن سڌن پٺيان لڳو، پوءِ سندس مثال ڪُتي جي مثال وانگر ٿيو، (جو) جيڪڏهن (تون) مٿس (ڪا شيءِ) اولارين ته سهڪي يا جي ڇڏي ڏئين ته (به) سهڪي، اهو انهي قوم جو مثال آهي جن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڄاتو، پوءِ (اي پيغمبر انهن کي) اِها نصيحت پڙهي ٻڌاءِ ته مانَ اُهي سوچ ڪن.
7|177|جن ماڻهن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڄاتو تن جو حال بڇڙو آهي ۽ اُنهن پاڻ تي ئي ظلم ڪيو.
7|178|جنهن کي الله هدايت ڪئي سو هدايت وارو آهي، ۽ جنهن کي ڀلايائين سي ئي ڇيڙي وارا آهن.
7|179|۽ بيشڪ دوزخ لاءِ جنن ۽ ماڻهن مان گهڻا پيدا ڪيا اٿون، انهن جا اهڙيون دليون آهن جو انهن سان (الله جو حُڪم) نه سمجهندا آهن، ۽ اُنهن جون اهڙيون اکيون آهن جو اُنهن سان (حقانيت) ڏسي نه سگهندا آهن، ۽ اُنهن جا اهڙا ڪن آهن جو انهن سان (حق کي) ٻڌي نه سگهندا آهن، اهي ڍورن وانگر آهن بلڪ اُنهن کان وڌيڪ گمراه آهن، اُهي ئي غافل آهن.
7|180|۽ الله جا چڱا نالا آهن انهن نالن سان کيس سڏيو، ۽ جيڪي سندس نالن ۾ ڏنگائي هلندا آهن تن کي ڇڏي ڏيو، (۽) جيڪي ڪندا آهن تنهنجي سگهو سزا ڏبين.
7|181|۽ جيڪي اسان پيدا ڪيا آهن تن مان هڪ ٽولي آهي جا سچي (دين) جو رستو ڏيکاريندي آهي ۽ اُن (دين)

8|9| جڏهن جو پنهنجي پالڻهار کي فرياد ٿي ڪيوَ ته (اُها) اوهانجي (فرياد) قبول ڪيائين (فرمايائين) ته آءٌ لڳولڳ هڪ ٻئي پٺيان ايندڙن هڪ هزار ملائڪن سان اوهان جي مدد ڪندڙ آهيان.

8|10| الله ان (مدد) کي رڳو خوشخبري ڪيو هو ۽ ته اُن سان اوهان جون دليون تسلّي واريون ٿين، ۽ الله (جي پار کان) سواءِ (ٻئي هنڌان) مدد ملڻي نه آهي، ڇوته الله غالب حڪمت وارو آهي.

8|11|(ياد ڪر) جڏهن مهل پنهنجي طرف کان امن ڏيڻ لاءِ اوهان کي اوجهراڪي ڍڪايائين ۽ اوهان تي آسمان مان پاڻي هِن لاءِ وسايائين ته اُن سان اوهان کي پاڪ ڪري ۽ اوهان کان شيطان جي پليتي نئي ۽ اوهان جي دلين کي مُحڪم رکي ۽ ان سان (اوهان جي) قدمن کي مُحڪم ڪري.

8|12|(ياد ڪر) جڏهن تنهنجي پالڻهار ملائڪن ڏانهن وحي ڪيو ته آءٌ اوهان سان آهيان تنهنڪري مؤمنن کي همٿايو، ڪافرن کي دل ۾ سگهو دهشت وجهندس پوءِ (اي مؤمنؤ) گردنين تي ڌڪ هڻون ۽ اُنهن جي آڱرين جا سنڌ پڇو.

8|13| اِهو (حُڪم) هن سببان آهي جو انهن الله ۽ سندس پيغمبر جي مخالفت ڪئي، ۽ جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر جي مُخالفت ڪندو ته بيشڪ الله سخت سزا ڏيندڙ آهي.

8|14| اها (سزا اٿو) پوءِ ان کي چکو ۽ پڪ ڄاڻو ته ڪافرن لاءِ باه جو عذاب آهي.

8|15| اي مؤمنؤ جڏهن (ويڙهه ۾) ڪافرن جي مُچي سان آمهون سامهون ٿيو تڏهن اُنهن کي پٺي ڏئي نه ڀڄو.

8|16| ۽ اُنهيءَ ڏينهن لڙائيءَ جي ڪيڏاريءَ يا (پنهنجي لشڪر جي) ڪنهن ٽوليءَ ڏانهن پر وٺندڙ کانسواءِ جيڪو انهن کي پٺي ڏئي ڦرندو سو بيشڪ الله جي ڏمر هيٺ آيو ۽ سندس جاءِ دوزخ آهي، ۽ اُها بڇڙي جاءِ آهي.

8|17| پوءِ ڪين اوهان نه ڪُٺو پر الله کين ڪُٺو آهي، ۽ (اي پيغمبر) جڏهن تو (ڌوڙ جي مُٺ) اُڇلي ته (اُها) تو نه اُڇلي پر الله اڇلي، ۽ (هن لاءِ) ته پاڻ وٽان مؤمنن کي (نعمت ڏيڻ سان) چڱي طرح آزمائي، بيشڪ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.

8|18| اِهو (حال) آهي ۽ الله ڪافرن جي مڪر کي سُست ڪندڙ آهي.

8|19|(اي ڪافرؤ) جڏهن (بدر جي لڙائيءَ جي سنبرڻ مهل ڪُفر ۽ اسلام جي سچائي پرکڻ لاءِ) سوپ گهريوَ ته بيشڪ اوهان جي اڳ (اسلام جي) سوپ آئي، ۽ جيڪڏهن اوهين (اسلام جي سچائي سمجهي ڪفر کان) بس ڪندؤ ته اهو اوهان لاءِ چڱو آهي ۽ جيڪڏهن ٻيهر (ويڙهه لاءِ) ايندؤ ته وري (اسلام کي فتح) ڏينداسون، ۽ اوهانجو لشڪر جيتوڻيڪ گهڻو هوندو ته به اوهان کان ڪُجهه ٽاري نه سگهندو ۽ بيشڪ الله مؤمنن سان (ساڻ آهي).

8|20| اي ايمان وارؤ الله ۽ سندس پيغمبر جي فرمانبرداري ڪريو ۽ اُن کان منهن نه موڙيو حالانڪ اوهين (قرآن) ٻُڌو ٿا.

8|21| ۽ انهن (ڪافرن ۽ منافقن) جهڙا نه ٿيو جن چيو ته ٻُڌوسون ۽ اُهي نه ٿا ٻڌن.

8|22| الله وٽ (سڀني) جاندارن مان تمام بڇڙا ٻوڙا ۽ گونگا آهن جي (ڪُجهه به) نه سمجهندا آهن.

8|23| ۽ جيڪڏهن الله منجهس ڪا چڱائي ڄاڻي ها ته ضرور کين ٻُڌائي ها، ۽ جيڪڏهن کين ٻُڌائي ها ته اُهي مُنهن موڙيندڙ ٿي ڦرن ها.

8|24| اي مسلمانؤ الله ۽ پيغمبر جو حُڪم قبول ڪريو جڏهن (پيغمبر) اوهان کي هن لاءِ سڏي ٿو ته اوهانکي جيئرو ڪري، ۽ ڄاڻو ته الله آدمي جي ۽ سندس دل جي وچ ۾ اوٽ هوندو آهي ۽ ڏانهس گڏ ڪبؤ.

8|25| ۽ اُنهيءَ فتني کان ڊڄو جو اوهان مان جن ظلم ڪيو تن کي خلاصو نه پهچندو (بلڪ عام هوندو)، ۽ ڄاڻو ته الله سخت سزا ڏيندڙ آهي.

8|26| ۽ (اي مهاجرؤ سندس احسانن کي) ياد ڪريو جڏهن زمين (مُلڪ) ۾ اوهين ٿورڙا (۽) هيٺا هيؤ ڊنؤ ٿي ته متان ماڻهو اوهان کي تڪڙو ڪٺي وٺن، پوءِ اوهان کي جاءِ ڏنائين ۽ اوهان کي پنهنجي مدد سان سگهه ڏنائين ۽ اوهان کي سٺين شين مان روزي ڏنائين ته مانَ اوهين شڪرانو ڪريو.

8|27| اي مؤمنؤ الله ۽ پيغمبر جي خيانت نه ڪريو ۽ اوهين ڄاڻي واڻي پاڻ ۾ (هڪٻئي جي) امانت جي خيانت (به) نه ڪريو.

8|28| ۽ ڄاڻو ته اوهان جا مال ۽ اوهان جو اولاد رڳو پَرک آهن ۽ الله ئي وٽ وڏو اَجر آهي.

8|29| اي ايمان وارؤ جيڪڏهن الله کان ڊڄندا رهندؤ ته اوهان لاءِ (اوهان جي دلين ۾ حق ۽ باطل کي) نکيڙيندڙ (نُور) پيدا ڪندو ۽ اوهانجا گناه اوهان کان ٽاريندو ۽ اوهان کي بخشيندو، ۽ الله وڏي فضل وارو آهي.

8|30| ۽ (اي پيغمبر ياد ڪر) جڏهن مهل تولاءِ ڪافرن رٿ ٿي ڪئي ته توکي بند ڪن يا توکي شهيد ڪن يا توکي ڪڍي ڇڏين، ۽ (بڇڙي) رٿ ڪيائون ٿي ۽ الله (به) رٿ ڪئي ٿي، ۽ الله چڱو رٿ ڪندڙن مان آهي.

8|31| ۽ جڏهن اسان جون آيتون کين پڙهي ٻڌائجن ٿيون (ته) چوندا آهن ته ٻڌوسون جيڪڏهن گهُرون ته اُنهي جهڙو (اسين به) چئون ته هيءُ ته رڳو اڳين جون آڪاڻيون آهن.

8|32| ۽ (ياد ڪريو) جڏهن (ڪافرن) چيو ته اي الله جيڪڏهن هي (قرآن) تو وٽان حق آهي ته اسان تي آسمان کان پهڻ وساءِ يا ڪو ڏکوئيندڙ عذاب اسان تي آڻ.

8|33| ۽ الله کي نه جڳائيندو آهي جو منجهن تنهنجي هوندي کين عذاب ڪري، ۽ الله کي (هي به) نه جڳائيندو آهي جو کين هن هوندي عذاب ڪري جو اُهي بخشش گهرندا هجن.

8|34| ۽ کين ڇا (ٿيو) آهي جو الله کين (پيغمبر جي هجرت کانپوءِ) عذاب نه ڪري هن هوندي جو اُهي تعظيم واريءَ مسجد کان (ماڻهن کي) جهلن ٿا ۽ اُن جا مُتولّي نه آهن، پرهيزگارن کانسواءِ ٻيو ڪو اُن جو متولّي نه آهي پر انهن مان گهڻا نه ڄاڻندا آهن.

8|35| ۽ سندين نماز الله جي گهر وٽ سيٽين ۽ تاڙين هڻڻ کانسواءِ (ڪُجهه) نه آهي، پوءِ انهيءَ سببان جو ڪفر ڪندا آهيو عذاب چکو.

8|36|(۽) ڪافر پنهنجا مال هن لاءِ خرچين ٿا ته (ماڻهن کي) الله جي واٽ کان جهلين، پوءِ اهو سگهو انهن (مالن) کي خرچ ڪندا وري (اهو خرچڻ) مٿن ارمان ٿيندو وري مغلوب ڪيا ويندا، ۽ ڪافر دوزخ ڏانهن گڏ ڪيا ويندا.

8|37| ته الله پليت کي پاڪ کان ڌار ڪري ۽ پليت کي هڪ ٻئي تي رکي پوءِ هيڪاندو ڍير ڪري پوءِ اُن کي دوزخ ۾ وجهي، اِهي ئي ڇيئي وارا آهن.

8|38|(اي پيغمبر) ڪافرن کي چؤ ته جيڪڏهن اوهين مُڙندؤ ته جو ڪُجهه گذريو سو کين بخشبو، ۽ جيڪڏهن ٻيهر ويڙهه ڪندا ته بيشڪ اڳين جي (اها) عادت ٿي گذري آهي.

8|39| ۽ (اي مؤمنؤ) اُنهن سان (ايستائين) لڙائي ڪريو جيسين (ڪفر جو) غلبو نه رهي ۽ سموري حڪومت رڳو الله جي ٿئي (يعني قانونِ الاهي جو عمل هلي)، پوءِ جيڪڏهن مڙي وڃن ته جيڪي ڪندا آهن سو الله ڏسندڙ آهي.

8|40| ۽ جيڪڏهن مُنهن موڙيائون (۽ باز نه آيا) ته ڄاڻو ته الله اوهان جو سنڀاليندڙ آهي، (۽ اُهو) چڱو سنڀاليندڙ ۽ چڱو مددگار آهي.

8|41| ۽ (هيءَ ڳالهه) ڄاڻو ته جيڪو مال (ڪافرن تي فتح لهڻ کانپوءِ) اوهان جي هٿ ۾ آيو تنهنجو پنجون حصّو الله ۽

9|22|منجهس سدائين رهڻ وارا آهن، چوته الله ئي وٽ وڏو اجر آهي.

9|23|اي مؤمنؤ پنهنجن پئرن ۽ پنهنجن پائرن کي دوست نه وٺو جيڪڏهن (اُهي) ڪفر کي ايمان کان پيارو رکن (ته)، ۽ جيڪي اوهان مان انهن سان دوستي ڪندا سي ئي ظالم آهن.

9|24|(اي پيغمبر) چؤ ته جيڪڏهن اوهان جا پيئر ۽ اوهان جا پائر ۽ اوهان جو اولاد ۽ اوهان جون زالون ۽ اوهان جا مائٽ ۽ اُهي مال جي اوهان ڪمايا آهن ۽ واپار جنهن جي بند ٿيڻ کان ڊڄو ٿا ۽ جايون جن کي پسند ڪريو ٿا سي اوهان کي الله ۽ سندس پيغمبر ۽ سندس واٽ ۾ جهاد ڪرڻ کان وڌيڪ پيارا آهن ته (ايسين) ترسو جيسين الله پنهنجو عذاب آڻي، ۽ الله بي دين قوم کي (سڌو) رستو نه ڏيکاريندو آهي.

9|25|بيشڪ الله اوهان کي گهڻن هنڌن ۾ سوپ ڏني ۽ (پڻ جنگ) حُنين جي ڏينهن جو جڏهن اوهان جي گهڻائي اوهانکي عجب ۾ وڌو ۽ اوهان کان اوهان جي گهڻائي ڪجھ به ٽاري نه سگهي ۽ زمين پنهنجي ويڪرائي هوندي (به) اوهان تي سوڙهي ٿي ويئي پوءِ اوهين پُٺيرا ٿي ڦريؤ.

9|26|موٽي الله پنهنجي پار کان آرام پنهنجي پيغمبر تي ۽ مؤمنن تي لاٿو ۽ (ملائڪن جو) لشڪر لاٿائين جن کي نه ٿي ڏٺوَ ۽ ڪافرن کي سزا ڏنائين، ۽ اِها ڪافرن جي سزا آهي.

9|27|موٽي اُن کانپوءِ الله جنهن لاءِ وڻيس تنهن تي ٻاجھ سان موٽندو، ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

9|28|اي مؤمنؤ مشرڪ رڳو پليت آهن تنهنڪري هن وره پڄاڻا تعظيم واريءَ مسجد جي ويجهو نه وڃن، ۽ جيڪڏهن (اوهين) سڃائيءَ کان ڊڄندا آهيو ته جيڪڏهن الله گهريو ته پنهنجي فضل سان اوهانکي سگهوئي آسودو ڪندو، چوته الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي.

9|29|جن کي ڪتاب ڏنو ويو تن مان جيڪي نڪي الله کي ۽ نڪي قيامت جي ڏينهن کي مڃيندا آهن ۽ نڪي الله ۽ سندس پيغمبر جي حرام ڪيل شيء کي حرام ڪري ڄاڻندا آهن ۽ نڪي سچو دين قبول ڪندا آهن تن سان ايستائين وڙهو جيسين (اُهي) رعيتي پنهنجي هٿان جزيو ڏين.

9|30|۽ يَهُودين چيو ته عُزير الله جو پُٽ آهي ۽ نصارن چيو ته عيسىٰ الله جو پُٽ آهي، اِهو سندن واتن سان آهي، اڳين ڪافرن جي چوڻ جهڙي رِيس ڪندا آهن، الله مٿن لعنت ڪري، ڪيڏي جو ڪيڏي ڦُلايا ويندا آهن.

9|31|(۽) پنهنجن عالمن ۽ پنهنجن فقيرن ۽ عيسىٰ پُٽ مريم جي کي الله کانسواءِ پالڻهار ڪري ورتائون، ۽ هڪ الله جي عبادت ڪرڻ کانسواءِ کين ٻيو حڪم نه ڪيو ويو آهي، اُن کانسواءِ ڪو عبادت جو لائق نه آهي، جيڪي ساڻس شريڪ ڪندا آهن تنهن کان هو پاڪ آهي.

9|32|(۽) پنهنجن واتن سان الله جي نُور کي وسائڻ گهرندا آهن ۽ الله پنهنجي نُور کي پوري ڪرڻ کانسواءِ نه رهندو جيتوڻيڪ ڪافر ارها ٿين.

9|33|اُهو (الله) اهي جنهن پنهنجي پيغمبر کي هدايت ۽ سچي دين سان هن لاءِ موڪليو ته ان کي سڀني دينن تي غالب ڪري جيتوڻيڪ مشرڪ رنج ٿين.

9|34|اي ايمان وارؤ ڪتاب وارن عالمن ۽ فقيرن مان گهڻا ماڻهن جو مال نَڳيءَ سان کائيندا آهن ۽ الله جي واٽ کان (ماڻهن کي) جهليندا آهن، ۽ جيڪي سون ۽ رپي جو خزانو گڏ ڪندا آهن ۽ اُهو الله جي واٽ ۾ نه خرچيندا آهن تن کي ڏکوئيندڙ عذاب جي خبر ڏي.

9|35|جنهن ڏينهن (سندن مال) دوزخ جي باهه ۾ تپائبو (جڏهن تپندو ته) پوءِ اُن سان سندن پيشانيون ۽ سندن پاسريون ۽ سندن پٺيون ڏنڀيون، (چئبن ته) هيءُ اُهو (خزانو) آهي جيڪو پاڻ لاءِ گڏ ڪيو هيوَ (ان جو) مزو چکو.

9|36|بيشڪ مهينن جو ڳاڻيٽو يقيناً ڪتاب الاهي ۾ الله وٽ ٻارهن مهينا آهن جنهن ڏينهن کان آسمانن ۽ زمين کي بڻايائين منجهانئس چار (مهينا) تعظيم وارا آهن، اِهو پڪو دين آهي، تنهنڪري اوهين پاڻ کي منجهن نقصان نه لايو، ۽ سڀني مشرڪن سان وڙهو جهڙي طرح اوهان سان سڀيئي وڙهن ٿا، ۽ ڄاڻو ته الله پرهيزگارن سان گڏ آهي.

9|37|تعظيم وارن مهينن جو اڳِي پوءِ ڪرڻ رڳو ڪفر ۾ واڌارو آهي اُن سان ڪافر ڦُلايا ويندا آهن اُن (مهيني) کي هڪ سال حلال ڳڻين ٿا ۽ ٻئي سال اُن کي حرام پائين ٿا هن لاءِ ته الله جي حرام ڪيلن مهينن جي ڳاڻيٽي جي پورائي ڪن پوءِ جن کي الله حرام ڪيو آهي تن کي حلال ٿا ڪن، اُنهن لاءِ سندن بڇڙا ڪرتوت سينگاريا ويا، ۽ الله ڪافر ٽوليءَ کي هدايت نه ڪندو آهي.

9|38|اي ايمان وارؤ اوهان کي ڇا (ٿيو) آهي جو جڏهن اوهان کي چئبو آهي ته الله جي واٽ ۾ (جهاد لاءِ) نڪرو ته زمين ڏانهن ڳرا ٿي ڪرندا آهيو، آخرت جي بدران دنيا جي حياتي سان راضي ٿيا آهيو، دنيا جي حياتي جو سامان آخرت (جي مقابلي) ۾ ٿورڙي کانسواءِ نه آهي.

9|39|جيڪڏهن نه نڪرندؤ ته اوهان کي ڏکوئيندڙ عذاب جي سزا ڏيندو، ۽ اوهان کانسواءِ ٻي قوم مٽائي آڻيندو ۽ اوهين کيس ڪُجھ ضرر نه رسائيندؤ، ۽ الله سڀڪنهن شيء تي وس وارو آهي.

9|40|جيڪڏهن پيغمبر کي مدد نه ڏيندؤ ته بيشڪ کيس الله مدد ڏني آهي جنهن مهل ڪافرن (مڪي مان) کيس ڪڍي ڇڏيو ٻن مان هڪڙو پاڻ هو جڏهن اُهي غار ۾ هوا تڏهن پنهنجي سنگتيءَ کي چيائين ته اُلڪو نه ڪر تحقيق الله اسان سان (گڏ) آهي، پوءِ الله مٿس پنهنجو آرام لاٿو ۽ کيس اهڙي لشڪر سان مدد ڪيائين جو اُن کي اوهان نه ڏٺو ۽ ڪافرن جي ڳالهه کي هيٺ ڪيائين، الله جي ڳالهه (هميشه) مٿاهين آهي، ۽ الله غالب حڪمت وارو آهي.

9|41|(هر حال جنگ جي) ٿوري سامان ۽ گهڻي سامان سوڌا (جهاد لاءِ) نڪرو ۽ پنهنجين مالن ۽ پنهنجين جِندن سان الله جي واٽ ۾ جهاد ڪريو، اهو اوهان لاءِ ڀلو آهي جيڪڏهن ڄاڻندا آهيو.

9|42|جيڪڏهن سامان سولو ۽ سفر هلڪو هجي ها ته ضرور تنهنجي پٺيان لڳن ها پر مٿن پنڌ پري ٿيو، ۽ الله جو قسم سگهوئي ڪٽندا (چوندا ته) جيڪڏهن اسين توفيق ساريون ها ته اوهان سان گڏ نڪرون ها، پاڻ کي (منافقيءَ سببان) هلاڪ ڪن ٿا، ۽ الله ڄاڻي ٿو ته اُهي ڪوڙا آهن.

9|43|الله توکي معاف ڪيو، کين تو ڇالاءِ موڪل ڏني جيسين توکي سچا پڌرا ٿين ها ۽ (تون) ڪوڙن کي ڄاڻين ها.

9|44|جن الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيو آهي سي پنهنجن مالن ۽ پنهنجين جِندن سان جهاد ڪرڻ ۾ توکان موڪل نٿا گهرن، ۽ الله پرهيزگارن کي ڄاڻندڙ آهي.

9|45|انهن کان سواءِ ٻيو ڪو توکان موڪل نه گهرندو جيڪي الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي نه مڃيندا آهن ۽ سندن دلين ۾ شڪ پيل آهن پوءِ اُهي پنهنجي شڪ ۾ حيران آهن.

9|46|۽ جيڪڏهن ٻاهر نڪرڻ گهرن ها ته ان لاءِ تياريءَ جو سامان تيار ڪن ها پر الله سندن (جهاد تي) وڃڻ پسند نه ڪيو تنهنڪري کين توفيق نه ڏنائين ۽ چيو ويو ته وهندڙن سان گڏجي وهو.

9|47|جيڪڏهن اوهان ۾ (گڏجي) نڪرن ها ته اوهان ۾ شرارت کانسواءِ ٻيو ڪُجھ نه وڌائين ها ۽ ضرور اوهانجو ٻگيڙو گهرندڙ ٿي اوهان جي وچ ۾ فساد وجهڻ لاءِ ڊوڙن ها، ۽ اوهان ۾ اُنهن جا (ڪي) جاسوس آهن، ۽ الله ظالمن کي ڄاڻندڙ آهي.

ڊيڄار ۽ جن ايمان آندو تن کي خوشخبري ڏي ته انهن لاءِ سندن پالڻهار وٽ وڏومرتبو آهي، ڪافرن چيو ته هي پڌرو
جادوگر آهي.
10|3| بيشڪ اوهان جو پالڻهار اُهو الله آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ بڻايو (۽) وري عرش ڏانهن توجّه
ڪيائين اهوئي ڪمن کي رِٿيندو آهي، ڪوئي سفارش ڪندڙ نه آهي پر سندس اجازت کانپوءِ، اهوئي اوهان جو پالڻهار الله
آهي تنهنڪري سندس عبادت ڪريو، پوءِ ڇونه نصيحت وٺندا آهيو؟
10|4| اوهان مڙني جو ڏانهس موٽڻ آهي، الله جو انجام سچو آهي، اهوئي پهريون (به) بڻائيندو آهي وري (به) ڪين هن
لاءِ موٽائي بڻائيندو ته جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي انصاف سان بدلو ڏئي، ۽ جن نه مڃيو تن لاءِ ٽهڪندڙ
پاڻي ۽ ڏکوئيندڙ عذاب انهيءَ ڪري آهي جو ڪُفر ڪيو هئائون.
10|5| اُهو (الله) آهي جنهن سج کي چمڪندڙ ۽ چنڊ کي روشن ڪيو ۽ اُن (چنڊ) جون منزلون هن لاءِ مَقرّر ڪيون ته
اوهين ورهن جو ڳاڻيٽو ۽ حساب ڄاڻو، الله اِهو سچ ڪانسواءِ نه بڻايو آهي، ڄاڻندڙ قوم لاءِ کولي نشانيون بيان ڪندو آهي.
10|6| بيشڪ رات ۽ ڏينهن جي ڦيرگهير (۾) ۽ الله جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ بڻايو تنهن ۾ پرهيزگار قوم لاءِ ضرور
نشانيون آهن.
10|7| بيشڪ جيڪي اسان جي ملڻ جو آسرو نه ٿا رکن ۽ دنيا جي حياتيءَ سان رِيجهي ويا ۽ اُنهيءَ سان آرامي ٿي
رهيا ۽ اُهي جيڪي اسان جي آيتن کان بيخبر رهيا.
10|8| اهي جيڪي ڪمائيندا رهيا تنهن سببان انهن جو مڪان باهه آهي.
10|9| جن مڃيو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي سندن پالڻهار سندن ايمان سببان (اهڙن بهشتن ڏانهن) سڌو رستو (۽)
ڏيکاريندو، جن جي هيٺان نعمتن وارن باغن ۾ واهيون وهنديون آهن.
10|10| منجهن سندين دُعا (هيءَ) آهي ته اي الله توکي پاڪائي جڳائي ۽ منجهن سندن آدرڀاءُ سلام آهي، سندين پوئين
دُعا هيءَ آهي ته سڀ ساراهه جهانن جي پالڻهار الله کي جُڳائي.
10|11| ۽ جيڪڏهن الله ماڻهن لاءِ مدائي جلد موڪلي ها جهڙو اُهي پنهنجي چڱائي جلد گهرندا آهن ته سندين (ٺهرايل)
مدت انهن لاءِ پوري ڪئي وڃي ها، پوءِ جيڪي اسان جي ملڻ جي اميد نه رکندا آهن تن کي سندن گمراهيءَ ۾ حيران
ڇڏيندا آهيون.
10|12| ۽ جنهن مهل ماڻهوءَ کي ڪو ڏُک پهچندو آهي (ته) پنهنجي پاسي ڀر ويٺي يا بيٺي اسان کي سڏيندو آهي، پوءِ
جنهن مهل کانئس سندس ڏک لاهيندا آهيون (ته اُن وقت اهڙي ويساري ۾ پئجي) هليو ويندو آهي (جو) ڄڻڪ ڪيس جا
اوکائي پُهتي هئي تنهن (جي لاهڻ) لاءِ اسان کي سڏيو ئي نه هوائين، اهڙي طرح حد کان لنگهندڙ جيڪي ڪندا آهن سو
اُنهن لاءِ سينگاريو ويو آهي.
10|13| ۽ بيشڪ اوهان کان اڳ (گهڻن) جُڳن وارن جڏهن ظلم ڪيو ته (ڪين) هلاڪ ڪيو اٿون ۽ وٽن سندن پيغمبر
چٽن معجزن سان آيا ۽ اهڙا نه هوا جو ايمان آڻين، اهڙي طرح ڏوهارڻ قوم کي سزا ڏيندا آهيون.
10|14| وري ڪائن پوءِ مُلڪ ۾ اوهان کي سندين جاڳهن تي وهاريوسون ته اوهين ڪهڙي طرح ڪم ڪريو ٿا.
10|15| ۽ جڏهن اسان جون چٽيون آيتون کين پڙهي ٻڌائبيون آهن (ته) جيڪي اسان جي ملڻ جي اُميد نه رکندا آهن
سي چوندا آهن ته هن کانسواءِ ٻيو قرآن آڻ يا کيس مٽاءِ، چؤ ته پنهنجي طرفان ان جي مٽائڻ جو مون کي اختيار
ڪونهي، جيڪي مونکي وحي ڪيو ويندو آهي تنهن کانسواءِ (ٻئي ڪنهن جي) تابعداري نه ڪندو آهيان، بيشڪ آءٌ
جيڪڏهن پنهنجي پالڻهار جي نافرماني ڪريان ته وڏي ڏينهن جي عذاب کان ڊڄان ٿو.
10|16| چؤ ته جيڪڏهن الله گهري ها ته آءٌ اُن (قرآن) کي اوهان تي نه پڙهان ها ۽ نڪي (الله ) اُن سان اوهان کي
ڄاڻي ها، بيشڪ آءٌ اوهان ۾ هن کان اڳ (سڄي) ڄمار رهيس (ته نه پڙهيم)، پوءِ ڇونه ٿا سمجهو؟
10|17| پوءِ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جو الله تي ڪُوڙو ٺاهه ٺاهي يا سندس آيتن کي ڪوڙ ڄاڻي، سچ آهي ته
ڏوهاري نه ڇُٽندا.
10|18| ۽ الله کانسواءِ جن کي پوڄيندا آهن سي نڪي کين ڏک پهچائيندا آهن ۽ نڪي کين سُک پهچائيندا آهن ۽ چوندا
آهن ته هي الله وٽ اسان جا شفاعت ڪندڙ آهن چؤ ته اوهين الله کي اهڙيءَ شيءَ بابت ڄاڻائيندا آهيو ڇا جيڪا شيءِ
(هو) نڪي آسمانن ۾ ۽ نڪي زمين ۾ ڄاڻندو آهي، اُهو پاڪ آهي ۽ جنهن شيءِ کي ساڻس شريڪ ڪندا آهيو تنهن کان
اُهو مٿاهون آهي.
10|19| ۽ (اصل) ماڻهو هڪ ٽوليءَ کانسواءِ نه هوا پوءِ اختلاف ڪيائون، ۽ جيڪڏهن تنهنجي پالڻهار جو حُڪم اڳ ٿيل
نه هجي ها ته جنهن (ڳالهه) بابت اختلاف ڪن ٿا تنهنجو سندن وچ ۾ فيصلو پورو ڪيو وڃي ها.
10|20| ۽ چوندا آهن ته سندن پالڻهار کان مٿس ڪو مُعجزو ڇونه لاٿو ويو آهي؟ چؤ ته ڳُجهه (جي خبر) الله کانسواءِ ٻئي
ڪنهن کي نه آهي پوءِ انتظار ڪريو، آءٌ به اوهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيان.
10|21| ۽ جڏهن ماڻهن کي اوکائي پهچڻ کانپوءِ (پنهنجي) ٻاجهه (سان سُک جو مزو) چکائيندا آهيون (ته) اُتي جو اُتي
اُنهن کي اسانجي آيتن ۾ بدگمانيون ٿينديون آهن، چؤ ته الله رِٿ رٿڻ ۾ ڏاڍو تکڙو آهي، بيشڪ جيڪي اوهين بچڙيون
رٿون ڪندا آهيو سي اسانجا ملائڪ لکندا آهن.
10|22| اُهو (الله) آهي جو اوهان کي بر ۽ دريائن ۾ گهمائيندو آهي، ايتري تائين جو جڏهن ٻيڙين ۾ هوندا آهيو، ۽ (اُهي)
پاڻيٺين سميت سٺائن وائن سان هلنديون آهن ۽ اُنهن سان سرها ٿيندا آهن ته اوچتو کين اٿائو واءُ پهچندو آهي ۽ کين
چوڌاري لهر ايندي آهي ۽ ڀائيندا آهن ته بيشڪ (اُها) کين ويڙهي ويئي (ته) الله جي عبادت ۾ سچائيءَ وارا ٿي کيس
سڏيندا آهن، (۽ چوندا آهن) ته جيڪڏهن هن (اوکائي) کان اسان کي بچائين ته ضرور شڪراني ڪندڙن مان ٿينداسون.
10|23| پوءِ جنهن مهل کين ڇڏايائين (ته ) اُتي جو اُتي مُلڪ ۾ ناحق شرارت ڪندا آهن، اي ماڻهؤ اوهان جو شرارتون
اوهان تي ئي آهن (هيءُ) دُنيا جي حياتي جو فائدو (لڌو) وري اوهان جو موٽڻ اسان ڏانهن آهي پوءِ جيڪي ڪندا آهيو
تنهن جي اوهان کي سُڌ ڏينداسون.
10|24| دُنيا جي حياتي جو مثال رڳو انهي پاڻي وانگر آهي جنهن کي آسمان کان وسايوسون پوءِ ساڻس زمين جا (اُهي)
اوڀڙ رليا مليا جن مان ماڻهو ۽ ڍور کائيندا آهن، ايتري تائين جو جنهن مهل زمين پنهنجي ساوڪ ورتي ۽ سينگاري ۽
سندس رهڻ وارن ڀانيو ته پاڻ مٿس وسوارا آهن (تنهن مهل) اوچتو اُن کي رات جو يا ڏينهن جو اسانجو حڪم پهتو پوءِ
اُن کي لُڻيل (ناس) ڪري ڇڏيوسون ڄڻڪ ڪالهه ئي نه هُئي، اهڙي طرح سمجهندڙ قوم لاءِ کولي نشانيون بيان ڪندا
آهيون.
10|25| ۽ الله سلامتيءَ جي گهر ڏانهن سڏيندو آهي، ۽ جنهن کي وڻيس تنهن کي سڌي واٽ ڏانهن هدايت ڪندو آهي.
10|26| جن چڱائي ڪئي تن لاءِ (اَهڙي) چڱائي ۽ ٻلڪ وڌيڪ آهي، ۽ سندن منهن کي نڪي ڪارنهن ۽ نڪي خواري
ويڙهيندي، اهي بهشتي آهن، اُهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن.
10|27| ۽ جن بچڙائي ڪمائي تن لاءِ اُن جهڙي بچڙائي ۽ کين خواري ڍڪيندي، اُنهن کي الله (جي عذاب) کان ڪو

بچائيندڙ نه آهي، ڇڻڪ سندن مُنهن کي اونداهي رات مان ذرو ڍڪايو ويو آهي، اهي دوزخي آهن، منجهس سدائين رهڻ وارا
آهن.
۽ جنهن ڏينهن انهن مڙني کي گڏ ڪنداسون وري مشرڪن کي چونداسون ته اوهين ۽ اوهان جا (الله سان 10|28|
ٺهرايل) شريڪ پنهنجي هنڌ بيهو، پوءِ سندن وچ ۾ جدائي وجهنداسون ۽ سندن شريڪ چوندا ته (اوهين) اسان کي نه
پوڇيندا هيؤ.
پوءِ اسان جي ۽ اوهان جي وچ ۾ الله شاهد بس آهي ته اسين اوهان جي پوڄا کان ضرور بي خبر هواسون. 10|29|
اُن هنڌ سڀ ڪنهن ماڻهو جيڪي اڳي موڪليو هوندو سو (اُهو) لهندو ۽ پنهنجي سچي ڌڻي الله ڏانهن موٽايا 10|30|
ويندا ۽ جيڪو ٺاهه ٺاهيائون ٿي سو کائن پلجي ويندو.
چؤ ته اوهان کي آسمان ۽ زمين مان ڪير روزي ڏيندو آهي؟ ڪنن ۽ اکين جو ڀيو ڪير مالڪ آهي ڇا؟ ۽ ڪير 10|31|
جيئري کي مئي مان ڪيندو آهي؟ ۽ ڪير مئي کي جيئري مان ڪيندو آهي؟ ۽ ڪير ڪمن کي رٿيندو آهي، پوءِ سِتت
ئي چوندا ته الله، پوءِ چؤ ته چونه ڊڄندا آهيو؟
پوءِ اُهو ئي اوهان جو سچو پالڻهار الله آهي، پوءِ سچ کانپوءِ گمراهيءَ کانسواءِ (ٻيو) ڇا آهي، پوءِ ڪيڏي جو 10|32|
ڪيڏي ڦيرايا وڃو ٿا؟
اهڙي طرح تنهنجي پالڻهار جو حُڪم انهن بدڪارن تي لازم ٿيو آهي جو اُهي ايمان نه آڻيندا. 10|33|
چؤ ته اوهان جي معبودن مان ڪو آهي ڇا جو خلق کي نئي سر بڻائي وري ڪين (ماري) موٽائي جياري؟ چؤ 10|34|
ته الله نئي سر خلق کي بڻائي ٿو وري ڪيس موٽائي جياريندو پوءِ اوهين ڪيڏي جو ڪيڏي ڦيرايا ويندا آهيو.
چؤ ته اوهان جي معبودن مان ڪو آهي جو حق ڏانهن سِڌو رستو ڏيکاريندو آهي، چؤ ته الله سِڌو رستو ڏيکاريندو 10|35|
آهي، پوءِ جيڪو حق ڏانهن سِڌو رستو ڏيکاري سو تابعداري ڪرڻ جو وڌيڪ حقدار آهي يا اُهو جيڪو (پاڻ) رستي ڏيکارڻ
کانسواءِ رستو نه لهندو هُجي؟ پوءِ اوهان کي ڇا ٿيو، ڪهڙو نبيرو ڪريو ٿا؟
۽ اُنهن مان گهڻا رڳو گُمان تي هلندا آهن، بيشڪ گُمان سچ جي پورائي ڪجهه به نه ڪندو آهي، تحقيق جيڪي 10|36|
ڪندا آهن سو الله ڄاڻندڙ آهي.
۽ هي قُرآن الله کان سواءِ پاڻون ٺهيل نه آهي پر ڪانئس اڳ جيڪي ڪتاب آهن تن جو سچو ڪندڙ آهي ۽ 10|37|
حُڪمن کي کولي بيان ڪندڙ آهي منجهس ڪو شڪ نه آهي جهانن جي پالڻهار کان آهي.
يا چوندا آهن ته (محمد ﷺ) اُهو پاڻون ٺاهيو آهي، چؤ ته جيڪڏهن سچا آهيو ته جهڙيس ڪا سورة آڻيو ۽ الله 10|38|
کان سواءِ جنهن کي (سڏي) سگهو تنهن کي سڏيو.
بلڪ جنهن علم کي پهچي نه سگهيا تنهن کي ڪوڙ پانيائون ۽ اجا وٽن سندس وعدن جي سچائي نه آئي آهي، 10|39|
جيڪي کائن اڳ هوا تن به اهڙي طرح ڪوڙ ڀانيو هو پوءِ ڏس ته ظالمن جي پڇاڙي ڪهڙي طرح ٿي؟
۽ منجهائن ڪو اُن (قرآن) تي ايمان آڻيندو آهي ۽ منجهائن ڪو اُن تي ايمان نه آڻيندو آهي، تنهنجو پالڻهار 10|40|
فساد ڪندڙن کي چڱو ڄاڻندڙ آهي.
۽ جيڪڏهن توکي ڪوڙو ڀائين ته چؤ مون لاءِ پنهنجو عمل ۽ اوهان لاءِ پنهنجو عمل آهي، جيڪي (آءٌ) ڪريان 10|41|
ٿو تنهن کان اوهين بيزار آهيو ۽ جيڪي (اوهين) ڪريو ٿا تنهن کان آءٌ بيزار آهيان.
۽ منجهائن ڪي توڏانهن (ڪن ڏيئي قرآن کي) ٻڌندا آهن، پوءِ تون ٻوڙن کي ٻڌائيندين ڇا جيتوڻيڪ نه سمجهندا 10|42|
هجن؟
۽ منجهائن ڪوئي توڏانهن نهاريندو آهي، پوءِ انڌن کي سِڌو رستو ڏيکاريندين ڇا؟ جيتوڻيڪ ڏسندا ئي نه هُجن. 10|43|
الله ماڻهن تي ڪُجهه ظلم نه ڪندو آهي پر ماڻهو پاڻ تي ظلم ڪندا آهن. 10|44|
۽ جنهن ڏينهن (الله) کين گڏ ڪندو تنهن ڏينهن ڄڻڪ (دنيا ۾) ڏينهن جي هڪ گهڙيءَ کانسواءِ (وڌيڪ) 10|45|
ترسيائي نه هوا پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي سڃاڻندا، بيشڪ جن الله جي ديدار کي ڪوڙ ڀانيو تن ڇيئو ڀاتو ۽ هدايت وارا نه
هوا.
۽ جيڪو انجام ساڻن ڪريون ٿا تنهن منجهان ڪجهه جي توکي ڏيکاريون ٿا يا توکي فوت ڪريون ته (هر حال 10|46|
۾) سندن موٽڻ اسان ڏانهن آهي وري جيڪي ڪندا آهن تنهن تي الله شاهد آهي.
۽ سڀ ڪنهن اُمت لاءِ هڪ پيغمبر آهي، پوءِ جڏهن سندن پيغمبر آيو (ته) سندن وچ ۾ اِنصاف سان نبيرو ڪيو 10|47|
ويو ۽ انهن تي ظلم نه ڪيو ويو.
۽ چوندا آهن ته جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته اهو انجام ڪڏهن ٿيندو. 10|48|
چؤ ته (آءٌ) الله جي مرضيءَ کانسواءِ پاڻ کي نڪي ڏک ۽ نڪي سک پهچائي سگهان ٿو، سڀ ڪنهن اُمت لاءِ 10|49|
ٺهرايل مُدت آهي، جڏهن سندين ٺهرايل مُدّت پُهچي ٿي ته هڪ گهڙي دير نه ڪندا ۽ نڪي اڳڀرو ويندا.
چؤ ته مون کي خبر ڏيو ته جيڪڏهن سندس عذاب رات جو يا ڏينهن جو اوهان کي پُهچي ته (ڇا ڪري 10|50|
سگهندؤ) ڏوهاري ان کي ڪهڙو جلد گهُرندا آهن.
وري جنهن مهل (اُهو) پهچندو (ته) ان تي ايمان آڻيندؤ ڇا، (۽ چيو ويندن ته) هاڻي (مڃيؤ)؟ ۽ بيشڪ 10|51|
(اڳي) ان کي تڪڙو گهرندا هُيؤ.
وري ظالمن کي چيو ويندو ته هميشگيءَ وارو عذاب چکو، جيڪي اوهين ڪمائيندا هيؤ تنهن کانسواءِ اوهان کي ٻيو 10|52|
ڪو بدلو نه ڏبو.
۽ توکان خبر پڇندا آهن ته اهو (وعدو) سچ آهي؟ چؤ ته هائو! مون کي پنهنجي پالڻهار جو قسم آهي ته ضرور 10|53|
سچ آهي، ۽ اوهين ٿڪائڻ وارا نه آهيو.
۽ جيڪڏهن سڀڪنهن ظلم ڪندڙ جيءَ کي جيڪي زمين ۾ آهي سو هجي ها (اُهو) ضرور پنهنجو عوض ڏئي 10|54|
ڇڏي ها، ۽ جڏهن عذاب ڏسندا ته ڳجهو لڄي ٿيندا، ۽ سندن وچ ۾ انصاف سان نبيرو ڪيو ويندو ۽ انهن تي ظلم نه
ڪبو.
خبردار بيشڪ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو الله جو آهي، خبردار الله جو انجام سچو آهي پر اُنهن مان 10|55|
گهڻا نه ڄاڻندا آهن.
اُهو جياريندو آهي ۽ ماريندو آهي ۽ اوهين ڏانهس موٽايا ويندؤ. 10|56|
اي ماڻهو اوهان جي پالڻهار کان اوهان وٽ نصيحت ۽ جيڪا (بيماري) سينن ۾ آهي تنهن لاءِ شفا ۽ مؤمنن لاءِ 10|57|
هدايت ۽ رحمت آئي آهي.
چؤ ته الله جي فضل سان ۽ سندس ٻاجهه سان (نازل ٿيو آهي) پوءِ اُن سان خوش ٿيڻ گهرجين، جو گڏ ڪندا 10|58|
آهن تنهن کان اُهو ڀلو آهي.
چؤ ته ڪي ڏسو ٿا ته الله روزيءَ مان جيڪي اوهان ڏانهن لاٿو آهي پوءِ منجهائنس اوهان (پاڻ) ڪجهه حرام ۽ 10|59|

10|92|پوءِ اڄ تنهنجي لاش کي هِن لاءِ بچائينداسون ته جيڪي توکان پوءِ اچن تن لاءِ نشاني هجين، ۽ گهڻا ماڻهو اسان جي نشانين کان ضرور بيخبر آهن.

10|93|۽ بيشڪ بني اسرائيلن کي چڱي هنڌ رهڻ جي جاءِ ڏني سون ۽ کين سُٺين شين مان روزي ڏني سون، پوءِ (ايستائين) اختلاف نه ڪيائون جيسين وٽن علم (يعني قرآن نه) آيو، بيشڪ تنهنجو پالڻهار جنهن ڳالھ بابت جهڳڙو ڪندا آهن تنهن جو قيامت جي ڏينهن سندن وچ ۾ فيصلو ڪندو.

10|94|پوءِ جيڪي توڏانهن نازل ڪيوسون تنهن کان جيڪڏهن شڪ ۾ آهين ته جيڪي توکان اڳ ڪتاب پڙهندا آهن تن کان پُڇ، بيشڪ تنهنجي پالڻهار کان توڏانهن حق آيو آهي پوءِ تون شڪ ڪندڙن مان نه هُج.

10|95|۽ نڪي تون انهن مان هج جن الله جي آيتن کي ڪُوڙ ڄاتو ته تون چيئي وارن مان ٿيندين.

10|96|بيشڪ جن تي پنهنجي پالڻهار (جي عذاب) جو حُڪم لازم ٿي چڪو آهي سي ايمان نه آڻيندا.

10|97|جيتوڻيڪ وٽن سڀ دليل اچن جيستائين ته ڏکوئيندڙ عذاب ڏسن.

10|98|يُونُس جي قوم کانسواءِ ڪن ڳوٺن (وارن عذاب نازل ٿيڻ وقت) چونه ايمان آندو ته سندن ايمان کين فائدو ڏئي ها، جنهن مهل (يونس جي قوم) ايمان آندو (ته اُن وقت) خواريءَ وارو عذاب دُنيا جي حياتيءَ ۾ کانئن لاٿوسون ۽ کين ڪُجھ وقت آسُودو ڪيوسون.

10|99|۽ جيڪڏهن تنهنجو پالڻهار گهري ها ته جيڪي زمين ۾ آهن سي سڀ سمورا ضرور ايمان آڻين ها، پوءِ تون ماڻهن کي زور ڪندين چا ته مؤمن ٿين؟

10|100|۽ ڪنهن ماڻهوءَ کي الله جي گهُر کانسواءِ مؤمن ٿيڻ جو اختيار نه آهي، ۽ جيڪي نه ڄاڻندا آهن تن تي (ڪفر جي) پليتي رکندو آهي.

10|101|چؤ ته نهاريو ته آسمانن ۽ زمين ۾ ڪهڙيون (سندن قدرتون) آهن؟ ۽ نه مڃيندڙ قوم کي نشانيون ۽ ڊيڄارڻ فائدو نه ڏيندا آهن.

10|102|پوءِ اُنهن جهڙين مُصيبتن کانسواءِ انتظار نه ڪندا آهن جيڪي کانئن اڳ گذري ويون، (کين) چؤ ته انتظار ڪريو آءٌ به اوهان سان گڏ انتظار ڪندڙن مان آهيان.

10|103|وري اسين پيغمبرن کي ۽ جن ايمان آندو تن کي بچائيندا آهيون اهڙي طرح اسان تي حق آهي ته مؤمنن کي بچايون.

10|104|چؤ ته اي ماڻهؤ جيڪڏهن منهنجي دين کان شڪ ۾ آهيو ته (ٻُڌو ته) الله کانسواءِ جن کي پوڄيندا آهيو تن کي نه پوڄيندس پر اُن الله کي پوڄيندس جيڪو اوهان کي ماريندو آهي، ۽ مُون کي حڪم ڪيو ويو آهي ته مؤمنن مان هجان.

10|105|۽ (هيءَ) ته پنهنجي مهاڙ کي حنيف دين لاءِ بيهڪ وناءِ، ۽ مُشرڪن مان نه هُج.

10|106|۽ الله کانسواءِ انهي جي عبادت نه ڪر جيڪو توکي نڪي سک پهچائي ۽ نڪي توکي ڏک پهچائي، پوءِ جيڪڏهن (ائين) ڪندين ته اُنهي مهل تون ظالمن مان ٿيندين.

10|107|۽ جيڪڏهن الله توکي ڪو ڏک پهچائي ته اُن جي لاهڻ وارو ڪونهي، ۽ جيڪڏهن تولاءِ چڱائي گهري ته سندس فضل ڪو هٽائڻ وارو نه آهي، پنهنجي ٻانهن مان جنهن کي وڻيس تنهن کي فضل پُهچائيندو آهي، ۽ اُهو بخشڻهار مهربان آهي.

10|108|چؤ ته اي ماڻهؤ بيشڪ اوهان وٽ اوهان جي پالڻهار کان حق آيو آهي، پوءِ جيڪو هدايت وارو ٿيو سو پاڻ لاءِ هدايت ٿو لهي، ۽ جيڪو ڀُلو تنهن تي گمراهيءَ هجڻ کانسواءِ (ٻيو ڪي) نه آهي، ۽ آءٌ اوهان جو ذمي وار نه آهيان.

10|109|۽ جيڪي توڏانهن وحي ڪيو وڃي ٿو تنهنجي تابعداري ڪر ۽ (ايستائين) صبر ڪر جيسين الله نبيرو ڪري، ۽ اُهو چڱو نبيرو ڪندڙ آهي.

11|1|الرٰ، (هي) ڪتاب آهي جنهن جون آيتون مُحڪم آهن وري حِڪمت واري داناء الله وٽان بيان ڪيل آهن.

11|2|ته الله کانسواءِ ٻئي ڪنهن جي عبادت نه ڪريو، آءٌ سندس طرف کان اوهان کي ڊيڄاريندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ آهيان.

11|3|۽ ته پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهرو وري ڏانهس (توبه ڪري) موٽو ته ٺهرايل مُدّت تائين اوهان کي چڱي نفعي سان فائدو ڏئي ۽ سڀڪنهن ڀلائيءَ واري کي سندس ڀلائي جو عوض ڏئي، ۽ جيڪڏهن اوهين ڦرندؤ ته بيشڪ آءٌ اوهان تي وڏي ڏينهن جي عذاب (پهچڻ) کان ڊڄان ٿو.

11|4|الله ڏانهن اوهان جو موٽڻ آهي، ۽ اُهو سڀڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.

11|5|خبردار بيشڪ اُهي پنهنجن سينن کي هن لاءِ وٽيندا آهن ته کانئس لِڪن، خبردار جنهن دم (اُهي) پنهنجا ڪپڙا ڍڪيندا آهن (تنهن دم ۾) جيڪي ڳجهو ڪندا آهن ۽ جيڪي پڌرا ڪندا آهن سو (الله) ڄاڻندو آهي، بيشڪ اُهو سينن وارو (ڀيد) ڄاڻندڙ آهي.

11|6|۽ ڪو چُرندڙ زمين ۾ آهي ئي نه پر سندس روزي الله تي آهي ۽ سندس رهڻ جو هنڌ ۽ سنديس سانڍڻ جي جاءِ (الله) ڄاڻندو آهي، سڀ پڌري ڪتاب ۾ لکيل آهي.

11|7|۽ اُهو (الله) آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ بڻايو ۽ سندس عرش پاڻي تي هو (اهو بڻائڻ هن ڪري آهي) ته اوهان کي پرکي ته اوهان مان عملن جي ڪري ڪير تمام چڱو آهي، ۽ جيڪڏهن انهن کي چوين ته موت کانپوءِ اوهين جياريا ويندؤ ته ڪافر ضرور چوندا ته هي پڌرو جادو آهي.

11|8|۽ جيڪڏهن ڪنهن مُقرّر مُدّت تائين کانئن عذاب ڪٽي هٽايون ته ضرور چوندا ته اُن کي ڪنهن جهليو آهي؟ خبردار جنهن ڏينهن (اُهو عذاب) وٽن ايندو (تنهن ڏينهن) کانئن ٽرڻو نه آهي ۽ جنهن (شيءِ) سان ٺٽوليون ڪندا هوا سا کين وڪوڙي ويندي.

11|9|۽ جيڪڏهن ماڻهوءَ کي پاڻ وٽان ڪا ٻاجھ چکايون ٿا (۽) وري اُها کانئس کسيون ٿا، ته اُهو نااميد بي شڪر (بڻيو) آهي.

11|10|۽ جيڪڏهن ان کي ڏک پهچڻ کانپوءِ سُک پُهچايون ته ضرور چوندو ته مون کان ڏک ويا، اهو پڪ سرهو وڏائي ڪندڙ ٿيندو آهي.

11|11|پر جن صبر ڪيو ۽ چڱا ڪم ڪيا، تن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي.

11|12|پوءِ (اي پيغمبر) جيڪي توڏانهن وحي ڪجي ٿو تنهن مان متان ڪي ڇڏي ڏئين ۽ (پڻ) متان دل تنگ ڪرين ڪافرن جي هن چوڻ تي ته مٿس خزانو چونه لاٿو ويو يا ملائڪ ساڻس چونه آيو، (نه ڇڏ ۽ نه دل تنگ ڪر) چوته تون ڊيڄاريندڙ ئي آهين ۽ الله هر شيءِ جو سنڀاليندڙ آهي.

11|13|بلڪ (ائين) به چون ٿا ته اُهو (قرآن) پاڻ ناهيو اٿس، چؤ ته جيڪڏهن سچا آهيو ته (اوهين به) اُن جهڙيون ڏه سورتون پاڻون ناهيل آڻيو ۽ الله کانسواءِ (ٻين) جن کي سڏي سگهو تن کي سڏيو.

ءِ سُڪايو ويو ۽ ڪم پورو ڪيو ويو ۽ (ٻيڙي جبل) جوديءَ تي بيٺي ۽ چيو ويو ته (شل) ظالمن جي قوم ناس ٿئي.

11|45|۽ نوح پنهنجي پالڻهار کي سڏيو ۽ چيائين اي منهنجا پالڻهار منهنجو پٽ (به) منهنجي گهر وارن منجهان آهي ۽
بيشڪ تنهنجو انجام بلڪل سچو آهي ۽ تو حاڪمن جو حاڪم آهين.

11|46|(الله) فرمايو ته اي نوح اُهو تنهنجي گهر وارن مان نه آهي، ڇوته اَن سڌريل ڪمن وارو آهي، تنهنڪري جنهن
جي توکي ڪا خبر نه آهي تنهن بابت مون کان نه پُڇ، آءٌ توکي نصيحت ڪريان ٿو ته متان جاهلن مان ٿئين.

11|47|(نوحؑ) چيو ته اي منهنجا پالڻهار جنهن (ڳالهه جي حقيقت) جي مون کي خبر نه آهي تنهن بابت توکان پڇڻ
جي آءٌ تو وٽان پناهه گهران ٿو، ۽ جي تون نه بخشيندين ۽ رحم نه ڪندين ته ڇيئي وارن مان ٿيندس.

11|48|چيو ويو ته اي نوحؑ اسان جي طرف کان سلامتي ۽ برڪتن سان لهه جي توتي هجن ۽ انهن ٽولين تي (به)
جيڪي توسان آهن، ۽ (ٻيون ڪي) جماعتون هونديون جن کي آسودو ڪنداسون وري انهن (مان ڪافرن) کي اسان
وٽان ڏکوئيندڙ عذاب پهچندو.

11|49|اِهي (قصا) ڳُجهين خبرن مان آهن جي تو ڏانهن وحي ڪريون ٿا، هن کان اڳ نڪي (ان کي) تون ڄاڻندو
هئين ۽ نڪا تنهنجي قوم ڄاڻندي هئي، پوءِ صبر ڪريو، بيشڪ پڇاڙي پرهيزگارن لاءِ آهي.

11|50|۽ عادين ڏانهن سندن ڀاءُ هود کي (موڪليوسون)، چيائين ته اي منهنجي قوم الله جي عبادت ڪريو اُن (الله)
کانسواءِ اوهان جو ڪو معبود نه آهي، اوهين رڳو ٺاهه ٺاهيندڙ آهيو.

11|51|اي منهنجي قوم اوهان کان (هن پيغام پهچائڻ تي) ڪو اجورو نٿو گهران، منهنجو اجورو رڳو انهي تي آهي
جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي، پوءِ اوهين ڇونه ٿا سمجهو.

11|52|۽ اي منهنجي قوم پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهرو وري سندس اڳيان توبه ڪريو ته اوهان تي لڳولڳ وسندڙ
ڪڪر موڪليندو ۽ اوهان جي سگهه تي سگهه وڌائيندو ۽ اوهين ڏوهي ٿي منهن نه ڦيريو.

11|53|چيائون ته اي هُود اسان وٽ ڪوئي دليل نه آندو اٿئي ۽ اسين تنهنجي چوڻ تي پنهنجن معبودن کي ڇڏڻ وارا
نه آهيون ۽ نڪي توکي مڃيندڙ آهيون.

11|54|اسين توکي رڳو (هي ڳالهه) چئون ٿا ته اسان جي ڪِن بُتن توکي ڪي ايذايو آهي، (هود) چيو بيشڪ آءٌ الله
کي شاهد ڪريان ٿو ۽ اوهين به شاهد هُجو تحقيق آءٌ انهن کان بيزار آهيان جن کي (الله سان) شريڪ بڻائيندا آهيو.

11|55|اُن (الله) ڌاران پوءِ مون سان سڀئي مدائي ڪريو وري مون کي مُهلت نه ڏيو.

11|56|تحقيق مون پنهنجي پالڻهار ۽ اوهان جي پالڻهار الله تي ڀروسو ڪيو آهي، ڪو (جاندار) چرندڙ نه آهي جنهنجي
پيشانيءَ (جي چڳه) اُن (الله) کانسواءِ ٻيو ڪو (هٿ ۾) وٺندڙ هجي بيشڪ منهنجو پالڻهار سڌيءَ واٽ تي آهي.

11|57|پوءِ جيڪڏهن ڦرندؤ ته (مون کي ڇا ٿيندو) بيشڪ جنهن پيغام سان اوهان ڏانهن موڪليو ويو آهيان سو اوهان
کي پهچايم، ۽ منهنجو پالڻهار اوهان کانسواءِ ٻيءَ قوم کي اوهان جي جاءِ تي وهاريندو، ۽ اوهين کيس ڪُجهه ذرو نقصان
پهچائي نه سگهندؤ، بيشڪ منهنجو پالڻهار سڀني شين تي نگهبان آهي.

11|58|۽ جنهن مهل اسان جو عذاب پهتو (تنهن مهل) هود کي ۽ جن ساڻس ايمان آندو تن کي پنهنجي ٻاجهه سان
بچايوسون، ۽ کين سخت عذاب کان ڇڏايوسون.

11|59|۽ اهو حال عادين جو آهي جو پنهنجي پالڻهار جي نشانين جو انڪار ڪيائون ۽ پنهنجي پيغمبرن جي نافرماني
ڪيائون ۽ سڀڪنهن هٺيلي فساديءَ جي حُڪم جا تابعدار ٿيا.

11|60|۽ هن دُنيا ۾ (به) ۽ قيامت جي ڏينهن (به) پويان لعنت لاتي وين، خبردار تحقيق عادين پنهنجي پالڻهار جو
انڪار ڪيو، خبردار عادين کي لعنت هجي جو هود جي قوم هوا.

11|61|۽ ثمود جي قوم ڏانهن سندن ڀاءُ صالحؑ کي موڪليوسون، چيائين ته اي منهنجي قوم الله جي عبادت ڪريو ان
کانسواءِ (ڪو ٻيو) معبود نه آهي، اُنهيءَ اوهان کي زمين مان پيدا ڪيو ۽ منجهس اوهان کي آباد ڪيائين تنهنڪري
کانئس بخشش گهرو وري سندس اڳيان توبه ڪريو، بيشڪ منهنجو پالڻهار ويجهو (۽) قبول ڪندڙ آهي.

11|62|چيائون ته اي صالح هن کان اڳ بيشڪ اسين تو ۾ (ڪيئي) اُميدون رکندا هواسون (جي هاڻي بند ٿيون) اسان
جي ابن ڏاڏن جن کي پوڄيو تن جي پوڄڻ کان اسان کي ڇو ٿو جهلين؟ ۽ جنهن ڏانهن اسان کي سڏين ٿو تنهن کان
اسين بلڪل شڪ ۾ پيل آهيون.

11|63|(صالح) چيو ته اي منهنجي قوم (مون کي اوهين) ڏسو ته سهين ته جيڪڏهن آءٌ پنهنجي پالڻهار کان چٽيءَ
حُجت تي هجان ۽ پنهنجي طرف کان مون تي ٻاجهه ڪئي هجيس ته جيڪڏهن (آءٌ اوهان جو چيو مڃي) سندس نافرماني
ڪريان ته الله کان مون کي ڪير ڇڏائيندو؟ پوءِ اوهان مون لاءِ رڳو نقصان وڌايو؟

11|64|۽ اي منهنجي قوم هيءَ الله جي ڏاچي اوهان لاءِ نشاني (معجزو) آهي پوءِ ان کي ڇڏيو ته الله جي زمين ۾
(جتي وڻيس اُتي) چَري ۽ ان کي ڪو ايذاءُ نه پهچايو نه ته پوءِ اوهان کي ستت ئي عذاب اچي وٺندو.

11|65|پوءِ اُن جو ڪُچون ڪپي (ماري) وڌائون پوءِ (صالحؑ) چيو ته اوهين پنهنجن گهرن ۾ (ڇڙا) ٽي ڏينهن فائدو وٺو،
اُهو فائدو ڪوڙو نه آهي.

11|66|پوءِ جنهن مهل اسان جو عذاب آيو (تنهن مهل) صالح ۽ جن ساڻس ايمان آندو هو تن کي پنهنجي ٻاجهه سان
بچايوسون ۽ قيامت جي ڏينهن جي خواري کان (به) تحقيق تنهنجو پالڻهار طاقت وارو ۽ غالب آهي.

11|67|۽ (انهن) ظالمن کي هڪ خوفناڪ آواز ورتو پوءِ صبح جو پنهنجن حويلين ۾ ڪرونڊڙا ٿي مري ويا.

11|68|ڄڻڪ منجهس رهيا ئي نه هوا، خبردار ثمودي پنهنجي رب کان منڪر ٿيا، ڀڄو! ثمودين تي لعنت هجي.

11|69|۽ بيشڪ اسانجا قاصد ابراهيمؑ وٽ خوشخبري (ڏيڻ) لاءِ آيا (پوءِ) سلام ڏنائون، (ابراهيمؑ) سلام ورايو پوءِ ڀُڳل
ڳابي (جي گوشت آڻڻ) ۾ ڪا دير نه ڪيائين.

11|70|پوءِ جنهن مهل سندن هٿن کي اُن (گوشت) ڏانهن نه پهچندو ڏٺائين (تنهن مهل) کين اوپرو ڀانيائين ۽ کائن دل
۾ ڊنون چيائون ته نه ڊڄ اسان کي لُوط جي قوم ڏانهن موڪليو ويو آهي.

11|71|۽ سنديس زال جا بيٺل هُئي سا کِلي پوءِ ان کي اسحاق جي (ڄمڻ جي) ۽ اسحاق جي پٺيان يعقوب جي
مُبارڪ ڏنيسون.

11|72|چيائين ته مون لاءِ افسوس آهي آءٌ هن حالت ۾ ڄڻينديس ڇا جو آءٌ پاڻ ڪراڙي جهور آهيان ۽ هيءُ منهنجو مڙس
ٻڍو آهي، هي ته هڪ عجيب ڳالهه آهي.

11|73|چيائون ته الله جي حُڪم تي عجب ڇو ٿي ڪرين اي هن گهر وارؤ اوهان تي الله جي ٻاجهه ۽ سندس برڪتون
آهن، بيشڪ اهو (الله) ساراهيل وڏائيءَ وارو آهي.

11|74|پوءِ جنهن مهل ابراهيمؑ کان ڀؤ لٿو ۽ خوشخبري پُهتس (ته اُن وقت) لُوط جي قوم بابت اسان سان تڪرار
ڪرڻ لڳو.

11|75|ڇوته اِبراهيم بُردبار نرم دل (الله ڏانهن) موٽندڙ هو.

12|18| ۽ سندس پهراڻ تي ڪوڙو رت لائي آندائون، (يعقوب) چيو ته (ائين نه آهي) بلڪ اوهان جي نفسن اوهان لاءِ (اُن) ڳاله کي ٺاهيو آهي، تنهنڪري (مون کي) چڱو صبر ڪرڻ گهرجي، ۽ جيڪي اوهين بيان ڪندا آهيو تنهن تي الله کان مدد گهري وڃي ٿي.

12|19| ۽ (اُن کوهه تي) قافلو آيو پوءِ پنهنجي پاڻي پريندڙ کي موڪليائون جنهن پنهنجو ٻوڪو وڌو، چيائون وهه واهه! هي نينگر آهي، ۽ کيس هڪ (چڱي) وٿ سمجهي لڪايائون، ۽ جيڪي ڪيائون ٿي سو الله ڄاڻندڙ آهي.

12|20| ۽ کيس (ڀائرن) هلڪيءَ بها سان وڪيو جو ڪي ٿورا پئسا هوا، سندس حق ۾ بيزاري ڪندڙ هوا.

12|21| ۽ مصر وارن مان جنهن کيس ڳڌو تنهن پنهنجي زال (زليخا) کي چيو ته هن جي چڱي تعظيم ڪج ماڻ اسان کي ڪو فائدو ڏئي يا کيس پٽيلو ڪري رکون، ۽ اهڙي طرح يُوسفؑ کي مصر ۾ جاءِ ڏني سون، ۽ هن لاءِ ته کيس خوابن جو تعبير سيکاريون، ۽ الله پنهنجي ڪم تي غالب آهي پر گهڻا ماڻهو نه ڄاڻندا آهن.

12|22| ۽ جنهن مهل (يُوسفؑ) پنهنجي جوانيءَ کي پهتو (ته) حِڪمت ۽ علم ڏنوسون، ۽ اهڙي طرح ڀلارن کي بدلو ڏيندا آهيون.

12|23| ۽ جنهن زال جي گهر ۾ اُهو هو تنهن سندس نفس کي راڻيو ٿي ۽ دروازا بند ڪيائين ۽ چيائين ته اوري آءُ، (يوسف) چيائين ته الله جي پناه گهريم انهي منهنجي نپائيندڙ (يعني عزيز) مون کي چڱي هنڌ رکيو آهي، هيءَ (ڳالهه) سچي آهي ته ظالم نه ڇٽندا.

12|24| ۽ بيشڪ (اُها) ان ڏانهن لڙي ۽ (يُوسفؑ) به اُن ڏانهن لڙيو، جيڪڏهن پنهنجي پالڻهار جو دليل نه ڏسي ها (ته جيڪي ٿيڻو هو سو ٿئي ها)، اهڙي طرح (انهي ڪري ٿيو) ته بڇڙائي ۽ بي حيائي کانئس ٽاري سون، سچ آهي ته اهو اسان جي خالص ٻانهن مان هو.

12|25| ۽ ٻئي دروازي ڏانهن ڊوڙيا ۽ زال ان (يُوسف) جو پهراڻ پٺيءَ کان ڦاڙيو ۽ سندس مڙس کي دروازي وٽ مليا، (زليخا) چيو ته جيڪو تنهنجي گهر واريءَ سان مدائي ڪرڻ جو ارادو ڪري تنهنجي سزا قيد ڪرڻ يا ڏکوئيندڙ عذاب کانسواءِ (ٻي ڪا) نه آهي.

12|26| (يُوسفؑ) چيو ته هن مون کي منهنجي نفس کان راڻيو ٿي ۽ سندس گهر جي پاتين مان هڪ شاهد شاهدي ڏني، ته جيڪڏهن هن جو پهراڻ اڳ کان ڦاڙيو ويو آهي ته (زليخا) سچي آهي ۽ اُهو ڪوڙن مان آهي.

12|27| ۽ جيڪڏهن سندس پهراڻ پٺيءَ کان ڦاڙيو ويو آهي ته (زليخا) ڪوڙي ۽ اهو سچن مان آهي.

12|28| جنهن مهل (عزيز) پهراڻ پٺيءَ کان ڦاٽل ڏٺو (ته) چيائين ته (اي زالون) اهو (چوڻ) اوهان جي مڪرن مان آهي، چوته اوهان جو مڪر وڏو آهي.

12|29| (اي) يوسف اِن (ڳالهه) کان منهن موڙ، ۽ (اي زليخا) تون (به) پنهنجي مدائيءَ جي بخشش گهر، چوته تون ئي خطا وارن مان آهين.

12|30| ۽ شهر ۾ ڪيترين زالن پڇاريو ته عزيز جي زال پنهنجي جوان ٻانهي کي سندس نفس کان (بڇڙي ڪم لاءِ) راڻيندي آهي، بيشڪ (يُوسف جو) پيار سندس دل ۾ پيهي ويو آهي، اسين کيس پڌري گمراهيءَ ۾ ضرور ڏسنديون آهيون.

12|31| پوءِ جنهن مهل (زليخا) سندن گلا ڪرڻ ٻڌي (ته) انهن ڏانهن (ماڻهو) موڪليائين ۽ انهن لاءِ مجلس تيار ڪيائين ۽ منجهائن هر هڪ کي ڪپ ڏنائين ۽ چيائين ته (اي يوسف) مٿن نڪر، جنهن دم کيس ڏٺائون ته کيس وڏيڪ (سهڻو) ڄاتائون ۽ پنهنجا هٿ وڍيائون، ۽ چيائون ته الله پاڪ وڏو آهي هيءُ (نينگر) ماڻهو نه آهي، پر هڪ سڳورو ملائڪ آهي.

12|32| (زليخا) چيو اِهو اُهو آهي جنهن (جي محبت) ۾ اوهين مون کي ٽوڪينديون هيُوءِ، ۽ بيشڪ سندس نفس کان کيس راڻيم تي پوءِ پاڻ بچايائين، ۽ کيس جيڪي حڪم ڪريان ٿي سو جيڪڏهن نه ڪندو ته ضرور قيد ڪيو ويندو ۽ ضرور بي فرمانن مان ٿيندو.

12|33| (يُوسفؑ) چيو اي منهنجا پالڻهار جنهن (ڪم) ڏانهن مون کي سڏين ٿيون تنهن کان مون کي قيد پسند آهي، ۽ جيڪڏهن سندن مڪر مون کان نه ٽاريندين ته انهن ڏانهن لڙندس ۽ جاهلن مان ٿيندس.

12|34| پوءِ سندس پالڻهار ان جي دُعا قبول ڪئي ۽ کانئس اُنهن جو مڪر ٽاريائين، چوته اُهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.

12|35| وري به نشانين جي ڏسڻ کان پوءِ کين هيءَ (ڳالهه) نظر آئي ته ڪجھ وقت تائين کيس ضرور قيد وجهن.

12|36| ۽ ساڻس به جوان قيد ۾ گهڙيا، انهن مان هڪ چيو ته مون پاڻ کي (ننڊ ۾) ڏٺو ته شراب نپوڙيان ٿو، ۽ ٻئي چيو ته مون پاڻ کي مٿي تي ماني کڻندو ۽ منجهانئس پکين کي کائيندو ڏٺو، اسان کي اُن جي تعبير جي خبر ڏي، بيشڪ اسين توکي ڀلارن مان ڏسون ٿا.

12|37| (يُوسفؑ) چيو ته جيڪو طعام اوهين کائيندا آهيو سو اوهان وٽ ايندو ئي نه پر اوهان وٽ ان جي اچڻ کان اڳيئي سندس تعبير آءٌ اوهان کي ڏسيندس، اِهو (تعبير ڪرڻ) انهن (ڳالهين) مان آهي جي منهنجي رب مونکي سيکاريون آهن، بيشڪ مون اُن قوم جي پر ڦٽي ڪئي آهي جيڪي الله کي نه مڃيندا آهن ۽ اُهي آخرت جا به مُنڪر آهن.

12|38| ۽ پنهنجي پيءُ ڏاڏن ابراهيم ۽ اسحاق ۽ يعقوب جي دين جي پيروي ڪئي اٿم، ڪنهن شيءِ کي الله سان شريڪ ڪرڻ اسان کي نه جڳائيندو آهي، اهو اسان تي ۽ ٻين ماڻهن تي الله جو فضل آهي پر گهڻا ماڻهو شڪرانو نه ڪندا آهن.

12|39| اي منهنجا سنگتي قيدي (هيءَ ڳالهه سمجهندا آهيو ته) ڌارو ڌار گهڻا رب چڱا آهن يا اڪيلو غالب الله (چڱو آهي)؟

12|40| الله کانسواءِ جن جي اوهين پوڄا ڪندا آهيو اُهي رڳو نالا آهن جي اوهان ۽ اوهان جي پيءُ ڏاڏن نالا رکيا آهن انهن جي بابت الله ڪا سندَ نازل نه ڪئي آهي، الله کانسواءِ ٻئي ڪنهن جي حڪومت نه آهي، حُڪم ڪيائين ته خاص اُن (الله) کانسواءِ ڪنهن جي عبادت نه ڪريو، اُهو دين قائم آهي پر گهڻا ماڻهو نه ڄاڻندا آهن.

12|41| اي منهنجا قيدي سنگتي اوهان مان هڪڙو پنهنجي بادشاه کي شراب پياريندو، ۽ ٻيو سوريءَ چاڙهيو ويندو ۽ سندس مٿي مان پکي کائيندا، جنهن بابت پڇو ٿا سو ڪم پورو ٿي ويو.

12|42| ۽ انهن ٻنهي مان جنهن لاءِ گمان هوس ته (نيٺ) ڇٽندو تنهن کي چيائين ته پنهنجي بادشاه وٽ مون کي ياد ڪج، پوءِ شيطان سندس بادشاه وٽ کانئس يادگيري وسارائي ڇڏي تنهنڪري (يُوسفؑ) ڪيترائي ورهيه قيد ۾ رهيو.

12|43| ۽ بادشاه چيو ته مون (ننڊ ۾) ست ٿُلهيون ڳئون ڏٺيون آهن جن کي ستن ڏٻرين کاڌو ٿي ۽ (پڻ) ست ساوا سنگ ۽ ٻيا ست سُڪا (ڏٺا اٿم)، اي سردارؤ جيڪڏهن اوهين خواب جو تعبير ڪندا آهيو ته منهنجي خواب جو مون کي تعبير ٻڌايو.

12|44| چيائون (اهي) پريشان خواب آهن، ۽ اسين ڪوڙن خوابن جو تعبير نه ڄاڻندا آهيون.

12|45| ۽ جيڪو ٻنهي مان ڇٽو هو ۽ گهڻي دير کانپوءِ ياد آيس تنهن چيو ته ان جي تعبير جي آءٌ توکي سُڌ ڏيندس پوءِ مونکي موڪليو.

(پيالو) پنهنجي ڀاءُ جي ٻوري مان ڪڍيائين، اهڙي طرح يُوسف کي تجويز سيکاري سون، جو بادشاه جي قانون موجب پنهنجي ڀاءُ کي الله جي گهر ڪانسواءِ وٺي نٿي سگهيو، جنهن کي گهرندا آهيون تنهن کي درجن ۾ مٿاهون ڪندا آهيون، ۽ هر ڪنهن سياڻي جي مٿان سياڻو آهي.

12|77| چيائون ته جيڪڏهن (هن) چوري ڪئي آڳي ته اڳ سندس ڀاءُ (به) بيشڪ چوري ڪئي هئي، پوءِ ان (ڳالهه) کي يوسف پنهنجي دل ۾ لڪايو ۽ ڪين اُها پڌري نه ڪيائين، (دل ۾) چيائين ته اوهين بڇڙي مان وارا آهيو، ۽ جيڪي بيان ڪريو ٿا سو الله چڱو ڄاڻندڙ آهي.

12|78| چيائون ته اي عزيز هن جو پيءُ پوڙهو وڏيءَ جمار وارو آهي اِن ڪري اسان مان هڪڙو سندس بدران وٺ، اسين توکي نيڪن مان ڏسون ٿا.

12|79| چيائين الله پناهه ۾ رکي جنهن وٽ پنهنجو سامان لڌوسون تنهن ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن کي پڪڙيون (جيڪڏهن وٺون ته) انهي مهل اسين ظالم آهيون.

12|80| جنهن مهل ڪانئس نا اميد ٿيا (تنهن مهل) نويڪلا ٿي صلاح ڪندڙ ٿيا، سندن وڏي (ڀاءُ) چيو ته نه ڄاڻندا آهيو ڇا؟ ته اوهان جي پيءُ اوهان کان الله جو پڪو انجام قسم تي ورتو آهي ۽ اڳ اوهان يوسف جي نسبت ۾ ڪجهه نه گهٽايو هو، تنهنڪري (جيسين) منهنجو پيءُ مون کي موڪل (نه) ڏيندو يا الله مون لاءِ حُڪم نه ڪندو تيسين آءٌ هن مُلڪ مان ڪڏهن نه نڪرندس، ۽ اُهو چڱو حُڪم ڏيڻ وارو آهي.

12|81| اوهين پنهنجي پيءُ وٽ موٽي وڃو پوءِ چئو ته اي ابا تنهنجي پٽ چوري ڪئي، ۽ جيڪو ڄاتوسون ان ڪانسواءِ ٻئي (ڳالهه) جي شاهدي نه ڏنيسون ۽ ڳُجهه (جي خبر) نه ڄاڻندا هواسون.

12|82| ۽ جنهن ڳوٺ ۾ هواسون انهي کان ۽ جنهن قافلي ۾ آياسون تنهن کان پُڇا ڪر، اسين ضرور سچا آهيون.

12|83| چيو ته (نه!) بلڪ اوهان جي نفس اوهان لاءِ (ڪا) ڳالهه ٺاهي آهي، تنهنڪري چڱو صبر ڪرڻ (يعقوب) (منهنجو ڪم) آهي، اميد آهي ته الله انهن سڀني کي مون وٽ آڻيندو، ڇوته اُهو ڄاڻندڙ حِڪمت وارو آهي.

12|84| ۽ کانئن مُنهن موڙيائين ۽ چيائين مون کي يوسف لاءِ افسوس آهي ۽ سندس ٻئي اکيون ڏک کان اڇيون ٿيون پوءِ اُهو ڏک پريل هو.

12|85| چيو ته الله جو قسم آهي ته تون سدائين يوسف کي ساريندو آهين جيسين بيمار ٿئين يا (۽ سندس گهراڻي وارن) مري وڃين.

12|86| چيائين ته آءٌ پنهنجو ڏک ۽ بيقراري الله جي جناب ۾ بيان ڪندو آهيان ۽ الله جي طرف کان اهو ڄاڻندو آهيان جو اوهين نه ڄاڻندا آهيو.

12|87| اي منهنجا پٽؤ وڃو ۽ يُوسف ۽ سندس ڀاءُ جي ڳولا ڪريو ۽ الله جي رحمت کان نا اميد نه ٿيو، ڇوته الله جي ٻاجهه کان ڪافرن جي قوم ڪانسواءِ (ٻيو) ڪو (به) نا اميد نه ٿيندو آهي.

12|88| پوءِ جنهن مهل يوسف وٽ آيا (تنهن مهل) چيائون ته اي عزيز اسان کي ۽ اسان جي گهر وارن کي ڏک پهتو آهي ۽ نڪمو سامان کڻي آيا آهيون پوءِ اسان کي پوري مئپ ڏي ۽ اسان کي (ڪجهه) خيرات (به) ڏي، ڇوته الله خيرات ڪندڙن کي چڱو بدلو ڏيندو آهي.

12|89| (يُوسف) کين چيو ته جڏهن اوهين بي سمجهه هيؤ ته جيڪي اوهان يُوسف ۽ سندس ڀاءُ سان ڪيو سو ڄاتو اٿوَ؟

12|90| چيائون ته تون ئي پڪ يُوسف آهين ڇا؟ چيائين (هائو) آءٌ يُوسف آهيان ۽ هيءُ منهنجو ڀاءُ آهي، بيشڪ الله اسان تي ٻاجهه ڪيو آهي، جيڪو پرهيز گاري ڪندو ۽ صبر ڪندو ته الله ڀلارن جو اجر نه وڃائيندو آهي.

12|91| چيائون ته الله جو قسم آهي ته بيشڪ الله توکي اسان کان ڀلو ڪيو آهي ۽ بيشڪ اسين خطا ڪندڙ هواسون.

12|92| (يوسف) چيو ته اڄ اوهان تي ڪا ميار نه آهي، الله اوهان کي بخشيندو، ۽ اُهو (سڀني) ٻاجهارن کان بلڪل ٻاجهارو آهي.

12|93| هي منهنجو پهراڻ نيو پوءِ اُهو منهنجي پيءُ جي مُنهن تي گهمايو ته ڏسندڙ ٿيندو، ۽ مڙئي پنهنجي گهر جا آدمي مون وٽ آڻيو.

12|94| ۽ جنهن مهل قافلو (مصر مان) نڪتو (ته) سندن پيءُ چيو ته جيڪڏهن (اوهين) مون کي پوڙهو نه ڄاڻو ته مون کي يُوسف جي بوءِ اچي ٿي.

12|95| چيائون ته الله جو قسم ته تون اڳئين ويساري ۾ آهين.

12|96| جنهن مهل خوشخبري ڏيندڙ آيو ته سندس مُنهن تي اهو (پهراڻ) گهمايائين ته موٽي ڏسندڙ ٿيو، چيائين ته اوهان کي نه چيو هوم ڇا، ته آءٌ الله جي پار کان اهو ڄاڻندو آهيان جو اوهين نه ڄاڻندا آهيو؟

12|97| چيائون ته اي اسان جا ابا اسان لاءِ اسان جي گناهن جي بخشش گهُر اسين بيشڪ گنهگار آهيون.

12|98| (يعقوب) چيو ته آءٌ سِگهو اوهان لاءِ پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهرندس، ڇوته اُهو ئي بخشڻهار مهربان آهي.

12|99| جنهن مهل يُوسف وٽ پُهتا (ته اُن وقت) پنهنجي ماءُ پيءُ کي پاڻ وٽ جاءِ ڏنائين ۽ چيائين جيڪڏهن الله گهريو ته مصر ۾ بي پوا ٿي گهڙو.

12|100| ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ کي تخت تي وهاريائين ۽ اُهي ڏانهس سجدو ڪندي ڪريا، ۽ (يُوسف) چيو ته اي منهنجا ابا هيءُ منهنجي اڳين خوابن جو تعبير آهي، بيشڪ منهنجي پالڻهار ان کي سچو ڪيو، ۽ (الله) مون سان تڏهن بيشڪ احسان ڪيو جڏهن مون کي قيد مان ٻاهر ڪڍيائين ۽ منهنجي ۽ منهنجي ڀائرن جي وچ ۾ شيطان جهيڙو وڌو تنهن کانپوءِ اوهان کي ٻهراڙيءَ کان (شهر) ۾ آندائين، ڇوته منهنجو پالڻهار جنهن لاءِ وڻيس تنهن تي احسان ڪندڙ آهي، سچ آهي ته اُهو ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي.

12|101| (يُوسف چيو ته) اي منهنجا پالڻهار بيشڪ مون کي بادشاهي ڏني اٿئي ۽ مون کي خوابن جو تعبير سيکاريو اٿئي، اي آسمانن ۽ زمين جا بڻائيندڙ، تون دُنيا ۽ آخرت ۾ منهنجو وارث آهين، مون کي مسلمان ڪري مار ۽ مون کي صالحن سان شامل ڪر.

12|102| اهو (قصو) ڳُجهين خبرن مان آهي جو تو ڏانهن وحي ڪريون ٿا، (اي پيغمبر) انهن جڏهن فريب ڪندڙ ٿي پنهنجي ڪم جو پڪو ارادو ڪيائون تڏهن تون وٽن ڪونه هئين.

12|103| ۽ (اي پيغمبر) جيتوڻيڪ حرص ڪرين ته به گهڻا ماڻهو ايمان آڻيندڙ نه آهن.

12|104| ۽ (تون) اُن (قرآن جي پُهچائڻ) تي کانئن ڪو اُجورو نه گهرندو آهين، اُهو (قرآن) جهانن جي نصيحت ڪانسواءِ (ٻيو ڪي) نه آهي.

12|105| ۽ ڪيترين ئي نشانيون آسمانن ۽ زمين ۾ آهن جن تان لنگهندا آهن ۽ اُهي (ڏِسي ڪري) اُنهن (تي ڌيان ڏيڻ) کان مُنهن موڙيندا آهن.

12|106| ۽ منجهانئن گهڻا الله تي ايمان نه آڻيندا آهن پر اُهي (الله سان) شريڪ بڻائيندڙ آهن.

وارو آهي.
16|61| جيڪڏهن الله ماڻهن کي سندن ظلم سببان پڪڙي ته ڪنهن چرندڙ کي زمين تي نه ڇڏي پر اُنهن کي ٺهرايل ۽
مدّت تائين مُهلت ڏني اٿس، پوءِ جڏهن مهل سندن مهلت پهچندي (تنهن مهل) هڪ گهڙي نڪي دير ڪندا ۽ نڪي
اڳڀرو ويندا.
16|62| ۽ الله لاءِ اُها شيءِ مقرر ڪندا آهن جيڪا (پاڻ) ناپسند ڪندا آهن ۽ سندن زبانون ڪوڙ بڪنديون آهن ته
سندن لاءِ (چوٽڪاري جي) جي چڱائي آهي، بلاشڪ اُنهن لاءِ (دوزخ جي) باهه آهي ۽ اُهي حد کان لنگهي ويل آهن.
16|63| الله جو قسم آهي ته بيشڪ توکان اڳ اُمّتن ڏانهن (پيغمبر) موڪلياسون پوءِ کين شيطان سندن عمل چڱا ڪري
ڏيکاريا پوءِ اُهو اڄ سندن دوست آهي ۽ اُنهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي.
16|64| ۽ (اي پيغمبر) توتي ڪتاب هن ڪانسواءِ نازل نه ڪيوسون ته جن بابت تڪرار ڪيو تن کي تون بيان ڪرين
۽ (پڻ) مؤمن قوم لاءِ هدايت ۽ ٻاجهه آهي.
16|65| ۽ الله آسمانن کان (مينهن جو) پاڻي وسايو پوءِ اُن سان زمين کي سندس ويرانيءَ کانپوءِ آباد ڪيائين، بيشڪ اُن
۾ ٻڌندڙ قوم لاءِ نشاني آهي.
16|66| ۽ بيشڪ ڍورن ۾ اوهان لاءِ عبرت آهي، جيڪي سندن پيٽن ۾ آهي تنهن مان ڇيڻن ۽ رت جي وچون نج کير
اوهان کي پيارينديون آهن جو پيئندڙن کي وڻندڙ آهي.
16|67| ۽ کجين جي ۽ ڊاکن جي ڦرن مان ڪو (اهڙو قسم) آهي جو اُن مان شراب ۽ سٺي روزي ٺاهيندا آهيو، بيشڪ
اُن ۾ ڄاڻندڙ قوم لاءِ نشاني آهي.
16|68| ۽ (اي پيغمبر) تنهنجي پالڻهار ماکيءَ جي مک ڏانهن الهام ڪيو ته ڪن جبلن ۾ ۽ وڻن ۾ ۽ جن شين مان
(ماڻهو گهرن جون) ڇتيون جوڙيندا آهن تن ۾ گهر ٺاهه.
16|69| وري هر ڪنهن جنس جي ميون مان کاءُ پوءِ پنهنجي پالڻهار جي واٽن تي عاجزيءَ سان هل، سندس پيٽن مان
رنگارنگ پيئڻ جي شيءِ (يعني ماکي) نڪرندي آهي منجهس ماڻهن لاءِ شفا آهي، بيشڪ اُن ۾ سوچ ڪندڙ قوم لاءِ عبرت
آهي.
16|70| ۽ الله اوهان کي خلقيو ۽ وري اوهان کي ماريندو ۽ اوهان مان نڪميءَ عُمر ڏانهن هن لاءِ موٽايو ويندو آهي ته
ڄاڻڻ کانپوءِ ڪُجهه نه ڄاڻي، ڇوته الله ڄاڻندڙ وس وارو آهي.
16|71| ۽ الله اوهان مان هڪڙن کي ٻين کان وڌيڪ روزي ڏني آهي، پوءِ اُهي وڌ ڏنل روزيءَ وارا پنهنجي روزيءَ کي
پنهنجن ٻانهن تي موٽائڻ وارا نه آهن ته اُهي (سڀ) منجهس برابر هُجن، پوءِ الله جي نعمتن جو ڇو انڪار ڪندا
آهن؟
16|72| ۽ الله اوهان لاءِ اوهان جي جنس مان زالون پيدا ڪيون ۽ اوهان جي زالن مان پُٽ ۽ پوٽا پيدا ڪيائين ۽ اوهان
کي سٺين شين مان روزي ڏنائين، پوءِ ڇو ڪوڙ کي مڃيندا آهن ۽ اُهي ڇو الله جي نعمتن جو انڪار ڪندا آهن.
16|73| ۽ الله ڌاران انهن جي عبادت ڪندا آهن جيڪي آسمانن ۽ زمين مان کين روزي ڏيڻ جو ڪجهه اختيار نه رکندا
آهن ۽ نڪي (ڪجهه ڪري) سگهندا آهن.
16|74| پوءِ الله لاءِ (ٻڇڙا) مثال بيان نه ڪريو، ڇوته الله ڄاڻندڙ آهي ۽ اوهين نه ڄاڻندا آهيو.
16|75| الله هڪ خريد ٿيل ٻانهي جو مثال بيان ڪري ٿو جنهن جو ڪنهن شيءِ تي وس نه هُجي ۽ (ٻيو) اُهو جنهن
کي پاڻ وٽان چڱي روزي ڏنيسون پوءِ اُهو اُن سان (اسان جي واٽ ۾) ڳجهو ۽ پڌرو خرچ ڪري، (اهي ٻئي پاڻ ۾)
برابر آهن ڇا؟ سڀ ساراهه الله کي جڳائي، پر انهن مان گهڻا نه ڄاڻندا آهن.
16|76| ۽ الله ٻن مڙسن جو (ٻيو) مثال بيان ڪري ٿو جن ٻنهي مان هڪڙو گنگو هجي ڪنهن شيءِ تي وس ڪونه
هجيس ۽ اُهو پنهنجي مالڪ تي بار هجي جيڏانهن موڪليس اُتان ڪا ڀلائي نه آڻي اُهو اُنهيءَ جي برابر آهي ڇا جيڪو
انصاف جو حُڪم ڏئي ۽ اُهو سڌيءِ واٽ تي هُجي.
16|77| ۽ آسمانن ۽ زمين جو ڳُجهه الله کي (معلوم) آهي، ۽ قيامت (اچڻ) جو ڪم (سنهن اکيان) رڳي اک ڇنڀ
(جي دير) جهڙو آهي بلڪ اُهو انهيءَ کان به وڌيڪ ويجهو آهي، ڇوته الله سڀڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.
16|78| ۽ الله اوهان کي اوهان جي مائن جي پيٽن مان ڪڍيو جو ڪجهه نه ڄاڻندا هيؤ ۽ اوهان جا ڪن ۽ اکيون ۽
دليون بڻايائين ته مانَ اوهين شڪرانو ڪريو.
16|79| آسمان جي هوا ۾ تابع ڪيل پکين ڏانهن نه ڏسندا آهن ڇا؟ انهن کي الله ڪانسواءِ ڪو نه جهليندو آهي، بيشڪ
اُن ۾ ايمان واريءَ قوم لاءِ نشانيون آهن.
16|80| ۽ الله اوهان جي گهرن مان اوهان لاءِ آرام (جو هنڌ) بڻايو ۽ ڍورن جي چمڙن مان اوهان لاءِ گهر بڻايائين جن کي
اوهين پنهنجي مسافريءَ جي ڏينهن ۽ پنهنجي هڪ هنڌ رهڻ جي ڏينهن ۾ هلڪو ڄاڻندا آهيو ۽ سندين اُنن ۽ سندين ملس
۽ سندين ڏاسن مان (گهر جو) اسباب ۽ فائدي جو سامان بڻايو ٿا (جوڳچ) مُدّت تائين (ڪم ڏئي ٿو).
16|81| ۽ الله پنهنجين خلقيل شين مان اوهان لاءِ ڇانئون بڻايون ۽ جبلن مان اوهان لاءِ چُرون بڻايائين ۽ اوهان لاءِ ڪپڙا
بڻايائين جي اوهان کي گرميءَ (۽ سرديءَ) کان بچائيندا آهن، اهڙي طرح اوهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪندو آهي ته مانَ
اوهين فرمانبرداري ڪريو.
16|82| پوءِ جيڪڏهن ڦرندا ته (اي پيغمبر) توتي پڌري پيغام پهچائڻ ڪانسواءِ (ٻيو ڪي) نه آهي.
16|83| الله جي نعمت ڄاڻندا آهن وري اُن کي نه مڃيندا آهن ۽ اُنهن مان گهڻا ڪافر آهن.
16|84| ۽ جنهن ڏينهن هر ڪنهن ٽوليءَ مان (هڪ) شاهد کڙو ڪنداسون انهي ڏينهن ڪافرن کي (عذر ڪرڻ لاءِ)
موڪل نه ڏبي ۽ نڪي اُنهن جا عُذر قبول ڪيا ويندا.
16|85| ۽ جڏهن ظالم عذاب ڏسندا تڏهن کائن (عذاب) نڪي هلڪو ڪبو ۽ نڪي اُنهن کي مُهلت ڏبي.
16|86| ۽ جڏهن مشرڪ پنهنجن شريڪن کي ڏسندا (تڏهن) چوندا ته اي اسان جا پالڻهار هيءُ اسان جا اُهي شريڪ
آهن جن کي توکانسواءِ سڏيندا هواسين، پوءِ اُهي (بُت) انهن کي ورندي ڏيندا ته اوهين ڪُوڙا آهيو.
16|87| ۽ انهيءَ ڏينهن الله جي آڏو عاجزي ڪندا ۽ جيڪو ٺاهه ٺاهيندا هوا سو کائن ڀُلجي ويندو.
16|88| جن انڪار ڪيو ۽ الله جي واٽ کان (ماڻهن کي) جهليو تن کي عذاب جي مٿان عذاب انهيءَ سببان
وڌائينداسون جو (هو) فساد ڪندا هوا.
16|89| ۽ اُن ڏينهن سڀڪنهن ٽوليءَ ۾ سندين جنس مان مٿن شاهد کڙا ڪنداسون ۽ (اي پيغمبر) توکي هنن (يعني
اُمّت) تي شاهد آڻينداسون، ۽ هر شيءِ جي پڌرائيءَ لاءِ ۽ مُسلمانن جي هدايت ۽ ٻاجهه ۽ خوشخبري ڏيڻ لاءِ توتي ڪتاب
نازل ڪيوسون.
16|90| بيشڪ الله انصاف ۽ ڀلائي (ڪرڻ) ۽ مائٽي وارن کي ڏيڻ جو حُڪم ڪري ٿو ۽ بي حيائي ۽ مدائي ۽
زبردستي کان جهلي ٿو، اوهان کي نصيحت ڏئي ٿو ته مانَ اوهين نصيحت وٺو.

16|91| ۽ جڏهن اوهين (الله جو نالو وٺي) پاڻ ۾ انجام ڪريو (تڏهن) الله جو انجام پاڙيو ۽ اوهين قَسمن کي سندن
پڪي ڪرڻ کانپوءِ نه ڀڄو جو بيشڪ الله کي پاڻ تي نگهبان ڪيو اٿوَ، بيشڪ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڄاڻندو آهي.
16|92| ۽ اُن زال وانگر نه ٿيو جنهن پنهنجو سُٽ ڪتيل پڪي ڪرڻ کانپوءِ ڇني ٽُڪر ٽُڪر ڪري ڇڏيو، اوهين
قسمن کي هن لاءِ پاڻ ۾ حيلو بڻايو ٿا ته (هڪ) ٽولي ٻي ٽوليءَ کان وڌيڪ ٿئي، الله ته اوهان کي رڳو اُن سان
پرکيندو آهي، ۽ جنهن بابت اوهين تڪرار ڪندا آهيو سو قيامت جي ڏينهن اوهان جي لاءِ ضرور بيان ڪندو.
16|93| ۽ جيڪڏهن الله گهري ها ته اوهان کي هڪ ٽولي ڪري ها پر جنهن لاءِ وڻندو اٿس تنهن کي گمراهه ڪندو
آهي ۽ جنهن لاءِ وڻندو اٿس تنهن کي هدايت ڪندو آهي، ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن بابت اوهين ضرور پُڇبؤ.
16|94| ۽ اوهين پنهنجن قسمن کي پاڻ ۾ ٺڳي نه بڻايو نه ته اُنهن جي پڪي ڪرڻ کانپوءِ اوهان جا پير ترڪندا ۽
(ماڻهن کي) الله جي واٽ کان جهلڻ سببان سزا چکندؤ، ۽ اوهان کي وڏو عذاب ٿيندو.
16|95| ۽ الله جي انجام کي ٿوري مُله سان نه وڪڻو، چوته جيڪڏهن اوهين ڄاڻندا آهيو ته جيڪي الله وٽ آهي سو
اوهان جي لاءِ چڱو آهي.
16|96| جيڪي اوهان وٽ آهي سو کپي ويندو ۽ جيڪي الله وٽ آهي سو هميشه رهڻ وارو آهي، ۽ جن صبر ڪيو تن
کي سندن عملن جو بلڪل چڱي طرح بدلو ڏينداسون.
16|97| جنهن چڱو عمل ڪيو (پوءِ) اُهو مڙس هُجي يا زال ۽ اُهو مؤمن هوندو ته ضرور کيس چڱي حياتي ڏئي جيئرو
ڪنداسون، ۽ جيڪي ڪندا هوا تنهنجو بدلو کين تمام چڱيءَ طرح ڏينداسون.
16|98| پوءِ (اي پيغمبر) جڏهن قرآن پڙهين تڏهن تڙيل شيطان (جي شر) کان الله جي سام پؤ.
16|99| اِن کي ايمان وارن تي ۽ جي پنهنجي پالڻهار تي ڀروسو ڪندا آهن تن تي ڪو غلبو نه آهي.
16|100| سندس غلبو رڳو اُنهن تي آهي جيڪي کيس دوست رکندا آهن ۽ (انهن تي به) جيڪي الله سان شريڪ
(مقرّر) ڪندا آهن.
16|101| ۽ جڏهن هڪڙي آيت جي جاءِ تي ٻي آيت مٽائي آڻيندا آهيون ۽ الله جيڪي نازل ڪندو آهي سو چڱي طرح
ڄاڻندڙ آهي (تڏهن) چوندا آهن ته تون رڳو پاڻون بڻائيندڙ آهين، (نه!) بلڪ اُنهن مان گهڻا نه ڄاڻندا آهن.
16|102| ڪين چؤ ته اُهو قرآن تنهنجي پالڻهار وٽان جبرئيل سچ سان هن لاءِ نازل ڪيو آهي ته مؤمنن (اي پيغمبر)
کي ثابت رکي ۽ مُسلمانن لاءِ هدايت ۽ خوشخبري هجي.
16|103| ۽ بيشڪ ڄاڻندا آهيون ته اُهي چوندا آهن ته اُن (پيغمبر) کي ڪو ماڻهو سيکاريندو آهي، جنهن ڏانهن اها
نسبت ڪندا آهن تنهن جي ٻولي عجمي آهي ۽ هي (قرآن) پڌري عربي ٻوليءَ ۾ آهي.
16|104| بيشڪ جيڪي الله جي آيتن کي نه مڃيندا آهن تن کي الله سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ
عذاب آهي.
16|105| ڪوڙو ٺاهه انهن کان سواءِ ڪونه ٺاهيندو آهي جيڪي الله جي آيتن کي نه مڃيندا آهن، ۽ اُهي (پاڻ) ڪُوڙا
آهن.
16|106| جنهن کي (ايمان کان ڦرڻ جو) زور ڪيو وڃي (اُهو زبان سان ڪي چوي) ۽ سندس دل ايمان سان آراميل
هجي اُن کانسواءِ جيڪو پنهنجي ايمان آڻڻ کانپوءِ الله جو انڪار ڪري بلڪ ڪُفر سان سينو ويڪرو ڪري (يعني راضي
ٿئي) اهڙن تي الله جو ڏمر آهي، ۽ انهن تي وڏو عذاب آهي.
16|107| اهو هن ڪري آهي جو انهن دنيا جي حياتيءَ کي آخرت کان زياده پسند ڪيو آهي ۽ (انهيءَ ڪري) ته الله
ڪافرن جي قوم کي هدايت نه ڪندو آهي.
16|108| اِهي اُهي آهن جو سندين دلين ۽ سندن ڪَنن ۽ سندن اکين تي الله مُهر هنئي، ۽ اُهي بي خبر آهن.
16|109| بلاشڪ اُهي ئي آخرت ۾ ڇيئي وارا آهن.
16|110| وري بيشڪ تنهنجو پالڻهار انهن کي (بخشي ٿو) جيڪي (ڪفر جي ڪلمي چوڻ لاءِ ڪافرن جي هٿان) ايذايا
ويا پوءِ وطن ڇڏيائون وري جهاد ڪيائون ۽ صبر ڪيائون بيشڪ تنهنجو پالڻهار ان کانپوءِ ضرور بخشڻهار مهربان آهي.
16|111| انهيءَ ڏينهن سڀڪو جيءُ پنهنجي طرفان جهيڙو ڪندو ايندو ۽ سڀڪنهن نفس جيڪي ڪمايو تنهنجو کيس پورو
بدلو ڏبو ۽ انهن سان ظلم نه ڪبو.
16|112| ۽ الله هڪ ڳوٺ جو (هڪ) قِصو بيان ڪيو جو بي ڊپو آراميل هو ان کي سندس روزي سڀڪنهن هنڌان
سوکائيءَ سان ايندي هئي پوءِ الله جي نعمتن جي بي شڪرائي ڪيائون پوءِ جيڪي ڪندا هوا تنهن سببان الله کين بک
۽ ڊپ جي پوشاڪ چکائي.
16|113| ۽ بيشڪ منجهائن (هڪ) پيغمبر وٽن آيو پوءِ کيس ڪُوڙو ڀانيائون تنهنڪري کين عذاب پڪڙيو ۽ اُهي ظالم
هوا.
16|114| پوءِ الله اوهان کي جيڪا حلال (۽) سُٺي روزي ڪري ڏني تنهن مان کائو، ۽ جيڪڏهن اُهين خاص الله جي
عبادت ڪندا آهيو ته سندس نعمتن جو شڪرانو ڪريو.
16|115| مئل ڍور ۽ رت ۽ سوئر جو ماس ۽ جنهن شيءِ کي الله جي نالي کانسواءِ ٻئي جي نالي سان سڏيو وڃي تنهن
کانسواءِ ٻيو (ڪي به) اوهان تي حرام نه ڪيائين، پوءِ جيڪو نافرماني ڪندڙ نه هجي ۽ نڪي حد کان لنگهندڙ ٿي
لاچار ٿئي (۽ کائي) ته بيشڪ الله بخشڻهار مهربان آهي.
16|116| ۽ جن شين کي اوهان جون زبانون ڪوڙ سان بيان ڪنديون آهن تن لاءِ (منڪري) نه چئو ته هي حلال آهي
۽ هيءُ حرام آهي ته الله تي ڪُوڙو ٺاهه ٺاهيو، بيشڪ جيڪي الله تي ڪُوڙو ٺاهه ٺاهيندا آهن سي (ڪڏهن) نه ڇٽندا.
16|117| ٿوري وَٽ آهي، ۽ اُنهن لاءِ آخرت ۾ ڏکوئيندڙ عذاب آهي (۽ هيءُ حياتي).
16|118| ۽ جيڪي توتي هن کان اڳ بيان ڪيوسون سو يهودين تي حرام ڪيو هوسون، ۽ اسان مٿن ظلم نه ڪيو پر
(هو) پاڻ تي ظلم ڪندا هوا.
16|119| وري جن بي سمجهائي سان بڇڙا ڪم ڪيا وري اُن کانپوءِ توبه ڪيائون ۽ پاڻ سڌاريائون تن لاءِ تنهنجو پالڻهار
اُن (توبه) کانپوءِ بلڪل بخشڻهار مهربان آهي.
16|120| ابراهيمَ هڪ طرفو ٿيل الله جي عبادت ڪندڙ امام هو، ۽ مُشرڪن مان نه هو.
16|121| الله جي نعمتن جو شُڪر ڪندڙ هو، (الله) کيس سڳورو ڪيو ۽ سڌي واٽ ڏانهن هدايت ڪيائينس.
16|122| ۽ دنيا ۾ کيس چڱائي ڏني سون، ۽ بيشڪ اُهو آخرت ۾ ڀلارن مان آهي.
16|123| پوءِ توڏانهن وحي ڪيوسون ته هڪ مُهاڙي دين ابراهيم جي تابعداري ڪر، ۽ ابراهيم (اي پيغمبر اُن کان)
مشرڪن مان نه هو.
16|124| جن ڇنڇر بابت تڪرار ڪيو تن کانسواءِ ٻين تي اُن (جي تعظيم) جو حُڪم لازم نه ڪيو ويو، ۽ بيشڪ
تنهنجو پالڻهار قيامت جي ڏينهن سندن وچ ۾ ضرور نبيرو ڪندو جنهن ۾ تڪرار ڪندا آهن.

17|30| تنهنجو پالڻهار جنهن لاءِ گهرندو آهي تنهنجي روزي ڪشادي ڪندو آهي ۽ گهٽ به ڪندو آهي، تحقيق اهو پنهنجن ٻانهن جي خبر رکندڙ ڏسندڙ آهي.
17|31| ۽ پنهنجن ٻارن کي سُڃائيءَ جي ڊپ کان نه ڪهو، اسين کين ۽ (خود) اوهان کي روزي ڏيندا آهيون، بيشڪ انهن کي ڪُهڻ وڏو ڏوهه آهي.
17|32| ۽ زنا کي ويجها نه وڃو ڇوته اها بي حيائي آهي، ۽ اِها واٽ بُڇڙي آهي.
17|33| ۽ اهڙي جيءَ کي نه ڪُهو جنهن جو (شرعي) حق کانسواءِ ڪُهڻ الله حرام ڪيو آهي، ۽ جيڪو ناحق ماريو وڃي ان جي وارث کي (قصاص جو) اختيار ڏنوسون پوءِ جڳائي ته مارڻ ۾ زيادتي نه ڪري، ڇوته اهو مدد ڏنل ٿيو آهي.
17|34| ۽ نڪي ڪنهن ڇوري ٻار جي مال کي چڱي نيت کانسواءِ ويجها وڃو جيستائين هو بلوغت کي پهچي، ۽ پنهنجو انجام پاڙيو، تحقيق انجام بابت بلڪل پڇا ٿيندي.
17|35| ۽ جڏهن ماڻ پريو تڏهن پورو پريو ۽ سنئين ترازيءَ سان توريو، اها (پوري ماپ ۽ تور) ڀلي ۽ عاقبت جي ڪري بلڪل چڱي آهي.
17|36| ۽ (اي ٻانها) جنهن شيءِ جي توکي ڪا سُڌ نه آهي اُن جي پويان نه لڳ، ڇوته ڪَن ۽ اک ۽ دل انهن سڀني (عضون) کان ان بابت بلڪل پڇا ٿيندي.
17|37| ۽ زمين ۾ تون آڪڙ ڪري نه گُهم، ڇوته تون نڪي زمين کي چيري سگهندين ۽ نڪي ڊيگهه ۾ جبل (جي چوٽي) کي پهچين سگهندين.
17|38| اُنهن سڀني (عادتن) جي بڇڙائي تنهنجي پالڻهار وٽ ناپسند آهي.
17|39| اهي حُڪم انهن مان آهن جيڪي تنهنجي پالڻهار توڏانهن حڪمت مان وحي ڪيا آهن، ۽ الله سان ٻيو ڪوبه معبُود مُقرّر نه ڪر نه ته تون ملامتي (۽) تڙيل ٿي دوزخ ۾ وڌو ويندين.
17|40| (اي مشرڪؤ) اوهان جي پالڻهار اوهان کي پُٽن جي لاءِ چونڊيو ۽ (پاڻ) ملائڪن کي (پنهنجيون) ڌيئر ڪري ورتائين ڇا؟ بيشڪ اوهين هيءَ وڏي ڳالهه ڪندا آهيو.
17|41| ۽ بيشڪ هن قرآن ۾ هن لاءِ وري وري سمجهايوسون ته نصيحت وٺن، ۽ اهو انهن بابت نفرت کانسواءِ (ٻيو ڪي) ڪين ٿو وڌائي.
17|42| (اي پيغمبر) چؤ ته جيڪڏهن ساڻس ٻيا معبود جهڙي طرح هوندا آهن (تهڙي طرح) هجن ها ته اهي انهي دم عرش جي مالڪ ڏانهن (جنگ جي) واٽ طلبين ها.
17|43| اهو پاڪ آهي ۽ جيڪي چوندا آهن تنهن کان وڏو (۽) مٿاهون آهي.
17|44| ست آسمان ۽ زمين ۽ جيڪي منجهن آهي سي ان جي پاڪائي بيان ڪندا آهن، ۽ ڪا (به) شيءِ سندس ساراهه سان گڏ پاڪائي بيان ڪرڻ کانسواءِ نه آهي پر (اوهين) سندس تسبيح نه سمجهندا آهيو، بيشڪ اُهو بُردبار بخشڻهار آهي.
17|45| ۽ جڏهن (تون) قرآن پڙهندو آهين (تڏهن) تنهنجي وچ ۾ ۽ جيڪي آخرت کي نه مڃيندا آهن تن جي وچ ۾ (اسين) لڪل پردو ڪندا آهيون.
17|46| ۽ ان جي سمجهڻ کان سندن دلين ۾ پردو ۽ سندن ڪَنن ۾ گهٻرائي وجهندا آهيون، ۽ جڏهن پنهنجي هڪڙي پالڻهار کي قرآن ۾ ياد ڪرين ٿو تڏهن نفرت ڪري پنهنجين پُٺين (پرڀوءِ) تي موٽندا آهن.
17|47| (اي پيغمبر) جنهن مهل توڏانهن ڪن ڏيئي جنهن (ٺٺولي ڪرڻ جي ارادي) سان (قرآن کي) ٻڌندا آهن ۽ جنهن مهل ڳجهيون صلاحون ڪندا آهن جڏهن ظالم چوندا آهن ته (اوهين) رڳو جادو ڪيل مڙس جي تابعداري ڪريو ٿا (تنهن مهل سندين انهن ڳالهين کي) چڱي طرح ڄاڻندا آهيون.
17|48| ڏس ته تولاءِ ڪهڙا مثال ڏيندا آهن پوءِ گمراهه ٿيا تنهنڪري سڌي واٽ لهي نه سگهندا آهن.
17|49| ۽ چوندا آهن ته جڏهن اسين (مري ڳري) هڏا ۽ ذرا ذرا ٿينداسين (تڏهن) اسين وري نوان بڻجي اٿنداسين ڇا؟
17|50| چؤ ته پهڻ ٿيو يا لوهه ٿيو.
17|51| يا پنهنجين دلين ۾ جيڪا (ٻي) وڏي خلق پائيندا آهيو (سا ٿيو ته به اٿندؤ)، پوءِ سگهوئي چوندا ته ڪير اسان کي وري جياريندو؟ چؤ ته جنهن اوهان کي پهريون ڀيرو پيدا ڪيو (سو جياريندو)، پوءِ توڏانهن پنهنجو ڪنڌ لوڏيندا ۽ چوندا ته اهو ڪڏهن ٿيندو؟ چؤ ته اميد آهي ته سگهو ٿيڻو آهي.
17|52| جنهن ڏينهن الله اوهان کي سڏيندو (تنهن ڏينهن) اوهين سندس ساراهه ڪندي ورندي ڏيندؤ ۽ پائيندؤ ته ٿوروئي وقت رهيا آهيون.
17|53| ۽ (اي پيغمبر) منهنجن ٻانهن کي چؤ ته (ڪافرن سان) بلڪل چڱي (ڳالهه) چوندا رهن، ڇوته شيطان سندن وچ ۾ جهيڙو وجهندو آهي، ڇوته شيطان ماڻهو جو پڌرو ويري آهي.
17|54| اوهان جو پالڻهار اوهان کي چڱي طرح ڄاڻندو آهي، جيڪڏهن وڻيس ته اوهان تي ٻاجهه ڪري ۽ جيڪڏهن وڻيس ته اوهان کي عذاب ڪري، ۽ اسان توکي مٿن وڪيل ڪري نه موڪليو آهي.
17|55| ۽ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو تنهنجو پالڻهار چڱي طرح ڄاڻندو آهي، ۽ بيشڪ هڪڙن نبين کي ٻين کان وڌيڪ ڪيوسون ۽ داؤد کي زبور ڏنوسون.
17|56| (اي پيغمبر) چؤ ته الله کانسواءِ ٻين جن کي (الله جهڙو) پائيندا آهيو تن کي سڏيو پوءِ (اهي) اوهان کان نڪي ڪنهن اهنج لاهڻ جو ۽ نڪي ڦيرائڻ جو اختيار رکندا آهن.
17|57| هي (ڪافر خُدا کانسواءِ) جن کي سڏيندا آهن سي پاڻ پنهنجي پالڻهار ڏانهن وسيلو ڳوليندا آهن ته انهن مان ڪير ڏاڍو ويجهو آهي؟ ۽ سندس ٻاجهه جي اميد رکندا آهن ۽ سندس عذاب کان ڊڄندا آهن، ڇوته تنهنجي پالڻهار جو عذاب ڊڄڻ جهڙي شيءِ آهي.
17|58| ۽ ڪوبه ڳوٺ نه آهي مگر (جنهن جي رهڻ وارن) کي (سندن بڇڙن ڪرتوتن سبب) قيامت جي ڏينهن کان اڳ اسين ناس ڪرڻ وارا آهيون يا ان کي سخت عذاب ڏيندڙ آهيون، اِهو حُڪم ڪتاب ۾ لکيل آهي.
17|59| ۽ اسان کي مُعجزن موڪلڻ کان انهيءَ ڳالهه کانسواءِ ٻئي ڪنهن نه روڪيو جو اڳين (ماڻهن) انهن کي ڪوڙ ڄاتو هو، ۽ ثمود (جي قوم) کي ڏاچي مُعجزه لاءِ ڏني سون ته اُن کي نه مڃيائون، ۽ اسين رڳو ڊيڄارڻ لاءِ مُعجزا موڪليندا آهيون.
17|60| ۽ (اي پيغمبر ياد ڪر) جنهن مهل توکي چيوسون ته تنهنجي پالڻهار ماڻهن کي (پنهنجي قدرت سان) لپيٽيو آهي، ۽ اسان جيڪو توکي نظارو ڏيکاريوسون جو لعنت ڪيل وڻ قرآن ۾ بيان ڪيو ويو آهي سو ماڻهن جي پرک کانسواءِ نه آهي، ۽ اسين جو کين ڊيڄاريندا آهيون سو انهن بابت وڏي شرارت کانسواءِ (ٻيو ڪي) نه وڌائيندو آهي.
17|61| ۽ جڏهن ملائڪن کي چيوسون ته آدم کي سجدو ڪريو پوءِ ابليس کانسواءِ (ٻين) سجدو ڪيو، (ابليس) چيو ته جنهن کي مٽيءَ مان پيدا ڪيئي تنهن کي ڇو سجدو ڪريان؟

17|62|(وري ابليس) چيو ته ڏس هي شخص جنهن کي تو مون تي شرف ڏنو، جيڪڏهن مون کي قيامت جي ڏينهن
تائين مُهلت ڏيندين ته ٿورڙن کان سواءِ سندس (ٻئي) اولاد کي پاڙئون پٽيندس.
17|63|(الله) چيو ته وڃ پوءِ منجهانئن جن تنهنجي تابعداري ڪئي تن اوهان سڀني جي سزا دوزخ آهي (۽ اها)
بلڪل پوري سزا آهي.
17|64|۽ منجهانئن جنهن کي (ڀُلائي) سگهين تنهن کي پنهنجي سڏ سان ڀُلاءِ ۽ پنهنجن پيادن ۽ سوارن سان مٿن
چڙهائي ڪر ۽ سندن مال ۽ اولاد ۾ ڀائيواري ڪر ۽ کين انجام ڏي، ۽ شيطان ٺڳيءَ کانسواءِ کين ڪو دلاسو نه ڏيندو آهي.
17|65|بيشڪ منهنجن ٻانهن تي توکي ڪا سگهه نه آهي، ۽ تنهنجو پالڻهار نگهبان بس آهي.
17|66|اوهان جو پالڻهار اهو آهي جيڪو دريائن ۾ ٻيڙيون هن لاءِ هلائيندو آهي ته سندس فضل ڳوليو، ڇوته اُهو اوهان تي
ٻاجهارو آهي.
17|67|۽ جڏهن اوهان کي درياءَ ۾ ڪا اوکائي پهچندي آهي تڏهن خاص ان (الله) کانسواءِ ٻين جن کي اوهين سڏيندا
آهيو سي وسري ويندا آهن، پوءِ جنهن مهل اوهان کي سُڪي ڏي بچائيندو آهي (تنهن مهل) مُنهن موڙيندا آهيو، ۽ ماڻهو
ڏاڍو بي شڪر آهي.
17|68|(اوهين) پاڻ کي سڪيءَ ۾ گهائڻ کان يا پاڻ تي (پهڻن جي) آنڌي اچڻ کان بي ڀوا ٿيا آهيو ڇا؟ وري اوهين
پاڻ لاءِ ڪو واهرو نه لهندؤ.
17|69|يا ٻئي ڀيري ان (درياءَ) ۾ موٽائڻ کان بي ڀَوا ٿيا آهيو ڇا؟ پوءِ اوهان تي واءُ جو طوفان موڪلي پوءِ اوهان کي
اوهان جي انڪار سببان ٻوڙي وري انهي (ٻوڙڻ جي) ڪري پاڻ لاءِ اسان تي ڪو پيڇي ڪرڻ وارو نه لهندؤ.
17|70|۽ بيشڪ آدم جي اولاد کي شرف ڏنوسون ۽ کين پَٽن ۽ دريائن ۾ کنيوسون ۽ کين سٺين شين مان روزي ڏنيسون
۽ جيڪي خلقياسون تن مان گهڻن کان کين زياده مانَ وارو ڪيوسون.
17|71|هر ڪنهن ٽوليءَ کي سندن اڳواڻ سان سڏينداسون، پوءِ جنهن کي سندس اعمالنامون سندس ساڄي هٿ ۾ ڏنو
ويندو سي پنهنجو اعمالنامو پڙهندا ۽ تند جيترو به ظلم نه ڪبن.
17|72|۽ جيڪو هن دنيا ۾ انڌو ٿيو سو آخرت ۾ (به) انڌو (هوندو) ۽ واٽ کان بِنه ڀُليل رهندو.
17|73|۽ جيڪي توڏانهن (پنهنجن حُڪمن جو) وحيُ ڪيوسون تنهن کانسواءِ توکي هن لاءِ ڏوکي ۾ وجهڻ لڳا هوا ته
تون ان کانسواءِ ٻيو ڪو اسان تي ٺاه ٺاهين، ۽ انهيءَ مهل توکي دوست بڻائين.
17|74|۽ جيڪڏهن اسين توکي (پنهنجي ڳالهه تي) پختو نه رکون ها ته ويجهو هو جو بيشڪ اُنهن ڏانهن ڪي ٿورڙي
لڙي پون ها.
17|75|۽ اتي جو اتي حياتي جو ٻيڻو عذاب ۽ موت جو (به) ٻيڻو عذاب توکي چکايون ها وري پاڻ لاءِ اسان تي ڪو
واهرو نه لهين ها.
17|76|۽ (اي پيغمبر مڪي جي) زمين ۾ سگهو ئي توکي هن لاءِ بيقرار ڪندا ته ان مان توکي لڏائين ۽ انهيءَ مهل
توکان پوءِ (پاڻ به) ٿورو وقت رهندا.
17|77|(جو سندن قوم کين لڏايو ته ناس ڪيو وين) توکان اڳ جيڪي پنهنجا پيغمبر موڪلياسون تن جو دستور موافق
۽ اسان جي دستور کي ڪا ڦيرڦار نه لهندين.
17|78|سج لڙئي کان وٺي رات جي اونداهيءَ تائين نماز پڙهه ۽ فجر جو قرآن پڙهه، بيشڪ فجر جو قرآن پڙهڻ مهل
ملائڪ حاضر ٿين ٿا.
17|79|۽ ڪجهه رات جو (قرآن) سان تهجّد پڙهه جو (اها) تولاءِ زياده عبادت آهي، تنهنجو پالڻهار توکي سگهوئي
ساراهيل جاءِ ۾ اُٿاريندو.
17|80|۽ (اي پيغمبر) چؤ ته اي منهنجا پالڻهار مون کي (مديني ۾) سچائيءَ سان داخل ڪر ۽ (مڪي مان) مون کي
سچائيءَ سان ٻاهر ڪڍ ۽ پاڻ وٽان مون لاءِ ڏاڍي سگهه مدد ڏيندڙ ڪر.
17|81|۽ (اي پيغمبر) چؤ ته سچ آيو ۽ ڪوڙ ڀڳو، بيشڪ ڪوڙ ڀڄندڙ آهي.
17|82|۽ اسين قرآن کي نازل ڪريون ٿا جو اهو سارو مؤمنن لاءِ شفا ۽ ٻاجهه آهي ۽ ظالمن بابت نقصان کانسواءِ (ٻيو
ڪي) نه وڌائيندو آهي.
17|83|۽ جڏهن انسان تي ڪا نعمت نازل ڪندا آهيون (تڏهن) مُنهن موڙيندو آهي ۽ ڪانئس پاسيرو ٿيندو آهي، ۽ جڏهن
ڪيس مدائي پهچندي آهي ته نا اميد ٿيندو آهي.
17|84|(اي پيغمبر) چؤ ته سڀڪو پنهنجي ڍول تي ڪم ڪندو آهي، پوءِ جيڪو ڏاڍيءَ سڌيءَ واٽ تي آهي تنهن کي
تنهنجو پالڻهار چڱي طرح ڄاڻندو آهي.
17|85|۽ (اي پيغمبر) توکان رُوح بابت پُڇن ٿا، چؤ ته رُوح منهنجي پالڻهار جي امر مان آهي ۽ اوهان کي ڪي ٿورڙي
علم کانسواءِ نه ڏنو ويو آهي.
17|86|۽ جيڪو (قرآن) توڏانهن وحي ڪيوسون سو جيڪڏهن گهرون ته ورائي وٺون ته پوءِ تون پاڻ لاءِ اسان تي ڪو
پرجهلو نه لهندين.
17|87|پر تنهنجي پالڻهار جي ٻاجهه (ان ورائي وٺڻ کي جهلي رکيو) آهي، ڇوته سندس فضل توتي وڏو آهي.
17|88|(اي پيغمبر) چؤ ته جيڪڏهن ماڻهو ۽ جِنّ هن قرآن جهڙي (ٻئي ڪنهن ڪتاب) آڻڻ لاءِ ڳڏ ٿين ته جهڙس
ڪڏهن نه آڻي سگهندا جيتوڻيڪ هڪ ٻئي کي مدد ڏين.
17|89|۽ بيشڪ هن قرآن ۾ سڀڪو مثال ماڻهن لاءِ بيان ڪيو اٿئون، پر گهڻا ماڻهو بي شڪر ٿي انڪار ڪندا آهن.
17|90|۽ چوندا آهن ته اسين توکي (ايستائين) هرگز نه مڃينداسون جيستائين زمين ۾ اسان لاءِ ڪو چشمو وهائين.
17|91|يا ڪجين ۽ ڊاکن مان تولاءِ باغ ٿئي پوءِ سندس وچ ۾ تون وهندڙ واهيون وهائين.
17|92|يا جهڙي طرح تو ڀانيو تهڙي طرح اسان تي آسمان ٽُڪر ٽُڪر ڪيرائين يا تون الله ۽ ملائڪن کي سامهون
آڻين.
17|93|يا توکي ڪو سونون گهر هُجي يا آسمان تي چڙهين، ۽ تنهنجي چڙهڻ کي (ايستائين) ڪڏهن نه مڃينداسون
جيستائين اسان تي (اهڙو لکيل) ڪتاب لاهين جنهن کي پڙهون، چؤ ته منهنجو پالڻهار پاڪ آهي آءٌ رڳو پيغام پهچائڻ وارو
ماڻهو آهيان.
17|94|۽ جڏهن ماڻهن وٽ هدايت آئي (تڏهن) کين ايمان آڻڻ کان هن ڏاران ڪنهن نه جهليو آهي جو چوندا آهن ته
الله پيغمبرن کي ڇو ماڻهو ڪري موڪليو.
17|95|(اي پيغمبر) چؤ ته جيڪڏهن ملائڪ (اوهان جان) زمين ۾ ٽڪندڙ ٿي گهمن ڦرن ها ته اسين مٿن ضرور
آسمان مان ملائڪ پيغمبر ڪري موڪليون ها.
17|96|(اي پيغمبر) چؤ ته الله اوهان ۽ اسان جي وچ ۾ شاهد بس آهي، بيشڪ اهو پنهنجي ٻانهن جي خبر رکندڙ

ڏسندڙ آهي.
17|97| ۽ جنهن کي الله هدايت ڪئي سو هدايت وارو آهي، ۽ جيڪي گمراهه ٿيا تن لاءِ تون الله کانسواءِ ڪوئي دوست نه لهندين، ۽ ڪين قيامت جي ڏينهن سندن مُنهن ڀر انڌا ۽ گنگا ۽ ٻوڙا ڪري گڏ ڪنداسون، سندن جاءِ دوزخ آهي، جنهن مهل ڍرو ٿيندو تنهن مهل انهن لاءِ دوزخ کي وڌيڪ تپائينداسون.
17|98| اها سندن سزا هن سبب آهي جو اسانجي نشانين جو انڪار ڪيائون ۽ چيائون ته جڏهن اسين هڏا ۽ چُورو ٿينداسون (تڏهن) وري نئين سر پيدا ٿي اُٿاريا وينداسون ڇا؟
17|99| نه ڏسندا آهن ڇا ته جنهن الله آسمانن ۽ زمين کي بڻايو سو سندن اهڙي بڻائڻ تي وس وارو آهي ۽ انهن لاءِ اها مُدّت مقرر ڪيائين جنهن ۾ ڪو شڪ نه آهي، پوءِ ظالم انڪار ڪانسواءِ ڪي قبول نه ڪندا آهن.
17|100| چؤ ته جيڪڏهن اوهين منهنجي پالڻهار جي خزانن جا مالڪ هجو ها ته انهيءَ مهل (سڀ) خرچ (اي پيغمبر) ٿي وڃڻ جي ڀَو کان اوهين ضرور بند رکو ها، ۽ ماڻهو ڪو پيچ آهي.
17|101| ۽ بيشڪ مُوسىٰ کي نَوَ پڌريون نشانيون ڏنيون سون پوءِ بني اسرائيلن کان پُڇ ته جڏهن (اهو) وٽن آيو تڏهن کيس فرعون چيو ته اي مُوسىٰ بيشڪ آءٌ توکي يقيناً جادو ٿيل ڀائيندو آهيان.
17|102| چيو ته بيشڪ تو ڄاتو آهي ته اهي (نشانيون) آسمانن ۽ زمين جي پالڻهار کانسواءِ (ٻئي ڪنهن) نه (مُوسىٰ) نازل ڪيون آهن (اوهان جي) سمجهائڻ لاءِ (ته ڏسي مون مڃيو)، ۽ اي فرعون آءٌ توکي (انهن جي انڪار سبب) هلاڪ ٿيل ڀائيندو آهيان.
17|103| پوءِ فرعون ملڪ مان سندن لوڏڻ جو ارادو ڪيو پوءِ فرعون ۽ سندس ساري سنگت کي ٻوڙيوسون.
17|104| ۽ کانئس پوءِ بني اسرائيلن کي چيوسون ته مُلڪ ۾ ٽڪو پوءِ جڏهن آخرت جو وعدو آيو (تڏهن) اوهان کي لپيٽي وٺنداسون.
17|105| ۽ ان (قرآن) کي اسان سچ سان نازل ڪيو آهي ۽ اهو سچ سان نازل ٿيو آهي، ۽ توکي خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ کانسواءِ نه موڪليوسون.
17|106| ۽ ان قرآن کي جُدا جُدا (سُورتون ۽ آيتون) هن لاءِ ڪيوسون ته اهو ماڻهن کي آهسته آهسته پڙهي ٻڌائين ۽ ان کي آهسته آهسته ڪري لاٿوسون.
17|107| چؤ ته اوهين ان قرآن کي مڃو توڙي نه مڃو، بيشڪ جن کي هن کان اڳ علم ڏنو ويو آهي تن (اي پيغمبر) وٽ جڏهن (قرآن) پڙهبو آهي (تڏهن) سجدو ڪندڙ ٿي ڪاڏين ڀر ڪِرندا آهن.
17|108| ۽ چوندا آهن ته اسان جو پالڻهار پاڪ آهي بيشڪ اسان جي پالڻهار جو انجام ضرور (پورو) ٿيڻو آهي.
17|109| ۽ روئيندا ڪاڏين ڀر ڪِرندا آهن ۽ (قرآن) منجهن عاجزي وڌائيندو آهي.
17|110| چؤ ته (الله کي) الله (جي نالي سان) سڏيو يا رحمان (جي نالي سان) سڏيو، جنهن نالي سان (اي پيغمبر) (اوهين) سڏيو انهي جا (سڀ) نالا چڱا آهن، ۽ پنهنجي نماز ۾ نڪي تمام ڏاڍيان پڙهه ۽ نڪي تمام هوريان پڙهه ان جي وچ واري واٽ اختيار ڪر.
17|111| ۽ چؤ ته سڀ ساراهه انهي الله کي جڳائي جنهن (پاڻ لاءِ) ڪو اولاد نه ورتو آهي ۽ نڪي سندس ملڪ ۾ ڪو ڀائيوار آهي ۽ نڪي ڪنهن هيڻائي سببان ان جو ڪو مددگار آهي ۽ هن جي گھڻي قدر وڏائي بيان ڪر.
18|1| سڀ ساراهه انهي الله کي جڳائي جنهن پنهنجي ٻانهي (محمد ﷺ) تي ڪتاب لاٿو ۽ ان ۾ ڪو ڏِنگ نه رکيائين.
18|2| هن لاءِ سڌو ڪيائين ته الله وٽان سخت مُصيبت کان ڪافرن کي ڊيڄاري ۽ اُنهن مؤمنن کي خوشخبري ڏي جيڪي چڱا ڪم ڪندا آهن ته اُنهن لاءِ چڱو اجر آهي.
18|3| منجهس سدائين رهڻ وارا آهن.
18|4| ۽ انهن کي ڊيڄاري جيڪي چون ٿا ته الله (پاڻ لاءِ) پُٽ ورتو آهي.
18|5| جنهن جو نڪي کين ۽ نڪي سندن پيءُ ڏاڏن کي ڪو علم آهي، وڏي (گناهه جي) ڳالهه آهي جا سندن واتان نڪري ٿي، اهي ڪوڙ کانسواءِ (ٻيو ڪي) نه چوندا آهن.
18|6| جيڪڏهن اهي هن ڳالهه کي نه مڃن ته متان تون ارمان کان سندن پويان پاڻ کي هلاڪ ڪرين.
18|7| جيڪي زمين تي آهي سو اسان ان جي سينگار لاءِ هن ڪري ڪيو ته سندن آزمائش وٺون ته انهن مان عمل ۾ ڏاڍو چڱو ڪير آهي.
18|8| ۽ ان زمين تي جيڪا (ساول) آهي سا اسين چٽي پٽ ڪرڻ وارا آهيون.
18|9| پر ڀانيو اٿيئي ته غار ۽ رقيم وارا اسان جي نشانين مان عجيب آهن.
18|10| جڏهن غار ۾ ڪيترن جوانن جاءِ ورتي تڏهن چيائون ته اي اسان جا پالڻهار پاڻ وٽان اسان تي ٻاجهه عطا ڪر ۽ اسان جي ڪم ۾ اسان لاءِ چڱائي ڪر.
18|11| پوءِ ڪيترائي ورهيه کين غار ۾ ڪَنن ڀر سمهاريوسون.
18|12| وري کين هن لاءِ اٿاريوسون ته ڏيکاريون ته جا مدت رهيا سا ٻنهي ٽولين مان ڪهڙي کي ياد آهي.
18|13| اسين توکي سندن سچي خبر بيان ڪريون ٿا، بيشڪ اهي ڪيترا جوان هوا جو پنهنجي پالڻهار کي مڃيو هوائون ۽ کين وڌيڪ هدايت ڪئي هئي سون.
18|14| ۽ سندن دلين تي (سچائي) ٻڌي سون جڏهن اٿيا تڏهن چيائون ته اسان جو پالڻهار آسمانن ۽ زمين جو پالڻهار آهي ان کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي معبُود ڪري نه سڏينداسون (جي سڏيوسون ته) ضرور بيشڪ اُنهي مهل بيهودي ڳالهه چئي سون.
18|15| اسان جي هن قوم الله کانسواءِ ٻيا معبود ورتا آهن، مٿن چونه ڪو پڌرو دليل آڻيندا آهن؟ پوءِ جيڪو الله تي ڪوڙ ناهي ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي؟
18|16| ۽ جڏهن انهن (مشرڪن) کان ۽ (اهي) الله کانسواءِ جن کي پوڄيندا آهن تن کان پاسي ٿيو تڏهن غار ڏانهن پناهه وٺو ته اوهان جو پالڻهار اوهان لاءِ ٻاجهه پکيڙيندو ۽ اوهان جي ڪم ۾ اوهان لاءِ سولائي موجود ڪندو.
18|17| ۽ (اي ڏسندڙ) جڏهن سج اڀري (تڏهن) ڏسندين ته (اُس) سندن غار کان سڄي پاسي لڙندي آهي ۽ جڏهن لهي تڏهن سندن کٻي پاسي مڙندي آهي ۽ اُهي ان (غار جي) ويڪرائي ۾ آهن، اِها الله جي نشانين مان آهي، جنهن کي الله هدايت ڪري سو هدايت وارو آهي، ۽ جنهن کي ڀُلائي ان لاءِ ڪوبه دوست واٽ ڏيکاريندڙ نه لهندين.
18|18| ۽ تون کين جاڳندڙ ڀائيندين پر اُهي (ننڊ ۾) سمهيل آهن، ۽ کين سڄي پاسي تي ۽ کٻي پاسي تي اٿلائيندا آهيون، ۽ سندن ڪتو چائٺ تي اڳيون ٽنگون ڊگھيريو پيو آهي، جيڪڏهن مٿن ٻيهي ڏسين ته کانئن پچندڙ ٿي منهن ڦيرين ۽ کانئن دهشت کان ڀرجي وڃين.
18|19| ۽ اهڙي طرح کين هن لاءِ کڙو ڪيوسون ته پاڻ ۾ پڇن، منجهانئن چوندڙ چيو ته (اوهين هتي) ڪيترو ٽڪيؤ، چيائون ته هڪ ڏينهن يا ڏينهن کان گھٽ رهياسون، (ڪن) چيو ته جيڪي اوهين رهيا آهيو سو اوهان جو پالڻهار چڱو

بيان ڪريو.
19|12|چيوسون ته اي يحيٰ ڪتاب کي مُحڪم وٺ، ۽ ٻاراڻي ۾ کيس عِلم (۽ يحيٰ جمي ڏهن ورهن جو ٿيو ته) ڏنوسون.
19|13|۽ پاڻ وٽان کيس شفقت ۽ سُٺائي ڏني سون، ۽ (اُهو) پرهيزگار هو.
19|14|۽ پنهنجي ماءُ پيءُ سان نيڪي ڪرڻ وارو هو ۽ هٺيلو نافرمان نه هو.
19|15|۽ جنهن ڏينهن ڄائو ۽ جنهن ڏينهن مرندو ۽ جنهن ڏينهن جيئرو ٿي اُٿندو (تنهن ڏينهن) مٿس سلام هجي.
19|16|۽ مريم جو قِصّو ڪتاب ۾ ياد ڪر، جڏهن پنهنجي گهر وارن کان اوڀرندي هنڌ پاس پري ٿي.
19|17|پوءِ کانئن هڪ اوٽ ورتائين، پوءِ ڏانهنس پنهنجو ملائڪ موڪليوسون پوءِ هو ڏسجڻ ۾ اُن لاءِ پورو ماڻهو بڻجي بيٺو.
19|18|(مريم) چيو آءٌ توکان ٻاجهاريءَ (الله) جي سام پوان ٿي جيڪڏهن پرهيزگار آهين (ته مون کان پري ٿيءُ).
19|19|(ملائڪ) چيو ته آءٌ ته تنهنجي پالڻهار جو هن لاءِ موڪليل آهيان ته توکي چڱو نينگر بخشيان.
19|20|(مريم) چيو ته مون کي ٻار ڪيئن ٿيندو جو مون کي ڪنهن ماڻهوءَ نه ڇُهيو آهي ۽ نڪي آءٌ بدڪار آهيان.
19|21|(ملائڪ) چيو ته اهڙي طرح (ٿيڻو) آهي، تنهنجي پالڻهار فرمايو ته اِهو مون کي سولو آهي، ۽ (هن لاءِ) ته ان کي ماڻهن جي لاءِ پنهنجي طرف کان نشاني ۽ ٻاجھ (جو وسيلو) ڪريون، ۽ (اِهو) ڪم ٺهرايل آهي.
19|22|پوءِ اُن سان پيٽ ٿيس پوءِ اُن سان پرپري هنڌ الڳ ٿي.
19|23|پوءِ ويَم جي سورن کجيءَ جي ٿڙ ڏانهن نِيس، چيائين ته جيڪر هن کان اڳ مران ها ۽ اصل وسري ويل هجان ها (ته چڱو هو).
19|24|پوءِ کيس ملائڪ هيٺين طرف کان سڏ ڪيو ته ڏک نه ڪر بيشڪ تنهنجي پالڻهار تنهنجي هيٺان تلاءُ پيدا ڪيو آهي.
19|25|۽ کجيءَ جي ٿڙ کي پاڻ ڏانهن لوڏ ته توتي تازيون کارڪون ڇاڻي.
19|26|پوءِ کاءُ ۽ پيءُ ۽ نيڻ ٺار، پوءِ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ڏسين ته چؤ ته مون الله لاءِ روزو باسيو آهي تنهنڪري اڄ ڪنهن ماڻهوءَ سان پٽيءَ نه ڳالهائيندس.
19|27|پوءِ اُن کي پنهنجي قوم وٽ کڻي آئي، چيائون ته اي مريم بيشڪ بڇڙي شيءِ آندي اٿيئي.
19|28|اي هارون جي ڀيڻ نڪي تنهنجو پيءُ بڇڙو مڙس هو ۽ نڪي تنهنجي ماءُ ڪا بدڪار هئي.
19|29|پوءِ ڏانهنس اشارو ڏنائين، چيائون ته جيڪو پينگهي ۾ ڇوڪر آهي تنهن سان ڪيئن ڳالهايون.
19|30|(عيسىٰ) چيو ته آءٌ الله جو ٻانهو آهيان، مون کي ڪتاب ڏنو اٿس ۽ مون کي پيغمبر ڪيو اٿس.
19|31|۽ جتي هونس اُتي مون کي برڪت وارو ڪيائين، ۽ جيسين جيئرو هونس تيسين مون کي نماز (پڙهڻ) ۽ زڪوٰة (ڏيڻ) جو حُڪم ڪيائين.
19|32|۽ پنهنجي ماءُ سان چڱائي ڪندڙ (ڪيائين)، ۽ مون کي هٺيلو ۽ بدبخت نه ڪيائين.
19|33|۽ جنهن ڏينهن ڄائس ۽ جنهن ڏينهن مرندس ۽ جنهن ڏينهن وري جيئرو ٿي اٿندس تنهن ڏينهن مون تي سلام آهي.
19|34|اِهو (قِصّو) عيسىٰ پٽ مريم جو آهي، سچي ڳالھ آهي جنهن ۾ (ماڻهو) شڪ ڪندا آهن.
19|35|الله کي (پاڻ لاءِ) ڪو پٽ وٺڻ نه جڳائيندو آهي اُهو پاڪ آهي، جڏهن ڪو ڪم ڪندو آهي تڏهن اُن لاءِ رڳو چوندو آهي ته ٿيءُ ته ٿي پوندو آهي.
19|36|۽ الله منهنجو پالڻهار ۽ اوهان جو پالڻهار آهي تنهنڪري سندس عبادت ڪريو، اِها سڌي واٽ آهي.
19|37|پوءِ ڪن ٽولين پاڻ ۾ اختلاف ڪيو، پوءِ ڪافرن لاءِ وڏي ڏينهن جي آڏي ٿيڻ کان خرابي آهي.
19|38|جنهن ڏينهن اسان وٽ ايندا (تنهن ڏينهن) ڪهڙو نه چڱو ٻڌندا ۽ ڪهڙو نه چڱو ڏسندا پر ظالم اڄ پڌريءَ گمراهي ۾ آهن.
19|39|۽ کين پشيماني جي جي ڏينهن کان ڊيڄار جنهن ڏينهن ڪم پورو ڪبو، ۽ اُهي غفلت ۾ آهن ۽ اُهي ايمان نه ٿا آڻين.
19|40|بيشڪ اسين زمين جا ۽ جيڪي مٿس آهي تنهنجا وارث آهيون ۽ اسان ڏانهن موٽايا ويندا.
19|41|۽ ابراهيم (جو قصو) ڪتاب ۾ ياد ڪر، بيشڪ اُهو سچو پيغمبر هو.
19|42|جڏهن پنهنجي پيءُ کي چيائين ته اي ابا جيڪو نڪي ڏسي ۽ نڪي توکان ڪجھ ٽاري تنهنجي پوڄا ڇو ڪندو آهين؟
19|43|اي ابا بيشڪ (الله جي پار کان) مون وٽ سمجھ آئي آهي جا تو وٽ نه آئي آهي تنهنڪري منهنجي تابعداري ڪر ته توکي سڌو رستو ڏيکاريان.
19|44|اي ابا شيطان کي نه پوڄ، ڇوته شيطان الله جو نافرمان آهي.
19|45|اي ابا آءٌ توتي الله جي عذاب پهچڻ کان ڊڄان ٿو متان شيطان جي سنگتي ٿئين.
19|46|(پٽس) چيو ته اي ابراهيم تون منهنجي معبودن کان ڦرڻ وارو آهين ڇا؟ جيڪڏهن نه روڪبين ته توکي ضرور پٿرن سان مارينس ۽ گھڻي مدت مون کان پاسي ٿيءُ.
19|47|(ابراهيم) چيو ته توتي سلام هجي، آءٌ تولاءِ پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهرندس ڇوته اُهو مون تي مهربان آهي.
19|48|۽ الله کانسواءِ جن کي سڏيندا آهيو تن کان ۽ اوهان کان پاسو ڪريان ٿو ۽ پنهنجي پالڻهار جي عبادت ڪندس، اُميد آهي پنهنجي پالڻهار جي عبادت ڪرڻ کان بدبخت نه ٿيندس.
19|49|پوءِ جڏهن کانئن ۽ الله کانسواءِ پوڄيندا هوا تن کان پاسو ڪيائين (تڏهن) کيس اسحاق ۽ يعقوب عطا ڪيوسين، ۽ هر هڪ کي پيغمبر ڪيوسون.
19|50|۽ کين پنهنجي ٻاجھ مان (گھڻيون شيون) عطا ڪيوسون ۽ انهن جي چڱي يادگيري بلند ڪئي سون.
19|51|۽ ڪتاب ۾ موسىٰ (جو قصو) ياد ڪر، بيشڪ اُهو چونڊيل هو ۽ پيغمبر نبي هو.
19|52|۽ طور (جبل) جي سڄي پر کان کيس سڏيوسون ۽ همراز ٿيڻ لاءِ کيس ويجهو ڪيوسون.
19|53|۽ پنهنجي ٻاجھ سان سندس ڀاءُ هارون پيغمبر ڪري کيس عطا ڪيوسون.
19|54|۽ ڪتاب ۾ اسماعيل (جو قصّو) ياد ڪر، بيشڪ اُهو انجام جو پورو ۽ پيغمبر نبي هو.
19|55|۽ پنهنجي گهر وارن کي نماز ۽ زڪوٰة جو حُڪم ڪندو هو، ۽ پنهنجي پالڻهار وٽ پسند هو.
19|56|۽ ڪتاب ۾ ادريس (جو قصّو) ياد ڪر، بيشڪ اُهو سچو پيغمبر هو.
19|57|۽ وڏي مرتبي ڪري سندس مانُ مٿاهون ڪيوسون.
19|58|جن تي الله فضل ڪيو سي آدم جي اولاد منجهان پيغمبرن مان آهن، ۽ جن کي نوح سان (ٻيڙي ۾) کنيوسون، ۽

ابراهيم ۽ يعقوب جي اولاد مان، ۽ جن کي هدايت ڪئي سون ۽ چونڊيوسون تن مان آهن، جڏهن الله جون آيتون کين پڙهي
ٻڌائبيون هيون تڏهن سجدو ڪندڙ ۽ روئيندڙ ٿي ڪري پوندا هوا.
19|59| پوءِ سندن پوئتان ڪيترا (ندورا) پيڙهيءَ تي ويٺا (جو) نماز ڇڏي ڏنائون ۽ سڌن جي پٺيان لڳا پوءِ سگهو
گمراهيءَ جي سزا لهندا.
19|60|پر جن توبه ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا سي بهشت ۾ گهڙندا ۽ مٿن ڪجهه ظلم نه ڪبو.
19|61|هميشه جا باغ آهن جن لاءِ الله پنهنجي ٻانهن سان پرپٺ انجام ڪيو آهي، بيشڪ سندس انجام پهچڻو آهي.
19|62| اُن ۾ سلامتي کانسواءِ (ٻي) ڪا بيهودي ڳالهه نه ٻڌندا، ۽ منجهس اُنهن لاءِ صُبح ۽ سانجهيءَ جو سندين روزي
آهي.
19|63|اِهو بهشت اُهو آهي جو پنهنجن ٻانهن مان جيڪو پرهيزگار هوندو تنهن کي (اُن جو) وارث ڪنداسون.
19|64| ۽ (ملائڪن چيو ته) تنهنجي پالڻهار جي حُڪم کانسواءِ نه لهندا آهيون، جيڪو اسان جي آڏو آهي ۽ جيڪي
اسان جي پويان آهي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي تنهنجي (سڀ خبر) اُن کي آهي، ۽ تنهنجو پالڻهار وسارڻ وارو نه
آهي.
19|65|آسمانن ۽ زمين ۾ جو ۽ جيڪي سندن وچ ۾ آهي تنهنجو پالڻهار آهي پوءِ سندس عبادت ڪر ۽ سندس عبادت تي
صبر ڪر (يعني مُحڪم رهه)، تون اُن نالي ڪو ڄاڻندو آهين ڇا؟
19|66|۽ ماڻهو چوندو آهي ته جڏهن مرندس (تڏهن) جيئرو ٿي ڪڍبس ڇا؟
19|67|ماڻهو ياد نه ڪندو آهي ڇا ته کيس اڳ پيدا ڪيوسون ڪجهه به نه هو؟
19|68| پوءِ پنهنجي پالڻهار جو قسم آهي ته انهن کي ۽ شيطانن کي ڪٺو ڪنداسون وري دوزخ جي چوڌاري کين گوڏن ڀر
حاضر ڪنداسون.
19|69| وري سڀ ڪنهن ٽوليءَ مان اهڙن ماڻهن کي ڌار ڪنداسون جن انهن مان ٻاجهاري (الله) جي ڏاڍي نافرماني
ڪئي.
19|70|وري جيڪي انهن ۾ گهڙڻ جوڳا آهن تن کي اسين چڱو ڄاڻندا آهيون.
19|71|۽ اوهان مان ڪو اهڙو ڪونهي جو اُن تي پهچڻ وارو نه آهي، تنهنجي پروردگار تي اهو انجام لازم مُقرّر آهي.
19|72|وري پرهيزگارن کي بچائينداسون ۽ ظالمن کي منجهس گوڏن ڀر ڪرندڙ ڇڏينداسون.
19|73| ۽ جڏهن اسان جون پڌريون آيتون انهن کي پڙهي ٻڌائبيون آهن (تڏهن) ڪافر مؤمنن کي چوندا آهن ته ٻنهي
ٽولين مان ڪهڙي (ٽولي) مانَ جي ڪري ڀلي ۽ صحبت جي ڪري ڏاڍي چڱي آهي.
19|74|۽ کانئن اڳ ڪيترائي جُڳ ناس ڪياسون جو اُهي سامان ۽ ڏيک جي ڪري ڏاڍا چڱا هئا.
19|75|(ساڻن) چؤ ته جيڪو گمراهيءَ ۾ آهي تنهن کي الله وڏيڪ وڌائيندو آهي، تان جو جيڪو انجام يا ته عذاب جو
ڪيو ويو سو جڏهن ڏسندا، تڏهن هو ڄاڻندا ته بڇڙي مانَ وارو ۽ لشڪر جي ڪري ڏاڍو هيڻو ڪير آهي.
19|76|۽ الله هدايت وارن کي هدايت وڌيڪ ڪندو آهي، ۽ سدا رهندڙ چڱايون ثواب ڪري ڀليون ۽ موٽڻ ڪري چڱيون
تنهنجي پالڻهار وٽ آهن.
19|77|(اي پيغمبر) اُهي کي نه ڏٺو اٿيئي ڇا جنهن اسان جي آيتن کي نه مڃيو ۽ چيائين ته مون کي مال ۽ اولاد
ضرور ڏنو ويندو؟
19|78|(اُهو) ڳجهه ڄاڻندو آهي ڇا يا الله وٽان ڪو انجام ورتو اٿس.
19|79|ائين نه آهي، جيڪي چوندو آهي سو سگهوئي لکنداسون ۽ اُن لاءِ ڏکو عذاب وڌائينداسون.
19|80|۽ جيڪي چوي ٿو سو کانئس کسينداسون ۽ اسان وٽ هيڪلو ايندو.
19|81|۽ الله کانسواءِ ٻيا معبود هن لاءِ ورتا اٿن ته اُنهن لاءِ مانَ جو سبب ٿين.
19|82|ائين نه آهي، سندين پوڄا جو انڪار ڪندا ۽ اُنهن جا دشمن (۽ مخالف) ٿيندا.
19|83|(اي پيغمبر) نه ڏٺو اٿيئي ڇا ته شيطانن کي ڪافرن تي موڪليوسون ته (اُهي) کين لوڏا ڏيئي ڏُوٽين؟
19|84|پوءِ مٿن تڪڙ نه ڪر، انهن لاءِ پوري ڳڻ ڳڻيندا آهيون.
19|85|اُن ڏينهن پرهيزگارن کي مهمانن وانگر ٻاجهاري (الله) وٽ ڪٺو ڪنداسون.
19|86|۽ ڏوهين کي دوزخ ڏانهن اُڃو روانو ڪنداسون.
19|87|جنهن الله وٽان انجام ورتو تنهن کانسواءِ (ٻيا ڪي) شفاعت ڪري نه سگهندا.
19|88|۽ چوندا آهن ته الله پاڻ لاءِ اولاد ورتو آهي.
19|89|بيشڪ اوهان بڇڙي شيءِ آندي (چئبن ته).
19|90|اِنهي (چوڻ) کان اِجهو آسمان ڦاٽندا ۽ زمين ڦاٽندي ۽ جبل ذرا ذرا ٿي ڪرندا.
19|91|اُنهي سببان جو (انهن) الله لاءِ پُٽ (ٺهرائي) سڏيا.
19|92|۽ الله کي اولاد وٺڻ نه جڳائيندو آهي.
19|93|جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سي سڀ الله وٽ ٻانها ٿي ايندا.
19|94|بيشڪ الله کين ڳڻيو آهي ۽ سندن ڳاڻاٽو ڳڻيو اٿس.
19|95|۽ قيامت جي ڏينهن انهن مان هر هڪ وٽس هيڪلو ايندو.
19|96|بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ سگهو الله محبّت پيدا ڪندو.
19|97| پوءِ اُهو (قرآن) تنهنجي زبان تي رڳو هن لاءِ آسان ڪيوسون ته (تون) ساڻس پرهيزگارن کي خوشخبري ڏيئين ۽
ان سان جهيڙا گر قوم کي ڊيڄارين.
19|98|۽ کانئن اڳ گهڻا جُڳ ناس ڪياسون، منجائن ڪنهن هڪ جو پتو لهين ٿو ڇا يا سندس پٽڪ ٻڌين ٿو ڇا؟
20|1|طٰهٰ.
20|2|توتي قرآن هن لاءِ نه لاٿوسون ته تون اؤکو ٿئين.
20|3|(لاٿوسون) پر جيڪو ڊڄي تنهن جي نصيحت ڏيڻ لاءِ.
20|4|اُنهي (جي طرف) کان لهڻ وارو آهي جنهن زمين ۽ مٿاهن آسمانن کي بڻايو آهي.
20|5|(اُهو) ٻاجهارو عرش تي قائم آهي.
20|6| جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي ۽ جيڪي ٻنهي جي وچ ۾ آهي ۽ جيڪي زمين جي تري هيٺان
آهي سو اُن جو آهي.
20|7|۽ جيڪڏهن (تون) ڏاڍيان ڳالهائين ته بيشڪ اُهو ڳُجهه ۽ پڌرو ڄاڻندڙ آهي.
20|8|الله (اُهو آهي جو) اُن کانسواءِ ٻيو ڪو معبود نه آهي، اُن جا چڱا نالا آهن.
20|9|۽ (اي پيغمبر) توکي مُوسىٰ جي ڳالهه نه پُهتي آهي ڇا؟

20|59|چيائين ته اوهان جي انجام جو وقت جشن جو ڏينهن آهي ۽ ماڻهو ڏينهن چڙهي گڏ ٿين.
20|60|پوءِ فرعون (گهر ڏانهن) موٽيو ۽ پنهنجا ڦند گڏ ڪيائين وري آيو.
20|61|مُوسىٰ جادوگرن کي چيو ته اوهان تي خرابي هجي الله تي ڪوڙو ناهه نه ناهيو نه ته اوهان کي ڪنهن آفت سان
ڪپائيندو، ۽ جنهن ناهه ناهيو سو بيشڪ مراد کي نه پهتو.
20|62|پوءِ پنهنجي ڪم ۾ پاڻ ۾ گفتگو ڪيائون ۽ ڳجهيون صلاحون ڪيائون.
20|63|چيائون ته هي ٻئي ضرور جادوگر آهن پنهنجي جادوءَ سان اوهان کي اوهان جي مُلڪ مان لوڏڻ ۽ اوهان جي
بلڪل چڱي مذهب کي وڃائڻ گهرندا آهن.
20|64|تنهنڪري پنهنجا جادوءَ (جا سامان) گڏ ڪريو وري صفون ٻڌي اچو، ۽ جيڪو اڄ ڏاڍو ٿيو سو بيشڪ ڇٽو.
20|65|چيائون ته اي مُوسىٰ (تون) اُڇلينءَ يا پهرين اسين (پنهنجو جادو) اُڇليون.
20|66|چيو ته پلي (اوهين) اُڇليو، پوءِ اوچتوئي سندن رسا ۽ سندن لٺيون جادوءَ کان موسىٰ جي خيال ۾ آيو (مُوسىٰ)
ته ڇٽڪ اهي ڊوڙن ٿيون.
20|67|پوءِ مُوسىٰ پنهنجي دل ۾ ڊپ پاتيو.
20|68|چيوسون ته نه ڊڄ ڇوته تون ئي غالب آهين.
20|69|۽ جيڪي تنهنجي سڄي هٿ ۾ آهي سو اُڇل ته جيڪي ٺاهيائون سو ڳِهي وڃي، جيڪي ٺاهيائون سو جادوگر جي
فريب ڪانسواءِ نه آهي، ۽ جادوگر جِتي ويندو اُتي نه ڇٽندو.
20|70|پوءِ سڀ جادوگر سجدو ڪندڙ ٿي ڪري پيا چيائون ته مُوسىٰ ۽ هارون جي پالڻهار تي ايمان آندوسون.
20|71|(فرعون) چيو ته اوهان منهنجي موڪل ڏيڻ کان اڳ اُن تي ڇو ايمان آندو، بيشڪ اُهو اوهان جو ضرور وڏو
(يعني استاد) آهي جنهن اوهان کي جادو سيکاريو آهي، تنهنڪري اوهان جا هٿ ۽ اوهان جا پير اُبتا سُبتا ضرور وڍيندس ۽
اوهان کي کجين جي ٿُڙن ۾ ضرور سُوريءَ چاڙهيندس، ۽ ضرور ڄاڻندؤ ته اسان مان ڪنهنجو عذاب بلڪل سخت ۽ بلڪل
هميشه رهڻ وارو آهي.
20|72|چيائون ته ڇٽن دليلن مان جيڪي اسان وٽ آيا تن تي ۽ جنهن اسان کي پيدا ڪيو تنهن تي توکي ڪڏهن
زيادتي نه ڏينداسون تنهنڪري جيڪي تون ڪرڻ وارو آهين سو ڪر، (تون) رڳو دُنيا جي حياتيءَ ۾ ڪندين.
20|73|بيشڪ اسان پنهنجي پالڻهار تي هن لاءِ ايمان آندو آهي ته اسان جون خطائون ۽ جنهن جادو ڪرڻ تي تو اسان
کي زور ڪيو سو اسان کي بخشي، ۽ الله پلو ۽ سدائين رهڻ وارو آهي.
20|74|سچ آهي ته جيڪو منهنجي پالڻهار وٽ ڏوهاري ٿي ايندو تنهن لاءِ بيشڪ دوزخ آهي، اُهو منجهس نڪي مرندو ۽
نڪي جيئندو.
20|75|۽ جيڪي مؤمن ٿي وٽس چڱا ڪم ڪري ايندا سي اُهي آهن جن لاءِ وڏا مرتبا آهن.
20|76|سدائين رهڻ جا باغ جن جي هيٺان واهيون وهنديون آهن منجهس سدائين رهڻ وارا آهن، ۽ جيڪو پاڪ ٿيو
تنهنجو اِهو بدلو آهي.
20|77|۽ بيشڪ موسىٰ ڏانهن وحي ڪيوسون ته راتو واهه منهنجي ٻانهن سميت نڪر پوءِ سمنڊ ۾ انهن لاءِ سُڪي واٽ
بڻاءِ (ويرين کان) پڪڙجڻ جي پَرو نه ڪر ۽ نڪي (ٻُڏڻ کان) ڊڄ.
20|78|پوءِ فرعون پنهنجي لشڪر سميت سندن پوئتان پيو پوءِ سمنڊ مان (پاڻيءَ جو اُهو ڪُنُ) کين وري ويو جيڪو
کين ورٽو هو.
20|79|۽ فرعون پنهنجي قوم کي گمراهه ڪيو ۽ سڌي رستي نه لاتو.
20|80|اي بني اسرائيلؤ بيشڪ اوهان کي اوهان جي ويريءَ کان بچايوسون ۽ طور (جبل) جي سڄي پاسي کان اوهان کي
(توريت ڏيڻ جو) انجام ڪيوسون ۽ مَنّ ۽ سَلوىٰ اوهان تي لاٿاسون.
20|81|(چيوسون ته) (۽ چيوسون ته) سٿين (شين) مان جيڪا اوهان جي روزي ڪئي سون سا کائو ۽ منجهس نافرماني نه ڪريو نه
ته اوهان تي منهنجو ڏمر نازل ٿيندو، ۽ جنهن تي منهنجو ڏمر نازل ٿيو سو بيشڪ اُجڙيو.
20|82|۽ جنهن توبه ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا وري سڌو رستو لڌائين تنهن کي بيشڪ آءٌ بخشيندڙ آهيان.
20|83|۽ اي موسىٰ ڪنهن توکي پنهنجي قوم کان (اڳ اچڻ جي) تڪڙ ڪرائي؟
20|84|چيائين ته اُهي منهنجي پوئتان آهن ۽ اي منهنجا پالڻهار توڏانهن هن لاءِ تڪڙ ڪيم ته راضي ٿئين.
20|85|(الله) چيو ته اسان تنهنجي پويان تنهنجي قوم کي پرکيو ۽ کين سامريءَ گمراهه ڪيو.
20|86|پوءِ مُوسىٰ پنهنجي قوم ڏانهن ڪاوڙجي ارمان ۾ موٽيو، چيائين ته اي منهنجي قوم اوهان جي پالڻهار اوهان کي
چڱو انجام نه ڏنو هو ڇا؟ پوءِ اوهان تي مُدو ڊگهو ٿي پيو ڇا يا پنهنجي پالڻهار جو ڏمر پاڻ تي نازل ٿيڻ گهريوَ؟ ۽
تنهنڪري منهنجي انجام جي ابتڙائي ڪيو.
20|87|چيائون ته پنهنجي وس کان تنهنجي انجام جي برخلافي نه ڪئي سون پر (فرعون جي) قوم جي زيورن مان بار
ڪٽايا وياسون پوءِ اُهي (باهه ۾) وڌاسون پوءِ اهڙي طرح سامري وڌا.
20|88|پوءِ انهن لاءِ ڳِئي جو بوتو ڪڍيائين جنهن کي رنڀ هئي پوءِ چيائون ته هيءُ اوهان جو معبود ۽ موسىٰ جو معبود
آهي، ۽ (مُوسىٰ) پلجي ويو.
20|89|نه ٿي ڏٺائون ڇا ته (اُهو) اُنهن کي ورندي ورائي نٿو ڏئي، ۽ کين نڪي ڏُک ۽ نڪي سُک ڏئي سگهي ٿو؟
20|90|۽ بيشڪ هارُون پهريون ئي کين چيو هو ته اي منهنجي قوم اوهين اُن (ڳابي) سان پرکيا ويا آهيو، بيشڪ اوهان
جو پالڻهار ٻاجهارو (الله) آهي تنهنڪري منهنجي تابعداري ڪريو ۽ منهنجو حُڪم مڃيو.
20|91|چيائون ته (اسين ايسين) مٿس مجاور رهنداسون جيسين مُوسىٰ اسان ڏانهن موٽي.
20|92|(مُوسىٰ اچي) چيو ته اي هارون توکي ڪنهن جهليو جڏهن کين گمراهه ٿيندو ڏٺئي.
20|93|ته منهنجي پٺيان نه لڳين، منهنجي حُڪم جي نافرماني ڪيئي ڇا؟
20|94|(هارون) چيو ته اي ادا نڪي مون کي ڏاڙهيءَ کان وٺ ۽ نڪي منهنجي مٿي کان، آءٌ (هن ڳالهه کان) ڊنس ته
متان چوين ته يعقوب جي اولاد جي وچ ۾ جدائي وڌءِ ۽ منهنجي چوڻ جو انتظار نه ڪيئي.
20|95|(موسىٰ) چيو ته اي سامري تنهنجو ڇا حال آهي.
20|96|چيائين ته اُها (شيءِ) ڏٺم جا (ماڻهن) نه ڏٺي پوءِ اُن موڪيل جي پيرن جي (مٽيءَ جي) هڪ مُٺ پريم
پوءِ اُها (ڳابي جي بوتي ۾) وڌم ۽ اهڙي طرح مُنهنجي نفس (اُهو) مون لاءِ سينگاريو.
20|97|(موسىٰ) چيو ته وڃ بيشڪ توکي حياتيءَ ۾ (هيءَ سزا) آهي ته چوندو رهندين ته نه ڇُهو، ۽ تولاءِ بيشڪ (ٻيو
به) انجام آهي جنهن جي توسان ابتڙائي نه ڪبي، ۽ پنهنجي معبود ڏانهن نهار جنهن تي تون مجاور ٿي ويٺو هُئين، ته
اُن کي ساڙينداسون وري اُن (جي ڪيريءَ) کي درياءَ ۾ ڪنڊائڻ وانگر ڪنڊائينداسين.
20|98|اوهان جو معبود الله ئي آهي انهيءَ ڪانسواءِ ڪو عبادت جو لائق ڪونهي، سڀڪا شيءِ سندس علم ۾ سمائي

21|2|سندن پالڻهار وٽان ڪا نئين نصيحت وٽن نه ايندي آهي پر اُن کي (ٺٺوليءَ وانگر راند) ڪندي ٻڌندا آهن.
21|3|سندن دليون وائڙيون آهن، ۽ ظالم ڳجهيون صلاحون ڪندا آهن، ته هي (پيغمبر) اوهان جهڙو ئي ماڻهو آهي، ۽ اوهين ڏسي وائسي جادوءَ کي ڇو ويجها ويندا آهيو؟
21|4|(پيغمبر) چيو ته منهنجو پالڻهار سڀ ڳالهه ڄاڻندڙ آهي (جا) آسمان ۽ زمين ۾ (جتي هجي)، ۽ اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.
21|5|بلڪ چيائون ته (اهو قرآن) اجايا خيالات آهن بلڪ اُن کي ناهه ناهيو اٿس بلڪ اُهو شاعر آهي، پوءِ جڳائي ته اسان وٽ ڪا نشاني آڻي جهڙي طرح پهريان (پيغمبر) موڪليا ويا هوا.
21|6|(هائو) ڪوبه ڳوٺ جنهن کي اڳ ناس ڪيوسون تنهن (جي رهاڪن پنهنجن پيغمبرن تي) ايمان نه آندو هو، پوءِ هيءَ ايمان آڻيندا آهن ڇا؟
21|7|۽ (اي پيغمبر) توکان اڳ رڳا مرد موڪلياسون جن ڏانهن وحي ڪيوهوسون (چؤ ته) جيڪڏهن نه ڄاڻندا آهيو ته ڪتاب وارن کان پڇو.
21|8|۽ اُنهن (پيغمبرن) جو جُسو اهڙو نه بڻايوسون جو طعام نه کائين ۽ نه سدائين رهڻ وارا هوا.
21|9|وري ساڻن (پنهنجي) انجام کي سچو ڪيوسون پوءِ اُنهن کي ۽ جنهن لاءِ گهريوسون تنهن کي بچايوسون ۽ حد کان لنگهندڙن کي ناس ڪيوسون.
21|10|بيشڪ اوهان ڏانهن هڪ ڪتاب نازل ڪيوسون جنهن ۾ اوهان لاءِ نصيحت آهي، پوءِ ڇونه سمجهندا آهيو؟
21|11|۽ ڪيترائي ڳوٺ جو اُهي ظالم هوا ويران ڪياسون ۽ کانئن پوءِ ٻيو قومون پيدا ڪيون سون.
21|12|پوءِ جنهن دم اسان جو عذاب سهي ڪيائون (تنهن دم) اُمالڪ اُتاهون اُٿي ڀڳا ٿي.
21|13|(چيوسون ته) نه ڀڄو ۽ جن (نعمتن) ۾ آسودا هُيؤ اُنهن ڏانهن ۽ پنهنجن گهرن ڏانهن موٽو ته مانَ اوهان کان پڇيو وڃي.
21|14|چوندا رهيا ته اسان لاءِ خرابي آهي بيشڪ اسين ظالم هئاسون.
21|15|پوءِ سدائين سندن اهو پڪارڻ هو تانجو کين لُٽيل (۽) وسانيل ڪيوسون.
21|16|۽ آسمان ۽ زمين کي ۽ جيڪي سندن وچ ۾ آهي سا ڪا اسان راند نه بڻائي آهي.
21|17|جيڪڏهن اسان کي راند بڻائڻ (يعني ٻارن ٻچن) جو ڪو ارادو هجي ها ته ضرور اُنکي پاڻ وٽان وٺون ها (يعني پاڻ جهڙا ڪريون ها)، جيڪڏهن اسين ڪندڙ هجون ها (پر اسين ائين ڪندڙ نه آهيون).
21|18|بلڪ سچ کي ڪُوڙ تي اُڇليندا آهيون پوءِ اُهو سندن مٿو ڀڃندو آهي پوءِ اُنهيءَ مهل اُهو (ڪوڙ) ڇٽ ٿيندڙ آهي ۽ جيڪي (الله جون) وصفون اوهين بيان ڪندا آهيو تنهن سببان اوهان لاءِ خرابي آهي.
21|19|۽ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو الله جو آهي، ۽ جيڪي وٽس آهن سي سندس عبادت کان وڏائي نه ڪندا آهن ۽ نڪي ٿڪبا آهن.
21|20|رات جو ۽ ڏينهن جو پاڪائي بيان ڪندا آهن سُست نه ٿيندا آهن (اُهي).
21|21|زمين (جي شين) مان اهڙا معبود ورتا اٿن ڇا جو اُهي (مئي کانپوءِ کين) ڪڙو ڪندا؟
21|22|جيڪڏهن آسمان ۽ زمين ۾ الله کانسواءِ (گهڻا) معبود هجن ها ته (آسمان ۽ زمين) ٻئي اُجڙن ها، پوءِ ڪافر جيڪو بيان ڪندا آهن تنهن (ڳالهه) کان عرش جو پالڻهار پاڪ آهي.
21|23|(الله) جيڪي ڪندو آهي تنهن بابت (اُهو) نه پڇبو ۽ اُنهن کان پڇا ڪبي.
21|24|اُن کانسواءِ (ٻيا) معبود ڇا ورتائون؟ (اي پيغمبر کين) چؤ ته پنهنجو دليل آڻيو، هي (قرآن) منهنجي سنگت جي نصيحت آهي ۽ (هي) مون کان اڳ وارن جي نصيحت آهي (يعني توريت ۽ انجيل انهن مان دليل ڏيو) بلڪ انهن مان گهڻا حق کي نه ڄاڻندا آهن اُن ڪري اُهي مُنهن موڙيندڙ آهن.
21|25|۽ توکان اڳ جيڪو (به) پيغمبر موڪليوسون تنهن ڏانهن هي ئي وحي ڪيوسون ته مون کانسواءِ ڪو عبادت جو لائق نه آهي تنهنڪري منهنجي عبادت ڪريو.
21|26|۽ چون ٿا ته الله (پنهنجي لاءِ) اولاد ورتو آهي اُهو پاڪ آهي، بلڪ (ملائڪ الله جا) سڳورا ٻانها آهن.
21|27|ڳالهائڻ ۾ اُن کان اڳڀائي نه ڪندا آهن ۽ سندس حُڪم موجب ڪم ڪندا آهن.
21|28|جيڪي سندن اڳتان ۽ جيڪي سندن پوئتان آهي سو (الله) ڄاڻندو آهي ۽ (الله) جنهن کان راضي ٿئي تنهن کان سواءِ ٻئي لاءِ سفارش نه ڪندا آهن ۽ اُهي سندس ڀَوَ کان ڊڄندڙ آهن.
21|29|۽ منجهائن جيڪو چوي ته آءٌ الله کان سواءِ معبود آهيان تنهن کي دوزخ جي سزا ڏينداسون، ظالمن کي اهڙي ئي سزا ڏيندا آهيون.
21|30|ڪافرن نه ڏٺو آهي ڇا ته آسمان ۽ زمين بند ٿيل هوا؟ پوءِ انهن کي کوليوسون، ۽ سڀڪنهن جيئري شيءِ کي پاڻيءَ مان پيدا ڪيوسون، پوءِ ڇونه ايمان آڻيندا آهن؟
21|31|۽ زمين ۾ جبل پيدا ڪياسون ته متان کين ڏوڏي ۽ منجهس ويڪريون واٽون بڻايوسون ته مانَ اُهي واٽ لهن.
21|32|۽ آسمان کي مُحڪم ڇت بڻائي سون، ۽ اُهي اُن جي نشانين کان مُنهن موڙيندڙ آهن.
21|33|۽ (الله) اُهو آهي جنهن رات ۽ ڏينهن ۽ سج ۽ چنڊ بڻايو، سڀڪو (تارو پنهنجي) آسمان ۾ ترندو آهي.
21|34|۽ توکان اڳ ڪنهن ماڻهوءَ کي سدائين رهڻ وارو نه ڪيوسون، جيڪڏهن تون مُئين ته اُهي سدائين رهڻ وارا آهن.
21|35|سڀڪو جيءُ موت (جو مزو) چکڻ وارو آهي، ۽ اوهان کي مدائي ۽ چڱائي سان ڄاچڻ طرح پرکيندا آهيون، ۽ اسان ڏانهن موٽائبؤ.
21|36|۽ جڏهن ڪافر توکي ڏسندا آهن تڏهن توکي رڳو ٺٺولي ڪري وٺندا آهن، (۽ چوندا آهن) ته هيءُ اُهو آهي ڇا جيڪو اوهان جي معبودن (جي عيبن) جو ذڪر ڪندو آهي، ۽ اُهي الله ياد ڪرڻ کان انڪار ڪندا آهن.
21|37|ماڻهو اُبهر مان بڻايو ويو آهي، سگهو پنهنجون نشانيون اوهان کي ڏيکاريندس پوءِ مون کان عذاب جلد نه گهرو.
21|38|۽ چون ٿا ته جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته اُهو انجام ڪڏهن ٿيندو؟
21|39|جيڪڏهن ڪافر اُن وقت کي ڄاڻن ها جنهن مهل نڪي پنهنجن منهن ۽ نڪي پنهنجين پٺين کان باهه کي جهلي سگهندا ۽ نڪي کين مدد ڏبي (ته ائين نه چون ها)
21|40|بلڪ (اها گهڙي) وٽن اوچتو ايندي پوءِ کين حيران ڪندي پوءِ نڪي اُها ٽاري سگهندا ۽ نڪي کين مهلت ڏبي.
21|41|۽ بيشڪ توکان اڳ پيغمبرن سان ٺٺوليون ڪيون ويون پوءِ منجهائن جن ٺٺوليون ڪيون تن تي اُهو عذاب اُلٽيو جنهن سان ٺٺوليون ڪندا هوا.
21|42|(اي پيغمبر کين) چؤ ته رات ۽ ڏينهن ۾ ٻاجهاري (الله جي عذاب) کان ڪير اوهان جي نگهباني ڪندو آهي،

بلڪ اُهي، پنهنجي پالڻهار جي ياد ڪرڻ کان منهن موڙيندا آهن.

21|43|اسان کانسواءِ (بچائڻ وارا) ڪي معبود آهن ڇا جو انهن کي بچائيندا؟ اُهي پاڻ کي به مدد ڏيئي نه سگهندا آهن ۽ نکي اُهي (هڪ ٻئي جي مدد سان) اسان (جي عذاب) کان بچندا.

21|44|بلڪ کين ۽ پيءُ ڏاڏن کي آسودو ڪيوسون تان جو سندن جمار ڊگهي ٿي، پوءِ نه ٿا ڏسن ڇا ته (ڪافرن جي) مُلڪ کي اُن جي چوڌاريون (مسلمانن جي غلبي سان) گهٽائيندا آهيون؟ پوءِ اُهي غالب ٿيندا ڇا؟

21|45|(اي پيغمبر کين) چؤ ته آءٌ اوهان کي وحي سان ئي ڊيڄاريندو آهيان، ۽ جڏهن (ماڻهو) ڊيڄاريا ويندا آهن تڏهن ٻوڙو (ڊيڄارڻ جو) سڏ نه ٻڌندو آهي.

21|46|۽ جيڪڏهن تنهنجي پالڻهار جي عذاب مان ٿورڙي کين پهچي ته ضرور چون ته هيءِ ارمان اسين ظالم هواسون.

21|47|۽ قيامت جي ڏينهن عدل جي ترازي رکندسون پوءِ ڪنهن جيءُ تي ڪجهه ظلم نه ڪبو، ۽ جيڪڏهن عمل اَهر جي داڻي جي تور هوندو ته به اُن کي آڻينداسون، ۽ اسين حساب ڪندڙ بس آهيون.

21|48|۽ بيشڪ مُوسىٰ ۽ هارون کي نبيريندڙ ڪتاب ۽ انهن پرهيزگارن لاءِ سوجهرو ۽ نصيحت ڏني سون.

21|49|جيڪي پنهنجي پالڻهار کان پرپٺ ڊڄندا آهن ۽ اُهي قيامت کان (پڻ) ڊڄندڙ آهن.

21|50|۽ هي (قرآن) هڪ برڪت واري نصيحت آهي جنهن کي نازل ڪيوسون، پوءِ به اوهين ان جا منڪر ٿيندا آهيو ڇا؟

21|51|۽ بيشڪ ابراهيم کي اڳي سندس هدايت ڏني سون ۽ کيس ڄاڻندڙ هواسين.

21|52|جڏهن پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم کي چيائين ته هي ڪهڙيون مورتون آهن جن تي اوهين ويهي عبادت ٿا ڪريو.

21|53|چيائين ته پنهنجا ابا ڏاڏا اُنهن جا پوڄيندڙ ڏٺاسون.

21|54|(ابراهيم) چيو ته بيشڪ اوهين پاڻ ۽ اوهان جا ابا ڏاڏا پڌريءَ گمراهيءَ ۾ آهيو.

21|55|چيائون اسان وٽ سچ آندو اٿئي يا تون راند ڪندڙن مان آهين؟

21|56|(ابراهيم) چيو ته بلڪ اوهان جو پالڻهار آسمانن ۽ زمين جو پالڻهار آهي جنهن اُهي بڻايا آهن، ۽ آءٌ اُن (ڳالهه) تي شاهدي ڏيندڙن مان آهيان.

21|57|۽ الله جو قسم آهي ته اوهان جي پٺيري ٿي ڦرڻ کانپوءِ اوهان جي بتن جو ضرور ڪو حيلو ڪندس.

21|58|پوءِ اُنهن کي سندن وڏي کانسواءِ ٽُڪر ٽُڪر ڪيائين ته مانَ اهي ڏانهس موٽن.

21|59|چيائون ته اسان جي بُتن سان ڪنهن هيءُ حال ڪيو؟ بيشڪ اُهو ظالمن مان آهي.

21|60|چيائون ته هڪ جوان کان ٻڌوسون ته سندين ڳالهه ڪندو هو اُن کي ابراهيم سڏيندا آهن.

21|61|چيائون ته کيس ماڻهن جي اکين اڳيان آڻيو ته مانَ اُهي گواهي ڏين.

21|62|(جڏهن آندائون تڏهن) چيائون ته اي ابراهيم تو اسان جي بُتن جو هي حال ڪيو آهي ڇا؟

21|63|(ابراهيم) چيو ته (نه)! بلڪ اهو سندن هن وڏي ڪيو آهي جيڪڏهن ڳالهائن ٿا ته کانئن پڇو.

21|64|پوءِ پاڻ ڏانهن (سوچيندڙ ٿي) موٽيا پوءِ (هڪ ٻئي کي) چيائون ته بيشڪ اوهين پاڻ بي انصاف آهيو.

21|65|پوءِ پنهنجا ڪنڌ اُونڌا ڪيائون، (چيائون) ته بيشڪ ڄاڻندو آهين ته هي نه ڳالهائيندا آهن.

21|66|(ابراهيم) چيو ته الله کانسواءِ انهن کي پوڄيندا آهيو ڇا جيڪي اوهان کي نڪي نفعو پهچائيندا آهن ۽ نڪي اوهان کي نقصان پهچائيندا آهن.

21|67|اوهان کي ۽ جنهن کي الله کانسواءِ پوڄيندا آهيو تنهن کي ڌِڪار هُجي، (اوهين) نه ڄاڻندا آهيو ڇا؟

21|68|چيائون ته اُن کي ساڙيو ۽ جيڪڏهن اوهين ڪي ڪرڻ گهرو ٿا ته پنهنجن بُتن جو پَلو وٺو.

21|69|(پوءِ باهه ۾ وڌائونس) چيوسون ته اي باهه ابراهيم تي ٿڌي ۽ سلامتي واري ٿي پؤ.

21|70|۽ کيس ايذائڻ گهريائون تنهنڪري کين بلڪل ڇيئي وارو ڪيوسون.

21|71|۽ کيس ۽ لوط کي اهڙي زمين ڏانهن بچائي آندوسون جنهن ۾ جهان وارن لاءِ برڪت ڪئي سون.

21|72|۽ ابراهيم کي اسحاق بخشيوسون، ۽ يعقوب (جو سندس پوٽو هو) وڌيڪ (بخشيوسون)، ۽ سڀني کي صالح ڪيوسون.

21|73|۽ اُهي اهڙا امام ڪياسون جو اسان جي حُڪم موجب سڌو رستو ڏيکاريندا هوا ۽ انهن ڏانهن چڱن ڪمن ڪرڻ ۽ نماز پڙهڻ ۽ زڪوٰة ڏيڻ جو حُڪم ڪيوسون، ۽ اسان جي عبادت ڪندڙ هوا.

21|74|۽ لُوط کي حڪمت ۽ علم ڏنوسون ۽ کيس اهڙي ڳوٺ وارن کان بچايوسون جو مدا ڪم ڪندا هوا، ڇوته اُهي بڇڙي نافرمان قوم هوا.

21|75|۽ کيس پنهنجي ٻاجهه هيٺ داخل ڪيوسون، بيشڪ اُهو صالحن مان هو.

21|76|۽ (اي پيغمبر) نوح (جي قصي) کي (ياد ڪر) جڏهن (اُنهن پيغمبرن کان) اڳ دُعا گهريائين تڏهن سندس دُعا قبول ڪئي سون پوءِ کيس ۽ سندس گهر وارن کي وڏي اوکائيءَ کان بچايو سون.

21|77|۽ کيس اهڙي قوم تي سوڀارو ڪيوسون جنهن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڀانيو، بيشڪ اُهي بڇڙي قوم هوا تنهنڪري انهن مڙني کي ٻوڙيوسون.

21|78|۽ دائود ۽ سليمان (جي قصي) کي (ياد ڪر) جڏهن پوک بابت فيصلو ڪيائون جو هڪ قوم جي ڌڻ رات جو منجهس ڀيل ڪئي هئي، ۽ سندن حُڪم ڪرڻ وقت حاضر هواسون.

21|79|تڏهن اُهو سليمان کي سمجهايوسون، ۽ هر هڪ کي حڪمت ۽ علم ڏنوسون، ۽ دائود کي جبل ۽ پکي تابع ڪري ڏناسون جو (ساڻس) تسبيح چوندا هوا، ۽ (اسين ايئن) ڪرڻ وارا هواسون.

21|80|۽ دائود کي اوهان لاءِ زرهه ٺاهڻ هن لاءِ سيکاري سون ته اوهان کي اوهان جي لڙائي (جي نقصان) کان بچائي، پوءِ اوهين ڪي شڪر ڪندڙ آهيو ڇا؟

21|81|۽ سُليمان کي تِکو واءُ (تابع ڪري ڏنوسون) جو سندس حُڪم سان اهڙي زمين ڏانهن هلندو هو جنهن ۾ برڪت رکي سون، ۽ سڀڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهيون.

21|82|۽ ديون مان ڪي اهڙا (تابع ڪري ڏناسون) جي اُن لاءِ ٽٻندا هوا ۽ اُن کانسواءِ ٻيو ڪم (به) ڪندا هوا، ۽ سندن نگهبان هواسون.

21|83|۽ (اي پيغمبر) ايوب (جي قصي) کي (ياد ڪر) جڏهن پنهنجي پالڻهار کي سڏيائين ته مون کي ڏُک پهتو آهي ۽ تون (سڀني) کان تمام ٻاجهارو آهين.

21|84|پوءِ سندس دُعا قبول ڪئي سون پوءِ جيڪو کيس ڏک پهتو هو سو لاٿوسون ۽ سندس گهر وارا کيس (ورائي) ڏناسون ۽ اُنهن جهڙا ساڻن گڏ پنهنجي ٻاجهه وٽان (ڏناسون) ۽ (ته) عبادت ڪندڙن لاءِ يادگيري هجي.

21|85|۽ اسماعيل ۽ ادريس ۽ ذوالڪفل کي (ياد ڪر)، هر هڪ صابرن مان هو.

21|86|۽ کين پنهنجي ٻاجھ ۾ داخل ڪيوسون، بيشڪ اُهي صالحن مان هوا.

21|87|۽ مڇي واري (جي قصي) کي (ياد ڪر) جڏهن هو (پنهنجي قوم) تي ڪاوڙجي ويو پوءِ (ذوالنون ائين) ڀانيو ته اسان جي مٿس ڪڏهن پڪڙ نه هلندي پوءِ اونداهين ۾ دانهون ڪيائين ته توکان سواءِ ڪو معبود نه آهي تون پاڪ آهين، آءٌ گنهگارن مان آهيان.

21|88|پوءِ سندس دُعا قبول ڪئي سون ۽ کيس غم کان بچايوسون، ۽ اهڙي طرح مؤمنن کي بچائيندا آهيون.

21|89|۽ زڪريا (جو قصو ياد ڪر) جڏهن پنهنجي پالڻهار کي سڏيائين ته اي منهنجا پالڻهار مون کي هيڪلو نه ڇڏ ۽ تون چڱو وارث آهين.

21|90|پوءِ سندس دُعا قبول ڪئي سون ۽ کيس يحيىٰ بخشيوسون ۽ سندس زال کي سندس لاءِ چڱو ڪيوسون، اُهي چڱاين ۾ آڳاٽائي ڪندا هوا ۽ اسان کي اُميد ۽ ڀؤ ڪري سڏيندا هوا، ۽ اسان کان ڊڄندڙ هوا.

21|91|۽ (انهيءَ زال جو قصّو ياد ڪر) جنهن پنهنجي اُگهڙ بچائي پوءِ منجهس پنهنجو روح ڦوڪيوسون ۽ کيس ۽ سندس پٽ کي ساري جڳ لاءِ نشاني ڪئي سون.

21|92|بيشڪ اِهو اوهان جو دين هڪ دين آهي، ۽ آءٌ اوهان جو پالڻهار آهيان تنهنڪري منهنجي عبادت ڪريو.

21|93|۽ پنهنجي (دين جي) ڪمن کي پاڻ ۾ ٽُڪر ٽُڪر ڪيائون، سڀئي مون ڏانهن موٽندڙ آهن.

21|94|پوءِ جيڪو چڱا ڪم ڪندو ۽ اُهو مؤمن به هوندو تنهنجي ڪوشش جي بي قدري نه ڪبي، ۽ اسين اُن لاءِ لکندڙ آهيون.

21|95|۽ جنهن ڳوٺ کي ناس ڪيوسون تنهن تي حرام ٿيل آهي ته وري موٽي ايندا اُهي.

21|96|تان جو جڏهن يَاجُوج ۽ مَاجُوج کي کولبو ۽ اُهي سڀڪنهن دڙي کان ڊوڙندا.

21|97|۽ (جڏهن) سچو وعدو پهچندو تڏهن اوچتو ئي ڪافرن جو اکيون ٽڙي وينديون، (چوندا ته) هيءِ اُرمان بيشڪ هن (حال) کان بي خبريءَ ۾ هواسون بلڪ اسين ئي ظالم هواسون.

21|98|اوهين ۽ جن کي الله کانسواءِ پوڄيندا آهيو سي دوزخ جو ٻارڻ آهيو، اُن ۾ اوهين گهڙندڙ آهيو.

21|99|جيڪڏهن اُهي (بُت) معبود هجن ها ته اُن (دوزخ) ۾ نه گهڙن ها، ۽ مڙيئي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن.

21|100|منجهس انهن کي رڙيون هونديون ۽ اُهي منجهس (ڪي) نه ٻڌندا.

21|101|جن لاءِ اڳي ئي اسان وٽ چڱائي (لکيل) آهي اُهي اُن (دوزخ) کان پري ڪبا.

21|102|(اُهي) اُن جي ڀڻڪ نه ٻڌندا، ۽ جنهن (عيش) ۾ سندن جيءُ (رهڻ) گهرندو تنهن ۾ اُهي سدائين رهندا.

21|103|کين تمام وڏو خوف ملول نه ڪندو ۽ کين مَلائڪ گڏبا، (۽ چوندن ته) هيءُ اُهو ڏينهن آهي جنهن جو اوهان کي وعدو ڏنو ويندو هو.

21|104|جنهن ڏينهن آسمان کي ڪاغذ جي ويڙهيءَ وانگي ويڙهينداسون، جئن پهريون بڻايوسون (تئن) ان کي وري بڻائينداسون، اهو انجام اسان تي لازم آهي، اسين ڪرڻ وارا آهيون.

21|105|۽ بيشڪ توريت کان پوءِ زبور ۾ لکيوسون ته منهنجا صالح ٻانهان زمين جا وارث ٿيندا.

21|106|هن (قِصّي) ۾ عبادت ڪندڙ قوم لاءِ (مطلب جي) پورائي آهي.

21|107|۽ (اي پيغمبر) توکي خاص جهانن جي رحمت لاءِ موڪليوسون.

21|108|چؤ ته مون وٽ هن حُڪم کانسواءِ وحي نه ٿيندو آهي ته هڪ الله کانسواءِ اوهان جو ڪو معبود نه آهي، پوءِ اوهين چونه حُڪم مڃيندڙ آهيو؟

21|109|پوءِ جيڪڏهن ڦرن ته چؤ ته اوهان سڀني کي (الله جي حڪم تي) هڪ جهڙو خبردار ڪيم، ۽ جيڪو اوهان کي انجام ڏنو ويو سو نه ٿو ڄاڻان ته ويجهو آهي يا پري آهي.

21|110|بيشڪ الله ظاهري ڳالھ (به) ڄاڻندو آهي ۽ جيڪي اوهين لڪائيندا آهيو سو (به) ڄاڻندو آهي.

21|111|۽ آءٌ نه ڄاڻندو آهيان ته متان اُها ڍرايل (دير) اوهان لاءِ پرک هجي ۽ هڪ وقت تائين (اوهان لاءِ) نفعو هُجي.

21|112|(پيغمبر) چيو ته اي منهنجا پالڻهار سچو فيصلو ڪر، ۽ اسان جو پالڻهار ٻاجهارو آهي جيڪي اوهين بيان ڪندو آهي تنهن تي ڪانئس مدد گهري ويندي آهي.

22|1|اي ماڻهؤ پنهنجي پالڻهار کان ڊڄو، ڇوته قيامت وارو ڌڪاءُ وڏي شيءِ آهي.

22|2|جنهن ڏينهن اُن کي ڏسندؤ (تنهن ڏينهن) سڀڪا کير پيارينڌڙ جنهن کي کير پياريندي هوندي تنهن کي (دهشت کان) وساريندي ۽ سڀڪا ڳڀ واري پنهنجي ڳڀ کي ڪيريندي ۽ ماڻهن کي بيهوش ڏسندين حالانڪ اُهي بيهوش نه هوندا پر الله جو عذاب سخت آهي.

22|3|۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي جو الله جي شان ۾ بي سمجهيءَ سان تڪرار ڪندو آهي ۽ سڀڪنهن شيطان تڙيل جي پٺيان لڳندو آهي.

22|4|اُن (شيطان) تي لازم ڪيو ويو آهي ته جيڪو کيس دوست رکندو تنهن کي بيشڪ اُهو گمراھ ڪندو ۽ ان کي دوزخ جي عذاب ڏانهن سڌو رستو ڏيکاريندو.

22|5|اي ماڻهؤ جيڪڏهن وري جيئري ٿيڻ کان اوهين شڪ ۾ پيل آهيو ته اسان اوهان کي مٽيءَ مان بڻايو وري نُطفي مان وري رت جي دڳ مان وري گوشت جي ٻوٽيءَ مان پورو بڻايل ۽ اڌ گابرو بڻايل هن لاءِ ته اوهان کي کولي ٻڌايون، ۽ جنهن کي گهرندا آهيون تنهن کي مُقرر مُدّت تائين ڳڀيرڻين ۾ ٺهرائيندا آهيون وري ٻار بڻائي اوهان کي ٻاهر ڪڍندا آهيون وري نپائيندا آهيون ته اوهين پنهنجي جواني کي پهچو، ۽ اوهان مان ڪو اڳي مرندو آهي ۽ اوهان مان ڪنهن کي (جهورائي جي) نڪميءَ ڄمار ڏانهن هن لاءِ ورايو ويندو آهي ته ڄاڻپ کانپوءِ ڪجھ نه ڄاڻي، ۽ زمين کي غير آباد ڏسندو آهين پوءِ جڏهن مٿس پاڻي وسائيندا آهيون تڏهن تازي ٿيندي ۽ اُڀامندي آهي ۽ سڀڪنهن جنس مان چڱا اوپڙ ڄمائيندي آهي.

22|6|اِهو (بيان) هن لاءِ آهي جو الله (جو ئي هجڻ) حق آهي جو اُهو مُئن کي جياريندو آهي ۽ اُهو سڀڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.

22|7|۽ ته قيامت اچڻي آهي منجهس ڪو شڪ نه آهي ۽ ته جيڪي قبرن ۾ هوندا تن کي الله اُٿاريندو.

22|8|۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي جو الله جي شان ۾ ڄاڻپ ۽ هدايت ۽ پڌري ڪتاب ڌاران تڪرار ڪندو آهي.

22|9|(وڏائيءَ کان) ڪنڌ موڙيندڙ ٿي هن لاءِ ته (ماڻهن کي) الله جي واٽ کان گمراھ ڪري، ان لاءِ دنيا ۾ خواري آهي ۽ قيامت جي ڏينهن کيس سڙڻ جو عذاب چکائينداسون.

22|10|(چئبس ته) اها سزا انهن ڪمن جي ڪري آهي جو تنهنجي هٿن اڳي موڪليا آهن ۽ (انهيءَ ڪري) ته الله ٻانهن تي ظلم ڪندڙ نه آهي.

22|11|۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي جو الله جي عبادت آسيري پاسيري ڪندو آهي، پوءِ جيڪڏهن کيس ڪو نفعو

اوهين ڇُٽو.
22|78|۽ الله (جي دين) ۾ اهڙو جهاد ڪريو جهڙو اُن جي جهاد جو حق آهي، اُنهيءَ اوهان کي پسند ڪيو ۽ اوهان تي
دين ۾ ڪا اوکائي نه ڪيائين، اوهان جي پيءُ ابراهيم جو دين (اوهان جو دين ڪيائين)، الله اوهان جو نالو هن کان اڳ
۽ هن (قرآن) ۾ مسلمان هن لاءِ رکيو آهي ته پيغمبر (محمد رسُول ﷺ) اوهان تي شاهد هجي ۽ اوهين ماڻهن تي شاهد
هجو، پوءِ نماز پڙهو ۽ زڪوٰة ڏيو ۽ الله کي چنبڙي وٺو، (جو) اُهو اوهان جو سائين آهي، پوءِ چڱو سائين ۽ چڱو مددگار
آهي.
23|1|بيشڪ اُهي مؤمن ڇٽا.
23|2|جيڪي پنهنجي نماز ۾ عاجزي ڪندڙ آهن.
23|3|۽ جيڪي اجائي ڳالهه کان منهن موڙيندڙ آهن.
23|4|۽ جي زڪوٰة ادا ڪندڙ آهن.
23|5|۽ جي پنهنجين اُگهڙن کي (زنا کان) بچائيندڙ آهن.
23|6|رڳو پنهنجين زالن يا پنهنجين ٻانهين سا (ڳڏ ٿيندا آهن) پوءِ بيشڪ اُهي ملامت ڪيل نه آهن.
23|7|پوءِ جيڪي اُنهن (پنهنجين زالن يا پنهنجين ٻانهين) کانسواءِ طلبيندا سي ئي حد کان لنگهندڙ آهن.
23|8|۽ جيڪي پنهنجين امانتن کي ۽ پنهنجي انجام کي سنڀاليندڙ آهن.
23|9|۽ جيڪي پنهنجين نمازن جي نگاهه رکندا آهن.
23|10|اِهي ئي اُهي وارث آهن.
23|11|جيڪي نيڪ بهشت جا وارث ٿيندا، اُهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن.
23|12|۽ بيشڪ ماڻهوءَ کي مٽيءَ جي ست مان بڻايوسون.
23|13|وري اُن کي نطفو ڪري مُحڪم جاءِ ۾ رکيوسون.
23|14|وري (اُن) نُطفي کي رت جو دڳ بڻايوسون وري (اُن) رت جي دڳ کي ٻوٽي بڻايوسون وري (اُن) ٻوٽي کي
هڏا بڻايوسون پوءِ (اُنهن) هڏن کي گوشت پهرايوسون، وري اُن کي ٻي (نئين) بڻاوت بڻائي سون، پوءِ الله (وڏيءَ) برڪت
وارو (سڀ کان) ڏاڍو چڱو خلقيندڙ آهي.
23|15|وري بيشڪ اوهين ان کانپوءِ ضرور مرندؤ.
23|16|وري بيشڪ اوهين قيامت جي ڏينهن اُٿاربؤ.
23|17|۽ بيشڪ اوهان جي مٿان ست آسمان بڻاياسون، ۽ بڻائڻ کان بي خبر نه هواسون.
23|18|۽ آسمان کان پاڻي اندازي سان وسايوسون پوءِ اُن کي زمين ۾ رهايوسون، بيشڪ اسين اُن جي ورائي نيڻ تي وس
وارا آهيون.
23|19|پوءِ اُن سان کجين ۽ ڊاکن جا باغ اوهان لاءِ ڄماياسون، اوهان لاءِ انهن باغن ۾ گهڻا ميوا آهن ۽ انهن مان ڪي
اوهان کائيندا آهيو.
23|20|۽ اُهو (زيتون جو) وڻ (پيدا ڪيوسون) جو طُور سَينا مان نڪرندو آهي (اهڙي طرح) ڄمندو آهي جو تيل ۽
کائڻ وارن لاءِ ٻوڙ پيدا ٿيندو آهي.
23|21|۽ بيشڪ اوهان لاءِ ڍورن ۾ (به) عبرت آهي، (جو) جيڪي سندن پيٽن (يعني اوهن) ۾ آهي تنهن مان اوهان
کي (کير) پياريندا آهيون ۽ اوهان لاءِ منجهن (ٻيا به) گهڻا فائدا آهن ۽ منجهائن ڪي کائيندا (به) آهيو.
23|22|۽ انهن تي ۽ ٻيڙين تي اوهان کي سوار ڪبو آهي.
23|23|۽ بيشڪ نوح کي سندس قوم ڏانهن موڪليوسون پوءِ چيائين ته اي منهنجي قوم الله جي عبادت ڪريو اُن
کانسواءِ اوهان جو ڪو معبود نه آهي، پوءِ ڇونه ڊڄندا آهيو؟
23|24|پوءِ سندس قوم مان جيڪي سردار ڪافر هوا تن چيو ته هي رڳو اوهان جهڙو ماڻهو آهي اوهان تي سرادري
(حاصل) ڪرڻ گهرندو آهي، ۽ جيڪڏهن الله گهري ها ته ملائڪن کي موڪلي ها، اِها (ڳالهه ته) پنهنجن ابن ڏاڏن ۾
نه ٻڌيسون.
23|25|اِهو ته رڳو هڪڙو ديوانو شخص آهي تنهنڪري اُن لاءِ هڪ وقت تائين ترسو.
23|26|(نوح) چيو اي منهنجا پالڻهار مون کي مدد ڏي انهيءَ ڪري جو مون کي ڪوڙو پانيائون.
23|27|پوءِ ڏانهنس وحي ڪيوسون ته اسان جي اکين آڏو ۽ اسان جي حُڪم سان ٻيڙي ٺاهه پوءِ جڏهن اسان جو حُڪم
اچي ۽ تنور اُٻامي تڏهن سڀڪنهن جوڙي مان ٻه ٻه (نر ۽ مادي) ۽ پنهنجي گهر وارا منجهس چاڙهه پر منجهائن جن بابت
(هلاڪ ٿيڻ جو) حُڪم ٿي چڪو (سي نه چاڙهه)، ۽ ظالمن بابت مون کي نه چؤ، ڇوته اُهي ٻُڏل آهن.
23|28|پوءِ جڏهن ٻيڙيءَ تي تون چڙهي وِهين ۽ تنهنجا سنگتي (به وِهن) تڏهن چؤ ته سڀ ساراهه اُنهيءَ الله کي جڳائي
جنهن ظالمن جي قوم کان اسان کي بچايو.
23|29|۽ چؤ ته اي منهنجا پالڻهار مون کي برڪت واري هنڌ لاهه ۽ تون (سڀ کان) چڱو لاهيندڙ آهين.
23|30|بيشڪ هن (قِصّي) ۾ نشانيون آهن ۽ بيشڪ اسين پرکڻ وارا هواسون.
23|31|وري کانئن پوءِ ٻيو جُڳ پيدا ڪنداسون.
23|32|پوءِ منجهن هڪ پيغمبر اُنهن (جي قبيلي) مان موڪليوسون (تنهن چين) ته الله جي عبادت ڪريو اُن کانسواءِ
اوهانجو ڪو معبود نه آهي، پوءِ ڇونه ڊڄندا آهيو؟
23|33|۽ سندس قوم مان جن سردارن ڪفر ڪيو ۽ آخرت جي ملڻ کي ڪوڙ ڀانيو ۽ کين دنيا جي حياتيءَ ۾ آسودو به
ڪيو هوسون تن چيو ته هيءُ (پيغمبر) رڳو اوهان جهڙو ماڻهو آهي (جو) جنهن (قسم) منجهان (اوهين) کائيندا آهيو
تنهن مان (اُهو به) کائيندو آهي ۽ جنهن (قسم) منجهان اوهين پيئندا آهيو تنهن مان (اُهو به) پيئندو آهي.
23|34|۽ جيڪڏهن پاڻ جهڙي ماڻهوءَ جو چيو مڃيندؤ ته اوهين ان مهل ڇيئي وارا ٿيندؤ.
23|35|اوهان سان انجام ڪندو آهي ڇا ته جڏهن (اوهين) مرندؤ ۽ مٽي ۽ هڏا ٿيندؤ (تڏهن) اوهين ٻاهر ڪڍبؤ؟
23|36|جنهن جو اوهان کي انجام ڏجي ٿو سو (ٻڌڻ ۽ چوڻ کان) پري (بلڪل) پري آهي.
23|37|اسان جي رڳي هيءَ دنيا جي حياتي آهي (جنهن ۾) مرندا آهيون ۽ جيئندا آهيون ۽ اسين (وري جيئرا ٿي) اُٿڻ
وارا نه آهيون.
23|38|هيءُ رڳو هڪ ماڻهو آهي جنهن الله تي ڪوڙ ٻڌو آهي ۽ اسين کيس (ڪڏهن) مڃڻ وارا نه آهيون.
23|39|(پيغمبر) چيو ته منهنجا پالڻهار مون کي مدد ڏي هن ڪري جو مون کي ڪوڙو پانيائون.
23|40|(الله) فرمايو ته ٿوري مُدت پڇاڙا پشيمان ٿيندا.
23|41|پوءِ کين سچي انجام جي ڪري ٽڪاءَ پڪڙيو پوءِ کين ڪُٽو ڪيوسون، پوءِ ظالمن جي قوم تي لعنت هجي.
23|42|وري کانئن پوءِ ٻيا جُڳ پيدا ڪياسون.

23|43|کائي ٽولي پنھنجي مُدت کان اڳي نه ويندي آھي ۽ نڪي (اُھي) دير ڪندا آھن.
23|44|وري لڳو لڳ پنھنجن پيغمبرن کي موڪليوسون، جڏھن ڪڏھن ڪنھن ٽوليءَ وٽ سندن پيغمبر آيو (تڏھن)
کيس ڪوڙو ڄاتائون پوءِ انھن کي ھڪ ٻئي پٺيان (ناس) ڪيوسون ۽ کين (ٻين لاءِ) آکاڻيون ڪيوسون، پوءِ نه مڃيندڙ
قوم تي لعنت ھُجي.
23|45|وري پنھنجين نشانين ۽ پڌريءَ حجت سان موسىٰ ۽ سندس ڀاءُ ھارون کي موڪليوسون.
23|46|فرعون ۽ سندس سردارن ڏانھن پوءِ انھن وڏائي ڪئي ۽ (اُھي) ھٺيلي قوم ھوا.
23|47|پوءِ چيائون ته پاڻ جھڙن ٻن ماڻھن تي ايمان آڻيون ڇا؟ ۽ سندن قوم (ته) اسان جو ٻانھپو ڪندڙ آھي.
23|48|پوءِ انھن کي ڪوڙو ڄاتائون پوءِ ھلاڪ ڪيلن مان ٿيا.
23|49|۽ بيشڪ موسىٰ کي ڪتاب ڏنوسون ته مانَ اُھي سِڌو رستو لھن.
23|50|۽ مريم جي پٽ کي ۽ سندس ماءُ کي ھڪ نشاني ڪئي سون ۽ انھن کي سنئين ۽ وھندڙ پاڻي واري مٿاھين
زمين تي (رھڻ جي) جاءِ ڏني سون.
23|51|اي پيغمبرؤ سٺين شين مان کائو ۽ چڱا ڪم ڪريو، بيشڪ جيڪي ڪندا آھيو سو آءٌ ڄاڻندڙ (چيوسون ته)
آھيان.
23|52|۽ بيشڪ اوھان جو ھيءُ دين ھڪ دين آھي ۽ آءٌ اوھان جو پالڻھار آھيان تنھنڪري مون کان ڊڄو.
23|53|پوءِ (اُنھن قومن) پنھنجي ڪم کي پاڻ ۾ ذرا ذرا ڪري ڇنون، سڀڪنھن ٽوليءَ وٽ جيڪي آھي تنھن سان
اُھا سرھي (رھندي) آھي.
23|54|پوءِ (اي پيغمبر) کين سندن غفلت ۾ ھڪ حد تائين ڇڏي ڏي.
23|55|جنھن مال ۽ اولاد سان کين زيادتي ڏني سون تنھن کي پائئيندا آھن ڇا؟
23|56|ته ڪا انھن لاءِ چڱاين ڏيڻ ۾ تڪڙ ٿا ڪريون، (نه!) بلڪ نه سمجھندا آھن.
23|57|بيشڪ اُھي جيڪي پنھنجي پالڻھار جي ڊپَ کان ڊڄندڙ آھن.
23|58|۽ اُھي جيڪي پنھنجي پالڻھار جي نشانين تي ايمان آڻيندا آھن.
23|59|۽ اُھي جيڪي پنھنجي پالڻھار سان شريڪ مُقرّر نه ڪندا آھن.
23|60|۽ اُھي جيڪي (اُھي) ڏيندا آھن جيڪي (سندس واٽ ۾) ڏيندا آھن ۽ سندن دليون انھي ڪري ڏڪنديون آھن
ته اُھي پنھنجي پالڻھار ڏانھن موٽڻ وارا آھن.
23|61|اھي (ماڻھو) چڱاين ۾ تڪڙائي ڪندا آھن ۽ اُھي اُن لاءِ اڳرائي ڪندڙ آھن.
23|62|۽ (اسين) ڪنھن به جيءَ تي سندس طاقت کانسواءِ تڪليف نه ٿا رکون ۽ اسان وٽ ھڪ ڪتاب آھي جو سچ
ڳالھائيندو آھي ۽ انھن تي ظلم نه ڪبو.
23|63|بلڪ سندن دليون انھن (ڳالھين) کان غفلت ۾ آھن ۽ ھن کانسواءِ انھن جا ٻيا ڪرتوت به آھن جي اُھي ڪندا
آھن.
23|64|تان جو منجھائن آسودن (ماڻھن) کي جڏھن عذاب سان پڪڙيوسون تڏھن دانھون ڪندا رھيا.
23|65|ته اڄ دانھون نه ڪريو، ڇوته اسان کان اوھان کي مدد نه ملندي (چيوسون).
23|66|بيشڪ اوھان کي منھنجيون آيتون پڙھي ٻڌائيبيون ھيون تڏھن اوھين پنھنجين ڪڙين (پرڀوءِ) تي پڇندا ھُيؤ.
23|67|اُن (قرآن) کان وڏائي ڪندڙ (۽) آکاڻين ۾ مشغول ٿي (کيس) ڇڏيوَ ٿي.
23|68|ھن ڳالھ (قرآن) کي نه سوچيائون ڇا يا وٽن اھڙي شيءِ آئي آھي جا سندن اڳين پيءُ ڏاڏن وٽ نه آئي ھُئي؟
23|69|يا پنھنجي پيغمبر کي نه سڃاتائون ڇا تنھنڪري اُھي سندس مُنڪر (ٿيا) آھن.
23|70|يا چوندا آھن ته کيس چريائي آھي، (نه!) بلڪ (پيغمبر) وٽن سچي ڳالھ آندي آھي ۽ منجھائن گھڻا سچ کي
بُرو ڀائيندڙ آھن.
23|71|۽ جيڪڏھن الله سَندن سَڌن تي ھلي ھا ته آسمان ۽ زمين ۽ جيڪي منجھن آھي سي ويران ٿين ھا، (نه!)
بلڪ سندين نصيحت وٽن آندي سون ۽ اُھي پنھنجيءَ نصيحت (ڪتاب) کان مُنھن موڙيندڙ آھن.
23|72|يا ڪائن ڪو اُجورو گھرندو آھين ڇا؟ پوءِ تنھنجي پالڻھار جو اُجورو (ڏيڻ) ڀلو آھي، ۽ اُھو چڱو روزي ڏيندڙ آھي.
23|73|۽ بيشڪ تون سڌيءَ واٽ ڏانھن کين سڏيندو آھين.
23|74|۽ بيشڪ جيڪي آخرت کي نه مڃيندا آھن سي سڌي واٽ کان پاسيرا ٿيندڙ آھن.
23|75|۽ جيڪڏھن مٿن رحم ڪريون ھا ۽ جيڪو کين ڏک پھتو سو لاھيون ھا ته (به) سدائين پنھنجيءَ گمراھيءَ ۾
حيران رھن ھا.
23|76|۽ بيشڪ کين عذاب سان پڪڙيوسون پوءِ (به) پنھنجي پالڻھار جي اڳيان نه نِوڙيا ۽ نڪي عاجزي ڪيائون.
23|77|تانجو جنھن مھل مٿن سخت عذاب وارو دروازو کوليوسون (تنھن مھل) اُتي جو اُتي (پنھنجي غفلت ۾ رھيا)
اُنھي ۾ نا اُميد ٿيا.
23|78|۽ (الله ) اُھو آھي جنھن اوھان لاءِ ڪن ۽ اکيون ۽ دليون بڻايون، (پر اوھين تمام) ٿورو شڪر ڪندا آھيو.
23|79|۽ (الله) اُھو آھي جنھن اوھان کي زمين ۾ پيدا ڪيو ۽ ڏانھس وري گڏ ڪيا ويندؤ.
23|80|۽ (الله ) اُھو آھي جيڪو جياري ٿو ۽ ماري ٿو ۽ رات ۽ ڏينھن جو ڦير ڦار ڪرڻ ان جو (ڪم) آھي، پوءِ نه
سمجھندا آھيو ڇا؟
23|81|بلڪ جئن اڳين چيو ته تئين چوندا آھن.
23|82|چون ٿا ته ھان جڏھن مرنداسون ۽ مٽي ۽ ھڏا ٿينداسون (تڏھن) وري جيئل ٿي اٿنداسون ڇا؟
23|83|بيشڪ اسان کي ۽ اسان جي ابن ڏاڏن کي ھن کان اڳ انھي (ڳالھ) جو انجام ڏنو ويو آھي اھي رڳو اڳين جا
قصّا آھن.
23|84|چؤ ته جيڪڏھن اوھين ڄاڻندا آھيو ته زمين ۽ جيڪي منجھس آھي سو ڪنھن جو آھي؟
23|85|سگھوئي چوندا ته (اُھو سڀ) الله جو آھي، چؤ ته پوءِ ڇونه نصيحت وٺندا آھيو؟
23|86|چؤ ته ستن آسمانن جو پالڻھار ۽ وڏي عرش جو پالڻھار ڪير آھي؟ (اي پيغمبر کين)
23|87|سگھوئي چوندا ته (اھو سڀ) الله جو آھي، چؤ ته پوءِ ڇونه ڊڄندا آھيو؟
23|88|چؤ ته (اُھو) ڪير آھي جنھنجي ھٿ ۾ سڀڪنھن شيءِ جي حڪومت آھي ۽ اُھو پناھ ڏيندو آھي ۽ اُن (کين)
(جي عذاب) کان ڪنھن کي پناھ نه ڏيئي سگھبي آھي جيڪڏھن ڄاڻندا آھيو (ته ڏسيو).
23|89|سگھوئي چوندا ته (اھو سڀ) الله جي (ھٿ ۾) آھي، (کين) چؤ ته پوءِ اوھين ڪٿان ٺڳجو ٿا.
23|90|بلڪ وٽن سچي (ڳالھ) آندي اٿئون ۽ بيشڪ اُھي ڪوڙا آھن.
23|91|الله نڪي (پاڻ لاءِ) پٽ ڪري ورتو آھي ۽ نڪي ساڻس ڪو (ٻيو) معبود آھي (جيڪڏھن ائين ھجي ھا) ته

الله سڀڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

25|1|اهو (الله) وڏو برڪت وارو آهي جنهن پنهنجي ٻانهي تي (حق ۽ باطل جو) فرق ڪندڙ (قرآن) هن لاءِ نازل ڪيو ته جهان وارن لاءِ ڊيڄاريندڙ هجي.

25|2|جنهن کي آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي آهي ۽ (پاڻ لاءِ) نڪو اولاد ورتائين ۽ نڪي بادشاهيءَ ۾ (اُهو آهي) ساڻس ڪو شريڪ آهي ۽ سڀڪنهن شيءِ کي بڻايائين پوءِ ان جو اندازو پوري طرح ٺهرايائين.

25|3|۽ (ڪافرن) الله کانسواءِ اُهي معبود ورتا آهن جو ڪجهه بڻائي نه سگهندا آهن ۽ اُهي پاڻ پيدا ڪيل آهن ۽ پاڻ لاءِ نڪي ڏک ۽ نڪي سُک جو اختيار اٿن ۽ نڪي موت ۽ نڪي حياتي ۽ نه وري جيئري ٿيڻ جو اختيار اٿن.

25|4|۽ ڪافر چوندا آهن ته هيءُ (قرآن) رڳو ڪوڙو قصّو آهي جو اُهو پاڻون ٺاهيو اٿس ۽ اُن (جي ٺاهڻ) تي ٻي قوم به کيس مدد ڏني آهي، (اهڙي طرح چوڻ سان) بيشڪ اُنهن ظلم ۽ ڪوڙ (ڪم ۾) آندو آهي.

25|5|۽ چيائون ته (هي قرآن) اڳين جا قصّا آهن جو اُهي مٿس صُبح ۽ سانجهيءَ پڙهبا آهن.

25|6|(اي پيغمبر کين) چؤ ته اُهو (قرآن) اُنهي (الله) نازل ڪيو آهي جيڪو آسمانن ۽ زمين جو ڳجهه ڄاڻندو آهي، بيشڪ اُهو بخشڻهار مهربان آهي.

25|7|۽ (ڪافر) چون ٿا ته هن پيغمبر کي ڇا (ٿيو) آهي جو طعام کائيندو آهي ۽ بازارين ۾ گھمندو آهي، ڏانهس ملائڪ ڇو نه نازل ڪيو ويو آهي ته اُهو ساڻس (گڏ) ڊيڄاريندڙ هجي.

25|8|يا ڏانهس (آسمان کان) خزانو ڇو نه اُڇليو ويو يا اُن کي ڪو باغ ڇو نه آهي جو منجهانئس کائي، ۽ ظالم چوندا آهن ته اوهين رڳو جادو ڪيل ماڻهو جي تابعداري ڪندا آهيو.

25|9|(اي پيغمبر) ڏس ته تو لاءِ ڪهڙي طرح جون ڳالهيون ڪندا آهن پوءِ (اُهي) گمراه ٿيا ۽ (هاڻي) ڪا واٽ لهي نٿا سگهن.

25|10|اُهو (الله) وڏو برڪت وارو آهي جيڪڏهن گهري ته (دنيا ۾) تولاءِ هن (چيل) کان ڀلا باغ جن جي هيٺان واهيون پيون وهن ڏيئي ۽ توکي وڏيون ماڙيون (به) ڏئي.

25|11|بلڪ قيامت کي ڪُوڙو ڀانيو اٿن ۽ جنهن قيامت کي ڪوڙو ڀانيو تنهن لاءِ دوزخ تيار ڪيو اٿئون.

25|12|جڏهن (دوزخ) انهن کي ڏوراهين ہنڌ کان ڏسندو (تڏهن) اُن جون ڪاوڙ جون هڪلون ۽ گجڪار ٻڌندا.

25|13|۽ جڏهن اُتان هٿ پير جڪڙيل سوڙهي هنڌ سٽيا ويندا (تڏهن) اُتي (پاڻ لاءِ) هلاڪ ٿيڻ کي سڏيندا.

25|14|اڄ اوهين هڪ هلاڪ ٿيڻ کي نه پڪاريو پر گهڻن هلاڪتن کي پُڪاريو (چيو ويندن ته).

25|15|(اي پيغمبر کين) چؤ ته اُهو ڀلو آهي يا اُهو هميشه وارو بهشت جنهن جو پرهيزگارن کي انجام ڏنو ويو آهي؟ جو اُنهن لاءِ بدلو ۽ موٽڻ جو هنڌ هوندو.

25|16|جيڪي گهرندا سو انهن لاءِ منجهس سدائين (موجود) هوندو، تنهنجي پالڻهار کان (اهو) وعدو گهريل آهي.

25|17|۽ اُن ڏينهن کين ۽ جن کي الله کانسواءِ پوڄيندا آهن تن کي الله گڏ ڪندو پوءِ چوندو ته اوهان هنن منهنجن ٻانهن کي گمراه ڪيو هو يا اُهي پاڻ واٽ کان گمراه ٿيا هوا؟

25|18|چوندا ته تنهنجي پاڪائي بيان ٿا ڪريون تو کانسواءِ اسان کي ڪو دوست وٺڻ نه جڳائيندو هو پر انهن کي ۽ سندن پيءُ ڏاڏن کي آسودو ڪيئي تان جو نصيحت وساريائون، ۽ هلاڪ ٿيل قوم ٿيا.

25|19|پوءِ (چونداسون ته اي ڪافرؤ) بيشڪ جيڪي (ڳالهيون هنن معبودن بابت) چَيوَ ٿي تن ۾ اُنهن اوهان کي ڪُوڙو ڪيو پوءِ (اوهين) نڪي عذاب ٽاري سگهو ٿا ۽ نڪي مدد وٺي سگهو ٿا، ۽ اوهان مان جنهن ظلم ڪيو هوندو تنهن کي وڏو عذاب چکائيندا سون.

25|20|۽ توکان اڳ پيغمبرن مان جيترا به موڪلياسون سي (به تو ئي وانگر) طعام کائيندا هوا ۽ بازارين ۾ گهمندا هوا، ۽ اوهان کي (پاڻ ۾) هڪ ٻئي لاءِ پرک ڪيو اٿئون، (ته ڏسون ته) صبر ڪريو ٿا (يا نه)؟ ۽ تنهنجو پالڻهار ڏسندڙ آهي.

25|21|۽ جيڪي اسان جي ملڻ جي اُميد نه رکندا آهن سي چوندا آهن ته اسان تي ڇو نه ملائڪ نازل ڪيا ويا يا پنهنجي پالڻهار کي (ڇو نه ٿا) ڏسون؟ بيشڪ اُنهن پنهنجن جيئن ۾ وڏائي ڪئي ۽ تمام وڏو هٺ ڪيائون.

25|22|جنهن ڏينهن ملائڪن کي ڏسندا تنهن ڏينهن ڏوهارين لاءِ ڪا خوشخبري نه آهي ۽ چوندا ته (الله ڪري اوهين) گهڻو پري هجو (شال).

25|23|۽ جيڪو ڪو عمل ڪيائون تنهن ڏانهن اسين مهاڙ ڪنداسون پوءِ اُن کي پٽي ڪري ڇڏينداسون.

25|24|اُنهيءَ ڏينهن بهشتي رهڻ جي جاءِ ڪري ڀلا ۽ آرام ڪرڻ جي جاءِ ڪري تمام چڱا هوندا.

25|25|۽ جنهن ڏينهن آسمان ڪڪرن سان ڦاٽندو ۽ ملائڪ لڳو لڳ لاهبا.

25|26|اُن ڏينهن سچي حڪومت الله جي آهي، ۽ اُهو ڏينهن ڪافرن تي سخت ٿيندو.

25|27|۽ جنهن ڏينهن ظالم پنهنجا ٻئي هٿ چٻيندو چوندو ته هَيءِ اَرمان (جيڪر) پيغمبر سان گڏ واٽ وٺان ها (ته چڱو هو).

25|28|هَيءِ هَيءِ ارمان جيڪر فلاڻي کي دوست نه وٺان ها.

25|29|بيشڪ جڏهن مون وٽ نصيحت آئي تنهن پڄاڻا هن مون کي اُن کان گمراه ڪيو، ۽ شيطان ماڻهوءَ کي (وقت تي) دغا ڏيندڙ آهي.

25|30|۽ پيغمبر چوندو ته اي منهنجا پالڻهاربيشڪ منهنجي قوم هن قرآن کي ڇڏي ڏنو هو.

25|31|۽ اهڙيءَ طرح سڀڪنهن پيغمبر لاءِ ڏوهارين مان ويري بڻاياسون، ۽ تنهنجو پالڻهار هدايت ڪرڻ وارو ۽ مدد ڏيڻ وارو ڪافي آهي.

25|32|۽ ڪافر چون ٿا ته پيغمبر تي سارو قرآن هڪ پيري ڇو نه نازل ڪيو ويو؟ اهڙي طرح (ٿورو ٿورو ڪري لاٿوسون)، ته اُن سان تنهنجي دل کي مُحڪم ڪريون ۽ اُهو آهستو آهستو پڙهي ٻڌايوسون.

25|33|۽ (ڪافر) تو وٽ اهڙي ڪا حُجّت نه ٿا آڻين جنهنجو اسين سچو (جواب) ۽ ڏاڍو چڱو بيان تو وٽ نه ٿا آڻيون.

25|34|جيڪي پنهنجي منهن ڀر دوزخ ڏانهن گڏ ڪيا ويندا اُهي جاءِ جي ڪري تمام بُڇڙا ۽ واٽ کي بلڪل وڃائيندڙ آهن.

25|35|۽ بيشڪ مُوسىٰ کي ڪتاب ڏنوسون ۽ ساڻس سندس ڀاءُ هارون وزير ڪيوسون.

25|36|پوءِ چيوسون ته (ٻئي) اُنهي قوم ڏانهن وڃو جن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڀانيو، پوءِ (آخر) کين پاڙئون پٽيوسون.

25|37|۽ نوح جي قوم جڏهن پيغمبرن کي ڪُوڙو ڄاتو (تڏهن) کين ٻوڙيوسون ۽ کين ماڻهن لاءِ نشاني ڪئي سون، ۽ ظالمن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيوسون.

پرواهه نه آهي، بيشڪ اوهان (پيغمبر کي) ڪوڙو پانيو تنهنڪري سگهو اوهان لاءِ عذاب لازم ٿيندو.
26|1|طسمٓ.
26|2|هي پڌري ڪتاب جون آيتون آهن.
26|3|متان تون پاڻ کي هن سببان گهٽيي مارينداڙ ٿئين ته (ڪافر) مسلمان نه ٿا ٿين.
26|4| جيڪڏهن اسين گهرون ته آسمان کان مٿن ڪا (اهڙي) نشاني نازل ڪريون جنهن جي آڏو سندن گردنون جهڪيون ٿين.
26|5|آهن (نه) موڙيندڙ منهن ڪانئس جو آهي ايندي نه وٽن نصيحت نئين ڪائي کان (الله) ٻاجهاري ۽.
26|6|پوءِ بيشڪ ڪُوڙو پانئي چُڪا تنهنڪري سگهوئي وٽن اُهي خبرون ايندين جن سان اُهي ٺٺوليون ڪندا هوا.
26|7|زمين ڏانهن نه ڏٺو اٿن ڇا ته منجهس هر ڪنهن جنس جا ڪيترائي سُٺا اوپڙ ڄمايا سون؟
26|8|بيشڪ اُن ۾ نشاني آهي، ۽ منجهانئن گهڻا مڃڻ وارا نه آهن.
26|9|۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي غالب مهربان آهي.
26|10|۽ جڏهن تنهنجي پالڻهار موسىٰ کي سڏيو ته ظالمن جي قوم ڏانهن وڃ.
26|11|جا فرعون جي قوم آهي، (ڪانئن پُڇ) ته پرهيزگاري نه ڪندا ڇا؟
26|12|مُوسىٰ چيو ته اي منهنجا پالڻهار بيشڪ آءٌ ڊڄان ٿو ته متان مونکي ڪُوڙو پانئين.
26|13| ۽ منهنجو سينو تنگ ٿيندو آهي ۽ منهنجي زبان به پوري نه اُٿلندي آهي تنهنڪري هارون ڏانهن (پيغمبريءَ جو حُڪم) موڪل.
26|14|۽ انهن جو مون تي ڏوهه به آهي تنهنڪري ڊڄان ٿو ته متان مون کي ماري ڇڏين.
26|15|فرمايو ته ائين (ٿيڻو) نه آهي، پوءِ منهنجي نشانين سان ٻئي (ڄڻا) وڃو بيشڪ اسين اوهان سان گڏ (الله) ٻڌندڙ آهيون.
26|16|تنهنڪري فرعون وٽ وڃو ۽ چئوس ته بيشڪ اسين جهانن جي پالڻهار جا (هن پيغام سان) موڪليل آهيون.
26|17|ته بني اسرائيل کي اسان سان موڪل.
26|18|فرعون چيو ته توکي پنهنجن (پاتين) ۾ ننڍڙو ڪري نه پاليو هوسون ڇا؟ ۽ پنهنجي عمر جا ڪيترائي ورهه اسان ۾ گذاريئي.
26|19|۽ تو پنهنجو اُهو ڪم ڪيو جو تون ڪري چڪين ۽ تون بي شڪرن مان آهين.
26|20|(موسى) چيو ته جنهن مهل اُهو ڪم ڪيو هوم (تنهن مهل) آءٌ بي سمجهن مان هوس.
26|21| پوءِ جنهن مهل اوهان (جي ايذاءَ) کان ڊنس تنهن مهل اوهان کان ڀڳس پوءِ منهنجي پالڻهار مون کي سياڻپ بخشي ۽ مون کي پيغمبرن مان ڪيائين.
26|22|۽ اِهو اُهو احسان آهي ڇا جنهنجو مون تي ٿورو رکين ٿو؟ ته بني اسرائيلن کي ٻانهون ڪري ورتو اٿئي.
26|23|فرعون چيو ته جهانن جو پاليندڙ ڇا (کي چئبو) آهي؟
26|24|(موسى) چيو ته آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي سندن وچ ۾ آهي تنهنجو پالڻهار آهي، جيڪڏهن اوهين ويساهه رکندا آهيو.
26|25|(فرعون) پنهنجي آس پاس وارن کي چيو ته (اوهين) نه ٿا ٻُڌو ڇا؟
26|26|(مُوسى) چيو ته (اُهو) اوهان جو پالڻهار ۽ اوهان جي ابن ڏاڏن جو پالڻهار آهي.
26|27|(فرعون) چيو ته اوهان جو پيغمبر جيڪو اوهان ڏانهن موڪليو ويو آهي سو بيشڪ چريو آهي.
26|28|(مُوسى) چيو ته اوڀر ۽ اولهه ۽ جيڪي انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي تنهنجو (به) پالڻهار آهي، جيڪڏهن اوهين سمجهه رکندا آهيو (ته اِها سمجهاڻي بس آهي).
26|29|(فرعون) چيو ته جيڪڏهن مون کانسواءِ ڪو ٻيو خدا ورتئي ته ضرور توکي قيدين مان ڪندس.
26|30|(مُوسى) چيو ته جيتوڻيڪ تو وٽ پڌري شيء آڻيان ته به (قيد ڪندين) ڇا؟
26|31|(فرعون) چيو ته جيڪڏهن تون سَچن مان آهين ته اُها آڻ.
26|32|پوءِ پنهنجي لَٺ اُڇليائين ته اُها اُمالڪ پڌرو واسينگ (نانگ) ٿي پئي.
26|33|۽ پنهنجو هٿ ڪڍيائين ته اوچتو اُهو ڏسندڙن لاءِ چمڪندڙ ٿي پيو.
26|34|(فرعون) پنهنجن آس پاس وارن سردارن کي چيو ته بيشڪ هي شخص داناءُ جادوگر آهي.
26|35|(هو) اوهان کي اوهان جي ملڪ مان پنهنجي جادوءَ سان لوڏڻ گهري ٿو پوءِ مون کي (هاڻي) ڇا ٿا حُڪم ڪريو؟
26|36|چيائون ته کيس ۽ سندس ڀاءُ کي ترساءِ ۽ شهرن ۾ ڪوٺيندڙ کي موڪل.
26|37|ته سڀڪنهن ڄاڻندڙ وڏي جادوگر کي تو وٽ آڻين.
26|38|پوءِ هڪ ڏينهن ٺهرايل جي انجام تي جادوگر گڏ ڪيا ويا.
26|39|۽ ماڻهن کي چيو ويو ته اوهين (به) گڏ ٿيڻ وارا آهيو ڇا؟
26|40|جيڪڏهن اُهي (جادوگر) غالب ٿيا ته مانَ اسين انهن جا تابعدار ٿيون.
26|41| پوءِ جنهن مهل جادوگر آيا (تنهن مهل) فرعون کي چيائون ته جيڪڏهن اسين ڏاڍا ٿيون ته اسان لاءِ ڪو انعام آهي (يا نه!).
26|42|(فرعون) چيو ته هائو ۽ بيشڪ اوهين اُنهيءَ مهل (منهنجن) ويجهن مان ٿيندؤ.
26|43|کين مُوسىٰ چيو ته جيڪي اوهين اڇلڻ وارا آهيو سو اُڇليو.
26|44| پوءِ هنن پنهنجا رسا ۽ پنهنجيون لٺيون اڇليون ۽ چيائون ته فرعون جي عزت جو قَسم آهي ته بيشڪ اسين ئي غالب ٿينداسون.
26|45|پوءِ مُوسىٰ پنهنجي لَٺ اُڇلي ته اُها اُتي جو اُتي جيڪو سانگ ٺاهيندا ويا سو ڳهندي وئي.
26|46|پوءِ جادوگر سجدو ڪندڙ ٿي نِويا.
26|47|چيائون ته جهانن جي پالڻهار تي ايمان آندوسون.
26|48|(جو) مُوسىٰ ۽ هارون جو پالڻهار آهي.
26|49|(فرعون) چيو ته اُن کان اڳ جو اوهان کي موڪل ڏيان اوهان موسىٰ تي ڇو ايمان آندو، بيشڪ اُهو اوهان جو وڏو آهي جنهن اوهان کي جادو سيکاريو، پوءِ سگهو ڄاڻندؤ، اوهان جا هڪ پاسي جا هٿ ۽ اوهان جا ٻئي پاسي جا پير ضرور وڍيندس ۽ اوهان مڙني کي (گڏ) ضرور سوريءَ تي چاڙهيندس.
26|50|چيائون ته ڪا حرڪت نه آهي بيشڪ اسين پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽڻ وارا آهيون.
26|51| بيشڪ اسين اميد ٿا رکون ته اسان جو پالڻهار اسان جا ڏوهه اسان کي بخشيندو انهي ڪري جو (پهرين

اسين) مُسلمان ٿيا آهيون.
26|52|۽ موسىٰ ڏانهن وحي ڪيوسون ته منهنجن ٻانهن کي راتو واه وٺي نِڪر ڇو ته (فرعون ۽ سندس لشڪر) اوهان
جي پٺيان پوندا.
26|53|پوءِ فرعون شهرن ۾ ڪوٺيندڙ موڪليا.
26|54|ته بيشڪ هيءَ (ماڻهو) ٿوري ٽولي آهن (چيائين).
26|55|۽ بيشڪ انهن اسان کي ڪاوڙايو آهي.
26|56|۽ اسين هشيارن واري جماعت آهيون.
26|57|پوءِ انهن (فرعونين) کي باغن ۽ چشمن مان ٻاهر ڪڍيوسون (الله فرمائي ٿو ته).
26|58|۽ خزانن ۽ چڱي جاءِ مان (به).
26|59|اهڙي طرح (ڪيوسون)، ۽ انهن (شين) جو بني اسرائيلن کي وارث ڪيوسون.
26|60|پوءِ سج اُڀرندي ئي اُنهن (بني اسرائيلن) جي پوئتان پيا.
26|61|پوءِ جڏهن مهل ٻنهي ٽولين هڪ ٻئي ڏٺو (تنهن مهل) مُوسىٰ جي سنگتين چيو ته بيشڪ اسان کي پهچي
ويا.
26|62|چيو ته ايئن نه آهي، بيشڪ منهنجو پالڻهار مون ساڻ آهي مون کي رستي لائيندو (موسیٰ).
26|63|پوءِ مُوسىٰ ڏانهن وحي ڪيوسون ته پنهنجي لٺ سمنڊ کي هڻ، پوءِ اهو چيرجي پيو پوءِ سيڪو ڀاڱو وڏي پهاڙ
جهڙو ٿيو.
26|64|۽ انهن ٻين (فرعونين) کي اُن هنڌ ويجهو ڪيوسون.
26|65|۽ مُوسىٰ ۽ سندس سنگتين مڙني کي بچايوسين.
26|66|وري (هنن) ٻين (يعني فرعونين) کي ٻوڙيوسون.
26|67|بيشڪ اُنهي (قصي) ۾ نشاني آهي، ۽ انهن مان گهڻا مڃڻ وارا نه هوا.
26|68|۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي غالب مهربان آهي.
26|69|۽ اُنهن کي ابراهيم جو قِصّو پڙهي ٻڌاءِ.
26|70|جڏهن پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم کي چيائين ته ڇا کي پوڄيندا آهيو؟
26|71|چيائون ته (اسين) بُتن کي پوڄيندا آهيون پوءِ سارا ڏينهن انهن جا مجاور ٿي وهندا آهيون.
26|72|چيو ته جڏهن (هنن کي) سڏيو ٿا (تڏهن) اوهان جو (سڏ) ٻڌن ٿا ڇا؟ (ابراهيم)
26|73|يا اوهان کي سُک پهچائيندا آهن يا ڏک ڏيندا آهن؟
26|74|چيائون (نه!) بلڪ پنهنجن ابن ڏاڏن کي ائين ڪندي ڏٺوسون.
26|75|چيو ته (انهن کي) ڏٺو اٿوَ جن کي پوڄيندا رهيؤ؟ (ابراهيم)
26|76|اوهين ۽ اوهان جا اڳيان پيءُ ڏاڏا.
26|77|بيشڪ اُهي جهانن جي پالڻهار کانسواءِ منهنجا ويري آهن.
26|78|جنهن مون کي پيدا ڪيو آهي اُهو ئي مون کي سڌو رستو ڏيکاريندو آهي.
26|79|۽ اُهو آهي جو مون کي کارائيندو آهي ۽ مون کي پياريندو آهي.
26|80|۽ جڏهن بيمار ٿيندو آهيان تڏهن مون کي شفا ڏيندو آهي.
26|81|۽ اُهو آهي جو مون کي ماريندو ۽ وري مون کي جياريندو.
26|82|۽ اُهو آهي جو آسرو اٿم ته قيامت جي ڏينهن منهنجون خطائون مون کي بخشيندو.
26|83|اي منهنجا پالڻهار مُون کي دانائي بخش ۽ مون کي صالحن سان شامل ڪر.
26|84|۽ پوين ۾ منهنجي چڱي يادگيري (قائم) ڪر.
26|85|۽ مون کي نعمتن واري بهشت جي وارثن مان ڪر.
26|86|۽ منهنجي پيءُ کي بخش جو اُهو گمراهن مان آهي.
26|87|۽ جنهن ڏينهن (ماڻهو جيئرا ٿي) اُٿندا (تنهن ڏينهن) مون کي خوار نه ڪج.
26|88|جنهن ڏينهن نڪي مال ۽ نڪي پٽ نفعو ڏيندا.
26|89|پر اُهو (فائدي وارو هوندو) جو الله وٽ سالم دل آڻيندو.
26|90|۽ پرهيزگارن لاءِ بهشت ويجهو ڪيو ويندو.
26|91|۽ گمراهن لاءِ دوزخ پڌرو ڪيو ويندو.
26|92|۽ کين چيو ويندو ته اُهي ڪٿي آهن جي کي پوڄيندا هيؤ.
26|93|الله ڌاران؟ (هاڻي) اُهي اوهان کي مدد ڏين ٿا ڇا يا (پاڻ) بدلو وٺي سگهن ٿا.
26|94|پوءِ اُهي گمراه (پوڄيندڙ) ۽ بُت منجهس اونڌا ڪري اُڇلايا ويندا.
26|95|۽ مڙئي شيطاني لشڪر به (اڇلائبا).
26|96|۽ (تڏهن) اُهي منجهس هڪ ٻئي سان جهڳڙو ڪندي پيا چوندا.
26|97|ته الله جو قسم آهي بيشڪ اسين ته پڌريءَ گمراهي ۾ هواسون.
26|98|جڏهن اوهان کي جهانن جي پالڻهار سان برابر ٿي ڪيوسون.
26|99|۽ (هنن) ڏوهارين کانسواءِ ٻئي ڪنهن اسان کي گمراه نه ڪيو.
26|100|پوءِ اسان جو (هاڻي) نڪو ڪو سفارش ڪرڻ وارو آهي.
26|101|۽ نڪو ڪو غم ٽار دوست آهي.
26|102|پوءِ جيڪر هڪ ڀيرو اسان کي (وري دنيا ۾ وڃڻ) ملي ته مؤمنن مان ٿيون.
26|103|بيشڪ اِن ۾ ضرور نشاني آهي، ۽ انهن مان گهڻا مؤمن نه آهن.
26|104|۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي غالب مهربان آهي.
26|105|نوح جي قوم پيغمبرن کي ڪوڙو ڀانيو.
26|106|جڏهن کين سندن ڀاءُ نوح چيو ته (الله کان) ڇونه ٿا ڊڄو.
26|107|بيشڪ آءٌ اوهان لاءِ امين پيغمبر آهيان.
26|108|پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃيو.
26|109|۽ اوهان کان اِن (پيغام جي پهچائڻ) تي ڪو اُجورو نٿو گهران، منهنجو اجورو ته رڳو جهانن جي پالڻهار تي
آهي.
26|110|پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃيو.

26|111|چيائون ته توتي ايمان ڇو آڻيون حالانڪ نيچ ماڻهن (ڪنهن دنياوي لالچ لاءِ) تنهنجي تابعداري ڪئي آهي.
26|112|چيو ته مون کي (سندن اندر جي) ڪهڙي سُڌ ته (هو) ڇا (نيت) ڪندا رهندا آهن (نوح).
26|113|جيڪڏهن اوهين (سندين نيت) ڄاڻندا آهيو ته سندن حساب منهنجي پالڻهار ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن تي نه آهي.
26|114|۽ آءٌ مؤمنن کي تڙڻ وارو نه آهيان.
26|115|آءٌ ته رڳو پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان.
26|116|چيائون ته اي نوح جيڪڏهن تون نه رهندين ته ضرور سنگسار ٿيندين.
26|117|چيو ته اي منهنجا پالڻهار بيشڪ منهنجي قوم مون کي ڪوڙو ڀانيو (نوح).
26|118|تنهنڪري منهنجي ۽ سندن وچ ۾ چڱي طرح فيصلو ڪر ۽ مونکي ۽ جيڪي مؤمن مون ساڻ آهن تن کي بچاءِ.
26|119|پوءِ کيس ۽ سنڌس سنگتين کي ڀريل ٻيڙيءَ ۾ بچايوسون.
26|120|وري ڪانئن پوءِ رهيلن کي ٻوڙيوسون.
26|121|بيشڪ ان ۾ وڏي نشاني آهي، انهن مان گهڻا مڃيندڙ نه هوا.
26|122|۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي غالب مهربان آهي.
26|123|عاد (جي قوم) پيغمبرن کي ڪوڙو ڄاتو.
26|124|جڏهن سندن ڀاءُ هود کين چيو ته (الله کان) ڇونه ڊڄندا آهيو؟
26|125|بيشڪ آءٌ اوهان جو امين پيغمبر آهيان.
26|126|پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃيو.
26|127|۽ آءٌ اوهان کان اُن (پيغام پهچائڻ) تي ڪو اُجورو نٿو گهران، منهنجو اُجورو رڳو جهانن جي پالڻهار تي آهي.
26|128|سڀڪنهن دڙي تي اجايا مشغول ٿي نشان ڇو ٺاهيندا آهيو؟
26|129|۽ (ڇو) مُحڪم جايون ٺاهيندا آهيو؟ ڄڻڪ اوهين سدائين رهندؤ.
26|130|۽ جڏهن اوهين دست درازي ڪندا آهيو ته زبردست ٿي ڪندا آهيو.
26|131|پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃيو.
26|132|۽ انهي (الله) کان ڊڄو جنهن اوهان کي انهي (شيء) جي مدد ڏني جا (اوهين) ڄاڻندا آهيو.
26|133|اوهان کي ڍورن ۽ پُٽن (ڏيڻ) سان مدد ڏني اٿس.
26|134|۽ باغن ۽ ڀاڻي جي چشمن (ڏيڻ) سان به.
26|135|بيشڪ آءٌ اوهان تي وڏي ڏينهن جي عذاب (پهچڻ) کان ڊڄان ٿو.
26|136|چيائون ته (جي) تون (اسان کي) نصيحت ڏئين يا نصيحت ڏيندڙن مان نه هجين ته اسان لاءِ هڪ جهڙو آهين.
26|137|اِها اڳين جي ئي عادت آهي.
26|138|۽ اسين (ڪڏهن) عذاب ڪيل نه ٿينداسون.
26|139|پوءِ کيس ڪوڙو ڀانيائون تنهنڪري کين هلاڪ ڪيوسون، بيشڪ اِن (قصي) ۾ نشاني آهي، ۽ منجهانئن گهڻا مڃڻ وارا نه هوا.
26|140|۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي غالب مهربان آهي.
26|141|ثمود (جي قوم) پيغمبرن کي ڪوڙو ڀانيو.
26|142|جڏهن کين سندن ڀاءُ صالح چيو ته (الله کان) ڇونه ڊڄندا آهيو؟
26|143|بيشڪ آءٌ اوهان لاءِ امين پيغمبر آهيان.
26|144|پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃيو.
26|145|۽ آءٌ اوهان کان اُن (پيغام پهچائڻ) تي ڪو اُجورو نه ٿو گهران، منهنجو اُجورو رڳو جهانن جي پالڻهار تي آهي.
26|146|اُهو جيڪي هتي (دنيا ۾) آهي تنهن ۾ اوهان کي بي ڀئو ڇڏي ڏبو ڇا (ته هميشه آرام ۾ رهو)؟
26|147|باغن ۽ چشمن ۾.
26|148|۽ پوکن ۽ کجين ۾ جن جا گوشا ڪُنئرا آهن.
26|149|۽ ڪاريگر ٿي جبلن مان (تراشي) گهر ٺاهيندا آهيو.
26|150|پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃيو.
26|151|۽ انهن حد کان لنگهندڙن جو چيو نه مڃيو.
26|152|جيڪي ملڪ ۾ بگيڙ وجهندا آهن ۽ سڌارا نه ڪندا آهن.
26|153|چيائون ته تون رڳو جادو ڪيلن مان آهين.
26|154|تون رڳو اسان جهڙو ماڻهو آهين، جيڪڏهن تون سچن مان آهين ته ڪا نشاني آڻ.
26|155|چيو ته هيءَ ڏاچي آهي اُن جي (ڀاڻي) پيڻ لاءِ ۽ اوهان جي (ڀاڻي) پيڻ لاءِ واري جو ڏينهن ٺهرايل آهي. (صالح)
26|156|۽ اوهين کيس ڪو ايذاءُ نه پهچائجو نه ته اوهان کي وڏي ڏينهن جو عذاب پڪڙيندو.
26|157|پوءِ اُن جون ڪُچون ڪپيائون (ماري وڌائون) پوءِ پشيمان ٿيا.
26|158|پوءِ کين عذاب پڪڙيو، بيشڪ اُن ۾ نشاني آهي، ۽ منجهانئن گهڻا مڃڻ وارا نه هوا.
26|159|۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي غالب مهربان آهي.
26|160|لُوط جي قوم پيغمبرن کي ڪُوڙو ڀانيو.
26|161|جڏهن کين سندن ڀاءُ لُوط چيو ته (الله کان) ڇونه ڊڄندا آهيو؟
26|162|بيشڪ آءٌ اوهان جو امين پيغمبر آهيان.
26|163|پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃيو.
26|164|۽ اُن (پيغام پهچائڻ) تي اوهان کان اُجورو نٿو گهُران، منهنجو اُجورو رڳو جهانن جي پالڻهار تي آهي.
26|165|جهانن جي مڙسن ڏانهن (ٻچڙائيءَ لاءِ) ڇو ويندا آهيو؟
26|166|۽ جيڪي اوهان جي پالڻهار اوهان جي زالن مان ٺاهيو سو ڇڏيندا آهيو؟ بلڪ اوهين حد کان لنگهندڙ قوم آهيو.
26|167|چيائون ته اي لُوط جيڪڏهن نه رهندين ته ضرور لوڏائبين.
26|168|لُوط چيو ته بيشڪ آءٌ اوهان جي ڪم جو ويري آهيان.
26|169|اي منهنجا پالڻهار جيڪي (هو) ڪندا آهن تنهنجي شر کان مونکي ۽ منهنجي گهر جي ڀاتين کي بچاءِ.
26|170|پوءِ کيس ۽ سندس مڙني ڀاتين کي بچايوسون.

26|171|سواءِ (هڪ) ٻڍڙي زال جي جا رهيلن مان هئي.
26|172|وري (انهن) ٻين جي پاڙ پٽي سون.
26|173|۽ مٿن (پهڻن جو) مينهن وسايوسون، پوءِ ڊيڄاريلن جو مينهن بڇڙو آهي.
26|174|بيشڪ هن ۾ (وڏي) نشاني آهي، ۽ منجهائن گهڻا مڃڻ وارا نه هوا.
26|175|۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي غالب مهربان آهي.
26|176|ايڪه وارن پيغمبرن کي ڪُوڙو ڄاتو (شهر).
26|177|جڏهن کين شعيب چيو ته (الله کان) ڇونه ٿا ڊڄو؟
26|178|بيشڪ آءٌ اوهان لاءِ امين پيغمبر آهيان.
26|179|پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃيو.
26|180|بيشڪ آءٌ اوهان کان اُن (پيغام پهچائڻ) تي ڪو اُجورو نٿو گهُران، منهنجو اُجورو رڳو جهانن جي پالڻهار تي آهي.
26|181|ماڻ پورو مَيو ۽ گهٽائيندڙن مان نه ٿيو.
26|182|۽ سنئين تارازيءَ سان توريو.
26|183|۽ ماڻهن کي سندن شيون گهٽ نه ڏيو ۽ مُلڪ ۾ فسادي ٿي بگيڙ نه وجهو.
26|184|۽ اُنهيءَ الله کان ڊڄو جنهن اوهان کي ۽ اڳين خلق کي خلقيو.
26|185|چيائون ته تون رڳو جادو ڪيلن مان آهين.
26|186|۽ تون رڳو اسان جهڙو ماڻهو آهين ۽ بيشڪ اسين توکي ڪوڙن مان ڀائيندا آهيون.
26|187|جيڪڏهن تون سچن مان آهين ته اسان تي آسمان مان ڪا چِپ ڪيراءِ.
26|188|چيو ته جيڪي اوهين ڪندا آهيو سو منهنجو پالڻهار چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي (شعيب).
26|189|پوءِ اُن کي ڪوڙو ڄاتائون تنهنڪري ڇانوَ واري ڏينهن جي عذاب کين پڪڙيو، بيشڪ اُهو وڏي ڏينهن جو عذاب هو.
26|190|بيشڪ هن (احوال) ۾ (وڏي) نشاني آهي، ۽ منجهائن گهڻا مڃڻ وارا نه هوا.
26|191|۽ بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي غالب مهربان آهي.
26|192|۽ بيشڪ اهو (قرآن) جهانن جي پالڻهار کان لاٿل آهي.
26|193|اُن کي رُوح الامين (يعني جبرئيل) لاٿو.
26|194|تنهنجي دل تي (هن لاءِ) ته ڊيڄاريندڙن مان ٿئين.
26|195|پڌريءَ عربي ٻوليءَ ۾ آهي (جو).
26|196|۽ بيشڪ سندس خبر اڳين صحيفن ۾ (لکيل) آهي.
26|197|اُنهن لاءِ (اِها) نشاني نه آهي ڇا ته بني اسرائيلن جا عالم اُن (جي حقانيت) کي ڄاڻن ها.
26|198|۽ جيڪڏهن قرآن کي (عربن کانسواءِ ٻئي) ڪنهن عجميءَ تي نازل ڪريون ها.
26|199|پوءِ اُهو اُن کي مٿن پڙهي ها ته اُن کي (به) مڃڻ وارا نه ٿين هوا.
26|200|اهڙي طرح گنهگارن جي دلين ۾ اُهو (انڪار) وڌوسون.
26|201|اُن تي (ايسين) ايمان نه آڻيندا جيسين ڏکوئيندڙ عذاب (نه) ڏسندا.
26|202|پوءِ اوچتو وٽن عذاب ايندو ۽ اُهي بي خبر هوندا.
26|203|پوءِ چوندا ته اسين مُهلت ڏنل ٿينداسون ڇا؟
26|204|پوءِ اسان جو عذاب تکڙو گهرندا آهن ڇا؟
26|205|ڀلا ڏٺو اٿئي ته جيڪڏهن کين ڪيئي ورهه آسودو ڪريون.
26|206|وري وٽن اُهو اچي جنهن جو انجام ڏنو پئي وين.
26|207|ته سندن آسودو هجڻ کانئن ڇا (عذاب) ٽاريندو.
26|208|۽ اهڙي ڪنهن ڳوٺ کي ناس نه ڪيوسون جنهن لاءِ ڊيڄاريندڙ (نه) هوا.
26|209|نصيحت ڏيڻ لاءِ، ۽ اسين ظالم نه هواسون.
26|210|۽ اُن (قرآن) کي شيطانن نازل نه ڪيو آهي.
26|211|۽ نڪي کين ڄڃائيندو آهي ۽ نڪي ڪري سگهندا آهن.
26|212|بيشڪ اُهي (ملائڪن جي ڪلام) ٻڌڻ (جي جاءِ) کان پري ڪيل آهن.
26|213|تنهنڪري الله سان گڏ ڪنهن ٻئي معبُود کي نه سڏ ته عذاب وارن مان ٿيندين.
26|214|۽ پنهنجن ويجهن مائٽن کي ڊيڄار.
26|215|۽ مؤمنن مان جيڪو تنهنجي تابعداري ڪري تنهن لاءِ پنهنجو بازو جهڪو ڪر (يعني نئڙت ڪر).
26|216|پوءِ جيڪڏهن تنهنجي نافرماني ڪن ته چؤ ته جيڪي ڪندا آهيو تنهن کان بيشڪ آءٌ بيزار آهيان.
26|217|۽ اُنهيءَ غالب مهربان (الله) تي ڀروسو ڪر.
26|218|جيڪو (تهجّد وقت) تنهنجي اُٿڻ مهل کي ڏسي ٿو.
26|219|۽ سجدي ڪندڙن ۾ تنهنجو ڦرڻ به ڏسي ٿو.
26|220|بيشڪ اُهوئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.
26|221|اوهان کي سُڌ (نه) ڏيان ڇا ته ڪنهن تي شيطان لهندا آهن؟
26|222|سڀڪنهن ٺٽاڪيءَ گنهگار تي لهندا آهن.
26|223|جو ٻڌل (ڳالهه اُن جي ڪنّ ۾ آڻي) وجهندا آهن ۽ منجهائن گهڻا ڪوڙا آهن.
26|224|۽ گمراه (ماڻهو) ئي شاعرن جي تابعداري ڪندا آهن.
26|225|نه ڏٺو اٿئي ڇا ته اُهي سڀڪنهن ميدان ۾ حيران ٿيندا آهن.
26|226|۽ بيشڪ اُهي اُهو چوندا آهن جيڪي نه ڪندا آهن.
26|227|پر جن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا ۽ الله کي گهڻو ساريائون ۽ (پنهنجي) ڏکوئجڻ کانپوءِ بدلو ورتائون (اُهي گمراه نه آهن)، ۽ ظالم سگهو ئي ڄاڻندا ته ڪهڙي موٽڻ جي هنڌ وري موٽندا.
27|1|طٰسٓ، هي قرآن ۽ پڌري ڪتاب جون آيتون آهن.
27|2|اُنهن مؤمنن لاءِ هدايت ۽ خوشخبري آهي.
27|3|جيڪي نماز پڙهندا آهن ۽ زڪوٰة ڏيندا آهن ۽ اُهي آخرت تي (به) يقين رکندا آهن.
27|4|بيشڪ جيڪي آخرت کي نه مڃيندا آهن تن لاءِ سندن ڪرتوت سينگارياسون پوءِ اُهي حيران رهندا آهن.

ڏنو ويو تهڙو ڇو نه ڏنو ويو آهي، جيڪي اڳي مُوسىٰ کي ڏنو ويو تنهن جو انڪار نه ڪيو اٿن ڇا؟
(هاڻي) چون ٿا ته (توريت ۽ قرآن) ٻئي هڪ ٻئي جهڙا جادو آهن، ۽ چون ٿا ته اسين هر هڪ جا مُنڪر آهيون.
28|49|(ڪين) چؤ ته جيڪڏهن سچا آهيو ته الله وٽان ڪو ڪتاب آڻيو جو انهن ٻنهي کان وڌيڪ سڌو رستو ڏيکاريندڙ
هجي ته اُن جي تابعداري ڪريان.
28|50| پوءِ جيڪڏهن تنهنجي ڳالهه قبول نه ڪن ته ڄاڻ ته اُهي رڳو پنهنجن سَڌن تي هلندا آهن، ۽ جيڪو الله جي
رستي ڏيکارڻ کانسواءِ پنهنجي سَڌ تي هلي تنهن کان وڌيڪ گمراهه ڪير آهي، بيشڪ الله ظالمن جي قوم کي سِڌو رستو
نه ڏيکاريندو آهي.
28|51|۽ بيشڪ هن قرآن کي انهن لاءِ لڳولڳ موڪليوسون ته مانَ اُهي نصيحت وٺن.
28|52|جن کي هن (قرآن) کان اڳ ڪتاب ڏنو اٿون سي اُن (قرآن) کي مڃيندا آهن.
28|53| ۽ جڏهن کين (هيءُ قرآن) پڙهي ٻڌائبو آهي (تڏهن) چوندا آهن ته اُن تي ايمان آندوسون بيشڪ اُهو اسان جي
پالڻهار وٽان سچو آهي بيشڪ اسان اُن (جي نازل ٿيڻ) کان اڳيئي مُسلمان هواسون.
28|54| اِهي اُهي آهن جن کي سندن اَجر ٻه ڀيرا ڏبو انهي ڪري جو صبر ڪيائون ۽ مدائي کي چڱائي سان ٽاريندا
آهن ۽ جيڪا کين روزي ڏني اٿون تنهن مان خرچيندا آهن.
28|55|۽ جڏهن ڪا بيهودي ڳالهه ٻڌندا آهن (تڏهن) اُن کان مُنهن موڙيندا آهن ۽ چوندا آهن ته اسان جا ڪم اسان لاءِ
آهن ۽ اوهان جا ڪم اوهان لاءِ آهن، اوهان تي سلام هجي، اسين جاهلن (جي سنگت) کي نه ٿا گهرون.
28|56|(اي پيغمبر) بيشڪ تون جنهن کي گهرين تنهن کي هدايت ڪري نه ٿو سگهين پر الله جنهن کي گهرندو آهي
تنهن کي هدايت ڪندو آهي، ۽ اُهو هدايت وارن کي چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي.
28|57|۽ (ڪي) چوندا آهن ته جيڪڏهن توسان هدايت جي تابعداري ڪنداسون ته پنهنجي مُلڪ مان تڙجي ويندا سون،
ڪين حرم ۽ امن سان نه ٽڪاياسون ڇا؟ جو اُن ڏانهن سڀڪنهن جنس جو ميوو پاڻ وٽان روزيءَ طرح پهچائبو آهي پر
اُنهن مان گهڻا (ماڻهو) نه ڄاڻندا آهن.
28|58|۽ ڳوٺن مان ڪيترائي ويران ڪياسون جي پنهنجي گذران ۾ حد کان لنگهيا هوا، پوءِ اُهي سندين رهڻ جون جايون
آهن اُنهن کانپوءِ ڪن ٿورڙن (وقتن) کانسواءِ (اُتي) رهيوئي ڪونه آهي، ۽ آخر اسين (ئي) وارث هواسون.
28|59| ۽ (اي پيغمبر) تنهنجو پالڻهار ڳوٺن کي (ايسين) ڪڏهن به ناس ڪرڻ وارو نه آهي جيسين اُن جي ڪنهن
وڏي شهر ۾ ڪو پيغمبر (نه) موڪلي جو اسان جون آيتون کين پڙهي ٻڌائي، ۽ ڳوٺن کي ڪڏهن به ناس ڪرڻ وارا نه
آهيون سواءِ ان حالت جي جو سندن رهڻ وارا ظالم هجن.
28|60| ۽ هر هڪ جنس مان جيڪي اوهان کي ڏنو ويو آهي سو دُنيا جي حياتيءَ جو سامان ۽ ان جو سينگار آهي، ۽
جيڪي الله وٽ آهي سو ڀلو ۽ سدائين رهڻ وارو آهي، پوءِ ڇونه سمجهه رکندا آهيو؟
28|61| ڀلا جنهن کي چڱو انعام ڏنوسون اُهو هو لهڻ وارو آهي سو اُنهي جهڙو آهي ڇا جنهن کي دنيا جي سامان سان
آسودو ڪيوسون وري اُهو قيامت جي ڏينهن (عذاب ۾) حاضر ڪيلن مان هجي؟
28|62| ۽ جنهن ڏينهن (الله) کين سڏي چوندو ته مُنهنجا اُهي شريڪ ڪٿي آهن جن کي اوهين (مون جَهڙو) ڀائيندا
هيؤ.
28|63|(ان ڏينهن) جن تي عذاب (جو حُڪم) لازم ٿي چڪو هوندو سي چوندا ته اي اسانجا پالڻهار هي اُهي آهن
جن کي گمراهه ڪيوسون، جهڙو پاڻ گمراهه ٿياسون تهڙو کين (به) گمراهه ڪيوسون، (هاڻي سڀني کان) تنهنجي آڏو بيزار
ٿيون ٿا، اُهي اسان کي نه پوڄيندا هوا.
28|64| ۽ چيو ويندو ته پنهنجن شريڪن کي سڏيو پوءِ کين سڏيندا ته اُهي کين ورندي نه ڏيندا ۽ عذاب ڏسندا، (تڏهن
سَڌ ڪندا ته) جيڪر دنيا ۾ هدايت وارا هجون ها.
28|65|۽ جنهن ڏينهن (الله) کين سڏيندو پوءِ چوندو ته اوهان پيغمبرن کي ڪهڙي ورندي ڏني.
28|66|پوءِ اُن ڏينهن (سڀ) ڳالهيون کين ڀُلجي وينديون پوءِ اُهي پاڻ ۾ (به) نه پڇندا.
28|67|پوءِ جنهن توبه ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا سو اُميد آهي ته ڇٽلن مان ٿيندو.
28|68|۽ (اي پيغمبر) تنهنجو پالڻهار جيڪي گهرندو آهي سو خلقيندو آهي (۽ جنهن کي گهرندو تنهن کي) پسند ڪندو
آهي، انهن کي ڪو اختيار ڪونهي، الله کي پاڪائي آهي ۽ جنهن کي ساڻس شريڪ مَقرّر ڪندا آهن تنهن کان تمام
مٿاهون آهي.
28|69|۽ سندن سِينا جيڪي لڪائيندا آهن ۽ جيڪي پاڻ پڌرو ڪندا آهن سو تنهنجو پالڻهار ڄاڻندو آهي.
28|70| ۽ اُهو الله آهي اُن کانسواءِ ڪو عبادت جو لائق نه آهي، دُنيا ۽ آخرت ۾ سندس ساراهه آهي، ۽ سندس ئي
حڪومت آهي ۽ ڏانهس اوهان کي موٽائبو.
28|71|(ڪين) چؤ ته ڏسو ته سهين جيڪڏهن الله اوهان تي قيامت جي ڏينهن تائين هميشه رات (قائم) ڪري ته الله
کانسواءِ (ٻيو) ڪهڙو معبود آهي جو اوهان وٽ سوجهرو آڻيندو، پوءِ نه ٻڌندا آهيو ڇا؟
28|72| چؤ ته ڏسو ته سهين ته جيڪڏهن الله اوهان تي قيامت جي ڏينهن توڻي هميشه ڏينهن (قائم) ڪري ته الله
کانسواءِ (ٻيو) ڪهڙو معبود آهي جو اوهان وٽ رات آڻيندو جنهن ۾ اوهين آرام وٺو، پوءِ اوهين نه ٿا ڏسو ڇا؟
28|73|۽ پنهنجي ٻاجهه سان اوهان لاءِ رات ۽ ڏينهن بڻايائين ته اوهين منجهس آرام وٺو ۽ سندس فضل مان (روزي) طلب
ڪريو ۽ ته مانَ اوهين شڪرانو ڪريو.
28|74| ۽ جنهن ڏينهن (الله) کين سڏي چوندو ته اُهي منهنجا شريڪ ڪٿي آهن جن کي اوهين (مون جهڙو) ڀائيندا
هيؤ؟
28|75|۽ هر هڪ ٽوليءَ مان شاهد جُدا ڪنداسين ۽ چونداسين ته پنهنجو دليل پيش ڪريو پوءِ اُهي ڄاڻندا ته بيشڪ
حق الله جي پاسي آهي ۽ جيڪو ناهه ٺاهيندا هوا سو کانئن ڀُلي ويندو.
28|76|بيشڪ قارون مُوسىٰ جي قوم مان هو پوءِ مٿن شرارت ڪرڻ لڳو، ۽ کيس خزانن مان ايترو ڏنو هوسون جو سندس
ڪنجين سگهه واري ٽوليءَ کي ٿڪايو ٿي، جڏهن سندس قوم کيس چيو ته (مال ڏسي) نه مرڪ ڇوته الله مرڪ
ڪندڙن کي دوست نه رکندو آهي.
28|77| ۽ الله توکي جيڪي ڏنو آهي تنهن سان آخرت جي گهر جي ڀلائي طلب ڪر ۽ دنيا مان پنهنجو (نيڪ عمل
ڪرڻ جو) حصو نه وسار ۽ جهڙي طرح الله توسان چڱائي ڪئي آهي تهڙي طرح (تون سندس خلق سان) چڱائي ڪر ۽
زمين ۾ فساد وجهڻ نه گهُر، ڇوته الله فساد ڪرڻ وارن کي دوست نه رکندو آهي.
28|78|(قارون) چيو ته اُهو (گهڻومال) ته رڳو هڪ هُنر سان جو مون وٽ آهي مون کي مليو آهي، نه ڄاتو هوائين ڇا
ته بيشڪ الله کانئس اڳ (اُهي) ڪيترائي جُڳ ناس ڪري ڇڏيا هوا جيڪي کانئس ڏاڍي سگهه وارا ۽ گهڻي جمعيّت وارا
هوا، ۽ ڏوهارين کان سندن ڏوهن بابت (عذر) نه پڇبو.

28|79|پوءِ (هڪ ڏينهن) پنهنجي قوم جي سامهون پنهنجي سينگار سان نڪتو، جيڪي دنيا جي حياتي گهرندا هوا تن چيو ته هيءَ ارمان اهڙو (مال) جيڪر اسان کي (به) هجي ها جهڙو قارون کي ڏنو ويو آهي بيشڪ اُهو وڏي نصيب وارو آهي.

28|80|۽ جن کي علم ڏنو ويو تن چيو ته اوهان لاءِ خرابي هُجي الله جو ثواب اُنهيءَ ماڻهوءَ لاءِ ڀَلو آهي جنهن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا، اِها (ڳالهه) صابرن ڪانسواءِ (ٻئي) ڪنهنجي دل ۾ نه ڳِهڙندي آهي.

28|81|پوءِ کيس ۽ سندس گهر کي زمين ۾ ڳهايوسون، پوءِ الله ڪانسواءِ ڪا ٽولي اُن لاءِ ڪانه هئي جا کيس مدد ڏئي، ۽ نڪي پاڻ وير وٺڻ وارن مان هو.

28|82|۽ جن ڪالهه سندس مرتبي جي سَڌ ٿي ڪئي سي صبح جو چوڻ لڳا ته عجب آهي ته الله پنهنجن ٻانهن مان جنهن لاءِ گهرندو آهي (تنهنجي) روزي ڪشادي ڪندو آهي ۽ تنگ ڪندو آهي، جيڪڏهن الله اسان تي احسان نه ڪري ها ته اسان کي (به زمين ۾) ڳهائي ڇڏي ها، نه ڄاتو اٿيئي ته ڪافرن کي ڇوٽڪارو نه آهي.

28|83|اِهو آخرت جو گهر آهي جنهن کي اسان انهن لاءِ مقرر ڪيو آهي جيڪي مُلڪ ۾ وڏائي نه ڪندا آهن ۽ نڪي فساد وجهڻ (گهرندا آهن)، ۽ (چڱي) عاقبت پرهيزگارن لاءِ آهي.

28|84|جيڪو چڱائي آڻيندو تنهن لاءِ اُن کان ڀلو (بدلو) آهي، ۽ جيڪو مدائي آڻيندو ته مدائين ڪرڻ وارا رڳو اُها سزا لهندا جيڪي ڪيائون ٿي.

28|85|بيشڪ جنهن (الله) توتي قرآن نازل ڪيو سو موٽڻ جي جاءِ ڏانهن توکي ضرور موٽائڻ وارو آهي، چؤ ته جنهن هدايت آندي تنهن کي منهنجو پالڻهار چڱو ڄاڻندڙ آهي ۽ اُنهيءَ کي به جيڪو پڌريءَ گمراهي ۾ آهي.

28|86|۽ توکي ڪو آسرو نه هو ته تو ڏانهن (هيءُ) ڪتاب لاهبو پر تنهنجي پالڻهار جي ٻاجهه سان (لاٿو ويو) پوءِ ڪافرن جو مددگار هرگز نه ٿج.

28|87|۽ (اي پيغمبر) توکي الله جي آيتن (جي پهچائڻ) کان اُن پڄاڻا جو تو ڏانهن موڪليون ويون (ڪافر) نه جهلين ۽ پنهنجي پالڻهار ڏانهن (ماڻهن) کي سڏ ۽ مشرڪن مان ڪڏهن نه ٿيءُ.

28|88|۽ الله سان گڏ ٻئي ڪنهن کي معبود (سمجهي) نه سڏ، اُن ڪانسواءِ ڪو عبادت جو لائق نه آهي، سندس ذات ڪانسواءِ سڀڪا شيءِ ناس ٿيڻ واري آهي، سڀڪو حُڪم اُن جو ئي آهي ۽ ڏانهس موٽايا ويندؤ.

29|1|الٓمٓ.

29|2|ماڻهن ڀانيو آهي ڇا ته سندن (رڳو ايتري) چوڻ تي ته ايمان آندوسون اُهي ڇڏي ڏبا ۽ اُهي نه آزمائبا؟

29|3|۽ جيڪي کانئن اڳ هوا تن کي بيشڪ پرکيوسون پوءِ جيڪي سچا آهن تن کي الله ضرور ڌار ڪندو ۽ ڪُوڙن کي (به) ضرور ڌار ڪندو.

29|4|جيڪي بڇڙايون ڪن ٿا تن ڀانيو آهي ڇا ته اسان کون اڳتي نڪري ويندا؟ جيڪو نبيرو ڪن ٿا سو بڇڙو آهي.

29|5|جيڪو الله جي ملڻ جي اميد رکندو آهي (سو سمجهي) ته بيشڪ الله جي ٺهرايل مُدت ضرور اچڻي آهي، ۽ اُهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.

29|6|۽ جيڪو (الله جي دين لاءِ) ڪوشش ڪري سو رڳو پنهنجي لاءِ ئي ڪوشش ڪري ٿو، ڇوته الله جهانن کان بي پرواهه آهي.

29|7|۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کان سندن مدايون ضرور ميٽيندا سون ۽ جيڪي ڪندا هوا تنهن جو ڪين ڏاڍو چڱو بدلو ڏينداسون.

29|8|۽ ماڻهوءَ کي پنهنجي ماءُ پيءُ سان چڱائي ڪرڻ جو حُڪم ڪيوسون، ۽ (اي ماڻهو) جيڪڏهن (اُهي) مون سان ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ جي توکي ڪوشش ڪن جنهن (جي حقيقت) جي توکي ڪا ڄاڻپ نه آهي ته اُنهن جو چيو نه مڃ، اوهان جو مون ڏانهن موٽڻ آهي تنهنڪري جيڪي ڪندا هيؤ تنهنجي اوهان کي سُڌ ڏيندس.

29|9|۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي صالحن (جي ٽوليءَ) ۾ ضرور داخل ڪنداسون.

29|10|۽ ماڻهن مان ڪي (اهڙا) آهن جي چوندا آهن ته الله تي ايمان آندو اٿون پوءِ جڏهن الله (جي واٽ) ۾ اُن کي ڪو ايذاءُ پهچايو ويندو آهي (تڏهن) ماڻهن جي ايذائڻ کي الله جي عذاب وانگر سمجهندو آهي، ۽ جيڪڏهن تنهنجي پالڻهار وٽان ڪا مدد ايندي آهي ته چوندا آهن ته بيشڪ اسين اوهان ساڻ هواسون، جيڪي جهان (وارن) جي دلين ۾ آهي سو الله چڱي طرح ڄاڻندڙ نه آهي ڇا؟

29|11|۽ جن ايمان آندو آهي تن کي الله ڌار ڪندو آهي ۽ منافقن کي به ڌار ڪندو.

29|12|۽ ڪافر مؤمنن کي چون ٿا (اوهين) اسان جي واٽ جي تابعداري ڪريو ۽ (اسين) اوهان جون مدايون کڻنداسين، حالانڪ اُهي سندين مداين مان ڪجهه به کڻڻ وارا نه آهن، بيشڪ اُهي ڪُوڙا آهن.

29|13|۽ پنهنجن (گناهن جون) ڳنڙيون ۽ (ٻيون ڪيئي) ڳنڙيون پنهنجن گناهن سان ضرورکڻندا، ۽ جيڪو ناهه ٺاهيندا آهن تنهن بابت قيامت جي ڏينهن ضرور پڇيا ويندا.

29|14|۽ بيشڪ نوح کي سندس قوم ڏانهن موڪليوسون ۽ پوءِ پنجاهه ورهه گهٽ (هڪ) هزار سال منجهن رهيو، پوءِ ڪين طوفان پڪڙيو ۽ اُهي ظالم هوا.

29|15|پوءِ کيس ۽ ٻيڙيءَ وارن کي (ٻڏڻ کان) بچايوسون ۽ اُن (ٻيڙيءَ) کي جهان (وارن) لاءِ نشاني ڪيوسون.

29|16|۽ ابراهيم کي (موڪليوسون) جڏهن پنهنجي قوم کي چيائين ته الله جي عبادت ڪريو ۽ کانئس ڊڄو، اهو اوهان لاءِ ڀلو آهي جيڪڏهن اوهين ڄاڻندا آهيو.

29|17|اوهين ته الله کانسواءِ بُتن کي پوڄيندا آهيو ۽ اوهين (ڪوڙو) ناهه ٺاهيندا آهيو، بيشڪ الله کانسواءِ جن کي پوڄيندا آهيو سي ته اوهان کي روزي (ڏيڻ) جي (ڪي) مالڪ نه آهن تنهنڪري الله وٽان رزق طلب ڪريو ۽ سندس عبادت ڪريو ۽ سندس شڪرانو ڪريو، ڏانهس موٽايا ويندؤ.

29|18|۽ جيڪڏهن ڪوڙو ڀانيو ٿا ته (ڇا ٿيو) بيشڪ اوهان کان اڳ (ڪيترين) اُمتن (پنهنجن پيغمبرن کي) ڪوڙو ڀانيو هو، ۽ پيغمبر تي پڌري پيغام پهچائڻ کانسواءِ (ٻيو ڪي رکيل) نه آهي.

29|19|نه ڏٺو اٿن ڇا ته الله خلق کي ڪهڙي طرح نئين سِر بنائيندو آهي؟ وري ٻيهر اُن کي ٻڻائيندو، بيشڪ اِهو (ڪم) الله تي آسان آهي.

29|20|(کين) چؤ ته مُلڪ ۾ گهمو پوءِ نظر ڪريو ته الله ڪئن نئين سِر خلق کي پيدا ڪيو وري اُن پيدا ڪيل کي الله ٻيهر پيدا ڪندو، ڇوته الله سڀڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.

29|21|جنهن کي وڻيس تنهن کي عذاب ڪري ۽ جنهن تي وڻيس رحم ڪري، ۽ (اوهين) ڏانهس موٽايا ويندؤ.

29|22|۽ اوهين نڪي زمين ۾ ۽ نڪي آسمان ۾ عاجز ڪرڻ وارا آهيو، ۽ اوهان جو الله ڪانسواءِ نڪو سڄڻ ۽ نڪو مددگار آهي.

29|23|۽ جن الله جي آيتن ۽ سندس ملڻ جو انڪار ڪيو سي منهنجي ٻاجهه کان نا اُميد ٿيا آهن ۽ اُنهن لاءِ ئي

ڏکوئيندڙ عذاب آهي.
29|24|پوءِ ابراهيم جي قوم جي ورندي هن چوڻ کانسواءِ (ٻي) ڪانه هئي ته اُن کي ڪُهو يا اُن کي ساڙيو پوءِ الله
کيس باهه کان بچايو، بيشڪ هن (احوال) ۾ مڃيندڙ قوم لاءِ وڏيون نشانيون آهن.
29|25|۽ (ابراهيم) چيو ته اوهان دنيا جي حياتيءَ ۾ رڳو پاڻ ۾ دوستيءَ جي ڪري الله کانسواءِ بتن کي اختيار ڪيو
آهي، وري قيامت جي ڏينهن اوهين هڪ ٻئي جو انڪار ڪندؤ ۽ اوهان مان هڪڙا ٻين تي لعنت ڪندا، ۽ اوهان جي
جاءِ دوزخ آهي ۽ اوهان جو ڪو به مددگار نه آهي.
29|26|پوءِ ابراهيم تي لُوط ايمان آندو، ۽ (ابراهيم) چيو ته بيشڪ آءٌ پنهنجي پالڻهار ڏانهن وطن ڇڏڻ وارو آهيان، بيشڪ
اُهو غالب حڪمت وارو آهي.
29|27|۽ اُن کي اسحاق ۽ يعقوب بخشيوسون ۽ سندس اولاد ۾ پيغمبري ۽ ڪتاب مقرر ڪيوسون ۽ کيس دنيا ۾ سندس
اجر ڏنوسون، ۽ بيشڪ اُهو آخرت ۾ (به) صالحن مان آهي.
29|28|۽ لُوط کي (پيغمبر ڪري موڪليوسون) جڏهن پنهنجي قوم کي چيائين ته اوهين اُهو بي حيائي جو ڪم ڪندا
آهيو جو جهان وارن مان ڪنهن هڪ (به) اهو اوهان کان اڳ نه ڪيو آهي.
29|29|ڇا اوهين مڙسن ڏانهن (شهوت سان) ويندا آهيو ۽ واٽ تي ڦُر ڪندا آهيو، ۽ پنهنجن مجلسن ۾ بد ڪم ڪندا
آهيو؟ پوءِ سندس قوم جي ورنديءَ هن چوڻ کان سواءِ نه هئي ته جيڪڏهن سچن مان آهين ته الله جو عذاب اسان وٽ آڻ.
29|30|(لُوط) چيو ته اي منهنجا پالڻهار مون کي فسادين جي قوم تي مدد ڏي.
29|31|۽ جڏهن مهل اسان جي قاصدن ابراهيم وٽ خوشخبري آندي (تڏهن مهل) چيائون ته اسين هن ڳوٺ وارن کي
ناس ڪرڻ وارا آهيون، ڇوته اُتي جي رهڻ وارا ظالم (ٿيا) آهن.
29|32|(ابراهيم) چيو ته بيشڪ اُن ۾ لُوط آهي، چيائون ته جيڪو به منجهس آهي تنهن کي اسين چڱو ڄاڻندڙ آهيون،
کيس ۽ سندس گهر جي ڀاتين کي ضرور بچائينداسون سواءِ سنديس زال جي جا باقي رهيلن مان ٿيندي.
29|33|۽ جڏهن مهل اسان جا قاصد لُوط وٽ آيا تنهن مهل انهن جي (اچڻ) سببان ناراض ٿيو ۽ اُنهن جي (اچڻ)
سببان دل تنگ ٿيو ۽ (اُنهن) چيو ته نه ڊڄ ۽ نه غم ڪر بيشڪ اسين توکي ۽ تنهنجي گهر جي ڀاتين کي بچائڻ
وارا آهيون سواءِ تنهنجي زال جي جا باقي رهيلن مان ٿيندي.
29|34|بيشڪ اسين هن ڳوٺ وارن تي هڪ عذاب انهي سببان آسمان کان لاهڻ وارا آهيون جو بدڪار ٿيا آهن.
29|35|۽ بيشڪ اُن ڳوٺ جي پڌري نشاني سمجهندڙ قوم لاءِ ڇڏي سون.
29|36|۽ مدين (وارن) ڏانهن سندن ڀاءُ شعيب کي موڪليوسون پوءِ چيائين ته اي منهنجي قوم الله جي عبادت ڪريو
۽ قيامت جي ڏينهن جي اُميد رکو ۽ فسادي ٿي مُلڪ ۾ نه ڦِرو.
29|37|پوءِ اُن کي ڪوڙو ڀانيائون تنهنڪري کين زلزلي اچي ورتو پوءِ پنهنجن گهرن ۾ اونڌا ٿي (مري) پيا.
29|38|۽ عاد ۽ ثمود کي (چٽ ڪيوسون) ۽ بيشڪ سندين ڪن جاين مان اوهان کي پڌرو ٿي چڪو آهي، ۽ شيطان
اُنهن لاءِ سندن عمل سينگاريا هوا پوءِ کين سڌي واٽ کان جهليائين ۽ (اُهي) سمجهه وارا (به) هوا.
29|39|۽ قارون ۽ فرعون ۽ هامان کي (به چٽ ڪيوسون)، ۽ بيشڪ موسىٰ پڌرن معجزن سان وٽن آيو پوءِ ملڪ ۾
وڏائي ڪيائون ۽ (اڳتي) وڌي ويندڙ نه هوا.
29|40|پوءِ سڀڪنهن کي سندس گناهه سببان پڪڙيوسون، پوءِ منجهائن ڪن تي سخت آنڌي موڪلي سون، ۽ منجهائن
ڪن کي ڪڙڪي (اچي) ورتو، ۽ منجهائن ڪن کي زمين ۾ ڳهايوسون، ۽ منجهائن ڪن کي ٻوڙيوسون، ۽ ڪڏهن ٿيڻو
نه هو جو الله مٿن ظلم ڪري پر هنن پنهنجو پاڻ تي ظلم ٿي ڪيو.
29|41|جن الله کانسواءِ ٻيا دوست ورتا آهن تن جو مثال ڪوريئڙي جي مثال وانگر آهي، جنهن گهر ٺاهيو، ۽ بيشڪ
سڀني گهرن ۾ وڌيڪ هيڻو ڪوريئڙي جو گهر آهي، جيڪڏهن (اها ڳالهه) ڄاڻن ها (ته ائين نه ڪن ها).
29|42|بيشڪ جنهن شيءِ کي الله کانسواءِ پوڄيندا آهن سا جيڪا به هجي تنهن کي الله ڄاڻندو آهي، ۽ اُهو غالب
حڪمت وارو آهي.
29|43|۽ اهي مثال آهن جن کي ماڻهن لاءِ بيان ڪندا آهيون، ۽ انهن کي ڄاڻندڙن کانسواءِ ڪونه سمجهندو آهي.
29|44|الله آسمانن ۽ زمين کي (چڱيءَ) رِٽ سان خلقيو آهي، بيشڪ اِن (ڪم) ۾ مؤمنن لاءِ (وڏي) نشاني آهي.
29|45|(اي پيغمبر) جيڪي توڏانهن وحي ڪيو ويو سو پڙهه ۽ نماز پڙهه، بيشڪ نماز بي حيائي ۽ مَدي ڪم
(ڪرڻ) کان جهليندي آهي، بيشڪ الله جو ياد ڪرڻ سڀ کان وڏو آهي، ۽ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڄاڻندو آهي.
29|46|۽ ڪتاب وارن مان جن بي انصافي ڪئي تن کانسواءِ ٻين سان ڏاڍي چڱي طريقي کانسواءِ تڪرار نه ڪريو ۽
چئو ته جيڪي اسان ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي ۽ جيڪي اوهان ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي تنهن تي اسان ايمان آندو آهي
۽ اسان جو معبود ۽ اوهان جو معبُود هڪ آهي ۽ اسين سندس فرمانبردار آهيون.
29|47|۽ (جهڙي طرح اڳيان ڪتاب نازل ڪياسون) اهڙي طرح اسان توڏانهن ڪتاب نازل ڪيو، پوءِ جن کي ڪتاب
ڏنوسون سي اُن (قرآن) کي مڃيندا آهن، ۽ انهن (عربن) مان ڪو (اهڙو) آهي جو اُن تي ايمان آڻيندو آهي، ۽ ڪافرن
کانسواءِ (ٻيو) ڪو اسان جي آيتن جو انڪار نه ڪندو آهي.
29|48|۽ اُنهيءَ (قرآن جي لهڻ) کان اڳ ڪو ڪتاب نڪي تون پڙهندو هئين ۽ نڪي اُهو پنهنجي سڄي هٿ سان
لکندو هئين (جيڪڏهن لکين پڙهين ها) ته اُنهيءَ مهل اُهي ڪوڙا ضرور شڪ ۾ پون ها.
29|49|بلڪ اُهو (قرآن) پڌريون آيتون (آهن) انهن جي سينن ۾ (محفوظ) آهي جن کي عِلم ڏنو ويو آهي، ۽ ظالمن کان
سواءِ (ٻيو) ڪو اسان جي آيتن جو انڪار نه ڪندو آهي.
29|50|۽ چون ٿا ته سندس پالڻهار کان مٿس مُعجزا ڇونه نازل ڪيا ويا آهن؟ (کين) چؤ مُعجزا (ته رڳو منهنجي) الله
وٽ آهن، ۽ آءٌ ته رڳو پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان.
29|51|اسان توتي ڪتاب نازل ڪيو جو کين پڙهي ٻڌائبو آهي سو کين ڪافي نه آهي ڇا، بيشڪ هن ۾ مؤمنن جي
قوم لاءِ ٻاجهه ۽ نصيحت آهي.
29|52|(کين) چؤ ته الله منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ شاهد بس آهي، جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو اُهو ڄاڻندو
آهي، ۽ جن ڪوڙ کي مڃيو ۽ الله جو انڪار ڪيو سي ئي ڇيئي وارا آهن.
29|53|۽ توکان عذاب تڪڙو گهرندا آهن، ۽ جيڪڏهن (اُن جي) مُدّت مُقرر ٿيل نه هجي ها ته کين عذاب ضرور پهچي
ها، ۽ (اهو) مٿن پڪ اوچتو ايندو ۽ اُهي بي خبر هوندا.
29|54|توکان عذاب تڪڙو گهرندا آهن، بيشڪ دوزخ ڪافرن کي (اُنهيءَ ڏينهن) وڪوڙيندڙ آهي.
29|55|جنهن ڏينهن کين عذاب سندن مٿن کان ۽ سندن پيرن جي هيٺ کان ويڙهيندو ۽ (الله) چوندو ته جيڪي ڪندا
هيؤ تنهنجو (مزو) چکو.
29|56|اي منهنجا مؤمن ٻانهؤ بيشڪ منهنجي زمين ويڪري آهي تنهنڪري خاص منهنجي عبادت ڪريو.

29|57|سڀڪو جيءُ موت جو مزو چکڻ وارو آهي، وري اسان ڏي موٽائبو.

29|58|۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي ضرور بهشت جي ماڙين ۾ ٽڪائينداسون جن جي هيٺان واهيون
وهنديون آهن منجس سدائين رهڻ وارا آهن، (انهن چڱن) ڪمن ڪندڙن جي مزوري چڱي آهي.

29|59|جن صبر ڪيو ۽ پنهنجي پالڻهار تي پروسو ڪندا آهن.

29|60|۽ ڪيترائي جانور پنهنجي روزي ساڻ نه کڻندا آهن، الله تعالىٰ انهن کي ۽ اوهان کي روزي ڏيندو آهي، ۽ اُهو ئي
ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

29|61|۽ جيڪڏهن ڪائن پُڇين ته ڪنهن آسمانن ۽ زمين کي بڻايو ۽ (ڪنهن) سج ۽ چنڊ کي نِوايو آهي؟ ته ضرور
چوندا ته الله، پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا ويندا آهن.

29|62|الله پنهنجن ٻانهن مان جنهن لاءِ گهري تنهنجي روزي ڪشادي ڪندو آهي ۽ (جنهن لاءِ گهري ته تَنهنجي) گهٽ
ڪندو آهي، ڇوته الله هر شيءَ کي ڄاڻندڙ آهي.

29|63|۽ جيڪڏهن ڪائن پڇين ته ڪنهن آسمان کان پاڻي وسايو پوءِ اُن سان زمين کي اُن جي مرڻ کانپوءِ جيئرو ڪيو
ته ضرور چوندا ته الله، (اي پيغمبر ڪين) چؤ ته سڀ ساراه الله کي جڳائي، بلڪ منجهائن گهڻا نه ڄاڻندا آهن.

29|64|۽ هيءَ دنيا جي حياتي ته تماشي ۽ راند کانسواءِ (ٻيو) ڪي نه آهي، ۽ بيشڪ آخرت جي حويلي ئي سدائين
حياتيءَ واري آهي، جيڪڏهن ڄاڻن ها (ته آخرت کي دنيا کان وڌيڪ پسند ڪن ها).

29|65|پوءِ (اُهي) جڏهن ٻيڙين ۾ چڙهندا آهن (تڏهن) رڳو الله کي سندس اعتقاد رکي سڏيندا آهن، پوءِ جڏهن کين پر
ڏانهن پهچائيندو (بچائي) آهي (تڏهن) اُتي جو اُتي (هن ڪري) شرڪ ڪندا آهن.

29|66|ته جيڪي کين ڏنوسون تنهنجي بي شُڪري ڪن، ۽ ته خوش گذارين، پوءِ سگهوئي (حال جي حقيقت) ڄاڻندا.

29|67|نه ڏٺائون ڇا ته اسان (مڪي جي) حرم کي امن جي جاءِ ڪئي؟ حالانڪ سندس آس پاس کان ماڻهو اُمالڪ
ڪڇي ويندا آهن، پوءِ ڇا ڪوڙ کي مڃيندا آهن ۽ الله جي نعمتن جو انڪار ڪندا آهن؟

29|68|۽ اُن کان وڌيڪ ڪير ظالم آهي جيڪو الله تي ڪوڙو ٺاه ٺاهي يا جڏهن وٽس حق آيو تڏهن اُن کي ڪوڙو
ڄاڻي؟ ڪافرن جي جاءِ دوزخ ۾ نه آهي ڇا؟

29|69|۽ جن اسان جي واٽ ۾ ڪوشش ڪئي تن کي ضرور پنهنجون واٽون ڏيکارينداسون، ۽ بيشڪ الله ڀلارن سان گڏ
آهي.

30|1|الٓمّٓ.

30|2|رُومين شڪست کاڌي.

30|3|ويجهي مُلڪ ۾ ۽ اُهي ئي پنهنجي شڪست کائڻ کانپوءِ سگهوئي غالب ٿيندا.

30|4|ٿورن ورهن ۾، الله جي ئي (هٿ ۾) حڪومت اڳي توڙي پوءِ آهي، ۽ اُنهيءَ ڏينهن مُؤمن خوش ٿيندا.

30|5|الله جي مدد سان، (الله) جنهن کي گهري تنهن کي سوڀ ڏيندو آهي، ۽ اُهو ئي غالب مهربان آهي.

30|6|الله انجام ڪيو آهي، الله پنهنجو انجام نه ڦيرائيندو پر گهڻا ماڻهو نه ڄاڻندا آهن.

30|7|ظاهر دنيا جي حياتيءَ جون (رٿون) ڄاڻندا آهن، ۽ اُهي آخرت کان بي خبر آهن.

30|8|پنهنجين دلين ۾ نه پروڙيائون ڇا؟ ته الله آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي تنهنکي پوريءَ رٿ ۽
مُقرّر مُدّت کانسواءِ نه بڻايو آهي، ۽ بيشڪ ماڻهن مان گهڻا پنهنجي پالڻهار جي مِلڻ کان مُنڪر آهن.

30|9|مُلڪ ۾ نه گهميا آهن ڇا جو نهارين ته جيڪي کانئن اڳ هوا تن جي پڇاڙي ڪهڙي طرح ٿي، جي کانئن وڌيڪ
سگهه وارا هوا ۽ زمين کيڙيائون ۽ اُن کي آباد ڪيائون وڌيڪ تنهن کان جا هنن آباد ڪئي ۽ سندن پيغمبر وٽن مُعجزن
سان آيا، پوءِ الله جو شان اهڙو نه هو جو مٿن ظلم ڪري پر پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيائون ٿي.

30|10|وري جن بڇڙائي ڪئي تن جي پڇاڙي بڇڙي ٿي هِن ڪري جو الله جي آيتن کي ڪوڙ ڀانيائون ۽ مٿن ٺٺوليون
ڪندا هوا.

30|11|الله خلق کي نئين سر بڻائي ٿو وري ان کي ٻيهر بڻائيندو وري ڏانهس اوهين موٽائبؤ.

30|12|۽ جنهن ڏينهن قيامت ڪڙي ٿيندي تنهن ڏينهن گنهگار نا اُميد ٿيندا.

30|13|۽ (الله سان مُقرّر ڪيلن) سندن شريڪن مان ڪو به انهن لاءِ سفارش ڪرڻ وارو نه ٿيندو ۽ پنهنجن (ٺهرايل)
شريڪن جا منڪر ٿيندا.

30|14|۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي تنهن ڏينهن ماڻهو ڌاروڌار ٿيندا.

30|15|پوءِ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا سي باغن ۾ خوش ڪبا.

30|16|۽ جن ڪُفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ۽ قيامت جي ملڻ کي ڪوڙ ڄاتو سي عذاب ۾ حاضر ڪيل هوندا.

30|17|پوءِ جنهن مهل سانجهي ڪريو ۽ جنهن مهل صبح ڪريو تنهن مهل الله جي پاڪائي بيان ڪريو.

30|18|۽ آسمانن ۽ زمين ۾ اُن جي ساراه آهي ۽ پوئين پهر ۽ جنهن مهل منجهند ڪريو (تنهن مهل به پاڪائي بيان
ڪريو).

30|19|مُئي مان جيئرو ڪڍندو آهي ۽ جيئري مان مئو ڪڍندو آهي ۽ زمين کي ان جي مرڻ کانپوءِ جياريندو آهي، ۽ اهڙي
طرح (اوهين قبرن مان) ڪڍبؤ.

30|20|۽ سندس نشانين مان هيءُ آهي جو اوهان کي مٽيءَ مان بڻايائين وري اُنهيءَ مهل اوهين ماڻهو ٿي گهمو ڦرو ٿا.

30|21|۽ سندس نشانين مان هيءُ (به) آهي جو اوهان جي جنس مان اوهان لاءِ زالون پيدا ڪيائين ته انهن سان آرام
وٺو ۽ اوهان جي وچ ۾ پيار ۽ ٻاجهه پيدا ڪيائين، بيشڪ هن ۾ اُنهيءَ قوم لاءِ نشانيون آهن جيڪي ڌيان رکندا آهن.

30|22|آسمانن ۽ زمين جو بڻائڻ ۽ اوهان جي زبانن ۽ شڪلن جو قِسمين قِسمين هجڻ سندس نشانين مان آهي، بيشڪ
ان ۾ ڄاڻندڙن لاءِ نشانيون آهن.

30|23|۽ اوهان جو رات ۽ ڏينهن ۾ سمهڻ ۽ اوهان جو سندس فضل مان روزي طلب ڪرڻ سندس نشانين مان آهي،
بيشڪ هن ۾ اُن قوم لاءِ نشانيون آهن جيڪي ٻڌندا آهن.

30|24|۽ سندس نشانين مان (هيءُ به) آهي جو اوهان کي ڊيڄارڻ ۽ اُميد رکڻ لاءِ وِڄ ڏيکاريندو آهي ۽ آسمان کان پاڻي
وسائيندو آهي پوءِ اُن سان زمين کي اُن جي مرڻ کانپوءِ جياريندو آهي، بيشڪ هِن ۾ اُنهيءَ قوم لاءِ نشانيون آهن.

30|25|۽ سندس حڪم سان آسمان ۽ زمين جو بيهڻ سندس نشانين مان آهي، وري جنهن مهل اوهان کي زمين مان هڪ
ٺي پيرو سڏيندو (تنهن مهل) جهٽ پٽ اوهين نڪرندؤ.

30|26|۽ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو سندس آهي، سڀئي سندس فرمانبردار آهن.

30|27|۽ اُهوئي آهي جيڪو خلق کي نئين سر بڻائيندو آهي وري اُن کي ورائي بڻائيندو ۽ اهو کيس بلڪل سهنجو آهي، ۽
آسمانن ۽ زمين ۾ سندس ئي صفت تمام مٿاهين آهي، ۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي.

30|28|اوهان لاءِ اوهان جي حال جو هڪ مثال بيان ڪيو آهي، (ته) اوهان جا هٿ جن (ٻانهن) جا مالڪ ٿيا (الله)

آهن سي جيڪي (مال) اوهان کي ڏنوسين تنهن ۾ اوهان جا ڀائيوار آهن ڇا؟ جو اُهي ۽ اوهين اُن (مال) ۾ برابر (حصّي
وارا) هجو (۽ اوهين) انهن جي (دعوى) کان اهڙي طرح ڊڄندا آهيو جهڙي طرح اوهان کي پاڻ جهڙن (جي ڀائيواريءَ)
کان پؤ آهي، اهڙي طرح انهيءَ قوم لاءِ نشانيون کولي بيان ڪندا آهيون جيڪي سمجهه رکندا آهن.
30|29| بلڪ ظالم اَڻ ڄاڻائي سان پنهنجن سَڌن جا تابعدار ٿيا آهن، پوءِ جنهن کي الله گمراهه ڪيو تنهن کي ڪير
هدايت ڪندو، ۽ اُنهن لاءِ ڪو مددگار ڪونهي.
30|30| پوءِ (اي پيغمبر) پنهنجي منهن کي دين لاءِ هڪ طرفو ڪري بيهار، الله جي دين جي (پيروي ڪر) جنهن تي
ماڻهن کي پيدا ڪيائين، الله جي خلقڻ کي ڪا مٽ سٽ نه آهي، اهو سِڌو دين آهي، پر گهڻا ماڻهو نه ڄاڻندا آهن.
30|31| ڏانهس موٽندڙ ٿي (عبادت ڪريو) ۽ کانئس ڊڄو ۽ نماز پڙهندا رهو ۽ مشرڪن مان نه ٿيو.
30|32| اُنهن مان (نه ٿيو) جن پنهنجي دين کي ڌارو ڌار ڪيو ۽ ٽوليون ٽوليون ٿي ويا، سڀڪا ٽولي اُنهيءَ تي
خوش آهي جيڪي وٽس آهي.
30|33| ۽ جڏهن ماڻهن کي ڪا اوکائي پهچندي آهي (تڏهن) پنهنجي پالڻهار ڏي مُهاڙ ڪري کيس سڏيندا آهن وري جڏهن
اُهو پاڻ وٽان کين ٻاجهه چکائيندو آهي (تڏهن) انهيءَ ئي مهل منجهائن ڪا ٽولي پنهنجي پالڻهار سان (هن لاءِ)
شريڪ بڻائيندي آهي.
30|34| ته جيڪي کيس ڏنوسون تنهنجي بي شُڪري ڪن، پوءِ آسودا ٿيو، پوءِ سگهوئي ڄاڻندؤ.
30|35| مٿن ڪا سَند لاٿي سون ڇا جو اُها اُنهيءَ (شيء) جي (سچائي) بابت ڳالهائي ٿي جنهن شيءَ کي الله سان
شريڪ ٺهرائيندا آهن.
30|36| ۽ جڏهن ماڻهن کي ٻاجهه چکائيندا آهيون (تڏهن ) اُن سان سَرها ٿيندا آهن، ۽ جيڪڏهن انهي سببان جو سندن
هٿن (مدايون) اڳي موڪليون، کين ڪو ڏک پهچندو آهي ته اُنهي ئي مهل نا اُميد ٿيندا آهن.
30|37| نه ڏٺو اٿن ڇا؟ ته الله جنهن لاءِ گهرندو آهي تنهنجي روزي ڪشادي ڪندو آهي ۽ (جنهن لاءِ گهرندو آهي
تنهنجي) گهٽ ڪندو آهي، بيشڪ هن ۾ مڃيندڙ قوم لاءِ نشانيون آهن.
30|38| تنهنڪري مائٽي واري ۽ مِسڪين ۽ مُسافر کي سندس حق ڏي، اهو انهن لاءِ ڀلو آهي جيڪي الله جو راضپو
گهرندا آهن، ۽ اُهي ئي ڇوٽڪاري وارا آهن.
30|39| ۽ وياج مان جيڪي ڏنو هجيوَ ته ماڻهن جي مال ۾ وَڌي سو الله وٽ نه وڌندو، ۽ الله جو راضپو گهرندڙ ٿي
زڪوٰة مان جيڪي ڏنو هجيوَ پوءِ اُهي ئي ٻيڻو ڪندڙ آهن.
30|40| الله اُهو آهي جنهن اوهان کي بڻايو وري اوهان کي روزي ڏنائين وري اوهان کي ماريندو وري اوهان کي جياريندو،
اوهان جي (ٺهرايل) شريڪن مان ڪو اهڙو آهي ڇا جو اهڙن ڪمن مان ڪجهه ڪري (سگهي)؟ الله پاڪ آهي ۽ اُن
کان مٿاهون آهي جنهن کي (ساڻس) شريڪ ٺهرائيندا آهن.
30|41| ماڻهن جي هٿن جي ڪئي سببان بَر ۽ بَحر ۾ فساد هن لاءِ پڌرو ٿيو آهي ته جيڪي (مَدا ڪم) ڪيائون تنهن
جي ڪُجهه (سزا) کين چکائي ته مانَ اُهي موٽن.
30|42| چؤ ته مُلڪ ۾ گهُمو پوءِ ڏسو ته جيڪي اڳ هوا تن جي پڇاڙي ڪئن ٿي، منجهائن گهڻا مشرڪ هوا.
30|43| پوءِ پنهنجي منهن کي اُن ڏينهن جي اچڻ کان اڳ سڌي دين لاءِ بيهار جو الله وٽان اُن (ڏينهن) کي رد ٿيڻو
نه آهي اُن ڏينهن (ماڻهو) الڳ الڳ ٿيندا.
30|44| جيڪو ڪافر ٿيو تنهن تي سندس ڪفر آهي، ۽ جن چڱا ڪم ڪيا سي پاڻ لاءِ هنڌ وڇائين ٿا.
30|45| ته جن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا تن کي الله فضل سان بدلو ڏئي، بيشڪ اُهو ڪافرن کي دوست نه رکندو
آهي.
30|46| ۽ سندس نشانين مان هي آهي ته خوشخبري ڏيندڙ هيرون گهُلائيندو آهي ۽ ته اوهان کي پنهنجي ٻاجهه مان ڪجهه
چکائي ۽ ته سندس حُڪم سان ٻيڙيون تَرن ۽ ته سندس فضل مان روزي طلب ڪريو ۽ ته مانَ اوهين شڪرانو ڪريو.
30|47| ۽ بيشڪ توکان اڳ گهڻن پيغمبرن کي سندن قوم ڏانهن موڪليوسون پوءِ وٽن مُعجزن سان آيا پوءِ جن نافرماني
ڪئي تن کان بدلو ورتوسون، ۽ مؤمنن کي مدد ڪرڻ اسان تي حق آهي.
30|48| الله اُهو آهي جيڪو وائن کي موڪليندو آهي پوءِ (اُهي) ڪڪر کي ڪٽنديون آهن پوءِ جئن الله گهرندو آهي تئن
آسمان ۾ اُن (ڪڪر) کي ڪنبرائيندو آهي پوءِ اُن کي تَه تَه ڪندو آهي پوءِ (تون) ڦُڙين کي ڏسندو آهين جو اُن
(ڪڪر) جي وچ مان نڪرنديون آهن، پوءِ جڏهن پنهنجن ٻانهن مان جنهن تي وٺندو اٿس تنهن تي اُهو (مينهن)
پهچائيندو آهي (تڏهن) اُنهيءَ ئي مهل اُهي خوش ٿيندا آهن.
30|49| ۽ جيتوڻيڪ ان (مينهن) جي مٿن وَسائجڻ کان اڳ اڳيئي نااُميد ٿيندا هوا.
30|50| پوءِ الله جي ٻاجهه جي نشانين ڏانهن نهار ته ڪهڙي طرح زمين کي سندس مرڻ کان پوءِ جياري ٿو، بيشڪ اُهو
(الله) مُئن کي ضرور جيارڻ وارو آهي، ۽ اُهو (الله) سڀڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.
30|51| ۽ جيڪڏهن ڪو واءُ (جو جهولو) گهلايون پوءِ اُن (پوک) کي هيڊو ٿيندو ڏسن ته اُن کانپوءِ بي شڪري ڪرڻ
لڳندا آهن.
30|52| پوءِ (اي پيغمبر) تون سڌُ نڪي مئن کي ٻڌائي سگهندين ۽ نڪي ٻوڙن کي ٻڌائي سگهندين جڏهن ته اُهي پٺي
ڏئي مُنهن ڦيرائين.
30|53| ۽ نڪي تون انڌن کي سندن گمراهيءَ کان (روڪي) سڌو رستو ڏيکاريندڙ آهين، تون ته رڳو اُنهيءَ کي ٻڌائي
سگهندين جنهن اسان جي آيتن تي ايمان آندو پوءِ اُهي فرمانبردار به آهن.
30|54| الله اُهو آهي جنهن اوهان کي (پهرين) هيڻائي (واري شيء) مان خلقيو آهي وري هيڻائيءَ کان پوءِ (اوهان ۾)
سگهه پيدا ڪيائين وري سگهه کان پوءِ (اوهان کي) هيڻائي ۽ ٻڍاپو ڏنائين، جئن گهرندو آهي تئن بڻائيندو آهي، ۽ اُهو ڄاڻندڙ
وس وارو آهي.
30|55| ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي (تنهن ڏينهن) قسم کڻندا ته (دنيا ۾) هڪ گهڙي کانسواءِ (وڌيڪ) نه رهيا
هواسون، اهڙي طرح (رستي کان) ڦيرايا ويندا هوا.
30|56| ۽ جن کي عِلم ۽ ايمان ڏنو ويو آهي سي کين چوندا ته الله جي ڪتاب ۾ لکي موافق جيئري ٿي اُٿڻ جي ڏينهن
توڻي (دنيا ۾) رهيا آهيو، پوءِ هي جيئري ٿي اُٿڻ جو ڏينهن آهي پر اوهين نه ڄاڻندا هيؤ.
30|57| پوءِ اُن ڏينهن ظالمن کي سندن عذر ڪرڻ فائدو نه ڏيندو ۽ نڪي انهن کان توبه طلب ڪبي.
30|58| ۽ بيشڪ ماڻهن لاءِ هن قرآن ۾ سڀڪنهن جنس جا مثال بيان ڪياسون، ۽ جيڪڏهن وٽن ڪا نشاني (تون)
آڻين ته ڪافر ضرور چوندا ته اوهين رڳو ڪُوڙا آهيو.
30|59| اهڙيءَ طرح جيڪي نه ڄاڻندا آهن تن جي دلين تي الله مُهر هڻندو آهي.
30|60| پوءِ (اي پيغمبر) صبر ڪر ڇوته الله جو واعدو سچ آهي ۽ جيڪي يقين نه رکندا آهن سي توکي هلڪو نه

33|5| ڪين سندن پِين جا (پٽ ڪري) سڏيو اهو الله وٽ بلڪل انصاف آهي، پوءِ جيڪڏهن سندن پيئر نه ڄاڻندا هجو
ته اوهان جا دين ۾ ڀائر ۽ اوهان جا دوست آهن، ۽ جنهن ڳالهائڻ ۾ چوڪ ڪئي هجيوَ تنهن ۾ اوهان تي ڪو گناه نه
آهي پر اوهان جي دلين جيڪي ڄاڻي واڻي ڪيو (تنهن ۾ گناه آهي)، ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.
33|6| پيغمبر مؤمنن تي سندن جندن کان وڌيڪ حق رکندو آهي ۽ سندس زالون سندين مائر آهن، ۽ مائٽي وارا هڪ ٻئي
جا پاڻ ۾ الله جي ڪتاب ۾ (ٻين) مؤمنن ۽ هجرت ڪندڙن کان وڌيڪ ويجها آهن پر پنهنجن دوستن سان احسان ڪريو
(ته جائز آهي)، اِهو (حُڪم) ڪتاب ۾ لکيل آهي.
33|7| ۽ (ياد ڪر) جڏهن پيغمبرن کان سندن انجام ورتوسون ۽ (پڻ) توکان ۽ نُوح ۽ ابراهيم ۽ مُوسىٰ ۽ عِيسىٰ پٽ مريم
جي کان به، ۽ (هن لاءِ) کائنئن پڪو انجام ورتوسون.
33|8| ته (الله) سچن کان سندين سچائي بابت پُڇي، ۽ ڪافرن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب تيار ڪيو اٿس.
33|9| اي ايمان وارؤ پاڻ تي الله جو احسان ياد ڪريو جڏهن (ڪافرن جا) لشڪر اوهان تي (چڙهائي ڪري) آيا تڏهن
مٿن واءُ کي موڪليوسون ۽ (اوهان جي مدد لاءِ ملائڪن جا) اهڙا لشڪر به جن کي اوهان نه ٿي ڏٺو (پوءِ ڪافرن کي
پڄائي اوهان کي بچايوسون) ۽ جيڪي ڪريو ٿا سو الله ڏسندڙ آهي.
33|10| جڏهن (اُهي) اوهان جي مٿان ۽ اوهان جي هيٺان اوهان وٽ آيا ۽ اُنهيءَ مهل اکيون ڦرّيِ ويون ۽ دليون (دهشت
کان) نڙ گهٽن کي پُهتيون ۽ الله جي به نسبت ڪيئي گمان پائيوَ ٿي.
33|11| اُتي مُؤمنن کي پرکيو ويو ۽ کين تمام سخت لوڏيو ويو.
33|12| ۽ اُنهيءَ مهل منافقن ۽ جن جي دلين ۾ بيماري آهي تن چيو ته الله ۽ سندس پيغمبر اسان کي ٺڳيءَ کانسواءِ
(ٻيو) ڪو انجام نه ڏنو آهي.
33|13| ۽ اُنهي مهل منجهائنئن هڪ ٽوليءَ چيو ته اي مديني وارؤ اوهان لاءِ (هتي ترسڻ جي) ڪا جاءِ ڪانهي
تنهنڪري موٽو، ۽ منجهائنئن هڪ ٽوليءَ پيغمبر کان موڪلايو ٿي ۽ چوڻ لڳا ته اسان جا گهر هيڪلا آهن، حالانڪ اُهي
هيڪلا نه هوا، ڀڄڻ کانسواءِ (ٻيو) ڪو ارادو نه هون.
33|14| ۽ جيڪڏهن اُن (مديني) جي آس پاس کان مٿن ڪا (ڪافرن جي فوج) اچي ڪڙڪي ها وري کانئن گهُرو
جنگ گهُرڻ ۾ اچي ها ته ضرور اُها ڪن ها ۽ اُن لاءِ ٿوري (دير) کان سواءِ ترسن ئي نه ها.
33|15| ۽ (هن کان) اڳ الله سان انجام ڪيو هوائون ته (ڀڄڻ لاءِ) پٺيون نه ڦيريندا، ۽ الله جي انجام جي (ضرور)
پُڇا ڪئي ويندي.
33|16| چؤ ته جيڪڏهن اوهين مرڻ يا مارجڻ کان ڀڄندؤ ته ڀڄڻ اوهان کي فائدو نه ڏيندو ۽ اُنهيءَ مهل بلڪل (کين)
ٿورو فائدو ڏنو ويندو.
33|17| چؤ ته اوهان کي الله (جي عذاب) کان ڪير بچائيندو جيڪڏهن اُهو اوهان کي ڪا اوکائي (اي پيغمبر کين)
پهچائڻ گهري يا اوهان کي ڪا ٻاجهه پهچائڻ گهري (ته اُها ڪير روڪيندو؟)، ۽ الله کانسواءِ پاڻ لاءِ نڪو دوست ۽ نڪو
مددگار لهندا.
33|18| اوهان مان (جهاد کان) جهليندڙن ۽ پنهنجن ڀائرن کي (هئن) چوندڙن کي ته اسان ڏانهن اچو بيشڪ الله ڄاڻندو
آهي، ۽ ٿورن کانسواءِ (ٻيا) لڙائي ۾ نه ٿا اچن.
33|19| اوهان تي ڀڇائي ڪندڙ آهن، پوءِ جڏهن مهل ڀَوَ (جو وقت) اچي (تنهن مهل) کين ڏسين ته توڏانهن (هٿون)
نهاريندا آهن جو سندن اکيون اُن (ماڻهوءَ) وانگر ڦرنديون آهن جنهن تي موت (جي سڪرات) جي بيهوشي پهتي هجي،
پوءِ جڏهن مهل (جنگ جو) ڀؤ لهندو آهي تنهن مهل (غنيمت جي) مال (وٺڻ) تي لالچي ٿي اوهان کي تکين زبانن
سان ايذائيندا آهن، انهن ايمان نه آندو تنهنڪري الله سندن اعمال ڇَٽ ڪيا، ۽ اهو ڪم الله کي آسان آهي.
33|20| ڀائيندا آهن ته (ڪافرن جا) ڪٽڪ نه ويا آهن، ۽ جيڪڏهن (ڪافرن جا) ڪي (خوف جي ڪري)
ڪٽڪ اچن ها ته (هيءَ ڳالهه) گهُرن ها ته اُهي جيڪر جهنگلن ۾ ويٺل هجن ها (۽) اوهان جون خبرون (هرڪنهن
کان) پڇندا رهن ها، ۽ جيڪڏهن اوهان ۾ هجن ته رڳو ٿورو (اچي) جنگ ۾ وڙهن.
33|21| بيشڪ اوهان لاءِ الله جي پيغمبر جي طريقي ۾ عمدي پيروي اُنهيءَ لاءِ آهي جيڪو الله (جي رضا جي اميد) ۽
قيامت جي ڏينهن (جي اچڻ) جي اميد رکندو هُجي ۽ الله کي گهڻو ياد ڪندو هجي.
33|22| ۽ جنهن مهل مؤمنن (ڪافرن جي) لشڪرن کي ڏٺو (تنهن مهل) چيائون ته هي اُهو انجام آهي جيڪو الله ۽
سندس پيغمبر اسان کي ڏنو هو ۽ الله ۽ سندس پيغمبر سچ فرمايو هو، ۽ اِنهيءَ (حالت) اُنهن کي ايمان ۽ فرمانبرداريءَ ۾
هيڪارو وڌايو.
33|23| مؤمنن مان ڪي اهڙا ماڻهو آهن جو جيڪو الله سان انجام ڪيو هوائون تنهن کي سچو ڪيائون، پوءِ منجهائنئن
ڪن پنهنجو ذمون پورو ڪيو ۽ منجهائنئن ڪو انتظار ڪندو آهي، ۽ (پنهنجي چوڻ کي) ڪنهن طرح نه مٽايائون.
33|24| ته الله سچن کي سندن سچائي سببان بدلو ڏئي ۽ جيڪڏهن گهري ته منافقن کي عذاب (اهو هن ڪري آهي)
ڪري يا (توبه جي توفيق ڏئڻ سان) مٿن ٻاجهه سان موٽي، ڇوته الله بخشڻهار مهربان آهي.
33|25| ۽ الله ڪافرن کي سندن ڏمر سميت موٽايو جو ڪا چڱائي نه لڌائون، ۽ الله مؤمنن جي پاران ويڙهه لاءِ ڪافي
ٿيو، ۽ الله سگهارو غالب آهي.
33|26| ۽ ڪتاب وارن مان جن انهن (مشرڪن) جي مدد ڪئي هئي تن کي (الله) سندن ڪوٽن مان لاٿو ۽ سندين
دلين ۾ دهشت وڌائين (جو) هڪ ٽوليءَ کي ڪُٺوَ ٿي ۽ ٻيءَ ٽوليءَ کي قيدي ڪيوَ ٿي.
33|27| ۽ (نيٺ) اوهان کي سندين زمين ۽ سندين گهرن ۽ سندن انهيءَ زمين جو وارث ڪيائين جنهن تي پير (به) نه
گهُمايو هيوَ، ۽ الله سڀڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.
33|28| اي پيغمبر پنهنجي زالن کي چؤ ته جيڪڏهن اوهين دنيا جي حياتي ۽ اُن جو سينگار گهرنديون هجو ته اچو ته
اوهان کي جورو ڏيان ۽ چڱي طرح ڇڏيان.
33|29| ۽ جيڪڏهن اوهين الله ۽ سندس پيغمبر ۽ آخرت جي گهر (يعني بهشت) کي گهرو ٿيون ته بيشڪ اوهان مان
نيڪ بختن لاءِ الله وڏو اجر تيار ڪيو آهي.
33|30| اي پيغمبر جون زالون اوهان مان جيڪا پڌري بي حيائي ڪندي تنهن کي وڌائي ٻيڻو عذاب ڪيو ويندو، ۽ اِهو
الله تي آسان آهي.
33|31| ۽ اوهان مان جيڪا الله ۽ سندس پيغمبر جي تابعداري ڪندي ۽ چڱا ڪم ڪندي تنهن کي سندس اجر ٻه ڀيرا
ڏينداسين ۽ اُن لاءِ عزت واري روزي تيار ڪنداسين.
33|32| اي پيغمبر جون زالون اوهين ڪن ٻين زالن جهڙيون نه آهيو جيڪڏهن اوهين (الله کان) ڊڄنديون آهيو ته
(ڪنهن ڌارئي ماڻهوءَ سان) ڳالهائڻ ۾ هيڻاهين نه ڪريو ڇوته جنهن جي دل ۾ بيماري آهي سو (مٿان) طمع ڪري ۽
چڱو سُخن ڳالهايو.

خواريءَ وارو عذاب تيار ڪيو اٿس.

33|58|جيڪي (ماڻهو) مؤمنن ۽ مؤمنياڻين کي اهڙي ڪم (جي تهمت) سان ايذائيندا آهن جو اُنهن نه ڪيو هجي تن بيشڪ ڪوڙي ٺاهه ۽ پڌري گناهه جو بار کنيو.

33|59|اي پيغمبر پنهنجين زالن ۽ پنهنجين ڌيئرن ۽ مؤمنن جي زالن کي چؤ ته (جيڪڏهن ٻاهر نڪرن ته) پاڻ تي پنهنجون چادرون وجهن، اِهو (هِن ڳالهه کي) تمام ويجهو آهي ته اُهي سڃاتيون وڃن پوءِ کين ايذاءُ نه ڏنو وڃي، ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

33|60|منافق ۽ جن جي دلين ۾ بيماري آهي سي ۽ مديني ۾ ڪوڙين ڳالهين پکيڙڻ وارا جيڪڏهن (پنهنجي عادت کان) نه جهلبا ته مٿن توکي بچيندا سون وري ٿورن (ڏينهن) کانسواءِ اُن (يعني مديني) ۾ تنهنجا پاڙيسري نه ٿيندا.

33|61|لعنت ڪيل آهن، جتي لڀندا تِتي پڪڙبا ۽ چڱي طرح ماربا.

33|62|جيڪي (هن کان) اڳ گذري ويا تن ۾ (به) الله جو اهو دستور هو، ۽ الله جي دستور کي ڪڏهن مٽ سٽ نه ڏسندين.

33|63|ماڻهو توکان قيامت بابت پڇن ٿا، (کين) چؤ ته اُن جي خبر رڳو الله وٽ آهي، ۽ ڪهڙيءَ (ڳالهه) توکي ڄاڻايو متان قيامت ويجهڙو ئي ٿيندي هجي.

33|64|بيشڪ الله ڪافرن تي لعنت ڪئي آهي ۽ انهن لاءِ ساڙيندڙ باهه تيار ڪئي اٿس.

33|65|منجهس سدائين رهڻ وارا آهن، نڪي ڪو سڄڻ ۽ نڪي ڪو مددگار لهندا.

33|66|جنهن ڏينهن سندن منهن باهه ۾ اونڌا ڪبا (تنهن ڏينهن) چوندا ته اسان لاءِ هيءَ ارمان (جيڪر) الله جي فرمانبرداري ڪريون ها ۽ پيغمبر جي (به) فرمانبرداري ڪريون ها (ته چڱو هو).

33|67|۽ چوندا ته اي اسان جا پالڻهار اسان پنهنجن سردارن ۽ پنهنجن وڏن جي فرمانبرداري ڪئي ته انهن اسان کي واٽ کان ڀُلايو.

33|68|اي اسانجا پالڻهار کين ٻيڻو عذاب ڪر ۽ مٿن تمام وڏي لعنت ڪر.

33|69|اي ايمان وارؤ (اوهين) اُنهن وانگر نه ٿيو جن مُوسىٰ کي ايذايو پوءِ جيڪي چيائون تنهن کان الله کيس پاڪ ڪيو، ۽ (اهو) الله وٽ مانَ وارن مان هو.

33|70|اي ايمان وارؤ الله کان ڊڄو ۽ سڌي ڳالهه چئو.

33|71|(ته) اوهان جا عمل اوهان لاءِ سُڌاري ۽ اوهان جا گناهه اوهان کي بخشي، ۽ جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر جي فرمانبرداري ڪندو تنهن بيشڪ وڏي مراد ماڻي.

33|72|بيشڪ اسان آسمانن ۽ زمين ۽ جبلن کي امانت آڇي ته اُن جي کڻڻ کان انڪار ڪيائون ۽ کانئس ڊنا ۽ اُن کي انسان کنيو، بيشڪ اُهو تمام ظالم جاهل آهي.

33|73|(هيءَ آڇ هن لاءِ آهي) ته الله منافقن ۽ منافقياڻين ۽ مشرڪن ۽ مشرڪياڻين کي عذاب ڪري ۽ الله مؤمنن ۽ مؤمنياڻين تي ٻاجهه سان موٽي، ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

34|1|سڀ ساراهه اُنهيءَ الله کي جڳائي جو جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو (سڀ) سندس آهي ۽ اُن جي ئي ساراهه آخرت ۾ آهي، ۽ اُهو ئي حڪمت وارو خبر رکندڙ آهي.

34|2|جيڪي زمين ۾ گهڙندو آهي ۽ جيڪي منجهانئس نڪرندو آهي ۽ جيڪي آسمان مان لهندو آهي ۽ جيڪي منجهس چڙهندو آهي سو (سڀ اُهو) ڄاڻندو آهي، ۽ اهوئي بخشڻهار مهربان آهي.

34|3|۽ ڪافر چوندا آهن ته اسان تي قيامت (ڪڏهن) نه ايندي، (کين) چؤ ته هائو مون کي پنهنجي (اُنهيءَ) پالڻهار ڳُجهه ڄاڻيندڙ جو قسم آهي ته اوهان وٽ ضرور ايندي، جنهن کان ذري جيترو نڪي آسمانن ۽ نڪي زمين ۾ ڳُجهو رهي ٿو ۽ اُن کان تمام ننڍي (ڪا شيءِ اهڙي) ڪانهي ۽ نڪي تمام وڏي جا پڌري ڪتاب ۾ (لکيل) نه آهي.

34|4|هن لاءِ ته جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي بدلو ڏئي، انهن لاءِ ئي بخشش ۽ سڳوري روزي آهي.

34|5|۽ جيڪي اسان جي آيتن ۾ مقابلو ڪندڙ ٿي ڊوڙيا انهن لاءِ ئي ڏکوئيندڙ عذاب جي سزا آهي.

34|6|۽ جن کي عِلم ڏنو ويو سي سمجهندا آهن ته جيڪو (قرآن) تنهنجي پالڻهار وٽان توڏانهن نازل ڪيو ويو آهي سو برحق آهي ۽ غالب ساراهيل (الله) جي واٽ ڏانهن رستو ڏيکاريندڙ آهي.

34|7|۽ ڪافر (هڪ ٻئي) کي چوندا آهن ته اوهان کي اهڙو مڙس ڏسيون ڇا جو اوهان کي ٻڌائي ٿو ته جڏهن (اوهين) تمام ڀُري ذرا ذرا ٿيندؤ (تڏهن) بيشڪ اوهين نئين سر بڻايا ويندؤ.

34|8|(اُنهيءَ) الله تي ڪوڙو ٺاهه ٺاهيو آهي يا کيس ڪا چريائي آهي، (نه!) بلڪ جيڪي آخرت کي نه مڃيندا آهن سي عذاب ۾ هُوندا ۽ (اُهي) وڏي ڀُل ۾ آهن.

34|9|جيڪي سندن اڳيان ۽ جيڪي سندن پويان آسمان ۽ زمين مان (بڻايو ويو) آهي سو (غور ڪري) نه ڏٺائون ڇا؟ جيڪڏهن گهُرون ته کين زمين ۾ ڳهائي ڇڏيون يا آسمان کان مٿن ٽُڪرا ڪيرايون، بيشڪ ان ۾ سڀڪنهن (الله ڏانهن) ورندڙ ٻانهي لاءِ (وڏي) نشاني آهي.

34|10|۽ بيشڪ داؤد کي پاڻ وٽان بزرگي ڏني سون، (۽ حُڪم ڪيوسون ته) اي جبلؤ ساڻس تسبيحون چئو ۽ پکين کي (اُن جو فرمانبردار ڪيوسون)، ۽ اُن لاءِ لوهه کي نرم ڪيوسون.

34|11|(حڪم ڏنوسون) ته ويڪريون زرهون بڻاءِ ۽ اندازي سان ڪڙيون ٺاهه ۽ (اي داؤد جي گهراڻي وارؤ) چڱا ڪم ڪريو، چوته جيڪي اوهان ڪندا آهيو سو بيشڪ آءٌ ڏسندڙ آهيان.

34|12|۽ واءُ کي سُليمان لاءِ (نوايوسون ) اُن جي اڳياڙيءَ جي منزل مهيني جو پنڌ ۽ پوياڙيءَ جي منزل (به) مهيني جو پنڌ هئي ۽ اُن لاءِ پگهريل ٽامي جو تلاءُ وَهايوسون، ۽ جنّن مان (به ڪن کي فرمانبردار ڪيوسون) جو سندس پالڻهار جي حڪم سان سندس اڳيان ڪمائيندا هوا، ۽ منجهائن جيڪو اسان جي حُڪم کان مُنهن موڙيندو تنهن کي باهه جو عذاب چکائينداسون.

34|13|جيڪي گهرندو هو سو اُن لاءِ ڪي قلعا ۽ مُورتون ۽ حوض جيڏا پيالا ۽ وڏيون ديڳيون جي نه چُرنديون هيون سي بڻائيندا هوا، (چيوسون ته) اي داؤد جا اولاد شُڪرانو ڪريو، ۽ مُنهنجن ٻانهن مان ٿورا شُڪرانو ڪندڙ آهن.

34|14|پوءِ جنهن مهل مٿس موت کي حُڪم ڪيوسون (تنهن مهل) سندس موت تي اُڏيهيءَ کانسواءِ (ٻئي ڪنهن) اُنهن (جِنّن) کي نه ڄاڻايو جو سندس لٺ کي ٿي کاڌائين، پوءِ جنهن مهل ڪريو (تنهن مهل) جِنّن معلوم ڪيو ته جيڪڏهن ڳجهه ڄاڻن ها ته خواريءَ واري عذاب ۾ نه رهن ها.

34|15|بيشڪ سبا جي قوم لاءِ سندن ڳوٺ ۾ هڪ نشاني هُئي، (يعني) ٻه باغ سڄي ۽ کٻي پاسي کان هوا، (چيو وين ته) پنهنجي پالڻهار جي رزق مان کائو ۽ سندس شڪرانو ڪريو، (اوهان لاءِ هي) شهر سٺو آهي ۽ پالڻهار بخشڻهار آهي.

34|16|(اُنهن) پوءِ (شڪر ڪرڻ کان) منهن موڙيائون تنهنڪري (بند ڀڃي) سخت ڇَرَ کي مٿن وهايوسين ۽ سندن ٻن باغن جي بدلي کين (ٻيا) ٻه باغ ڪسارن ميون ۽ لَئِن وارا ۽ ڪجهه ٿورين ٻيرين وارا ڏناسون.

34|17|سندن بي شڪريءَ سببان کين اها سزا ڏني سون، ۽ بي شڪر ڪانسواءِ (ٻئي) ڪنهن کي سزا نه ڏيندا آهيون.

34|18|۽ سندن وچ ۾ اُهي ڳوٺ جن ۾ برڪت رکي سون تن جي وچ ۾ پڌرا ڳوٺ (لڳولڳ) ڪيا سون ۽ انهن ۾ اچ وڃ جو پورو بندوبست رکيوسون، (چيوسون ته) راتيان ۽ ڏينهان منجهن بي ڀؤا گھمندا رهو.

34|19|پوءِ چيائون ته اي اسان جا پالڻهار اسان جي مسافرين ۾ ڏورائي ڪر ۽ پاڻ تي ظلم ڪيائون تنهن ڪري انهن کي (ٻين جي لاءِ) آکاڻيون ڪيوسين ۽ کين تمام پرزا پرزا ڪري چني ڦاڙي ڇڏيوسون، بيشڪ هن ۾ سڀڪنهن وڏي صابر شاڪر لاءِ نشانيون آهن.

34|20|۽ بيشڪ ابليس انهن به نسبت پنهنجي گمان کي سچو لڌو جو مؤمنن جي هڪ ٽوليءَ ڪانسواءِ ٻين اُن جي تابعداري ڪئي.

34|21|۽ اُن جو مٿن ڪو زور نه هو پر (اسين پرکون) ته جيڪو آخرت کي مڃيندو هجي تنهن کي اُنهيءَ کان ڌار ڪريون جيڪو اُن کان شڪ ۾ (پيل) هجي، ۽ تنهنجو پالڻهار سڀڪنهن شيءِ تي نگهبان آهي.

34|22|چؤ ته الله ڪانسواءِ جن ۾ اوهين ڳمان ڪندا آهيو تن کي سڏيو، اُهي نڪي آسمانن ۾ ۽ نڪي زمين ۾ (ڪين) ذري جيترا (به) مالڪ آهن ۽ نڪي منجهن ڪا ڀائيواري آهي ۽ نڪي منجهائن ڪو الله جو مددگار آهي.

34|23|۽ نڪي وٽس (ٻئي ڪنهن جي) سفارش فائدو ڏيندي مگر جنهن لاءِ رخصت ڏني هوندائين (فرشتن جو هي حال آهي ته جنهن مهل ڪو حُڪم خدا جو نازل ٿئي ٿو ته اُنهن جي طبيعت ۾ گهبراهٽ پيدا ٿئي ٿي) تانجو جنهن وقت هنن جي دلين تان گهبراهٽ لهي ٿي (تنهن مهل) چون ٿا ته اوهان جي پالڻهار ڇا چيو آهي (مٿان ملائڪ هيٺين کي) چوندا ته سچ فرمايو اٿس ۽ اُهو (سڀ کان) مٿاهون وڏو آهي.

34|24|چؤ ته اوهان کي آسمانن ۽ زمين مان ڪير روزي ڏيندو آهي، چؤ ته الله (ڏيندو آهي) ۽ بيشڪ اسين يا (ڪين) اوهين (يا ته) هدايت تي آهيون يا پڌريءَ گمراهي ۾.

34|25|چؤ ته جيڪي اسان ڏوهه ڪيا آهن تنهن بابت اوهين پڇيا نه ويندؤ ۽ جيڪي اوهين ڪندا آهيو تنهن بابت اسين پُڇيا نه ويندا سون.

34|26|چؤ ته اسان جو پالڻهار اسان (مڙني) کي گڏ ڪندو وري اسان ۽ (اوهان) جي وچ ۾ حق سان فيصلو ڪندو، ۽ اُهوئي (سچو) فيصلو ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي.

34|27|چؤ ته جن کي اوهان ساڻس شريڪ بڻائي ملايو آهي سي مون کي ڏيکاريو (چؤ ته) ائين نه آهي، بلڪ اُهو الله غالب حِڪمت وارو آهي.

34|28|توکي ته مڙني ماڻهن لاءِ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليوسون پر گهڻا ماڻهو نه ڄاڻندا (اي پيغمبر) آهن.

34|29|۽ چوندا آهن ته جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته اهو (قيامت جو) انجام ڪڏهن ٿيندو.

34|30|چؤ ته اوهان لاءِ اهڙي ڏينهن جو انجام آهي جنهن کان هڪ گهڙي نڪي دير ڪندؤ ۽ نڪي اڳڀي ويندؤ.

34|31|۽ ڪافر چون ٿا ته هن قرآن کي ڪڏهن نه مڃينداسون ۽ نڪي اُنهي کي جو کانئس اڳ آهي، ۽ (اي ڏسندڙ) جڏهن ظالم پنهنجي پالڻهار اڳيان بيهاربا (تڏهن) جيڪڏهن ڏسين ته (عجب ڪرين)، جو (پاڻ ۾) انهن مان هڪڙا ٻين ڏي ڳالهه ورائيندا، جيڪي هيٺا آهن سي هٺيلن کي چوندا ته جيڪڏهن اوهان نه هجوها ته اسين مؤمن هجون ها.

34|32|هٺيلا هيٺن کي چوندا ته جڏهن (هدايت) اوهان وٽ آئي تڏهن اسان اوهان کي هدايت کان جهليو هو ڇا؟ (نه!) بلڪ اوهين پاڻ گنهگار هئؤ.

34|33|۽ هيٺا هٺيلن کي چوندا ته (ائين نه آهي) بلڪ رات ۽ ڏينهن جي (اوهان جي) مڪر ڪرڻ (اسان کي جهليو هو) جڏهن اسان کي حُڪم ڪندا هيؤ ته الله سان ڪفر ڪيو ۽ ساڻس شريڪ ٺهرايون، ۽ جڏهن عذاب کي ڏسندا (تڏهن) پشيماني (دل ۾) لڪائيندا، ۽ ڪافرن جي ڳچين ۾ ڳٽ وجهنداسون، جيڪي ڪندا هوا تنهن ڪانسواءِ ٻئي جي سزا نه ڏبين.

34|34|۽ ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪو ڊيڄاريندڙ نه موڪليوسون مگر اُن جي آسودن (ماڻهن) چيو ته بيشڪ جنهن شيءِ سان اوهين موڪليا ويا آهيو (تنهنکي) اسين نه مڃيندڙ آهيون.

34|35|۽ چيائون ته اسين گهڻي مال ۽ اولاد وارا آهيون ۽ اسان کي عذاب ٿيڻو نه آهي.

34|36|چؤ ته منهنجو پالڻهار جنهن لاءِ گهري تنهنجي روزي ڪشادي ڪندو آهي ۽ (جنهن لاءِ گهري تنهن جي) تنگ ڪندو آهي پر گهڻا ماڻهو نه ڄاڻندا آهن.

34|37|۽ نڪي اوهان جا مال ۽ نڪي اوهان جا اولاد اهڙي شيءِ آهن جو اوهان کي اسان وٽ مرتبي ۾ ڪري ويجهو ڪن پر (ويجها اُهي آهن) جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا، تن جيڪي ڪمايو تنهن سببان اُنهن لاءِ ٻيڻو بدلو آهي ۽ اُهي ماڙين ۾ امن سان رهندا.

34|38|۽ جيڪي اسان جي آيتن (جي رد ڪرڻ) ۾ مقابلو ڪندڙ ٿي ڪوشش ڪندا آهن اُهي عذاب ۾ حاضر ڪبا.

34|39|چؤ ته بيشڪ منهنجو پالڻهار پنهنجن ٻانهن مان جنهن لاءِ گهرندو آهي تنهنجي روزي ڪشادي ڪندو آهي ۽ (جنهن لاءِ گهرندو آهي تنهنجي) تنگ ڪندو آهي، ۽ جيڪي اوهين ڪجھ خرچيندؤ تنهن جو الله بدلو ڏيندو، ۽ اُهو چڱو روزي ڏيندڙ آهي.

34|40|۽ جنهن ڏينهن اُنهن مڙني کي گڏ ڪندو وري ملائڪن کي چوندو ته (هيءُ) اُهي آهن ڇا جيڪي اوهان کي پوڄيندا هوا؟

34|41|(ملائڪ) چوندا ته تون پاڪ ذات آهين تون اسان جو سائين آهين نه اُهي، بلڪ اُهي جنّن کي پوڄيندا هوا، انهن مان گهڻا کين مڃيندڙ هوا.

34|42|پوءِ اڄ اوهان مان ڪو به هڪ ٻئي کي نڪي سُک پُهچائڻ جو نڪي ڏک پهچائڻ جو اختيار رکي ٿو، ۽ ظالمن کي چونداسون ته اُن باهه جي سزا جو (جو مزو) چکو جنهن کي اوهين ڪُوڙ ڀائيندا هوا.

34|43|۽ جڏهن اسان جون پڌريون آيتون کين پڙهي ٻڌائبيون آهن تڏهن (هڪ ٻئي کي) چوندا آهن ته هيءُ رڳو هڪ ماڻهو آهي جو جنهن کي اوهان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا هوا تنهن کان اوهان کي جهلڻ گهرندو آهي، ۽ چوندا آهن ته هيءُ (قرآن) رڳو ڪوڙ ٺهيل آهي، ۽ ڪافرن وٽ جڏهن سچي ڳالهه آئي (تڏهن) اُن لاءِ چوندا آهن ته هي رڳو پڌرو جادو آهي.

34|44|حالانڪ اُنهن (مشرڪن) کي نڪو ڪو ڪتاب ڏنوسون جنهن کي پڙهن ۽ نڪي توکان اڳ ڪو ڊيڄاريندڙ اُنهن ڏانهن موڪليوسون.

34|45|۽ کائن اڳين به ڪوڙ ڄاتو هو حالانڪ جيڪي انهنکي ڏنوهوسون تنهن جي ڏهين پتيءَ کي (به اُهي مشرڪ) نه پُهتا آهن پوءِ اُنهن اسان جي پيغمبرن کي ڪوڙو ڄاتو، پوءِ منهنجو عذاب ڪئن هو.

34|46|چؤ ته اوهان کي رڳو هڪ ڳالهه جي نصيحت ڪريان ٿو، ته ٻه ٻه ۽ هڪ هڪ ٿي الله (جي ڪم)(ڪاڻ)

37|25|اوهان کي ڇا (ٿيو) آهي جو هڪ ٻئي جي مدد نٿا ڪريو؟ (ته)
37|26|بلڪ اُهي اڄ ڪنڌ نوائيندڙ آهن.
37|27|۽ ڪي ڪن ڏانهن مهاڙ ڪري هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳندا.
37|28|چوندا ته بيشڪ اوهين (گمراهه ڪرڻ لاءِ) سڄي (۽ ڪٻي) پاسي کان اسان وٽ (ماڻهو پنهنجن سردارن کي) ايندا هُيؤ.
37|29|چوندا ته (نه!) بلڪ اوهين پاڻ مُسلمان نه هُيؤ (سردار).
37|30|۽ اوهان تي اسان جو ڪو زور نه (هلندو) هو، بلڪ (اوهين) پاڻ حد کان لنگهيل قوم هُيؤ.
37|31|پوءِ اسان تي اسان جي پالڻهار جو چوڻ ثابت ٿيو ته بيشڪ اسين (عذاب) چکندڙ هُجون.
37|32|پوءِ اوهان کي گمراهه ڪيوسون جو بيشڪ اسين (پاڻ) به گمراهه هواسون.
37|33|پوءِ بيشڪ اُهي اُنهيءَ ڏينهن عذاب ۾ هڪ ٻئي سا گڏ شريڪ هوندا.
37|34|بيشڪ اسين ڏوهارين سان اهڙي طرح ڪندا آهيون.
37|35|بيشڪ اُهي (اهڙا) هوا جو جڏهن کين چئبو هو ته الله کانسواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جو لائق نه آهي (تڏهن) وڏائي ڪندا هوا.
37|36|۽ چوندا هوا ته اسان هڪ چريي شاعر جي (چوڻ) تي پنهنجن معبودن کي ڇڏينداسون ڇا؟
37|37|بلڪ (پيغمبر محمد ﷺ) سچ (يعني قرآن) آندو ۽ (سڀني) پيغمبرن کي سچو ڄاتائين.
37|38|بيشڪ اوهين ڏکوئيندڙ عذاب (جو مزو) چکڻ وارا آهيو.
37|39|۽ جيڪي ڪندا هئو تنهن کانسواءِ (ٻيو) ڪو بدلو نه ڏبؤ.
37|40|پر الله جا خاص ٻانها (عذاب کان بچندا).
37|41|اُنهن لاءِ روزي مُقرّر (ٿيل) آهي.
37|42|ميوا، ۽ اُهي عزت وارا آهن (قسمين).
37|43|نعمت وارن باغن ۾.
37|44|تختن تي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ويٺل هوندا.
37|45|وهندڙ شراب جو پيالو مٿن پيو ڦيرائبو.
37|46|جو (بلڪل) اڇو پيئندڙن لاءِ مزيدار هوندو.
37|47|نڪي منجهس مٿي جي ڦيري هوندي ۽ نڪي اُهي کانئس نشي وارا ٿيندا.
37|48|۽ وٽن اکين واريون هيٺ نهاريندڙيون (زالون) وڏين هونديون.
37|49|ڄڻڪ اُهي (حورون) ڍَڪيل آنا آهن.
37|50|پوءِ ڪي (ماڻهو) ڪن ڏانهن مهاڙ ڪري ڪري هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳندا.
37|51|منجهانئن ڪو چوندڙ چوندو ته بيشڪ (دنيا ۾) منهنجو هڪ سنگتي هو.
37|52|جو چوندو هو ته تون (قيامت جو) مڃيندڙ ٿيو آهين ڇا؟
37|53|ها جڏهن مرنداسون ۽ مٽي ۽ هڏا ٿينداسون (تڏهن) اسان کي بدلو ڏنو ويندو ڇا؟
37|54|چوندو ته اوهين (به دوزخين کي) ڏسو ٿا ڇا؟ (وري اُهو)
37|55|پوءِ (پاڻ) جهاتي پائيندو ته اُهو (سنگتي) دوزخ جي وچ ۾ ڏسندو.
37|56|چوندو ته الله جو قسم ته تو مونکي ذري گهٽ هلاڪ ٿي ڪيو.
37|57|۽ جيڪڏهن منهنجي پالڻهار (جو مون تي) فضل نه ٿئي ها ته بيشڪ آءٌ (به عذاب ۾) حاضر ڪيلن مان هجان ها.
37|58|بيشڪ اسين نڪي (هاڻي وري) مرڻ وارا آهيون.
37|59|رڳو اسان جو پهريون مرڻ هو (جو ٿي چڪو) ۽ نڪي عذاب ڪيل آهيون (اهو)
37|60|بيشڪ اِها وڏي مراد ماڻڻ آهي.
37|61|اهڙي (نعمت) لاءِ ڀلي ته عمل ڪندڙ عمل ڪن.
37|62|ڀلا اِها (بيان ڪيل نعمت) مهمانيءَ طور ڀلي آهي يا ٿوهر جو وڻ؟
37|63|بيشڪ اسان اِن (وڻ) کي ظالمن جي لاءِ عذاب ٺهرايو آهي.
37|64|بيشڪ اِهو هڪ وڻ آهي جو دوزخ جي تري ۾ پيدا ٿيندو آهي.
37|65|اُن جا گوشا ڄڻڪ شيطانن جون سِسيون آهن.
37|66|پوءِ بيشڪ دوزخي اُن مان کائيندا پوءِ منجهانئس پيٽ ڀريندا.
37|67|وري اُنهن لاءِ اُن (کاڄ) تي ٽهڪندڙ پاڻيءَ جي ملاوت هوندي.
37|68|وري بيشڪ کائڻ پيئڻ کانپوءِ سندن موٽڻ دوزخ ڏانهن هوندو.
37|69|بيشڪ اُنهن پنهنجن پيءُ ڏاڏن کي گمراهه ڏٺو.
37|70|تنهنڪري اُهي (به) سندن پيرن تي ڊوڙن ٿا.
37|71|۽ بيشڪ کانئن اڳ اڳين مان گهڻا گمراهه ٿيا هوا.
37|72|۽ بيشڪ منجهن ڊيڄاريندڙ موڪليا هواسون.
37|73|پوءِ نهار ته ڊيڄاريلن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟
37|74|پر الله جا خاص ٻانها (انهن جي پڇاڙي چڱي ٿي).
37|75|۽ بيشڪ نوح اسان کي سڏيو پوءِ چڱا (دُعا کي) قبول ڪندڙ آهيون.
37|76|۽ کيس ۽ سندس (تعلق وارن) ماڻهن کي وڏي مصيبت کان بچايوسون.
37|77|۽ (فقط) سندس اولاد کي ئي باقي رهندڙ ڪيوسون.
37|78|۽ پوين ۾ اُن لاءِ (چڱي يادگيري) ڇڏي سون.
37|79|ساري جَڳ ۾ نوح تي شال سلام هجي.
37|80|بيشڪ اسين ڀلارن کي اهڙي طرح بدلو ڏيندا آهيون.
37|81|بيشڪ اُهو اسان جي مؤمنن ٻانهن مان آهي.
37|82|وري ٻين کي ٻوڙيوسون.
37|83|۽ بيشڪ نوح جي پيروري ڪندڙن مان ابراهيم هو.
37|84|جڏهن (هو) پنهنجي پالڻهار وٽ سالم دِل سان آيو (ياد ڪر).
37|85|جڏهن پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم کي چيائين ته اوهان ڇاکي پوڄيندا آهيو؟ (ياد ڪر)

37|86|الله کانسواءِ هٿرادو ٺهيل معبودن کي گهرو ٿا ڇا؟
37|87|پوءِ جهانن جي پالڻهار بابت اوهان جو ڪهڙو گمان آهي؟
37|88|پوءِ تارن ۾ هڪ پيرو چتائي ڏٺائين.
37|89|پوءِ چيائين ته آءٌ بيمار ٿيندس.
37|90|پوءِ کانئس پُٺي ڏيئي ڦريا.
37|91|پوءِ سندن معبودن ڏانهن منهن ڪيائين ته اوهين ڇونه ٿا کائو؟
37|92|اوهان کي ڇا (ٿيو آهي) جو نه ٿا ڳالهايو؟
37|93|پوءِ سڄي هٿ (يعني زور) سان مٿن ڏاڍا ڌَڪ هڻڻ لڳو.
37|94|پوءِ (قوم وارا) ڏانهس ڊوڙندا سامهون آيا.
37|95|چيائين ته جنهن کي اوهين (پاڻ) گهَڙيندا آهيو تنهن کي ڇو پوڄيندا آهيو؟ (ڪين)
37|96|حالانڪه الله اوهان کي ۽ جيڪي اوهين ڪريو ٿا تنهن کي پيدا ڪيو.
37|97|چيائون ته ابراهيم لاءِ اڏاوت اڏيو پوءِ کيس (باهه جي) آڙاهه ۾ اُڇليو (هڪ ٻئي کي).
37|98|پوءِ ساڻس فريب ڪرڻ جو ارادو ڪيائون پوءِ کين تمام زير ڪيوسون.
37|99| ۽ ابراهيم چيو ته بيشڪ آءٌ پنهنجي پالڻهار ڏانهن وڃڻ وارو آهيان (اهو) سگهوئي مون کي واٽ ڏيکاريندو (جتي سندس رضا هوندي).
37|100|اي منهنجا پالڻهار صالحن مان (ڪو پُٽ) مون کي عطا ڪر.
37|101|پوءِ کيس هڪ حليمت واري نينگر جي خوشخبري ڏني سون.
37|102| پوءِ جڏهن ساڻس گڏ ڊوڙڻ (واريءَ عمر) کي پهتو (تڏهن ابراهيم) چيو ته اي منهنجا پٽڙا بيشڪ آءٌ ننڊ ۾ ڏسان ٿو ته آءٌ توکي ڪُهان ٿو پوءِ تون نظر ڪر ته تنهنجي دل ۾ ڇا ٿو اچي؟ چيائين ته اي مُنهنجا ابا جنهن ڪم جو توکي حُڪم ڏنو وڃي ٿو سو ڪر جيڪڏهن الله گهريو ته مون کي صبر ڪرڻ وارن مان لهندين.
37|103|پوءِ جڏهن ٻنهي حُڪم مڃيو ۽ ابراهيم (پنهنجي) پُٽ کي پيشانيءَ پر ليٽايو.
37|104|۽ کيس سڏيوسون ته اي ابراهيم.
37|105|بيشڪ تو خواب کي سچو ڪيو، بيشڪ اسين ڀلارن کي اهڙي طرح بدلو ڏيندا آهيون.
37|106|بيشڪ اِها پڌري پرک آهي.
37|107|۽ ذُبح جي وڏي جانور سان اُن جو عوض ڏنوسون.
37|108|۽ پوين ۾ (چڱي ساراهه) اُن لاءِ ڇڏي سون.
37|109|ابراهيم تي شال سلام هجي.
37|110|ڀلارن کي اهڙي طرح بدلو ڏيندا آهيون.
37|111|بيشڪ اُهو اسان جي مؤمنن ٻانهن مان آهي.
37|112|۽ کيس اسحٰق جي خوشخبري ڏني سون جو صالحن مان هڪڙو نبي آهي.
37|113|۽ ابراهيم تي ۽ اسحٰق تي برڪت نازل ڪئي سون، ۽ ٻنهي جي اولاد مان ڪي چڱا آهن ۽ ڪي پاڻ تي پڌرو ظلم ڪندڙ آهن.
37|114|۽ بيشڪ موسىٰ ۽ هارون تي احسان ڪيوسون.
37|115|۽ کين ۽ سندن قوم کي وڏي سختيءَ کان بچايوسون.
37|116|۽ کين مدد ڏني سون پوءِ اُهي غالب رهيا.
37|117|۽ کين پڌرو ڪتاب ڏنوسون.
37|118|۽ کين سِڌي رستي لاتوسون.
37|119|۽ پوين ۾ (چڱي ساراهه) انهن لاءِ ڇڏي سون.
37|120|مُوسىٰ ۽ هارون تي شال سلام هجي .
37|121|بيشڪ اسين ڀلارن کي اهڙيءَ طرح بدلو ڏيندا آهيون.
37|122|بيشڪ اُهي (ٻئي) اسان جي مؤمن ٻانهن مان آهن.
37|123|۽ بيشڪ الياس پيغمبرن مان هو.
37|124|جڏهن پنهنجي قوم کي چيائين ته (الله کان) ڇونه ڊڄندا آهيو؟
37|125|ڇو بَعل کي پوڄيندا آهيو ۽ تمام چڱي خلقيندڙ کي ڇڏيندا آهيو؟
37|126|الله اوهان جو پالڻهار ۽ اوهان جي اڳين پِين ڏاڏن جو پالڻهار آهي (جو).
37|127|پوءِ کيس ڪوڙو ڀانيائون تنهنڪري اُهي بيشڪ (دوزخ ۾) حاضر ڪيل آهن.
37|128|پر الله جا خاص ٻانها (ڇٽل آهن).
37|129|۽ پوين ۾ (چڱي ساراهه) اُن لاءِ ڇڏي سون.
37|130|الياس تي شال سلام هجي.
37|131|بيشڪ اسين ڀلارن کي اهڙي طرح بدلو ڏيندا آهيون.
37|132|بيشڪ اُهو اسان جي مؤمن ٻانهن مان آهي.
37|133|۽ بيشڪ لُوط پيغمبرن مان هو.
37|134|جڏهن اُن کي ۽ سندس مڙني گهر وارن کي بچايوسون (ياد ڪر).
37|135|سواءِ هڪڙي ڪراڙي زال جي جا پُٺ تي رهندڙن مان ٿي.
37|136|وري (ٻين) ٻين کي هلاڪ ڪيوسون.
37|137|۽ بيشڪ اوهين انهن (جي ڳوٺن) وٽان صبح جو لنگهندا آهيو.
37|138|۽ رات جو (به) پوءِ ڇونه سمجهندا آهيو؟
37|139|۽ بيشڪ يُونس پيغمبرن مان هو.
37|140|جڏهن (هو) ڀريل ٻيڙيءَ ڏانهن ڀڳو.
37|141|پوءِ (ٻيڙي وارن سان) ڀُڪو وڌائين ته (پاڻ) ڀُڪي ڀيلن مان ٿيو.
37|142|پوءِ کيس مڇي ڳهي وئي ۽ اُهو (اهڙو ڪم ڪندڙ هو جو) ملامت جو لائق هو.
37|143|پوءِ اُهو جيڪڏهن تسبيح چوندڙن مان نه هجي ها.
37|144|ته اُنهي ڏينهن تائين جنهن ۾ (ماڻهو) اُٿارجن اُن جي پيٽ ۾ رهي ها.
37|145|پوءِ کيس صاف پَٽ ۾ اُڇليوسون ۽ اُهو بيمار هو.

37|146|۽ مٿس وڻ ڪدوءَ (جي قِسم) مان ڄمايوسون.
37|147|۽ ڪيس (هڪ) لک يا (اُن کان) وڌيڪ (ماڻهن) ڏانهن موڪليوسون.
37|148|پوءِ انهن ايمان آندو پوءِ هڪ وقتِ تائين ڪين فائدو ڏنوسون.
37|149|پوءِ (اي پيغمبر) اُنهن (يعني مشرڪن) کان پڇ ته تنهنجي پالڻهار کي ڌيئر آهن ڇا يا ڪيس پٽ آهنءَ
37|150|يا ملائڪن کي زالون بڻايوسون ۽ اُهي (اُن وقت) حاضر هوا.
37|151|خبردار هُجو (ته) بيشڪ اُهي پنهنجي (هٺرادو ٺهيل) ڪوڙ مان چوندا آهن.
37|152|ته الله (اولاد کي) ڄڻيو آهي ۽ اُهي ڪوڙا آهن.
37|153|پٽن کان ڌيئر پسند ڪيائين ڇا؟
37|154|اوهان کي ڇا ٿيو آهي، ڪيئن نبيرو ڪندا آهيو؟
37|155|ڇونه ڌيان ڪندا آهيو؟ (اوهين)
37|156|يا اوهان کي ڪا پڌري حُجّت آهي؟
37|157|جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته پنهنجو ڪتاب آڻيو.
37|158| ۽ (ڪافرن) الله ۽ جِنن جي وچ ۾ مائٽي مُقرر ڪئي، ۽ بيشڪ جِنن ڄاتو آهي ته اُهي (قيامت ۾ حساب لاءِ) حاضر ڪيا ويندا.
37|159|جيڪي بيان ڪندا آهن تنهن کان الله پاڪ آهي (ڪافر).
37|160|پر الله جا خاص ٻانها (انهن جو چوڻ سچو آهي).
37|161|پوءِ (اي ڪافرؤ) بيشڪ اوهين ۽ جن (بتن) کي پوڄيندا آهيو.
37|162|اوهين (سڀئي) اُن (يعني ڪوڙن معبُودن جي عبادت) لاءِ گمراهه ڪرڻ وارا نه آهيو.
37|163|پر اُنهن کي جيڪو (پاڻ) دوزخ ۾ گهڙڻ وارو آهي.
37|164|۽ (ملائڪ چوندا آهن ته) اسان مان اهڙو آهي ئي ڪونه جنهن لاءِ (عبادت جي) هڪ جاءِ ٺهرايل نه آهي.
37|165|۽ بيشڪ اسين صِف ٻَڌڻ وارا آهيون.
37|166|۽ بيشڪ اسين تسبيح چوڻ وارا آهيون.
37|167|۽ بيشڪ (عرب جا ڪافر) چوندا هوا.
37|168|ته جيڪڏهن اسان وٽ پهرين جو احوال هجي ها.
37|169|ته ضرور الله جا خاص ٻانها ٿيون ها.
37|170|وري اُن (يعني قرآن) جا مُنڪر ٿيا پوءِ سِگهوئي (ڪفر جي پڇاڙي) ڄاڻندا.
37|171|۽ بيشڪ پنهنجن ٻانهن پيغمبرن لاءِ اسان جو وعدو اڳي ئي ٿي چڪو..
37|172|ته بيشڪ اُهي (اسان جا پيغمبر) ئي فتح مند آهن.
37|173|۽ بيشڪ اسان جو لشڪر ئي غالب آهي.
37|174|پوءِ ڪاڻن هڪ وقت تائين منهن موڙ.
37|175|۽ کين ڏسندو رهه پوءِ اُهي به سگهوئي ڏسندا.
37|176|اسان جو عذاب جلد گهرندا آهن ڇا؟ (هي ڪافر)
37|177|پوءِ جڏهن سندن (گهرن جي) اڱڻ ۾ (عذاب) لهندو تڏهن ڊيڄاريلن جو صُبح بڇڙو ٿيندو.
37|178|۽ ڪاڻن هڪ وقت تائين منهن موڙ.
37|179|۽ ڏسندو رهه پوءِ اُهي به سگهوئي (نتيجو) ڏسندا.
37|180|تنهنجو پالڻهار پاڪ آهي جيڪي (اِهي ڪافر) بيان ڪندا آهن تنهن کان (اُهو) عزّت وارو آهي.
37|181|۽ (الله جي) پيغمبرن تي شال سَلام هجي.
37|182|۽ جهانن جي پالڻهار الله کي ئي سڀ ساراهه جڳائيندي آهي.
38|1|صٓ (هن) قرآن نصيحت (ڏيڻ) واري جو قسم آهي (ته جنهن دين ڏانهن سڏين ٿو سو سچ آهي).
38|2|بلڪ ڪافر وڏائي ۽ مخالفت ۾ (پيل) آهن.
38|3|ڪائنن اڳ گهڻائي جُڳ هلاڪ ڪياسون پوءِ دانهون ڪرڻ لڳا ۽ اُهو ڇوٽڪاري جو وقت نه هو.
38|4| ۽ منجهائنئن هڪ ڊيڄاريندڙ وٽن آيو ته عجب ڪرڻ لڳا، ۽ (اِهي) ڪافر چوڻ لڳا ته هيءُ (شخص) جادوگر ڪوڙو آهي.
38|5|ڇا (ڏسو ته) سڀني معبودن کي هڪ معبود ڪيائين؟ بيشڪ هي ڏاڍي عجيب ڳالهه آهي.
38|6| ۽ منجهائنئن (سردارن جي) ٽولي (هڪ ٻئي کي چوندي) هلي وئي ته هلو ۽ پنهنجن معبودن (جي پوڄا) تي مُحڪم رهو، بيشڪ هيءُ (دين) اهڙو آهي جو (اُن ۾ ڪو) غرض رکيو ويو آهي.
38|7|اِها (ڳالهه) پوئين دين ۾ (ڪڏهن) نه ٻڌي سون، هيءُ ته رڳو ٺاهه آهي.
38|8| اسان مڙني جي وچان مٿس قرآن نازل ڪيو ويو ڇا؟ بلڪ اِهي (ڪافر) منهنجي نصيحت کان شڪ ۾ (پيل) آهن، (نه!) بلڪ اڃا منهنجو عذاب نه چکيو اٿن.
38|9|تنهنجي پالڻهار غالب بخشڻهار جي ٻاجھ جا (ڪي) خزانا وٽن آهن ڇا؟
38|10| آسمانن ۽ زمين جي ۽ جيڪي اِنهن (ٻنهي) جي وچ ۾ آهي تنهنجي بادشاهي انهن جي آهي ڇا؟ (جي ائين آهي) ته جڳائي ته رسين سان (لڙڪي) مٿي چڙهن.
38|11|شڪست کاڌل ٽولين مان هيءُ (ڪافر) هتي هڪ (گڏ ٿيل) لشڪر آهي.
38|12|انهن کان اڳ نوح جي قوم ۽ عاد ۽ فرعون ميخن وارو ڪوڙ ڄاتو.
38|13|۽ ثمود ۽ لُوط جي قوم ۽ (شهر) ايڪه وارن، انهن جماعتن به (ڪوڙ ڄاتو).
38|14|اِهي ٽوليون (جيڪي به هيون تن) سڀني پيغمبرن کي ڪوڙو ڄاتو تنهنڪري منهنجي سزا (مٿن) لازم ٿي.
38|15|۽ هيءُ (هن وقت جا ڪافر به) رڳو هڪ آواز جا منتظر رهندا آهن جنهن کي ڪا ساهي نه هوندي.
38|16| ۽ (ٺٺولي طرح) چوندا آهن ته اي اسان جا پالڻهار حساب جي ڏينهن کان اڳ اسان (جي عذاب) جي چٽي اسان کي جلد ڏي.
38|17|(اي پيغمبر) جيڪي چوندا آهن تنهن تي صبر ڪر ۽ اسان جي سگهه واري ٻانهي داؤد کي ياد ڪر، بيشڪ اُهو رجوع ڪرڻ وارو هو.
38|18|بيشڪ اسان جبلن کي سندس تابع ڪيو (جو) سانجهي ۽ صبح جو (ساڻس) تسبيحون پڙهندا هوا.
38|19|۽ گڏ ڪيل پکين کي به (سندس تابع ڪيوسين)، هر هڪ (تسبيح گڏ چوڻ ۾) سندس فرمانبردار هو.
38|20|۽ سندس بادشاهيءَ کي مُحڪم ڪيوسين ۽ کيس دانائي ۽ نبير نچيڙ ڏني سون.

تنهنجي وچ ۾ اوڀر ۽ اولھ جيتري ڏورائي هجي ها پوءِ بڇڙو سنگتي آهين (تون).
43|39| ۽ هرگز نه نفعو ڏيندي اوهان کي اڄ اها سڌ جڏهن ظُلم ڪيو اوهان تحقيق اوهان عذاب ۾ شريڪ ٿيڻ وارا آهيو.
43|40| تون ٻوڙن کي ٻڌائي ٿو سگھين ڇا يا انڌن کي ۽ اُهو جيڪو پڌريءَ گُمراهيءَ ۾ آهي تنهن کي (اي پيغمبر)
هدايت ڪري سگھين ٿو ڇا؟
43|41| پوءِ جيڪڏهن توکي (هن جهان مان) نيون ته بيشڪ اسين (اتي ئي) ڪائن بدلو وٺڻ وارا آهيون.
43|42| يا جيڪو کين انجام ڏنو اٿون سو توکي ڏيکاريون ته به بيشڪ اسين مٿن وسوارا آهيون.
43|43| تنهن ڪري جيڪي توڏانهن وحي ڪيو ويو تنهن کي تون چنبڙي وٺ، بيشڪ تون سڌيءَ واٽ تي آهين.
43|44| ۽ بيشڪ اِهو (قرآن) تولاءِ ۽ تنهنجي قوم لاءِ نصيحت آهي، ۽ (اوهين) سگھوئي پڇيا ويندؤ.
43|45| ۽ پنهنجن پيغمبرن مان جيڪي توکان اڳ موڪليا هواسون تن جو (احوال) پڇ، ته ٻاجهاري (الله) کانسواءِ
(ڪي) ٻيا معبود بڻايا هواسون ڇا جن جي پوڄا ڪئي وڃي؟
43|46| ۽ بيشڪ مُوسىٰ کي پنهنجين نشانين سان فرعون ۽ سندس سردارن ڏانهن موڪليوسون پوءِ چيائين ته بيشڪ آءٌ
جهانن جي پالڻهار جو موڪليل آهيان.
43|47| پوءِ جنهن مهل وٽن اسان جي نشانين سان آيو (تنهن مهل) اوچتو اُهي اُنهن (معجزن) کان کلندا رهيا.
43|48| ۽ کانئن نشاني کين نه ٿي ڏيکاري سون پر اِها (نشاني ) اُن جي اڳين کان تمام وڏي هئي، ۽ کين عذاب سان
پڪڙيوسون ته مانَ اُهي (ڪفر کان) موٽن.
43|49| ۽ چيائون ته اي جادوگر پنهنجي پالڻهار کان اسان لاءِ اُنهيءَ (وسيلي) سان دُعا گھر جنهن جو توسان انجام ڪيو
اٿس، ته بيشڪ اسين هدايت وارا ٿينداسون.
43|50| پوءِ جنهن مِهل کائن عذاب لاٿوسون اوچتو اُنهن عهد ڀڳو.
43|51| ۽ فرعون پنهنجي قوم ۾ پڙهو ڏنو چيائين ته اي منهنجي قوم مِصر جي بادشاهي منهنجي نه آهي ڇا؟ ۽ هي
نهرون منهنجي (ماڙين جي) هيٺان (نه) وهنديون آهن (ڇا؟) اوهين نه ڏسندا آهيو ڇا؟
43|52| بلڪ آءٌ هن (مُوسىٰ) کان ڀَلو آهيان جو اُهو خوار آهي، ۽ چٽو ڳالهائي به نه ٿو سگھي (نه!).
43|53| پوءِ مٿس سون جا ڪنگڻ ڇونه لاٿا ويا يا ساڻس گڏ ٿي ملائڪ ڇونه آيا؟
43|54| پوءِ پنهنجي قوم کي بي عقل ڪيائين تنهنڪري سندس فرمانبرداري ڪيائون، بيشڪ اُهي بي دين قوم هوا.
43|55| پوءِ جڏهن اسان کي ڪاوڙايائون (تڏهن) کائن وير ورتوسون پوءِ اُنهن سڀني کي ٻوڙيوسون.
43|56| پوءِ کين (ڪافرن جو) اڳواڻ ۽ پوين لاءِ آکاڻي ڪيوسون.
43|57| ۽ جڏهن مريم جي پُٽ جو قصّو بيان ڪيو ويو (تڏهن) اُمالڪ اُن (قِصّي) کان تنهنجي قوم لُڙ مچائيندي آهي.
43|58| ۽ (اُهي) چوندا آهن ته اسان جا معبُود ڀلا آهن يا عيسىٰ؟ اِهو مثال توسان رڳو جهيڙي لاءِ بيان ڪندا آهن،
بلڪ اُهي جهيڙاڪ قوم آهن.
43|59| عيسىٰ رڳو ٻانهو آهي جنهن تي ٻاجھ ڪئي اٿون ۽ بني اسرائيلن لاءِ کيس (هڪ) عبرت ڪئي سون.
43|60| ۽ جيڪڏهن گھرون ها ته اوهان جي بدران زمين ۾ ملائڪن کي نائب ڪريون ها.
43|61| ۽ بيشڪ عيسىٰ قيامت جي هڪ نشاني آهي پوءِ اوهين قيامت ۾ شڪ نه ڪريو ۽ (اي پيغمبر چؤ ته) منهنجي
تابعداري ڪريو (جو) اِها سِڌي واٽ آهي.
43|62| ۽ اوهان کي شيطان نه جهلي، ڇوته اهو اوهان جو پڌرو ويري آهي.
43|63| ۽ جنهن مهل عيسىٰ چٽن معجزن سان آيو (تنهن مهل) چيائين ته اوهان وٽ حڪمت آندي اٿم ۽ (آيو
آهيان) ته جن ڳالهين ۾ اختلاف ڪند آهيو تن مان ڪي اوهان لاءِ بيان ڪريان، پوءِ الله کان ڊڄو ۽ منهنجو چيو مڃيو.
43|64| بيشڪ الله ئي منهنجو پالڻهار ۽ اوهان جو پالڻهار آهي تنهنڪري سنديس عبادت ڪريو، اِها سِڌي واٽ آهي.
43|65| پوءِ ٽولين پاڻ ۾ اختلاف ڪيو، تنهنڪري ڏکوئيندڙ ڏينهن جي عذاب کان ظالمن لاءِ خرابي آهي.
43|66| رڳو قيامت (جي اچڻ) جو انتظار ڪندا آهن ته اوچتو وٽن اچي ۽ اُهي بي خبر هجن (اُهي).
43|67| اُنهيءَ ڏينهن پرهيزگارن کانسواءِ (ٻيا) سڀئي دوست هڪ ٻئي جا دشمن هوندا.
43|68| اي منهنجا (اُهي) ٻانها اڄ اوهان کي نڪي ڀؤ آهي نڪي اوهين غمگين ٿيو (چيو ويندو ته).
43|69| جن اسان جي آيتن تي ايمان آندو ۽ مُسلمان هوا.
43|70| اوهين ۽ اوهان جون زالون بهشت ۾ خُوش ٿي گھِڙو (چيو ويندو ته).
43|71| مٿن سون جون رڪيبيون ۽ آبخورا ڦيرائبا، ۽ جيڪي دليون گھرنديون ۽ (جنهن جي ڏسڻ کان) اکيون ٺرنديون سو
منجهس هوندو، اوهين منجهس سدائين رهندؤ.
43|72| ۽ هي اُهو بهشت آهي جنهن جو اوهان کي انهي سببان وارث ڪيو ويو جو اوهين (چڱا) ڪم ڪندا هيؤ.
43|73| منجهس اوهان لاءِ گھڻا ميوا آهن جن منجهان پيا ٿا کائو.
43|74| بيشڪ ڏوهي دوزخ جي عذاب ۾ سدائين رهڻ وارا آهن.
43|75| کائن عذاب هلڪو نه ڪبو ۽ اُهي منجهس نا اُميد (ٿي) رهندا.
43|76| ۽ مٿن ظلم نه ڪيوسون پر اُهي پاڻ ظالم هوا.
43|77| ۽ (دوزخ جي دربان کي) سڏيندا ته اي مالڪ جڳائي ته تنهنجو پالڻهار اسان تي (موت جو) حڪم ڪري (ته
عذاب کان ڇُٽون، مالڪ) چوندو ته بيشڪ اوهين هميشه رهڻ وارا آهيو.
43|78| بيشڪ اوهان وٽ سچو دين آندوسون پر اوهان مان گھڻا سچي ڳالھ کي ناپسند ڪرڻ وارا آهن.
43|79| ڪنهن ڪم جي رِٿ رٿي آهي ڇا؟ پوءِ بيشڪ اسين به پڪي رِٿ رٿيندا آهيون (ڪافرن به).
43|80| ڀائيندا آهن ڇا ته اسين سندن ڳجهيون ڳالهيون ۽ سندن صلاحون نه ٻڌندا آهيون؟ هائو (ٻڌندا آهيون) ۽ اسان جا
موڪليل ملائڪ وٽن لکندا آهن.
43|81| چؤ ته جيڪڏهن ٻاجهاري (الله) کي ڪو وياءُ هجي، ته آءٌ (سڀ کان) پهرين (اُن جي) عبادت ڪندڙ (تون)
هجان.
43|82| جيڪي بيان ڪندا آهن تنهن کان آسمانن ۽ زمين جو پالڻهار عرش جو مالڪ پاڪ آهي (اِهي).
43|83| پوءِ کين ڇڏ ته (ايسين کوڙين ڳالهين ۾) ٻڪ ڪن ۽ راند ڪن جيسين پنهنجي اُنهي ڏينهن کي ملن جنهنجو
کين انجام ڏجي ٿو.
43|84| ۽ (الله ) اُهو آهي جيڪو آسمانن ۾ معبود آهي ۽ زمين ۾ (به) معبود آهي، ۽ اُهو حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي.
43|85| ۽ اُهو وڏي برڪت وارو آهي جنهن جي آسمانن ۽ زمين جي ۽ جيڪي اُنهن جي وچ ۾ آهي تنهن جي بادشاهت
آهي، ۽ وٽس ئي قيامت (جي اچڻ) جي خبر آهي، ۽ ڏانهنس موٽائبؤ.
43|86| ۽ (ڪافر) جن (بُتن) کي الله کانسواءِ سڏيندا آهن سي شفاعت ڪري نه سگھندا آهن پر اُهي جن (دين جي)

سچي شاهدي ڏني هوندي ۽ اُهي (اُن جي حقيقت) ڄاڻندا آهن (اُهي شفاعت ڪندا).
43|87|۽ جيڪڏهن ڪائن پڇين ته ڪين ڪنهن خلقيو ته ضرور چوندا ته الله (خلقيو آهي) پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا ويندا آهن.
43|88|۽ (قسم آهي) پيغمبر جي انهي چوڻ تي ته اي منهنجا پالڻهار بيشڪ هيءَ اهڙي قوم آهن جو (ڪنهن طرح) ايمان نه ٿا آڻين.
43|89|پوءِ ڪائن مُنهن موڙ ۽ (موڪلائيءَ جو) سلام چؤ، پوءِ سگهوئي ڄاڻندا.
44|1|حٰمٓ.
44|2|پڌريءَ ڪتاب جو قسم آهي (هن).
44|3|ته بيشڪ اسان هن (ڪتاب) کي برڪت واريءَ رات ۾ لاٿو بيشڪ اسين ڊيڄاريندڙ هواسون.
44|4|اُن (برڪت واريءَ رات) ۾ سڀڪو ڪم حڪمت وارو فيصل ڪبو آهي.
44|5|پاڻ وٽان (پنهنجي) حڪم سان (لاٿوسون) بيشڪ اسين (ئي پيغمبر کي) موڪلڻ وارا هواسون (اهو).
44|6|تنهنجي پالڻهار جي ٻاجھ سبب (اُن کي لاٿوسون)، بيشڪ اُهوئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.
44|7|آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي تنهنجو پالڻهار آهي، جيڪڏهن اوهين وسهندڙ آهيو (ته (جو) وسهو).
44|8|اُن ڪانسواءِ (ٻيو) ڪوبه عبادت جو لائق نه آهي (جو) جياريندو آهي ۽ ماريندو آهي (اُهوئي) اوهان جو پالڻهار ۽ اوهان جي اڳين پيِن ڏاڏن جو پالڻهار آهي.
44|9|بلڪ ڪافر (قيامت) کان شڪ ۾ آهن جو راند ڪندا آهن.
44|10|پوءِ جنهن ڏينهن آسمان پڌرو دونهون آڻيندو (تنهن ڏينهن جو) تون انتظار ڪر.
44|11|جو ماڻهن کي ويڙهي ويندو، اهو ڏکوئيندڙ عذاب آهي.
44|12|اي اسان جا پالڻهار اسان کان اِهو عذاب ٽار (جو) بيشڪ اسين مُسلمان ٿيون ٿا (پوءِ چوندا ته).
44|13|ڪين نصيحت وٺڻي ڪيئن ٿيندي حالانڪ بيشڪ وٽن پڌرو پيغمبر آيو هو.
44|14|وري ڪائنس مُنهن موڙيائون ۽ چيائون (ٿي) ته (هيءُ) ماڻهو سيکاريل (۽) چريو آهي.
44|15|بيشڪ اسين ٿورو (وقت) عذاب ٽارڻ وارا آهيون بيشڪ اوهين (وري ڪُفر ۾) ڦِرڻ وارا آهيو.
44|16|جنهن ڏينهن تمام وڏي پڪڙ ڪنداسون (تنهن ڏينهن) بيشڪ اسين بدلو وٺڻ وارا آهيون.
44|17|۽ بيشڪ ڪائن اڳ فرعون جي قوم جي آزمائش ڪئي سون ۽ وٽن (هن ڳالھ سان) سڳورو پيغمبر آيو.
44|18|ته الله جي ٻانهن کي منهنجي حوالي ڪريو، بيشڪ آءٌ اوهان وٽ امانت دار پيغمبر (آيو) آهيان.
44|19|۽ (چوڻ آيو آهيان) ته الله جي آڏو هٺ نه ڪريو، بيشڪ آءٌ اوهان وٽ پڌري حُجت آڻيندس.
44|20|۽ بيشڪ مون پنهنجي پالڻهار ۽ اوهان جي پالڻهار جي پناھ ورتي ته (متان) مون کي پٿرن سان ماريو.
44|21|۽ جيڪڏهن مون تي ايمان نه آڻيو ته مون کان پاسو ڪريو.
44|22|پوءِ پنهنجي پالڻهار کي سڏيائين ته هيءَ ڏوهاري قوم آهن.
44|23|پوءِ (حُڪم ڪيوسون ته) منهنجن ٻانهن کي راتو رات وٺي نڪر جو اوهان جي پٺيان پوندا.
44|24|۽ (تون) سمنڊ کي سڪل ڇڏ، بيشڪ اُهي ٻُڏڻ وارا لشڪر آهن.
44|25|باغ ۽ تلاءَ گهڻائي ڇڏيائون.
44|26|۽ پوکون ۽ خاصيون جايون (به).
44|27|۽ اُهي نعمتون (به) جنهن ۾ مزا ماڻيندا هوا.
44|28|اهڙي طرح (ٿيو)، ۽ ٻي قوم کي انهن (وسلن) جو وارث ڪيوسون.
44|29|پوءِ مٿن آسمان ۽ زمين نه رُنو ۽ نڪي اُنهن کي مُلت ڏني ويئي.
44|30|۽ بيشڪ بني اسرائيلن کي خوار ڪندڙ عذاب کان بچايوسون.
44|31|جو فرعون کان (پهچندو) هونِ، بيشڪ اُهو هٺيلو حد کان لنگهندڙن مان هو.
44|32|۽ بيشڪ بني اسرائيلن کي ڄاڻي واڻي (ساري) جهان وارن کان پسند ڪيوسون.
44|33|۽ کين اُهي مُعجزا ڏناسون جن ۾ پڌري آزمائش هئي.
44|34|بيشڪ اُهي (مُشرڪ) چوندا آهن.
44|35|ته (اسان جي پڇاڙي) رڳو اسان جو (هيءُ) پهريون موت آهي ۽ اسين وري نه اُٿارباسون.
44|36|جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته اسان جي ابن ڏاڏن کي (جياري) آڻيو.
44|37|اُهي ڀلا آهن يا تبع (حميري) جي قوم ۽ جيڪي ڪائن اڳ هوا سي؟ اُنهن (سڀني) کي ناس ڪيوسون، بيشڪ اُهي ڏوهاري هوا.
44|38|۽ آسمان ۽ زمين کي ۽ جيڪي اُنهن جي وچ ۾ آهي سو راند ڪري نه بڻايوسون.
44|39|انهن کي پوريءَ رِٿ ڪانسواءِ نه بڻايوسون پر انهن مان گهڻا نه ڄاڻندا آهن.
44|40|بيشڪ انهن مڙني جو انجام نبيري جو ڏينهن آهي.
44|41|جنهن ڏينهن ڪوبه دوست ڪنهن دوست کان ڪجھ به (عذاب) نه ٽاريندو ۽ نڪي کين مدد ڏبي.
44|42|سواءِ اُنهيءَ جي جنهن تي الله رحم ڪيو، بيشڪ الله ئي غالب مهربان آهي.
44|43|بيشڪ ٿوهر جو وڻ.
44|44|گنهگار جو کاڄ آهي.
44|45|پگهريل ٽامي جان، پيٽن ۾ ٽهڪندو.
44|46|تَتل پاڻي جي ٽهڪڻ وانگر.
44|47|هن (ڏوهيءَ کي پڪڙيو) ۽ دوزخ جي وچ ڏانهن گهليوس (ملائڪن کي چونداسون ته).
44|48|وري سندس مٿي تي تَتل پاڻي هاريو جو (اِهو) عذاب (اٿس).
44|49|چَک چوته تون (پنهنجي گمان ۾) سگهورو مان وارو آهين (چئبس ته اِها سزا).
44|50|بيشڪ هيءُ اُهو عذاب آهي جنهن ۾ اوهين شڪ ڪندا هئو.
44|51|بيشڪ پرهيزگار امن واريءَ جاءِ ۾ هُوندا.
44|52|باغن ۽ تلاون ۾.
44|53|سنهي پَٽ جا (ڪپڙا) ۽ ٿُلهي پَٽ جا (ڪپڙا) هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٿي ڍڪندا.
44|54|ائين هوندو، ۽ کين وڏين (سهڻين) اکين وارين حورون پرڻائينداسون (سندن حال).
44|55|منجهس سڀڪو ميوو گهرندا اهڙي حال ۾ جو امن وارا هوندا.

44|56| پھرين موت کانسواءِ (جو دنيا ۾ مري چڪا) اتي (ٻيو) موت نه چکندا، ۽ (الله) کين دوزخ جي عذاب کان
بچايو.
44|57| تنھنجي پالڻھار جي فضل سبب، اھائي وڏي مراد ماڻڻ آھي.
44|58| قرآن کي تنھنجيءَ ٻوليءَ ۾ آسان ڪيوسون ته مانَ اُھي نصيحت وٺن.
44|59| پوءِ (تون) انتظار ڪر بيشڪ اُھي به انتظار ڪرڻ وارا آھن.
45|1| حٰمٓ.
45|2| ڪتاب جو لاھڻ الله غالب حڪمت واري کان آھي.
45|3| بيشڪ آسمانن ۽ زمين ۾ ايمان وارن لاءِ پڪيون نشانيون آھن.
45|4| ۽ اوھان جي بڻائڻ ۾ ۽ جيڪي چرندڙن مان پکيڙي ٿو تنھن (جي بڻائڻ) ۾ اُنھن ماڻھن لاءِ نشانيون آھن جيڪي
يقين رکندا آھن.
45|5| ۽ رات ۽ ڏينھن جي ڦيرگھير ۾ ۽ جيڪي الله آسمان کان روزي نازل ڪئي پوءِ اُن سببان زمين کي سندس
غيرآباديءَ کانپوءِ آباد ڪيائين تنھن ۾ ۽ وائن جي ھلائڻ ۾ اُنھن ماڻھن لاءِ نشانيون آھن جيڪي سمجھ رکندا آھن.
45|6| اھي الله جون آيتون آھن جي توکي سچ سان پڙھي ٻڌايون ٿا، پوءِ الله ۽ سندس آيتن پڄاڻا ڪھڙي ڳالھ تي ايمان
آڻيندا.
45|7| ھر ڪنھن ٺٺاڪيءَ گنھگار لاءِ خرابي آھي.
45|8| الله جون آيتون کيس پڙھي ٻڌائبيون آھن ته ٻڌندو آھي وري آڪڙجي ضد ڪندو آھي ڄڻڪ اُھي ٻڌيون ئي نه
ھوائين، تنھنڪري کيس ڏکوئيندڙ عذاب جي خوشخبري سڻاءِ.
45|9| ۽ جڏھن اسان جي آيتن مان ڪنھن ڳالھ تي واقف ٿيندو آھي (تڏھن) ان کي ٺٺوليون ڪري وٺندو آھي، اُنھن ئي
لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آھي.
45|10| سندن ٻئي طرف کان دوزخ آھي، ۽ جيڪي ڪمايائون نڪي اُھو ڪائن ڪجھ ٽاري سگھندو ۽ نڪي اُھي جن
کي الله ڌاران سڄڻ ڪري ورتائون (ڪائن ٽاري سگھندا)، ۽ اُنھن لاءِ وڏو عذاب آھي.
45|11| ھيءُ (قرآن) ھدايت آھي، ۽ جن پنھنجي پالڻھار جي آيتن جو انڪار ڪيو تن کي سخت سزا جو ڏکوئيندڙ
عذاب آھي.
45|12| الله اُھو آھي جنھن درياءُ اوھان جي تابع ڪيو ته سندس حُڪم سان منجھس ٻيڙيون ھلن ۽ سندس فضل مان
گذران طلب ڪريو ۽ مانَ اوھين شڪرانو ڪريو.
45|13| ۽ جيڪي آسمانن ۾ آھي ۽ جيڪي زمين ۾ آھي سو سڀئي پنھنجي پار کان اوھان جي ڪم ۾ لڳايائين، بيشڪ اُن
۾ اُنھن ماڻھن لاءِ نشانيون آھن جي پروڙيندا آھن.
45|14| مؤمنن کي چؤ ته جيڪي الله جي واقعن جي اُميد نه رکندا آھن تن کان ھن ڪري ٽارو ڪن ته اُنھي سببان
جو جيڪي ڪمايو ھوائون (انھن مان) ڪنھن قوم کي (الله) سزا ڏئي.
45|15| جيڪو چڱا ڪم ڪندو سو پاڻ لاءِ، ۽ جيڪو مدائي ڪندو تنھن تي (اُن جو نقصان) آھي، وري پنھنجي پالڻھار
ڏانھن موٽايا ويندؤ.
45|16| ۽ بيشڪ بني اسرائيلن کي ڪتاب ۽ دانائي ۽ پيغمبري ڏني سون ۽ سٺين شين مان کين روزي ڏني سون ۽ کين
جھان وارن کان ڀلارو ڪيوسون.
45|17| ۽ دين بابت کين پڌرا دليل ڏناسون، پوءِ انھن (اڳي) اختلاف نه ڪيو پر وٽن ڄاڻپ آئي تنھن کانپوءِ پاڻ ۾
ساڙ (پيل) سببان (اختلاف ڪيائون)، بيشڪ جنھن ڳالھ بابت جھڳڙو ڪندا ھوا تنھن بابت قيامت جي ڏينھن تنھنجو
پالڻھار سندن وچ ۾ نبيرو ڪندو.
45|18| وري (اي پيغمبر) توکي دين جي پڌريءَ واٽ تي ڪيوسون تنھنڪري (تون) اُن دين جي تابعداري ڪر ۽
جيڪي نه ڄاڻندا آھن تن جي سَڌن پٺيان نه لڳ.
45|19| چوته اِھي الله جي آڏو توکان ڪجھ به ٽاري نه سگھندا، ۽ بيشڪ ظالم ھڪ ٻئي جا دوست آھن، ۽ الله
پرھيزگارن جو دوست آھي.
45|20| ھيءُ (قرآن) ماڻھن لاءِ چٽا دليل آھن جيڪي ماڻھو يقين رکندا آھن تن لاءِ ھدايت ۽ ٻاجھ آھي.
45|21| جن مدايون ڪيون سي پائيندا آھن ڇا ته کين انھن وانگر ڪنداسون جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا؟ ته سندن
جيئڻ ۽ مرڻ ھڪ جھڙو ھوندو، (اھو) جيڪو فيصلو ڪندا آھن سو بڇڙو آھي.
45|22| ۽ الله آسمانن ۽ زمين کي پوري رِٿ سان بڻايو ۽ ھن لاءِ ته ھر ڪنھن شخص جيڪي ڪمايو تنھن بابت کيس
بدلو ڏجي ۽ مٿن ظلم نه ڪبو.
45|23| اُنھيءَ کي نه ڏٺو اٿيئي ڇا؟ جنھن پنھنجي (نفس جي) سَڌ کي معبود ڪري ورتو ۽ ڄاڻڻ ھوندي (اي پيغمبر)
الله کيس گمراھ ڪيو ۽ سندس ڪنّن تي ۽ سندين دل تي مُھر ھنيائين ۽ سنديس اکين تي پردو وڌائين، پوءِ الله ڌاران
کيس ڪير ھدايت ڪندو، پوءِ ڇونه نصيحت وٺندا آھيو؟
45|24| ۽ چوندا آھن ته اسان جي رڳو ھي دنيا جي حياتي آھي جو مرندا آھيون ۽ جيئندا آھيون ۽ اسان کي رڳو زمانو
ماريندو آھي، ۽ ان (ڳالھ) جي کين ڪا ڄاڻپ نه آھي، اُھي رڳو اٽڪل ھڻندا آھن.
45|25| ۽ جڏھن اسان جون پڌريون آيتون کين پڙھي ٻڌائبيون آھن (تڏھن) سندين حجت رڳو ھي چوڻ ھوندو آھي ته
جيڪڏھن اوھين سچا آھيو ته اسان جي پيءُ ڏاڏن کي (جيئرو ڪري) آڻيو.
45|26| (اي پيغمبر کين) چؤ ته الله اوھان کي جياريندو آھي وري اوھان کي ماريندو وري اوھان کي قيامت جي ڏينھن ۾
گڏ ڪندو جنھن ۾ ڪو شڪ نه آھي پر گھڻا ماڻھو (اِن ڳالھ کي) نه ڄاڻندا آھن.
45|27| ۽ آسمانن ۽ زمين جي بادشاھي الله جي آھي، ۽ جنھن ڏينھن قيامت ٿيندي تنھن ڏينھن ڪُوڙا ڇيئو پائيندا.
45|28| ۽ (اي پيغمبر) ھر ڪنھن ٽوليءَ کي گوڏن ڀر (ويٺل) ڏسندين، سڀڪا ٽولي پنھنجي اعمالنامي ڏانھن سڏبي،
(چئبو) ته جيڪي (اوھين) ڪندا ھئو تنھن جو اڄ اوھان کي بدلو ڏبو.
45|29| ھي اسان جو دفتر آھي جو اوھان تي پوري حقيقت پڌري ڪري ٿو، بيشڪ جيڪي اوھين ڪندا ھئو سو اسين
لکندا ھواسون.
45|30| پوءِ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي سندن پالڻھار پنھنجي ٻاجھ ھيٺ داخل ڪندو، اھا پڌري مراد ماڻڻ
آھي.
45|31| ۽ جن ڪُفر ڪيو (تن کي چئبو) ته اوھان وٽ منھنجيون آيتون نه پڙھبيون ھيون ڇا؟ پوءِ اوھان وڏائي ڪئي ۽
ڏوھاري قوم ھئو.
45|32| ۽ جڏھن چئبو ھُيَوَ ته الله جو وعدو سچو آھي ۽ قيامت ۾ ڪو شڪ نه آھي (تڏھن) چوندا ھئو ته (اسين) نه

آهن ته الله جي وعدي جي مخالفت ڪن، (ڪين) چؤ ته اسان سان ڪڏهن نه هلندؤ اهڙي طرح الله اڳي ئي فرمائي چڪو آهي، پوءِ سگهو چوندا ته بلڪ اوهين اسان سان حسد ٿا ڪريو، بلڪ (هميشه) ٿورڙي ڪانسواءِ (ڪجھ به) نه سمجهندا هوا.

48|16|(اي پيغمبر) سگهو (اوهين) ڏانهن (جي جنگ) قوم واريءَ ويڙهه سخت ته چؤ کي وارن ڀهراڙي رهيلن تي پوءِ سڏيا ويندؤ جو ساڻن ويڙهه ڪندؤ يا ته (اُهي) مُسلمان ٿيندا، پوءِ جيڪڏهن چيو مڃيندؤ ته الله اوهان کي چڱو اجر ڏيندو، ۽ جيڪڏهن (ائين) ڦرندؤ جيئن (اوهين) هن کان اڳ ڦريا هئو ته (الله) اوهان کي ڏکوئيندڙ عذاب جي سزا ڏيندو.

48|17|(جهاد جي رهڻ کان) نڪي انڌي تي ڪو گناهه آهي، ۽ نڪي منڊي تي ڪو گناهه آهي ۽ نڪي بيمار تي ڪو گناهه آهي، ۽ جيڪو الله ۽ سندس پيغمبر جو چيو مڃيندو تنهن کي (الله اهڙن) باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان واهيون پيون وهن، ۽ جيڪو ڦرندو تنهنکي ڏکوئيندڙ عذاب جي سزا ڏيندو.

48|18|بيشڪ الله مؤمنن کان راضي ٿيو جنهن وقت وڻ هيٺ توسان بيعت ٿي ڪيائون پوءِ جيڪي سندين دلين ۾ هو سو ڄاتائين پوءِ مٿن (دل جو) آرام لاٿائين ۽ کين هڪ ويجهي سوڀ انعام ڏنائين.

48|19|۽ گهڻيون غنيمتون (به) جو اُنهن کي (اُهي) هٿ آئيندا، ۽ الله غالب حڪمت وارو آهي.

48|20|الله اوهان کي گهڻن غنيمتن جو وعدو ڏنو آهي جن کي هٿ آڻيندؤ پوءِ هيُ (خيبر جون غنيمتون) اوهان کي عطا ڪيائين ۽ اوهان کان ماڻهن جا هٿ جهلي ڇڏيائين، ۽ هن لاءِ ته مؤمنن لاءِ هڪ نشاني هجي ۽ اوهان کي (الله) سڌو رستو ڏيکاري.

48|21|۽ ٻيون (به) جن تي سگهارانه ٿيا آهيو بيشڪ الله کي انهن جي خبر آهي، ۽ الله سڀڪنهن شيءَ تي وس وارو آهي.

48|22|۽ جيڪڏهن ڪافر اوهان سان جنگ ڪن ها ته ضرور پٺيون ڦيرائين ها وري نڪو دوست ۽ نڪو مددگار لهن ها.

48|23|(اهوئي) الله جو قانون آهي جو اڳ هليو ايندو آهي، ۽ الله جي قانون کي ڪڏهن ڪا ڦير ڦار نه ڏسندين.

48|24|۽ (الله ) اُهو آهي جنهن ڪافرن جا هٿ اوهان کان ۽ اوهان جا هٿ انهن کان جهليا مڪّي جي وچ ۾ اوهان کي مٿن سوڀاري ڪرڻ کان پوءِ، ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن کي الله ڏسندڙ آهي.

48|25|اِهي اُهي آهن جن انڪار ڪيو ۽ اوهان کي تعظيم واري مسجد کان جهليو ۽ قرباني کي به جو پنهنجي جاءِ تي پهچڻ کان روڪيل رهي، ۽ جيڪڏهن (اهڙا ڪي) مڙس مؤمن ۽ (ڪي) زالون مؤمنياڻيون (مڪي ۾) نه هجن ها جن کي اوهان نه ڄاڻندا آهيو ته (متان) کين لتاڙي ڇڏيو پوءِ بي خبريءَ ۾ انهن جو اوهان کي گناهه پهچي (ته هاڻي ئي فتح ٿئي ها)، جنهن کي الله گهري پنهنجي ٻاجهه ۾ داخل ڪري، جيڪڏهن (ٻئي ٽوليون) ڌار هجن ها ته ضرور مڪي وارن مان ڪافرن کي ڏکوئيندڙ عذاب ڪريون ها.

48|26|جڏهن ڪافرن پنهنجن دلين ۾ جاهليت جو جوش پيدا ڪيو تڏهن الله پنهنجي پيغمبر تي ۽ مؤمنن تي پنهنجو آرام نازل ڪيو ۽ کين پرهيزگاريءَ جي ڳالهه تي قائم رکيائين ۽ (اِهي) ان جا وڌيڪ حقدار ۽ اُن جا جوڳا هوا، ۽ الله سڀڪنهن شيء کي ڄاڻندڙ آهي.

48|27|بيشڪ الله پنهنجي پيغمبر کي سچو خواب ڏيکاريو، ته جيڪڏهن الله گهريو آهي ته پنهنجا مٿا ڪوڙائي ۽ وار ڪترائي تعظيم واريءَ مسجد ۾ بي ڊپا ٿي ضرور گهڙندؤ (۽) نه ڊڄندؤ، پوءِ جيڪي نه ڄاڻندا آهيو سو الله ڄاتو پوءِ اُن کان اڳ هڪ ويجهي فتح ڏني.

48|28|(الله) اُهو آهي جنهن پنهنجي پيغمبر کي هدايت ۽ سچي دين سان موڪليو ته اُن کي سڀني دينن تي غالب ڪري، ۽ الله شاهد ڪافي آهي.

48|29|مُحمّد الله جو موڪليل آهي، ۽ جيڪي سندس سنگتي آهن سي ڪافرن تي ڏاڍا سخت آهن ۽ پاڻ ۾ مهربان آهن کين رڪوع ڪندڙ سجدو ڪندڙ ڏسندو آهين الله جو فضل ۽ رضامندي طلبيندا آهن، انهن جي نشاني سندن منهن ۾ سجدي جي اثر کان (پڌري) آهي، اها سندن وصف توريت ۾ آهي، ۽ سندس وصف اِنجيل ۾ آهي، (اُهي) اُنهيءَ پوک وانگر آهن جنهن پنهنجو سَلو ڪڍيو پوءِ اُن کي مضبوط ڪيائين پوءِ ٿلهو ٿيو پوءِ پنهنجي سلي تي سڌي بيٺي جو ڪڙمين کي پئي وڻي (اسلامي غلبي جو به آخر اهڙو حال آهي) تانجو مؤمنن جي (ڏسڻ) ڪري ڪافرن کي ڪاوڙائي، جن ايمان آندو ۽ منجهائن چڱا ڪم ڪيا (تن کي) بخشش ۽ وڏي اجر جو الله انجام ڏنو آهي.

49|1|اي ايمان وارؤ الله ۽ سندس پيغمبر جي آڏو اڳرائي نه ڪريو ۽ الله کان ڊڄو، بيشڪ الله ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي.

49|2|اي ايمان وارؤ پنهنجا آواز پيغمبر جي آواز کان مٿي نه ڪريو ۽ جيئن اوهان جو هڪٻئي سان وڏي سڏ ڳالهائڻ آهي (تئين) ساڻس ڳالهه ڏاڍيان نه ڳالهايو جو متان اوهان جا عمل ڇٽ ٿي وڃن ۽ اوهين نه پروڙيندا هجو.

49|3|بيشڪ جيڪي پنهنجن آوازن کي الله جي پيغمبر جي آڏو جهڪو ڪندا آهن اِهي اُهي آهن جن جي دلين کي الله پرهيزگاريءَ لاءِ آزمايو آهي، اُنهن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي.

49|4|بيشڪ جيڪي حُجرن جي ٻاهران توکي سڏيندا آهن تن مان گهڻا بي سمجهه آهن.

49|5|جيڪڏهن اُهي تنهنجي ڏانهُن نڪرڻ تائين صبر ڪن ها ته اُنهن لاءِ ڀَلو هُجي ها، ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

49|6|اي ايمان وارؤ جيڪڏهن ڪو بدڪار ڪا خبر اوهان وٽ آڻي ته جاچ ڪريو جو (متان) ڪنهن قوم کي بي خبريءَ سان نقصان پهچايو پوءِ جيڪي اوهان ڪري چڪؤ تنهن تي پشيمان ٿيو.

49|7|۽ ڄاڻو ته اوهان ۾ الله جو پيغمبر آهي، جيڪڏهن گهڻن ڪمن ۾ هو اوهان جو چيو مڃيندو ته اوهين ڏکيا ٿيندؤ پر الله اوهان وٽ ايمان کي پيارو ڪرايو ۽ اوهان جي دلين ۾ ان کي چڱو ڪري ڏيکاريائين ۽ اوهان وٽ ڪفر ۽ بي ديني ۽ گناهه کي ناپسند ڪرايائين، اهي سڌي رستي وارا آهن.

49|8|الله جي فضل ۽ احسان سان، ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي.

49|9|۽ جيڪڏهن مؤمنن جون ٻه ٽوليون پاڻ ۾ وڙهن ته سندن وچ ۾ صُلح ڪريو، پوءِ جيڪڏهن انهن مان هڪڙي ٻي تي زيادتي ڪري ته جيڪا زيادتي ٿي ڪري تنهن سان وڙهو جيسين تائين الله جي حڪم ڏانهن موٽي اچي، پوءِ جيڪڏهن موٽي آئي ته سندن وچ ۾ انصاف سان صُلح ڪريو ۽ انصاف سان هلو، ڇوته الله انصاف وارن کي پيارو رکندو آهي.

49|10|مؤمن ته سڀ ڀائر آهن تنهنڪري پنهنجي ٻنهي ڀائرن جي وچ ۾ صلح ڪريو، ۽ الله کان ڊڄو ته مانَ اوهان تي ٻاجهه ڪئي وڃي.

49|11|اي ايمان وارؤ ڪا ٽولي ڪنهن ٽوليءَ تي ٺٺولي نه ڪري جو متان اُهي اُنهن کان ڀلا هجن ۽ نه زالون ٻين زالن سان (ٺٺوليون ڪن) جو متان اُهي اُنهن کان ڀليون هجن، ۽ نڪي پاڻ ۾ (هڪٻئي کي) عيب لايو ۽ نڪي هڪ ٻئي کي بڇڙن لقبن سان سڏيو، (جو) ايمان آڻڻ کانپوءِ بي دينيءَ جو نالو (پوڻ) خراب آهي، ۽ جن توبه نه ڪئي سي ئي ظالم آهن.

50|39|پوءِ (اي پيغمبر) جيڪي (ڪافر) چوندا آهن تنهن تي صبر ڪر ۽ سج اُبرڻ کان اڳ ۽ لهڻ کان اڳ پنهنجي
پالڻهار جي پاڪائي ساراهه سان بيان ڪر.
50|40|۽ ڪجهه (مهل) رات جو الله کي پاڪائيءَ سان ساراهه ۽ نماز کان پوءِ به.
50|41|۽ (هي ڳالهه) ٻُڌ ته جنهن ڏينهن ويجهي هنڌ کان سڏيندڙ سڏيندو.
50|42|جنهن ڏينهن سچ پچ سخت هَڪل ٻُڌندا، اُهو (قبرن مان) نڪرڻ جو ڏينهن آهي.
50|43|بيشڪ اسين جيارينداآهيون ۽ ماريندا آهيون ۽ اسان ڏانهن موٽڻ آهي.
50|44|جنهن ڏينهن زمين انهن کان ڦاٽندي (تنهن ڏينهن) تڪڙا وڃڻ وارا هوندا، اِهو گڏ ڪرڻ اسان کي آسان آهي.
50|45|جيڪي (ڪافر) چوندا آهن سو اسين چڱي طرح ڄاڻندا آهيون ۽ تون مٿن (ڪو) ڏاڍ ڪرڻ وارو نه آهين،
پوءِ جيڪو منهنجي عذاب جي ڌمڪيءَ کان ڊڄي تنهن کي قرآن سان سمجهاءِ.
51|1|قسم آهي ڦلهڻ وارن (وائن) جو (خاڪ کي) ڦهلائڻ.
51|2|پوءِ (پاڻي جي) بار کڻڻ وارن (ڪڪرن) جو قسم آهي.
51|3|پوءِ آسانيءَ سان هلندڙن (ٻيڙين) جو قسم آهي.
51|4|پوءِ ڪم ورهائڻ وارن (ملائڪن) جو قسم آهي.
51|5|ته بيشڪ جيڪو اوهان سان انجام ڪجي ٿو سو سچ آهي.
51|6|۽ بيشڪ (عملن جو) بدلو ضرور ٿيڻو آهي.
51|7|واٽن واري آسمان جو قسم آهي.
51|8|ته (اوهين) پاڻ ۾ تڪرار واريءَ هڪ ڳالهه ۾ (پيل) آهيو.
51|9|قرآن کان اُهو ڦيرايو ويندو آهي جيڪو (ازل) ۾ ڦيرايل آهي.
51|10|اُنهن ڪوڙ هڻندڙن کي لعنت ڪئي ويئي.
51|11|جيڪي اَڻ ڄاڻائي ۾ وسارڻ وارا آهن.
51|12|پُڇندا آهن ته قيامت جو ڏينهن ڪڏهن ٿيندو؟
51|13|اُنهي ڏينهن جو اُنهن کي باهه ۾ عذاب ڪبو (هائو).
51|14|پنهنجو عذاب چکو، هيُ اُهو آهي جنهن کي اوهين جلد گهرندا هئو (چئبو ته هيُ).
51|15|بيشڪ پرهيزگار باغن ۽ چشمن ۾ هوندا.
51|16|جيڪي سندن پالڻهار کين ڏنو سو وٺڻ وارا هوندا، بيشڪ اُهي هن کان اڳ چڱائي ڪندڙ هوا.
51|17|رات جو ٿورو سمهندا هوا.
51|18|۽ اُهي اَسرن جو بخشش گهرندا هوا.
51|19|۽ سندن مالن ۾ سوال ڪندڙ ۽ نه سوال ڪندڙ مُحتاج جو حصّو هو.
51|20|۽ يقين ڪندڙن لاءِ زمين ۾ نشانيون آهن.
51|21|۽ اوهان جي جندن ۾ به، پوءِ نٿا ڏسو ڇا؟
51|22|۽ اوهان جي روزي آسمان ۾ آهي ۽ اُهو (به) جنهنجو اوهان کي انجام ڏجي ٿو.
51|23|پوءِ آسمان ۽ زمين جي پالڻهار جو قسم آهي ته اها خبر سچي آهي جهڙي طرح اوهين ڳالهائيندا آهيو.
51|24|اِبراهيم جي سڳورن مهمانن جي خبر تو وٽ (نه) آئي آهي ڇا؟
51|25|جڏهن اُهي وٽس آيا تڏهن سلام چيائين، هن (به) سلام چيو، (دل ۾ ڄاتائين ته هي) اوپرا ماڻهو آهن.
51|26|پوءِ پنهنجي گهر وارن ڏانهن تکو هليو ۽ ٿلهو گابو (پچائي) آندائين.
51|27|پوءِ اهو انهن کي ويجهو ڪيائين چيائين ته ڇونه ٿا کائو؟
51|28|پوءِ کائن دل ۾ ڊپ رکيائين، چيائون ته نه ڊڄ، ۽ اُن کي هڪ داناءَ نينگر جي مبارڪ ڏنائون.
51|29|پوءِ سنديس زال دانهن ڪندي سامهون آئي پوءِ پنهنجو منهن ڪُٽيائين ۽ چيائين ته ٻُڍڙي سنڍ (ڄڻيندي ڇا؟).
51|30|چيائون ته ائين ئي تنهنجي پالڻهار فرمايو آهي، ڇوته اُهو حِڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي.
51|31|چيو ته اي قاصدؤ اوهان جو ڪهڙو غرض آهي (ابراهيم).
51|32|چيائون ته بيشڪ اسين ڏوهاري قوم ڏانهن موڪليا ويا آهيون.
51|33|ته مٿن پڪي مٽيءَ جون گليليون وسايون.
51|34|جي حد کان لنگهندڙن لاءِ تنهنجي پالڻهار وٽ نشان ڪيل آهن.
51|35|پوءِ مؤمنن مان اتي جيڪو هو تنهن کي ٻاهر ڪڍيوسون.
51|36|پوءِ اُتي مسلمانن جي هڪ گهر کانسواءِ (ٻيو ڪو گهر) نه ڏٺوسون.
51|37|۽ جيڪي ڏکوئيندڙ عذاب کان ڊڄندا آهن تن لاءِ اُتي (عبرت لاءِ) نشاني ڇڏي سون.
51|38|۽ مُوسىٰ (جي قصّي) ۾ (به عِبرت آهي) جڏهن کيس پڌري دليل سان فرعون ڏانهن موڪليوسون.
51|39|پوءِ هن پنهنجي لشڪر سميت منهن موڙيو چيائين ته (هي) جادوگر يا چريو آهي.
51|40|تنهنڪري اُن کي ۽ سندس لشڪر کي پڪڙيوسون پوءِ اُن کي ملامت وارو ڪري سمنڊ ۾ اُڇليوسون.
51|41|۽ عاد جي (قصي) ۾ (به عبرت آهي) جڏهن اهڙو بي برڪتو واءُ موڪليوسون.
51|42|جو جنهن شيءِ تي اچي پهچي تنهن کي ڳريل هڏي وانگر ڪرڻ کانسواءِ نه ڇڏي.
51|43|۽ ثمود (جي قصّي) ۾ (به عبرت آهي) جڏهن کين چيو ويو ته هڪ مُدت تائين مزا ماڻيو.
51|44|پوءِ پنهنجي پالڻهار جي حُڪم (مڃڻ) کان هٺ ڪيائون تنهنڪري سندن ڏسندي کين (هڪ) سخت ڪڙڪي
ورتو.
51|45|پوءِ نڪي اُٿي سگهيا ۽ نڪي وير وٺڻ وارا هوا.
51|46|۽ (هن کان) اڳ نوح جي قوم (کي هلاڪ ڪيوسون) بيشڪ اُهي بدڪار ماڻهو هوا.
51|47|۽ آسمان کي (پنهنجيءَ) قوت سان بڻايوسون ۽ بيشڪ اسين سگهارا آهيون.
51|48|۽ زمين کي پکيڙيوسون جو چڱا پکيڙيندڙ آهيون.
51|49|۽ سڀڪنهن شيءَ مان جوڙو جوڙو بڻايوسون ته مانَ اوهين نصيحت وٺو.
51|50|پوءِ الله ڏانهن ڀڄو، بيشڪ آءٌ سندس طرف کان اوهان لاءِ پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان.
51|51|۽ الله سان (ٻيو) ڪو معبُود نه ٺهرايو، بيشڪ آءٌ سندس پار کان اوهان لاءِ پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان.
51|52|اهڙي طرح جيڪي انهن کان اڳ هوا تن وٽ ڪوبه پيغمبر نه آيو پر چيائون ته جادوگر يا چريو آهي.
51|53|ان (چوڻ) جي هڪ ٻئي کي وصيت ڪندا آيا آهن ڇا؟ (نه!) بلڪ اُهي نافرمان قوم آهن.
51|54|تنهنڪري (اي پيغمبر) کائن منهن موڙ هاڻي تون ميار وارو نه آهين.

51|55|۽ سمجهائي ڏيندو رهه ڇوته سمجهائڻ مؤمنن کي نفعو ڏيندو آهي.
51|56|۽ جنّن ۽ ماڻهن کي رڳو پنهنجي عبادت لاءِ پيدا ڪيوسون.
51|57|نڪي کائن ڪا روزي ٿو گهران ۽ نڪي گهران ٿو ته مون کي کارائين.
51|58|بيشڪ الله ئي روزي ڏيندڙ آهي جو تمام سگهارو زبردست آهي.
51|59|پوءِ بيشڪ جن ظلم ڪيو تن لاءِ سندن يارن جي سزا جهڙو عذاب (جو پاڳو) آهي پوءِ مون کان جلد (عذاب) نه گهرن.
51|60|پوءِ ڪافرن لاءِ اُن سندن ڏينهن کان خرابي آهي جنهن جو کين وعدو ڏنو وڃي ٿو.
52|1|طُور جو قسم آهي (جبل).
52|2|۽ لکيل ڪتاب جو (قسم) آهي.
52|3|جو کُليل ورقن ۾ (لکيل) آهي.
52|4|۽ آباد گهر جو (قسم) آهي.
52|5|۽ مٿاهينءَ ڇت جو (قسم) آهي.
52|6|۽ اُڀامندڙ درياءَ جو (قسم) آهي.
52|7|ته بيشڪ تنهنجي پالڻهار جو عذاب ضرور ٿيڻو آهي.
52|8|اُن کي ڪوبه ٽارڻ وارو ڪونهي.
52|9|جنهن ڏينهن آسمان موج هڻي ڇُرندو.
52|10|۽ جبل چڱيءَ طرح هلندا.
52|11|تنهن ڏينهن اُنهن ڪوڙ پائيندڙن لاءِ خرابي آهي.
52|12|جيڪي اَجاين ڳالهين ۾ راند ڪندا آهن.
52|13|جنهن ڏينهن دوزخ جي باهه ڏانهن ڌڪا ڏيئي روانا ڪبا.
52|14|هي اُها باهه آهي جنهن کي ڪُوڙ پائيندا هئو (تنهن ڏينهن چئبن ته).
52|15|هيءُ جادو آهي ڇا يا اوهين نه ٿا ڏسو؟
52|16|ان ۾ گهڙو پوءِ صبر ڪريو يا صبر نه ڪريو، (ته) اوهان لاءِ هڪ جهڙي (ڳالهه) آهي، جيڪي اوهين ڪندا هئو رڳو تنهنجو بدلو اوهان کي ڏنو ويندو.
52|17|بيشڪ پرهيزگار باغن ۽ نعمتن ۾ هوندا.
52|18|جيڪا (نعمت) کين سندن پالڻهار ڏني تنهن سان خوش هوندا، ۽ (اُنهي ڪري به خوش هوندا جو) سندن پالڻهار کين دوزخ جي عذاب کان بچايو.
52|19|انهي ڪري جو (چڱا) ڪم ڪندا هئو مزي سان کائو ۽ پيئو (چئبن ته).
52|20|هڪ ٻئي جي برابر وڇايلن تختن تي ٽيڪ ڏيئي ويٺل هوندا، ۽ کين وڏين اکين وارين حورن سان پرڻائينداسون.
52|21|۽ جن ايمان آندو ۽ سندن اولاد ايمان ۾ سندن رستو هليا تن سان سندن اولاد کي ملائينداسون ۽ کين سندن عملن مان ڪجهه به نه گهٽائينداسون، سڀڪنهن مڙس جيڪي ڪمايو تنهن ۾ (اُهو پاڻ) ڳهه ٿيل آهي.
52|22|۽ انهن کي ميوو ۽ گوشت جنهن (قسم) مان گهرندا (تنهن مان) پيا ڏينداسون.
52|23|اُتي شراب جا پيالا هڪ ٻئي کان پيا وٺندا جنهن ۾ نڪي بڪ بڪ ۽ نڪو گناهه ۾ پوڻ هوندو.
52|24|۽ وٽن اهڙا نينگر سندن آس پاس (خدمت لاءِ) پيا ايندا ويندا جو ڄڻڪ اُهي ڍڪيل موتي آهن.
52|25|۽ اُنهن مان هڪڙا ٻين ڏانهن پاڻ ۾ پڇا ڪرڻ ڪرڻ لاءِ مُنهن ڪندا.
52|26|چوندا ته بيشڪ اسين هن کان اڳ پنهنجي گهر وارن ۾ ڊڄندڙ هئاسون.
52|27|پوءِ الله اسان تي احسان ڪيو ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچايائين.
52|28|بيشڪ اسين هن کان اڳ کيس سڏيندا هواسون، بيشڪ اُهوئي اِحسان ڪندڙ مهربان آهي.
52|29|پوءِ (اي پيغمبر کين) نصيحت ڪر جو تون پنهنجي پالڻهار جي فضل سان نڪي ڪُوپُو آهين ۽ نڪي چريو آهين.
52|30|بلڪ چوندا آهن ڇا ته شاعر آهي (۽ اسين) سندس حق ۾ زماني جي ڦير گهير اچڻ جا منتظر آهيون.
52|31|چؤ ته اوهين به انتظار ڪيو جو بيشڪ آءٌ به اوهان سان انتظار ڪندڙ آهيان (انهن ڪافرن کي).
52|32|ڪين سندن عقل اهو ڏس ڏيندا آهن ڇا يا اُهي شرارتي قوم آهي.
52|33|چوندا آهن ڇا ته هن قرآن کي پاڻون ٺاهيو اٿس، بلڪ ايمان نه ٿا آڻين.
52|34|پوءِ (کين) جڳائي ته جيڪڏهن سچا آهن ته اُن جهڙو ڪو سخن (ٺاهي) آڻين.
52|35|اهي بي سبب (پاڻهي) پيدا ٿي پيا آهن ڇا يا اُهي (پاڻ) پيدا ڪندڙ آهن؟
52|36|آسمانن ۽ زمين کي ٺاهيو اٿن ڇا، بلڪ اُهي يقين نه ٿا آڻين.
52|37|تنهنجي پالڻهار جا خزانا انهن وٽ آهن ڇا يا اُهي داروغا آهن؟
52|38|کين ڪا ڏاڪڻ آهي ڇا جنهن تي (چڙهي) ڪَن ڏئي ٻڌندا آهن؟ پوءِ جڳائي ته اُنهن مان ٻُڌندڙ ڪو پڌرو دليل آڻي.
52|39|الله کي ڌيئر آهن ڇا ۽ اوهان کي پُٽ؟
52|40|اُنهن کان مزوري گهرين ٿو ڇا؟ جو اُهي (اُنهيءَ) ڇٽيءَ کان ڳوري بار (هيٺ) ٿيا آهن.
52|41|اُنهن وٽ ڳُجهه جو علم آهي ڇا جو اُهي لکندا آهن.
52|42|ڪا بڇڙي رٿ ڪرڻ گهرندا آهن ڇا؟ پوءِ جن ڪُفر ڪيو سي ئي فريب ۾ پيل آهن.
52|43|انهن لاءِ الله کانسواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جو لائق آهي ڇا؟ (ساٿس) جيڪو شريڪ مقرر ڪندا آهن تنهن کان الله پاڪ آهي.
52|44|۽ جيڪڏهن آسمان مان ڪو ٽڪرو ڪرندڙ ڏسندا ته چوندا ته گهاٽو ڪڪر آهي.
52|45|پوءِ (اي پيغمبر) اُنهن کي ايستائين ڇڏي ڏي جيستائين پنهنجو اُهو ڏينهن ڏسن جنهن ۾ بيهوش ڪيو ويندن.
52|46|جنهن سندن فريب ڪجهه به نه ٽاريندو ۽ نڪي کين مدد ڏبي.
52|47|۽ بيشڪ ظالمن لاءِ هن کانسواءِ ٻيو عذاب (به) آهي پر اُنهن مان گهڻا نه ڄاڻندا آهن.
52|48|۽ (اي پيغمبر) تون پنهنجي پالڻهار جي حڪم (اچڻ) تائين صبر ڪر ڇوته تون اسان جي نظر هيٺ آهين ۽ جنهن مهل تون اُٿين (تنهن مهل) پنهنجي پالڻهار جي ساراهه سان پاڪائي بيان ڪر
52|49|۽ ڪجهه رات جو (به) سندس پاڪائي بيان ڪر ۽ ستارن جي لهڻ کانپوءِ (به).
53|1|ستاري جو قسم آهي جڏهن لهي.

53|2|ته اوهان جو (هي) سنگتي (محمّد) نڪي ڀُلو ۽ نڪي بي راهو هليو.
53|3|۽ نڪي (نفس جي) سَڌ کان ڳالهائيندو آهي.
53|4|هيءُ قرآن رڳو وحي آهي جو موڪليو ويندو آهي.
53|5|اُن کي ڏاڍي سگهه واري سيکاريو آهي.
53|6|جو زور وارو آهي، پوءِ اُهو سِڌو بيٺو.
53|7|۽ اُهو (آسمان جي) مٿاهين ڪناري تي هو.
53|8|وري ويجهو ٿيو پوءِ هيٺ لٿو.
53|9|پوءِ ٻن ڪمانن جيتري وِٿي هئي يا (اُن کان به) تمام ويجهو هو.
53|10|پوءِ الله جي ٻانهي ڏانهن پيغام پهچايائين جيڪي پهچايائين.
53|11|جيڪي (پيغمبر جي) دل ڏٺو سو اُن ڪوڙ نه ڄاتو.
53|12|جيڪي (پيغمبر) ڏسندو آهي تنهن ۾ اُن سان جهڳڙو ڇو ڪندا آهيو؟
53|13|۽ بيشڪ اُنهيءَ (ملائڪ) کي (انهيءَ مهل) ٻيو ڀيرو (سندس اصلي صورت ۾) ڏٺو هوائين.
53|14|سِدرَةُ المُنتَهىٰ وٽ.
53|15|اُن وٽ رهڻ جو بهشت آهي.
53|16|جنهن مهل سِدرة کي انهيءَ ٿي ڍڪيو جنهن ڍڪيو ٿي.
53|17|نڪي لڙي ۽ نڪي حد کان لنگهي (پيغمبر جي اک).
53|18|بيشڪ ڪي وڏيون نشانيون پنهنجي پالڻهار جون ڏٺائين.
53|19|لات ۽ عُزّىٰ کي ڏٺو اٿوَ ڇا؟
53|20|۽ ٽئين ٽين منات کي به؟
53|21|ڇا اوهان لاءِ پٽ آهن ۽ الله لاءِ ڌيئرون.
53|22|اِهو ورهاڱو اُنهيءَ مهل بي انصافيءَ وارو آهي.
53|23|اهي (سڀ) رڳا نالا آهن جي اوهان پاڻ ۽ اوهان جي پيءُ ڏاڏن مُقرّر ڪيا آهن الله اُن (جي ثابتيءَ) جو ڪو
دليل نازل نه ڪيو آهي، (هي) رڳو گمان تي هلندا آهن ۽ جيڪي (سندن) جيءَ سَڌ ڪندا آهن (تنهن تي به)، ۽
بيشڪ سندن پالڻهار کان وٽن هدايت آئي آهي.
53|24|ماڻهو جيڪا سڌ ڪندو آهي سا کيس ملندي ڇا؟
53|25|پوءِ هو جَڳ ۽ هيءُ جَڳ الله جو آهي.
53|26|۽ آسمانن ۾ ڪيترائي ملائڪ آهن جن جي پارت ذري جيترو به نفعو نه ڪندي پر الله جي موڪل ڏيڻ کانپوءِ
جنهن لاءِ گھري ۽ راضي ٿئي.
53|27|بيشڪ جيڪي آخرت کي نه مڃيندا آهن سي ملائڪن تي ڌيئرن جا نالا رکندا آهن.
53|28|۽ کين ان (ڳالهه) جي ڪا خبر نه آهي، رُڳو گمان تي هلندا آهن، ۽ بيشڪ گمان حقيقت جي سڃاڻڻ ۾ ڪجهه
به نفعو نه ڏيندو آهي.
53|29|پوءِ (اي پيغمبر) انهيءَ کان منهن موڙ جنهن اسان جي ياد ڪرڻ کان مُنهن ڦيرايو ۽ دنيا جي حياتيءَ کانسواءِ
(ٻيو) ڪي نه گھريائين.
53|30|اها سندن علم جي پڄاڻي آهي، بيشڪ تنهنجو پالڻهار اُنهيءَ کي چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي جيڪو سندس واٽ کان
ڀُلو ۽ جيڪو سڌي رستي هليو تنهنکي (به) اُهو چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي.
53|31|۽ جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو الله جو آهي ته جن بڇڙا ڪم ڪيا تن کي انهن ڪمن
جي ڪري نيٺ سزا ڏئي ۽ جن چڱايون ڪيون تن کي ڀلائيءَ جو بدلو ڏئي.
53|32|جيڪي ننڍن گناهن کانسواءِ وڏن گناهن ۽ بي حيائيءَ کان پاڻ کي بچائيندا آهن، بيشڪ تنهنجو پالڻهار (اُنهن لاءِ)
وڏي بخشش وارو آهي، اُهو اوهان کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جڏهن اوهان کي زمين مان پيدا ڪيائين ۽ جڏهن اوهين پنهنجي
مائن جي پيٽن ۾ ٻار هئؤ، تنهنڪري اوهين پاڻ کي نه ساراهيو، الله انهيءَ کي چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي جيڪو پرهيزگار
ٿيو.
53|33|ڇا پوءِ ڏٺو اٿئي انهي کي جيڪو ڦريو (اي پيغمبر).
53|34|۽ ٿورو (مال) ڏنائين ۽ سخت دل ٿيو.
53|35|وٽس ڳجهه جي خبر آهي ڇا جو ڇڙڪ اُهو (سڀ ڪجهه) اکين سان ڏسندو آهي.
53|36|اُنهيءَ جي خبر کيس نه ڏني وئي ڇا جيڪي موسىٰ جي صحيفن ۾ (لکيل) آهي.
53|37|۽ (جيڪي) ابراهيم (جي صحيفن ۾ آهي) جنهن (الله جي حَقن کي) پورو ڪيو.
53|38|ته ڪو بار کڻندڙ ڪنهن ٻئي (جي گناهه) جو بار نه کڻندو (هيءُ حُڪم).
53|39|۽ ته ماڻهوءَ کي رڳو اُهائي (ڪمائي) ملندي جيڪا ڪيائين.
53|40|۽ ته سندس ڪمائي جلد ڏٺي ويندي.
53|41|وري کيس تمام پورو بدلو (انهي ڪمائي موجب) ڏنو ويندو.
53|42|۽ ته تنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽڻ آهي.
53|43|۽ ته اُن کلايو ۽ رئاريو.
53|44|۽ ته اُن ماريو ۽ جياريو.
53|45|۽ ته اُن (الله) نر ۽ مادي جوڙو جوڙو بڻايو.
53|46|منيءَ جي هڪ ڦڙي مان جڏهن (ڳڀيرڻ ۾) هاريو وڃي.
53|47|۽ ته اُن تي اُهو ٻيو (ڀيرو) پيدا ڪرڻ لازم آهي.
53|48|۽ ته اُن آسِودو ڪيو ۽ موڙي ڏنائين.
53|49|۽ ته اُهو ئي شِعرىٰ تاري جو پالڻهار آهي.
53|50|۽ ته اُن پهرين عاد کي ناس ڪيو.
53|51|۽ ثمود کي (به) پوءِ انهن مان (ڪنهين کي) باقي نه ڇڏيائين.
53|52|۽ اُن کان اڳ نُوح جي قوم کي به هلاڪ ڪيائين، ڇوته اُهي ڏاڍا ظالم ۽ تمام حد کان لنگهيل هوا.
53|53|۽ (شهر) اونڌي ڪيل کي هيٺ اُڇليائين.
53|54|پوءِ اُن کي ڍڪيو جنهن ڍڪيو.
53|55|پوءِ اي ماڻهو پنهنجي پالڻهار جي نعمتن مان ڪهڙيءَ ۾ شڪ ٿو ڪرين.

53|56|هي (پيغمبر) اڳين ڊيڄاريندڙن (جي جنس) مان (هڪ) ڊيڄاريندڙ آهي.
53|57|ويجهي اچڻ واري (قيامت) ويجهي آهي.
53|58|اُن کي الله کانسواءِ ڪو ظاهر ڪرڻ وارو ڪونهي.
53|59|هن ڳالهه کان تعجب ڪندا آهيو ڇا؟
53|60|۽ کلندا آهيو ۽ نه رئندا آهيو.
53|61|۽ اوهين راند ڪندڙ آهيو.
53|62|پوءِ الله کي سجدو ڪريو ۽ عبادت ڪريو.
54|1|قيامت ويجهي آئي ۽ چنڊ چيرجي پيو.
54|2|۽ جيڪڏهن (ڪافر) ڪا نشاني ڏسندا ته مُنهن موڙيندا ۽ چوندا ته هيءُ قديمي جادو آهي.
54|3|۽ ڪوڙ ڄاتائون ۽ پنهنجن سَڌن تي هليا ۽ سڀڪو ڪم پنهنجي وقت تي ٺهرايل آهي.
54|4|۽ بيشڪ وٽن اُهي خبرون آيون آهن جن ۾ جهڻڪ آهي.
54|5|پوري ڏاهپ (به) آهي پوءِ عِبرت جون ڳالهيون ڪين ڪو فائدو نه ٿيون ڏين.
54|6|تنهنڪري کائن مُنهن موڙ، جنهن ڏينهن سڏيندڙ اَڻ وڻندڙ شيءَ ڏانهن سڏيندو.
54|7|(تنهن ڏينهن) پنهنجن جهڪن اکين سان قبرن مان ائين نڪرندا جو ڄڻڪ اُهي پکڙيل مڪڙ آهن.
54|8|(اُن) سڏيندڙ ڏانهن ڊوڙندا ويندا، ڪافر ته هيءُ سخت ڏينهن آهي.
54|9|انهن کان اڳ نوح جي قوم ڪوڙ ڀانيو پوءِ اسان جي ٻانهي کي ڪوڙو ڄاتائون ۽ چيائون ته چريو آهي ۽ ساڻس سخت ڳالهايو ويو.
54|10|پوءِ هن پنهنجي پالڻهار کي عرض ڪيو (۽ چيائين) ته بيشڪ آءٌ هيڻو آهيان تنهنڪري تون کائن وير وٺ.
54|11|پوءِ آسمان جا دروازا گهڻي وهندڙ پاڻيءَ سان کولياسون.
54|12|۽ زمين مان چشمان جاري ڪياسون پوءِ (چوڌاري) پاڻي گڏ ٿيو جنهن ڪم لاءِ (اُهو) ٺهرايو ويو هو.
54|13|۽ کيس تختن ۽ ميخن واريءَ (ٻيڙي) تي چاڙهيوسون.
54|14|جا اسان جي اکين آڏو ٿي هلي، انهيءَ شخص جي بدلي وٺڻ لاءِ جنهن کي نه مڃيو هوائون.
54|15|۽ بيشڪ اُنهي (سزا) کي (عبرت لاءِ) هڪ نشاني ڪري ڇڏيوسون پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو؟
54|16|پوءِ منهنجو عذاب ۽ منهنجا دڙڪا ڪهڙي طرح هوا.
54|17|۽ بيشڪ قرآن کي نصيحت وٺڻ لاءِ آسان ڪيو اٿون پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو؟
54|18|عاد (قوم) ڪوڙ ڀانيو پوءِ منهنجو عذاب ۽ منهنجا دڙڪا ڪهڙيءَ طرح هوا؟
54|19|بيشڪ اسان سخت طوفان کي تمام نڀاڳي ڏينهن ۾ مٿن موڪليو.
54|20|جو ماڻهن کي پٽيائين ٿي ڄڻڪ اُهي پاڙون پٽيل کجيءَ جا ٿڙ آهن.
54|21|پوءِ منهنجو عذاب ۽ منهنجا دڙڪا ڪهڙي طرح هوا؟
54|22|۽ بيشڪ قرآن کي نصيحت وٺڻ لاءِ آسان ڪيو اٿون پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو؟
54|23|ثمود جي قوم ڊيڄاريندڙن کي ڪوڙو ڀانيو.
54|24|پوءِ چيائون ته پنهنجي قوم مان هڪاهڙي ماڻهوءَ جي تابعداري ڪريون ڇا؟ (جي ائين ڪريون ته) بيشڪ اسين انهيءَ مهل ضرور گمراهي ۽ چريائي ۾ هونداسون.
54|25|اسان جي وچان اُنهيءَ تي (ئي) وحيُ نازل ڪيو ويو ڇا؟ بلڪ اُهو وڏو ڪوڙو پاڻ پڏائيندڙ آهي.
54|26|سڀاڻي ڄاڻندا ته پاڻ پڏائيندڙ ڏاڍو ڪوڙو ڪير آهي.
54|27|بيشڪ اسين سندن پرک لاءِ (هڪ) ڏاچي موڪلينداسون پوءِ (اي صالح) انهن جو منتظر رهه ۽ صبر ڪر.
54|28|۽ کين خبردار ڪر ته سندن وچ ۾ پاڻي ورهايل آهي، هر ڪو (پنهنجي) واري تي حاضر ٿئي.
54|29|پوءِ پنهنجي سنگتيءَ کي سڏيائون پوءِ وڌيڪ هلت ڪيائين ۽ منڍو ڪيائين.
54|30|پوءِ منهنجو عذاب ۽ منهنجا دڙڪا ڪهڙي طرح هوا؟
54|31|بيشڪ اسان هڪ ڌڪاءُ مٿن موڪليو پوءِ پٽي پيهر وانگر (ڊير) ٿي پيا.
54|32|۽ بيشڪ قرآن کي نصيحت وٺڻ لاءِ آسان ڪيو اَٿون پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو؟
54|33|لُوط جي قوم ڊيڄاريندڙن کي ڪوڙو ڄاتو.
54|34|بيشڪ اسان مٿن ڪنڪريٽ وسائيندڙ واءُ کي موڪليو سواءِ لُوط جي گهر وارن جي، جو انهن کي اَسر مهل بچايوسون.
54|35|پاڻ وٽان فضل سان، جنهن شڪرانو ڪيو تنهن کي ائين ئي بدلو ڏيندا آهيون.
54|36|۽ بيشڪ (لُوط) اسان جي پڪڙِ کان کين ڊيڄاريو هو پوءِ هٿون انهن ڊيڄارڻ جي ڪري تڪرار ڪيائون.
54|37|۽ بيشڪ لُوط کي سندس مهمانن بنسبت ڇڪتاڻ ڪيائون پوءِ سندن اکين (جي ديد) کي وڃايوسون (پوءِ چيوسون) ته منهنجو عذاب ۽ منهنجا دڙڪا چکو.
54|38|۽ بيشڪ هميشه وارو عذاب انهن تي صُبح جو پهتو.
54|39|پوءِ (چيو وين) ته منهنجو عذاب ۽ منهنجا دڙڪا چکو.
54|40|۽ بيشڪ قرآن کي نصيحت وٺڻ لاءِ آسان ڪيو اَٿون پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو.
54|41|۽ بيشڪ فرعون جي قوم ڏانهن ڊيڄاريندڙ آيا.
54|42|هنن اسان جي مڙني نشانين کي ڪوڙو ڄاتو تنهنڪري کين غالب پڪڙڻ واري وانگر پڪڙيوسون.
54|43|(اي قريشؤ) اوهان جا ڪافر انهن ٽولين کان وڌيڪ ڀلا آهن ڇا يا اوهان لاءِ اڳين ڪتابن ۾ ڪا ڇوٽڪي جي چٺي آهي ڇا؟
54|44|چوندا آهن ڇا ته اسين وير وٺڻ واري جماعت آهيون.
54|45|انهي جماعت کي جلد شڪست ڏبي ۽ پُٺي ڦيرائيندا.
54|46|بلڪ سندن انجام جي جاءِ قيامت آهي ۽ قيامت ڏاڍي سخت ۽ تمام ڪوڙي آهي.
54|47|بيشڪ ڏوهاري گمراهي ۽ چريائي ۾ آهن.
54|48|(ياد ڪر) جنهن ڏينهن انهن کي سندن مُنهن ڀر (دوزخ جي) باهه ۾ گهلبو، چئبو ته هاڻي دوزخ جو مزو چکو.
54|49|بيشڪ اسان سڀڪنهن شيءِ کي ٺهرايل انداز سان بڻايو.
54|50|۽ اسان جو ڪم رڳو اک ڇنڀ ۾ ٿيڻ جهڙو هڪ سُخن آهي.
54|51|۽ بيشڪ اوهان جهڙيون (ڪيتريون ئي) ٽوليون هلاڪ ڪيون سون پوءِ آهي ڪو نصيحت وٺڻ وارو.
54|52|۽ جيڪي ڪيو اٿن سو (سڀ سندن) اعمالنامن ۾ (لکيل) آهي.

54|53|۽ سڀڪي ننڍو وڏو لکيل آهي.
54|54|بيشڪ پرهيزگار باغن ۽ نهرين ۾ هوندا.
54|55|اُهي سچي مجلس ۾ سگهه واري بادشاهه وٽ رهندا.
55|1|ٻاجهاري (الله).
55|2|قرآن سيکاريو.
55|3|ماڻهو کي پيدا ڪيائين.
55|4|ان کي پڌرو ڳالهائڻ سيکاريائين.
55|5|سج ۽ چنڊ پوري حساب تي هلندا آهن.
55|6|۽ وليون ۽ وڻ (الله کي) سجدو ڪندا آهن.
55|7|۽ آسمان کي بلند ڪيائين ۽ انصاف جي ترازي رکيائين.
55|8|هن لاءِ ته تور ۾ حد کان نه لنگهو.
55|9|۽ انصاف سان پورو توريندا رهو ۽ تور ۾ کوٽ نه ڪريو.
55|10|ماڻهن لاءِ زمين کي پکيڙيائين.
55|11|منجهس (هر جنس) جو ميوو ۽ ڇپڙين واريون کجيون آهن.
55|12|۽ ٻُهه وارو اَنُّ ۽ سرهاڻيون (به اُن ۾) آهن.
55|13|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهو) پنهنجي رب جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|14|ماڻهوءَ کي ٺِڪر جهڙي وڄندڙ مٽيءَ مان پيدا ڪيائين.
55|15|۽ جنّ کي باهه جي الانبي مان بڻايائين.
55|16|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهو) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|17|جو ٻنهي اوڀرن جو پالڻهار آهي ۽ ٻنهي اولهن جو پالڻهار آهي.
55|18|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهو) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|19|ٻن دريائن (کاري ۽ مٺيءَ) کي وهايائين جو پاڻ ۾ گڏجي ٿا وهن.
55|20|انهن ٻنهي جي وچ ۾ اوٽ آهي جو هڪ ٻئي تي زيادتي نه ڪندا آهن.
55|21|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهو) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|22|انهن ٻنهي مان موتي ۽ مرجان نڪرندا آهن.
55|23|پوءِ (اي جنّو ۽ ماڻهو) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|24|۽ سمنڊ ۾ هلندڙ جهاز (سڙهه ڪنيل) جبلن وانگر اُچا الله جا آهن.
55|25|پوءِ (اي جنّو ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|26|جيڪو به زمين تي آهي سو سڀ ناس ٿيندو.
55|27|۽ (اي پيغمبر) تنهنجي پالڻهار جي ذات باقي رهندي جو عزت وارو ۽ نعمتن وارو آهي.
55|28|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|29|جيڪو به آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو سڀڪو الله کان گهرندو آهي، سڀڪنهن ڏينهن اُهو ڪم ۾ آهي.
55|30|پوءِ (اي جنّو ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|31|اي جنّو ۽ ماڻهؤ (اسين واندا ٿي) اوهان ڏانهن جلد متوجه ٿينداسون.
55|32|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|33|اي جِنّن ۽ ماڻهن جي ٽولي جيڪڏهن اوهين آسمانن ۽ زمين جي پاسن کان ٻاهر نڪري سگهندا آهيو ته نڪرو، وڏي همت ڪانسواءِ ٻي طرح نڪري نه سگهندؤ.
55|34|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|35|اوهان تي باهه جو اُلنبو ۽ دُونهون موڪلبو جو مقابلو ڪري نه سگهندؤ.
55|36|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|37|پوءِ جڏهن آسمان ڦاٽندو تڏهن اڌوڙ وانگر گلابي ٿيندو.
55|38|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|39|پوءِ اُن ڏينهن نڪي ماڻهو ۽ نڪي جن پنهنجي گناهه بابت پُڇبا.
55|40|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙن نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|41|ڏوهاري پنهنجي شڪلين مان پيا سڃاتا ويندا ۽ پوءِ چُنڊن ۽ پيرن مان پڪڙبا.
55|42|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|43|هيءُ اُهو دوزخ آهي جنهن کي گنهگارن ڪوڙ پانيو هو (چئبو ته).
55|44|انهيءَ (دوزخ) ۾ ۽ تَتي ٽهڪندڙ پاڻيءَ ۾ پيا ايندا ويندا.
55|45|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|46|۽ جيڪو پنهنجي پالڻهار جي اڳو بيهڻ کان ڊنو تنهن لاءِ ٻه باغ آهن.
55|47|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|48|ٻئي باغ گهاٽا آهن.
55|49|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|50|انهن (ٻن باغن) ۾ ٻه چشما وهن ٿا.
55|51|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|52|انهن ٻنهي (باغن) ۾ سڀڪنهن ميوي مان ٻه ٻه جنسون آهن.
55|53|پوءِ (اي جنّو ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|54|اهڙن وڇائڻن تي ٽيڪ ڏئي ويٺا هوندا جنهن جو استر اِستَبرق پٽ مان هوندو، ۽ انهن ٻنهي باغن جو ميوو ويجهو هوندو.
55|55|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|56| اُنهن (باغن جي ماڙين) ۾ (شرم ڪري) هيٺ نگاهه ڪرڻ واريون (حُورون) هونديون جن کي اُنهن کان اڳ نڪي ڪنهن ماڻهو ۽ جنّ ڇهيو آهي.
55|57|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|58|اُهي (حُورون) ڄڻڪ ياقُوت ۽ مَرجان آهن.

55|59|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|60|چڱائيءَ جو بدلو چڱائيءَ کانسواءِ ٻيو نه آهي.
55|61|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهارجي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|62|۽ اُنهن ٻن (باغن) کانسواءِ ٻيا ٻه باغ به آهن.
55|63|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|64|ٻئي ڏاڍا ساوا ڇهڇ آهن.
55|65|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|66|اُنهن ٻنهي (باغن) ۾ ڦوهاري وانگر جوش سان ڇاٽي نڪرڻ وارا ٻه چشما هوندا.
55|67|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|68|انهن ٻنهي باغن ۾ (هر جنس جو) ميوو ۽ ڪجيون ۽ ڏاڙهون هوندا.
55|69|پوءِ (ي جنّؤ ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|70|انهن (باغن) ۾ سگهڙيون سهڻيون زالون هونديون.
55|71|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|72|حُورون تنبن منجهه پرده نشين هونديون.
55|73|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|74|انهن کي انهن (بهشتين) کان اڳ نڪي ماڻهو ۽ نڪي ڪنهن جنّ ڇهيو آهي.
55|75|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|76|ساون وهاڻن ۽ سهڻن پٿراڻين تي ٽيڪ ڏيئي ويٺل هوندا.
55|77|پوءِ (اي جنّؤ ۽ ماڻهؤ) پنهنجي پالڻهار جي ڪهڙين نعمتن جو انڪار ڪندؤ.
55|78|تنهنجي پالڻهار عزت واري جو نالو وڏي برڪت وارو آهي.
56|1|جڏهن قيامت ايندي.
56|2|جنهنجي اچڻ ۾ ڪو ڪوڙ نه آهي.
56|3|ڪن کي جهڪي ڪرڻ واري ۽ ڪن کي مٿاهين ڪرڻ واري.
56|4|جڏهن زمين سخت ڌوڏبي.
56|5|۽ جبل پوري طرح ڀڃي پٽي ڪيا ويندا.
56|6|پوءِ اُڏاريل دُز وانگر ٿيندا.
56|7|۽ اوهين ٽڏهن ٽي ٽوليون ٿيندؤ.
56|8|پوءِ سڄي پاسي وارا، سڄي پاسي وارا ڪهڙا ته چڱا هوندا.
56|9|۽ کٻي پاسي وارا، کٻي پاسي وارا ڪهڙا (ته) بدحال هوندا؟
56|10|۽ (چڱاين ۾) اڳرائي ڪرڻ وارا اڳي ٿيڻ وارا.
56|11|اهي (ئي) مقرب آهن.
56|12|نعمتن وارن باغن ۾ هوندا.
56|13|گهڻا پهرين مان.
56|14|۽ ٿورا پوين مان.
56|15|اُٽيل تخت تي (سون سان)
56|16|هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٿي مٿن ٽيڪ ڏئي ويٺل هوندا.
56|17|هميشه رهڻ وارا نينگر وٽن پيا ايندا ويندا.
56|18|آبخورن ۽ ڪوزن سان ۽ وهندڙ شراب مان (ڀريل) پيالا (آڻيندن)
56|19|جنهن کان نڪي مٿي ۾ سور پوندن ۽ نڪي بيهوش هوندا (اهڙو صاف)
56|20|۽ (پڻ هر جنس جو) ميوو جتان وڻندن
56|21|۽ پکين جو گوشت جنهن قسم مان (پيو) گهرين
56|22|۽ وڏين اکين وارون حورون
56|23|ڍڪيل موتين جهڙيون (جڳ
56|24|جيڪي ڪمايو هوائون تنهنجي بدلي ۾
56|25|اتي نڪا اجائي ٻَڪ نڪا گناه جهڙي ڳالهه ٻڌندا.
56|26|پر هر ڪو سلام سلام پيو چوندو.
56|27|۽ سڄي پاسي وارا، سڄي پاسي وارا ڪهڙي حال هوندا.
56|28|لاسڙين ٻيرين ۾
56|29|۽ ڀريل ڦردار ڪيوڙن ۾
56|30|۽ ڊگهن ڇاڇن ۾
56|31|۽ (هيٺ) ڪرندڙ پاڻي ۾
56|32|۽ گهڻن ميون ۾
56|33|نڪي کُٽندا ۽ نڪي (کائڻ) جهلبا
56|34|۽ اُچا وڇاڻا
56|35|بيشڪ اسان حورن کي هڪ نموني تي پيدا ڪيو آهي.
56|36|پوءِ کين ڪنواريون بڻايوسون.
56|37|مڙسن کي وڻندڙ هڪ جيڏيون.
56|38|سڄي پاسي وارن لاءِ.
56|39|گهڻي جماعت پهرين مان آهي.
56|40|۽ گهڻي جماعت پوين مان آهي.
56|41|۽ کٻي پاسي وارا، کٻي پاسي وارا ڪهڙا بدحال هوندا.
56|42|ڪوسي جهولي ۽ تَتي پاڻيءَ ۾ هوندا.
56|43|۽ ڪاري دونهين جي ڇاڇي ۾ هوندا.
56|44|جو نڪي ٿڌو هوندو ۽ نڪي سهائيندڙ.

56|45|بيشڪ اُهي هن کان اڳ (دُنيا ۾) سُک ۾ پيل هوا.
56|46|۽ وڏي گناه (شرڪ) تي ضد ڪندا هوا.
56|47|۽ چوندا هوا ته، جڏهن مرنداسون ۽ مٽي ۽ هڏا ٿينداسون (تڏهن) اسين وري (قبرن مان) اُٿاريا ويندا سون ڇا؟
56|48|يا اسان جا پهريان پيءُ ڏاڏا.
56|49|چؤ ته بيشڪ اڳيان ۽ پويان (اي پيغمبر).
56|50|هڪ مقرّر ڪيل ڏينهن جي وقت تي ضرور گڏ ڪيا ويندا.
56|51|وري بيشڪ اوهين اي گمراهو ڪوڙ پائيندڙؤ.
56|52|ضرور اوهين ٿوهر جي وڻ مان کائيندؤ.
56|53|پوءِ منجهانئس پيٽن کي ڀريندؤ.
56|54|پوءِ مٿانئس تَتل پاڻيءَ مان پيئندؤ.
56|55|پوءِ اُڃايل اُٺن جي پيئڻ وانگر پيئندؤ.
56|56|قيامت جي ڏينهن اِها سندن مهماني آهي.
56|57|اسان اوهان کي پيدا ڪيو پوءِ (وري جيارڻ کي) ڇونه سچ ڀائيندا آهيو.
56|58|پلا ڏسو ته سهي ته جيڪا مني وجهندا آهيو.
56|59|تنهن مان اوهين خلقيو ٿا ڇا؟ يا اسين خلقڻ وارا آهيون؟
56|60|اسان اوهان ۾ موت مقرّر ڪيو آهي ۽ اسين عاجز نه آهيون.
56|61|ته اوهان جهڙن کي مٽائي پيدا ڪريون ۽ اوهان کي اهڙي (شڪل) ۾ پيدا ڪريون جنهن کي ڄاڻندا ئي ئي نه
هجو.
56|62|۽ بيشڪ پهرين پيدائش ڄاڻي چڪؤ پوءِ ڇونه ٿا نصيحت وٺو؟
56|63|ڏسو ته سهي جيڪي اوهين پوکيندا آهيو.
56|64|سو اوهين ڄمائيندا آهيو ڇا يا اسين ڄمائيندا آهيون؟
56|65|جيڪڏهن گهُرون ته اُن کي ناس ڪري ڇڏيون پوءِ اوهين حيرت ۾ رهجي وڃو.
56|66|ته بيشڪ اسين ڏوٽي ۾ پئجي وياسون (۽ پيا چئو).
56|67|بلڪ اسين بي نصيب آهيون.
56|68|پلا ڏسو ته سهي جيڪو پاڻي پيئندا آهيو.
56|69|اُهو اوهين ڪڪرن مان هيٺ لاهيندا آهيو ڇا يا اسين هيٺ لاهيندا آهيون؟
56|70|جيڪڏهن گهُرون ته اُن کي کارو ڪري ڇڏيون پوءِ ڇونه شڪرانو ڪندا آهيو؟
56|71|پلا ڏسو ته سهي ته جا باه ٻاريندا آهيو.
56|72|تنهن جي وڻ کي اوهان پيدا ڪيو آهيو آهي ڇا؟ يا اسين پيدا ڪندڙ آهيون.
56|73|اسان اُن (وڻ) کي نصيحت وٺڻ لاءِ ۽ مسافرن جي فائدي لاءِ پيدا ڪيو آهي.
56|74|تنهنڪري پنهنجي وڏي پالڻهار جي نالي کي پاڪائي سان ياد ڪر.
56|75|پوءِ تارن جي ڪِرڻ جي جاءِ جو قسم کڻان ٿو.
56|76|۽ جيڪڏهن ڄاڻو ته بيشڪ اُهو قسم وڏو آهي.
56|77|بيشڪ اهو سڳورو قرآن آهي.
56|78|لڪل ڪتاب ۾ لکيل آهي.
56|79|پاڪائيءَ وارن کانسواءِ ٻيو ڪو اُن کي هٿ نه لائيندو آهي.
56|80|جهانن جي پالڻهار وٽان نازل ڪيل آهي.
56|81|پوءِ اوهين هن ڳاله (جي مڃڻ) ۾ سُستي ڪرڻ وارا آهيو ڇا.
56|82|۽ اُن کي ڪوڙ ڀانئين پنهنجو حصّو ڪريو ٿا.
56|83|پوءِ جنهن مهل (ڪنهنجو) ساه نر گهٽ وٽ پهچي.
56|84|۽ اوهين انهيءَ مهل پيا ٿا ڏسو.
56|85|۽ اسين اوهان جي به نسبت اُن ڏانهن تمام ويجها آهيون پر اوهين نه ڏسندا آهيو.
56|86|پوءِ جيڪڏهن (اوهين خدا جي حُڪم ۾) لاچار ٿيل نه آهيو.
56|87|ته جيڪڏهن سچا آهيو ته روح کي ڇو نه موٽايو.
56|88|پوءِ جيڪڏهن (مئل الله جي) ويجهن ٻانهن مان هوندو.
56|89|ته اُن لاءِ خوشي ۽ سُرهاڻ ۽ نعمت وارو باغ آهي.
56|90|۽ جيڪڏهن سڄي پاسي وارن مان هوندو.
56|91|ته سڄي پاسي وارن مان توکي سلامتي آهي.
56|92|پر جيڪڏهن اُهو ڪُوڙ ڀانئيندڙن گمراهن مان هوندو.
56|93|ته (اُن لاءِ) تَتل پاڻي مهماني.
56|94|۽ دوزخ ۾ گهيڙڻ آهي.
56|95|بيشڪ هي خبر پوري يقيني آهي.
56|96|تنهنڪري پنهنجي پالڻهار وڏي جي نالي کي پاڪائيءَ سان ياد ڪر.
57|1|جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو سڀ الله جي پاڪائي بيان ڪندو آهي، ۽ اُهو غالب حڪمت وارو آهي.
57|2|آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي اُن جي آهي، (اُهو) جياريندو آهي ۽ ماريندو آهي، ۽ اُهو سڀڪنهن شيءِ تي وس وارو
آهي.
57|3|اُهو (سڀ کان) پهريون ۽ (سڀ کان) پويون ۽ پڌرو ۽ ڳجهو آهي، ۽ اُهو سڀڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.
57|4|اُهو آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ بڻايو وري عرش تي متوجه ٿيو، جيڪي زمين ۾ گهڙندو (الله)
آهي ۽ جيڪي نڪرندو آهي ۽ جيڪي آسمان مان لهندو آهي ۽ جيڪي منجهس چڙهي ويندو آهي سو (سڀ) اُهو ڄاڻندو
آهي، ۽ جتي اوهين هجو اُتي اهو اوهان سان گڏ آهي، ۽ جيڪي ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي.
57|5|آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي اُن جي آهي، ۽ الله ڏانهن سڀ ڪم ورايا وڃن ٿا.
57|6|رات کي ڏينهن ۾ گهيڙيندو آهي ۽ ڏينهن کي رات ۾ گهيڙيندو آهي، ۽ اُهوسِينن وارو (ڳجهه) ڄاڻندڙ آهي.
57|7|الله ۽ سندس پيغمبر تي ايمان آڻيو ۽ اُنهيءَ مال مان خرچيو جنهن ۾ اوهان کي ٻين جو وارث ڪيو اٿس، ۽ اوهان
مان جن ايمان آندو ۽ (الله جي واٽ ۾) خرچ ڪيو تن لاءِ وڏو اجر آهي.

57|8|۽ اوهان کي ڇا (ٿيو) آهي جو الله تي ايمان نه ٿا آڻيو؟ حالانڪ پيغمبر اوهان کي سڏي ٿو ته اوهين پنهنجي پالڻهار تي ايمان آڻيو ۽ بيشڪ الله اوهان کان انجام ورتو آهي جيڪڏهن مڃڻ وارا آهيو.

57|9|(الله) اُهو آهي جيڪو پنهنجي ٻانهي (محمّد) تي پڌريون آيتون نازل ڪندو آهي ته (ڪفر جي) اونداهين مان (اسلام جي) سوجهري ڏانهن اوهان کي ڪڍي، ۽ بيشڪ الله اوهان تي شفقت ڪندڙ مهربان آهي.

57|10|۽ اوهان کي ڇا (ٿيو) آهي جو الله جي واٽ ۾ نه خرچيندا آهيو حالانڪ آسمانن ۽ زمين جي ميراث خاص الله جي آهي، جنهن (مڪي جي) فتح کان اڳ خرچ ڪيو ۽ (الله جي دين لاءِ ڪافرن سان) وڙهيو تنهنجي برابر اوهان مان ڪوبه ڪونهي، اهي انهن کان تمام وڏي مرتبي وارا آهن جن (فتح کان) پوءِ خرچ ڪيو ۽ (دين لاءِ) وڙهيا، ۽ هر هڪ کي الله چڱو انجام ڏنو آهي، ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي الله (پوري) خبر رکندڙ آهي.

57|11|اُهو ڪير آهي جو الله کي چڱو قرض ڏئي پوءِ (الله) اُهو (قرض) اُن کي ٻيڻو ڪري ڏيندو ۽ اُن لاءِ سڳورو اجر آهي.

57|12|(ياد ڪر) جنهن ڏينهن مؤمنن ۽ مؤمنياڻين کي (هن حالت ۾) ڏسندين جو سندن نُور اُنهن جي اڳيان ۽ انهن جي ساڄن پاسن کان پيو ڊوڙندو (چئبن ته) اوهان کي خوشخبري هجي جو اڄ اوهان لاءِ اهڙا باغ آهن جن جي هيٺان واهيون پيون وَهن اُتي سدائين رهندؤ، اها وڏي مراد ماڻڻ آهي.

57|13|جنهن ڏينهن منافق ۽ منافقياڻيون (گڏجي) مؤمنن کي چوندا ته ترسو (ته سهي) ته اوهان جي (ايماني) نُور مان (ڪجهه) روشني وٺون چيو ويندو ته اوهين پنهنجي پٺ تي (دنيا ڏانهن) موٽو پوءِ ڪو سوجهرو ڳوليو، پوءِ سندن وچ ۾ هڪ اهڙي پٽ هڻئي ويندي جنهن کي دروازو هوندو، اُن پٽ جي اندارن رحمت هوندي ۽ ان جي ٻاهرين پاسي کان عذاب.

57|14|منافق مُسلمانن کي سڏيندا ۽ چوندا ته اسين اوهان سان (دنيا ۾) گڏ نه هواسون ڇا؟ (مُسلمان) چوندا ته هائو پر پنهنجو پاڻ کي جوکي ۾ وڌوَ ۽ (ايمان آڻڻ ۾) دير ڪندا رهيؤ ۽ (نبوت ۾) شڪ آندو ۽ اوهان کي سَڌن ٺڳي ڇڏيو تان جو الله جو حُڪم آيو ۽ اوهان کي الله (جي حُڪم مڃڻ) کان (شيطان) ٺڳيندڙ ٺڳي ڇڏيو.

57|15|تنهن ڪري (اي منافقؤ) اڄ نڪي اوهان کان ۽ نڪي ڪافرن کان ڪو بدلو وٺبو، اوهان جي جاءِ (دوزخ جي) باهه آهي، اها اوهان جي لائق آهي، ۽ اها موٽڻ جي جاءِ بڇڙي آهي.

57|16|اڃا مؤمنن لاءِ اُهو وقت نه آيو آهي ڇا؟ جو الله جي ياد ڪرڻ وقت ۽ وحي الٰهيءَ مان جيڪو نازل ٿيو تنهن (جي ياد) آڻڻ وقت سندن دليون آزي ڪن ۽ انهن وانگر نه ٿين جن کي هن کان اڳ ڪتاب ڏنو ويو پوءِ مٿن ڊگهي مدت گذري تنهنڪري سندن دليون سخت ٿي ويون، ۽ منجهائن گهڻا بي دين آهن.

57|17|ڄاڻو ته الله زمين کي سندس ويرانيءَ کانپوءِ آباد ڪندو آهي، بيشڪ اسان اوهان لاءِ چٽيون نشانيون بيان ڪيون آهن ته مانَ اوهين پرجهو.

57|18|بيشڪ خيرات ڏيندڙن ۽ خيرات ڏيندڙن کي، ۽ جن الله کي سهڻو قرض ڏنو آهي تن کي ٻيڻو ڪري ڏبو ۽ اُنهن لاءِ سڳورو اجر آهي.

57|19|۽ جن الله ۽ سندس پيغمبرن تي ايمان آندو آهي اُهي ئي پنهنجي پالڻهار وٽ بلڪل سچا ۽ شهيد آهن، اُنهن لاءِ سندن اجر ۽ سندن نُور آهي، ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪُوڙ ڀانيو اُهي دوزخي آهن.

57|20|ڄاڻو ته دُنيا جي حياتي رڳو راند ۽ بي فائدي ۽ سينگار ۽ پاڻ ۾ فخر ڪرڻ ۽ مالن ۽ اولادن ۾ (هڪ ٻئي کان) گهڻائي طلبڻ آهي، (انهيءَ جو مثال) انهيءَ مينهن وانگر (آهي) جنهن جو سلو (ڄمائڻ) ڪڙمين کي عجب ۾ وجهي وري سڪي وڃي پوءِ اُن کي پيلو ٿيل ڏسين وري ڀري وڃي، ۽ آخرت ۾ (الله جي دشمنن لاءِ) سخت عذاب آهي ۽ (الله جي دوستن لاءِ) الله کان بخشش ۽ رضامندي آهي، ۽ دنيا جي حياتي رڳو ٺڳيءَ جو سامان آهي.

57|21|پنهنجي پالڻهار جي بخشش ۽ انهي بهشت ڏانهن اڳرائي ڪريو جنهن جي ويڪرائي آسمان ۽ زمين جي ويڪرائي وانگر آهي انهن لاءِ تيار ڪيو ويو آهي جن الله ۽ سندس پيغمبرن تي ايمان آندو، اهو الله جو فضل آهي جنهن کي وڻيس تنهن کي ڏيندو آهي، ۽ الله وڏي فضل وارو آهي.

57|22|ڪابه مُصيبت نڪي زمين ۾ ۽ نڪي اوهان جي جندن ۾ پهچندي آهي پر اُنهي کان اڳ اُن کي پيدا ڪريون هڪ ڪتاب ۾ لکيل آهي، بيشڪ اهو (ڪم) الله کي آسان آهي.

57|23|هن ڪري (اها خبر ڏني اٿون) ته جيڪي اوهان جي هٿن مان ويو تنهن تي ارمان نه ڪريو ۽ جيڪي اوهان کي عطا ڪيائين تنهن تي خوشي نه ڪريو، ۽ الله سڀڪنهن هٺيلي پاڻ سڏائيندڙ کي دوست نه رکندو آهي.

57|24|جيڪي پيچائي ڪندا آهن ۽ ماڻهن کي به پيچائي ڏسيندا آهن، ۽ جيڪو منهن موڙيندو ته بيشڪ الله ئي بي پرواهه ساراهيل آهي.

57|25|بيشڪ پنهنجن پيغمبرن کي پڌرين نشانين سان موڪليوسون ۽ ساڻن ڪتاب ۽ تارازي هن لاءِ موڪليوسون ته ماڻهو انصاف سان بيهڪ وٺن، ۽ لوهه موڪليوسون جنهن جي ڪري سخت ويڙهه آهي ۽ ماڻهن لاءِ (ٻيا) فائدا (به) آهن ۽ ته جيڪو الله ۽ سندس پيغمبرن کي پرپُٺ مدد ڏئي تنهن کي الله معلوم ڪري، بيشڪ الله سگهارو غالب آهي.

57|26|۽ بيشڪ نُوح ۽ ابراهيم کي موڪليوسون ۽ سندن اولاد ۾ پيغمبري ۽ ڪتاب (امانت) رکيوسون پوءِ منجهائن ڪي هدايت وارا آهن، ۽ منجهائن گهڻا بي دين آهن.

57|27|وري پٺيائن پنهنجا (ٻيا) پيغمبر موڪلياسون ۽ پوئتان عيسىٰ پُٽ مريم جي کي موڪليوسون ۽ کيس انجيل ڏنوسون، ۽ جن سندس تابعداري ڪئي تن جي دلين ۾ نرمي ۽ ٻاجهه رکي سون، ۽ اُها گوشه نشيني جا پاڻ ٺاهي هوائون سا اسان مٿن فرض نه ڪئي هُئي پر الله جي رضامندي جي طلب لاءِ پاڻ ٺاهي هوائون پوءِ اُن جو پورو حق نظر نه رکيائون، پوءِ منجهائن جن ايمان آندو تن کي سندن اجر ڏنوسون، ۽ منجهائن گهڻا بي دين آهن.

57|28|اي ايمان وارؤ الله کان ڊڄو ۽ سندس پيغمبر تي ايمان آڻيو ته اوهان کي پنهنجي ٻاجهه مان به ڀاڱا ڏئي ۽ اوهان کي اهڙو نُور ڏئي جنهن سان (رستو) هلو ۽ اوهان کي بخشي، ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

57|29|هن ڪري (الله هي خبر ڏني) ته اهل ڪتاب جا ڄاڻن ته اُهي الله جي فضل مان ڪنهن شيءَ تي سگهه رکي نه سگهندا آهن ۽ ته فضل الله جي هٿ ۾ آهي جنهن کي وڻيس تنهن کي ڏيندو آهي، ۽ الله وڏي فضل وارو آهي.

58|1|بيشڪ الله انهيءَ (زال) جو ڳالهائڻ ٻڌو جنهن مُڙس بابت توسان جهيڙو ٿي ڪيو ۽ الله جي آڏو (پنهنجو) ڏک جو احوال (بيان) ٿي ڪيو، ۽ الله اوهان ٻنهي جو پاڻ ۾ ڳالهائڻ ٻڌو ٿي، بيشڪ الله ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي.

58|2|اوهان مان جيڪي پنهنجين زالن کي ماءُ ڪوٺي وهندا آهن اُهي (زالون ڪي) اُنهن جون مائر نه آهن، سندن مائر (ته) اُهي آهن جن کين ڄڻيو آهي، بيشڪ اُهي (ائين چوندڙ) هڪ اڻ جڳائيندڙ ڳالهه ۽ ڪوڙ چوندا آهن، ۽ بيشڪ الله معافي ڏيندڙ بخشڻهار آهي.

58|3|۽ جيڪي پنهنجي زالن ئي ماءُ ڪوٺي وهندا آهن سي وري جيڪي چيائون تنهن کان (پوئتي) موٽندا آهن ته ٻنهي (زال مڙس) جي پاڻ ۾ هٿ لائڻ کان اڳ (هڪ) ٻانهون آجو ڪرڻ واجب آهي، انهي (حُڪم) سان اوهان کي نصيحت ڏجي ٿي، ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي.

60|6| بيشڪ انهيءَ (مثينءَ) جماعت ۾ چڱي پيروي اوهان مان انهيءَ لاءِ آهي جيڪو الله (جي لقاءَ) ۽ قيامت جي
ڏينهن (جي اچڻ) جي اميد رکندو هجي، ۽ جيڪو منهن موڙيندو ته بيشڪ الله سڀ کان بي پرواهه ساراهيل آهي.
60|7| ويجهو آهي ته الله اوهان جي ۽ انهن جي وچ ۾ دوستي پيدا ڪري جن سان انهن منجهان دشمني رکي اٿوَ، ۽ الله
سگهارو آهي، ۽ الله بخشڻهار آهي.
60|8| الله اوهان کي انهن (سان ڀَلائي) کان نٿو جهلي جن اوهان سان دين (جي ڳالهه) ۾ نه جنگ ڪئي آهي ۽ نڪي
اوهان جي گهرن مان اوهان کي (ٻاهر) ڪڍيو آهي (۽ هن ڳالهه کان به نٿو جهلي) ته ساڻن احسان ڪريو ۽ سندن حق ۾
انصاف ڪريو، بيشڪ الله انصاف ڪرڻ وارن کي دوست رکندو آهي.
60|9| الله اوهان کي رڳو انهن (سان ڀَلائي) کان جهلي ٿو جن اوهان سان دين بابت ويڙهه ڪئي ۽ اوهان کي اوهان جي
گهرن مان ڪڍيو آهي ۽ اوهان جي ڪڍڻ ۾ (ٻين جي) مدد ڪئي آهي (هن کان منع ڪري ٿو) ته ساڻن دوستي رکو،
۽ جيڪي ساڻن دوستي رکندا سي ئي ظالم آهن.
60|10| اي ايمان وارؤ جڏهن اوهان وٽ مؤمنياڻيون وطن ڇڏي اچن تڏهن کين جانچيو، الله انهن جي ايمان کي چڱو ڄاڻندڙ
آهي، پوءِ جيڪڏهن کين مؤمنياڻيون ڄاڻو ته انهن کي ڪافرن ڏانهن موٽائي نه موڪليو، نڪي اُهي (مُسلمان زالون)
اُنهن (جي مڙسن ڪافرن) کي حلال آهن ۽ نڪي اُهي (ڪافر مڙس) انهن (مسلمان زالن) کي حلال آهن، ۽ جيڪي
(ڪابين بابت) خرچ ڪيائون سو اُنهن مڙسن کي ڏيو، ۽ جڏهن کين سندن ڪابين ڏيو ته انهن جي نڪاح ڪرڻ ۾
اوهان تي (ڪو) گناهه نه آهي، ۽ پاڻ وٽ نه جهليو ڪافرياڻين جي لاڳاپن کي (به) ۽ جيڪي اوهان (پنهنجين زالن تي
ڪابين) خرچ ڪيو سو جڳائي ته انهن کان گهرو ۽ جيڪي انهن (ڪافرن) پنهنجين زالن تي خرچ ڪيو سو پليو ته
اُهي (اوهان کان) گهرن، اهو الله جو حُڪم آهي، جو اوهان جي وچ ۾ فيصلو ٿو ڪري، ۽ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي.
60|11| ۽ جيڪڏهن اوهان جي زالن مان ڪا ڪافرن ڏانهن (مُرتد ٿي) وئي هجي پوءِ (ڪافرن کي) ايذايو ته جن
جون زالون ويئون هجن تن کي (اُن مال مان) اوترو ڏيو جيترو انهن (ڪابين ۾) خرچ ڪيو هو، ۽ انهيءَ الله کان ڊڄو
جو جنهن تي اوهين ويساهه رکندڙ آهيو.
60|12| اي پيغمبر جڏهن تو وٽ مؤمن زالون اچن هن (شرط) تي ته توسان بيعت ڪن ته ڪنهن کي الله سان
شريڪ مُقرّر نه ڪنديون ۽ نڪي چوري ڪنديون ۽ نڪي زنا ڪنديون ۽ نڪي پنهنجي اولاد کي ڪُهنديون ۽ نڪي اهڙي
ڪوڙي تهمت آڻينديون جنهن کي پنهنجن هٿن ۽ پنهنجن پيرن سان ٺاهيو هجين ۽ نڪي ڪنهن چڱي ڪم ۾ تنهنجي
نافرماني ڪنديون تڏهن سندن بيعت قبول ڪر ۽ انهن لاءِ الله کان بخشش گهر، ڇوته الله بخشڻهار مهربان آهي.
60|13| اي ايمان وارؤ اوهين انهيءَ قوم سان دوستي نه رکو جنهن تي الله ڏمريو آهي بيشڪ اُهي آخرت (جي ثواب)
کان (اهڙو) نا اُميد ٿيا آهن جهڙوڪ ڪافر قبرن وارن کان نا اُميد ٿيا آهن.
61|1| جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو (سڀ) الله جي پاڪائي بيان ڪندو آهي، ۽ اُهو غالب
حِڪمت وارو آهي.
61|2| اي ايمان وارؤ جيڪي نه ڪندا آهيو سو ڇو چوندا آهيو.
61|3| الله وٽ اها (ڳالهه) ڏاڍي ناپسند آهي جو اُها (ڳالهه) چئو جا نٿا ڪريو.
61|4| بيشڪ الله انهن کي دوست رکندو آهي جي سندس واٽ ۾ (اهڙي) صف ٻڌي وڙهندا آهن (جو) ڄڻڪ اُهي
هڪڙي سِيهي پلٽيل پِٽ آهن.
61|5| ۽ (ياد ڪر) جڏهن مُوسىٰ پنهنجي قوم کي چيو ته اي منهنجي قوم مون کي ڇو ايذائيندا آهيو ۽ حالانڪ (اوهين)
ڄاڻندا آهيو ته آءٌ اوهان ڏانهن الله جو موڪليل آهيان، پوءِ جنهن مهل ڏنگائي ڪيائون ته الله سندن دلين کي ڏنگو ڪيو،
۽ الله بدڪار قوم کي سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي.
61|6| ۽ (اُهو وقت ياد ڪر) جڏهن عيسىٰ پُٽ مريم جي چيو ته اي بني اسرائيلو بيشڪ آءٌ اوهان ڏانهن الله جو
موڪليل آهيان جيڪو توريت منهنجي اڳيان آهي تنهنجو سچو ڪندڙ آهيان ۽ هڪ اهڙي پيغمبر جي خوشخبري ڏيندڙ آهيان
جو مُون کانپوءِ ايندو جنهن جو نالو احمد هوندو، پوءِ جنهن مهل اُهو چِٽن مُعجزن سان وٽن آيو چيائون ته هي پڌرو جادو
آهي.
61|7| ۽ اُن کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جنهن الله تي ڪوڙ ٻَڌو حالانڪ ان کي اِسلام ڏانهن سڏيو ويندو آهي، ۽ الله
ظالمن جي قوم کي سِڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي.
61|8| گهرندا آهن ته الله جي نُور کي پنهنجي واتن سان وِسائين، حالانڪ الله پنهنجي نُور کي پورو ڪرڻ (اُهي ڪافر)
وارو آهي توڻيڪ ڪافر مٺيان پائين.
61|9| اُهو آهي جنهن پنهنجي پيغمبر کي هدايت ۽ سچي دين سان موڪليو ته اُن کي سڀني دينن تي غالب (الله)
ڪري توڻيڪ مشرڪ بڇان پائين.
61|10| اي ايمان وارؤ اوهان کي انهيءَ سوداگريءَ جو ڏس نه ڏيان ڇا جو اوهان کي ڏکوئيندڙ عذاب کان بچائي؟
61|11| الله ۽ سندس پيغمبر تي ايمان آڻيو ۽ پنهنجن مالن ۽ پنهنجن جندن سان الله جي واٽ ۾ لڙائي ڪريو، (ته)
جيڪڏهن ڄاڻندا آهيو ته اُهو اوهان لاءِ ڀلو آهي.
61|12| اوهان جا گناهه اوهان کي بخشيندو ۽ اوهان کي (اهڙن) باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان واهيون وهنديون آهن
۽ سُٺين جاين هميشه (رهڻ) وارن بهشتن ۾، اها وڏي مراد ماڻڻ آهي.
61|13| ۽ ٻي (نعمت به ڏيندو) جنهن کي دوست رکندا آهيو، الله جي طرف کان مدد ۽ فتح ويجهي، ۽ مؤمنن کي
خوشخبري ڏي.
61|14| اي ايمان وارؤ الله جي دين جا مددگار هجو جهري طرح عيسىٰ پٽ مريم جي پنهنجي خاص يارن کي چيو ته الله
جي دين ۾ منهنجا مددگار ڪير آهن؟ انهن خاص يارن چيو ته اسين الله (جي دين) جا مددگار آهيون پوءِ بني اسرائيلن
مان هڪ ٽولي ايمان آندو ۽ ٻئي ٽوليءَ انڪار ڪيو، پوءِ ايمان وارن کي سندن دشمنن تي غلبو ڏنوسون پوءِ غالب ٿيا.
62|1| جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو (سڀ) الله جي پاڪائي بيان ڪندو آهي (جو) بادشاهه تمام
پاڪ (ذات) غالب حڪمت وارو آهي.
62|2| اُهو آهي جنهن اڻ پڙهيلن ۾ انهن (جي قوم) مان هڪ پيغمبر پيدا ڪيو جو وٽن سندس آيتون پڙهندو (الله)
آهي ۽ کين پاڪ ڪندو آهي ۽ کين ڪتاب ۽ دانائي سيکاريندو آهي، ۽ بيشڪ اِهي (هن کان) اڳ پڌري گمراهي ۾ هوا.
62|3| ۽ انهن مان ٻين لاءِ به جي اڃا انهن (مسلمانن) سان نه مليا آهن، ۽ اُهو غالب حڪمت وارو آهي.
62|4| اِهو الله جو فضل آهي انهن کي ڏيندو آهي جنهن کي وڻندو اٿس، ۽ الله وڏي فضل وارو آهي.
62|5| جن (ماڻهن) کي توريت کڻايو ويو پوءِ اُهو نه کنيائون تن جو مثال (انهيءَ) گڏهه جي مثال وانگر آهي جو (گهڻا)
ڪتاب کڻي، جن الله جي آيتن کي ڪوڙ ٿي پانيو تنهن قوم جو مثال بڇڙو آهي، ۽ الله ظالم ماڻهن کي سڌو رستو نه
ڏيکاريندو آهي.

آهين.
66|9|اي پيغمبر ڪافرن ۽ منافقن سان لڙائي ڪر ۽ مٿن سختي ڪر، ۽ سندن جاءِ دوزخ آهي، ۽ اُهو هنڌ بڇڙو آهي.
66|10|الله نُوح جي زال ۽ لُوط جي زال جو هڪ مثال ڪافرن لاءِ بيان ڪري ٿو، (اُهي) اسان جي ٻن صالحن ٻانهن
(جي نڪاح) هيٺ هيون پوءِ اُنهن زالن ٻنهي سان خيانت ڪئي ۽ پوءِ اُهي ٻئي (پنهنجين) زالن کان الله جو عذاب
ڪجھ به ٽاري نه سگھيا (انهن کي) چئبو ته باھ ۾ گھڙندڙن سان گڏ گھڙو.
66|11|۽ الله مؤمنن لاءِ فرعون جي زال جو هڪ مثال بيان ڪري ٿو، جڏهن چيائين ته اي منهنجا پالڻهار پاڻ وٽ
بهشتِ ۾ مون لِاءِ ڪو گهر ٺاھ ۽ فرعون ۽ سندس ڪم کان مون کي بچاءِ ۽ ظالمن جي ٽوليءَ کان (پڻ) مون کي بچاءِ.
66|12|۽ مَريم ڌِيءُ عِمران جي جنهن پنهنجي اُگھڙ کي بچايو پوءِ اُن (جي رحم) ۾ پنهنجو رُوح ڦوڪيوسون ۽ پنهنجي
پالڻهار جي حُڪمن ۽ سندس ڪتابن کي سچ ڄاتو هوائين ۽ فرمانبردارن مان هُئي.
67|1|اُهو (الله) وڏي برڪت وارو آهي جنهن جي هٿ ۾ (ساري مُلڪ جي) بادشاهي آهي، ۽ اُهو سڀڪنهن شيءِ تي
وس وارو آهي.
67|2|(الله اُهو آهي) جنهن موت ۽ حياتي پيدا ڪئي (انهيءَ لاءِ) ته اوهان کي پرکي ته عمل جي ڪري تمام چڱو
اوهان مان ڪير آهي؟ ۽ اُهو غالب بخشڻهار آهي.
67|3|(الله اُهو آهي) جنهن ستن آسمانن کي طبقا طبقا بڻايو، (اي ڏسندڙ تون الله) ٻاجهاري جي بڻاوت ۾ ڪو فرق نه
ڏسندين. پوءِ ورائي (نظر ڪري) ڏس ته (ڪٿي) ڪا ڦوٽ ڏسين ٿو؟
67|4|پوءِ وري به ٻه ڀيرا ڏس ته (ضرور تنهنجي) نظر تو ڏانهن جھڪي ٿي ٿڪجي موٽندي.
67|5|۽ بيشڪ دنيا جي آسمان کي (ستارن جي) ڏيئن سان سينگاريو اٿون ۽ اُنهن کي شيطانن جي چُٽڻ لاءَ (به)
بڻايوسون ۽ شيطانن لاءِ دوزخ جو عذاب تيار ڪيو اٿون.
67|6|۽ جن پنهنجي پالڻهار جو انڪار ڪيو تن لاءِ دوزخ جي سزا آهي، ۽ اُها جاءِ بڇڙي آهي.
67|7|جڏهن کين دوزخ ۾ اڇليو ويندو (تڏهن) اُن جون (گڏھ جهڙيون) هينگون ٻڌندا ۽ اُهو پيو اُٻامندو.
67|8|جو ڪاوڙ کان (ڇڻ ته) اجهو ٿو ڦاٽي. جڏهن مهل ڪنهن ٽوليءَ کي اُن ۾ پيو وجهبو (تڏهن مهل) دوزخ جا
داروغا اُنهن کان پڇندا ته اوهان وٽ ڪو ڊيڄاريندڙ (پيغمبر) نه آيو هو ڇا؟
67|9|چوندا هائو! بيشڪ اسان وٽ ڊيڄاريندڙ آيو هو، پر (اُن کي) ڪوڙو ڄاتوسون ۽ چيوسون ته الله ڪا (به) شيءِ
نه لاٿي آهي، اوهين ته رڳو وڏيءَ گمراهيءَ ۾ (پيل) آهيو.
67|10|۽ چوندا ته جيڪڏهن اسين ٻُڌون ها يا سمجهون ها ته دوزخين (جي ٽوليءَ) ۾ (ڪڏهن داخل) نه ٿيون ها.
67|11|پوءِ پنهنجو ڏوھ (پاڻ) مڃيندا، پوءِ دوزخين تي لعنت هجي شال.
67|12|بيشڪ جيڪي پنهنجي پالڻهار کان پرپٺ ڊڄندا آهن تن لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي.
67|13|۽ پنهنجي ڳالھ ڳجهي ڳالهايو يا اُها پڌري چئو، ته بيشڪ الله سينن جو ڳُجھ ڄاڻندڙ آهي.
67|14|جنهن پيدا ڪيو سو ڪيئن نه ڄاڻندو؟ ۽ اُهو اونهي نظر وارو خبر رکندڙ آهي.
67|15|(الله) اُهو آهي جنهن زمين کي اوهان جي لاءِ تابع ڪيو ته ان جي رستن ۾ گهمو ۽ الله جي رزق مان کائو، ۽
(جيئرو ٿي) ڏانهس ڪڙو ٿيڻو آهي.
67|16|(اوهين) اُنهيءَ کان بي پَروا ٿيا آهيو ڇا ته جيڪو آسمان ۾ آهي سو متان اوهان کي زمين ۾ ڳِهائي ڇڏي پوءِ اُتي
جو اُتي زمين ڏڏي؟
67|17|(اوهين) انهيءَ کان بي پَروا ٿيا آهيو ڇا ته جيڪو آسمان ۾ آهي سو متان اوهان تي پهڻ وسائيندڙ واءُ موڪلي،
پوءِ سگهو ڄاڻندؤ ته منهنجو ڊيڄارڻ ڪيئن آهي؟
67|18|۽ بيشڪ جيڪي انهن کان اڳ هوا تن (به) ڪوڙ ڀانيو پوءِ منهنجي سزا ڪهڙي طرح هئي.
67|19|پنهنجي مٿاهون پکين ڏانهن نه ڏٺو اٿن ڇا؟ جي کنڀڙاٽيون ٽيڙي هلندا آهن ۽ (ڪڏهن ڪڏهن) بند ڪندا
آهن، انهن کي ٻاجهاري (الله) کانسواءِ (ٻيو ڪو) به جهلي نه رکندو آهي، بيشڪ اُهو سڀڪنهن شيءِ کي ڏسندڙ آهي.
67|20|اُهو اوهان جو لشڪر ڪهڙو آهي جو اوهان کي ٻاجهاري (الله) کانسواءِ مدد ڏئي؟ ڪافر رڳو ڀولي ۾ (پيل)
آهن.
67|21|اُهو ڪير آهي جو جيڪڏهن الله پنهنجو رزق جهلي ته اهو اوهان کي روزي ڏئي؟ بلڪ (ڪافر) (پلا)
سرڪشي ۽ (حق کان) نفرت ۾ اڙجي پيا آهن.
67|22|پلا جيڪو پنهنجي مُنهن ڀر اونڌو ڪريل هلندو هجي سو وڌيڪ سڌي رستي وارو آهي يا اُهو جيڪو سڌو سنئون
سڌي واٽ تي هلندو هجي؟
67|23|چئو ته (الله ) اُهو آهي جنهن اوهان کي پيدا ڪيو ۽ اوهان جا ڪن ۽ اکيون ۽ دليون بڻايائين، (اوهين) ٿورڙو
احسان مڃيندا آهيو.
67|24|چئونَ ته (الله ) اُهو آهي جنهن اوهان کي زمين ۾ پکيڙيو ۽ (اوهين) ڏانهس گڏ ڪيا ويندؤ.
67|25|۽ (ڪافر) چوندا آهن ته اهو انجام ڪڏهن (پورو) ٿيندو جيڪڏهن سچا آهيو؟
67|26|(اي پيغمبر کين) چؤ ته (اها) خبر رڳو الله وٽ آهي، ۽ آءٌ رڳو پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان.
67|27|۽ جنهن مهل ان (انجام) کي ويجهو ٿيل ڏسندا ته ڪافرن جا مُنهن ڪاراٽجي ويندا، ۽ چئبن ته جنهن کي
طلبيندا هئو سو هيءُ آهي.
67|28|(اي پيغمبر کين) چؤ ته ڏٺو اٿوَ ڇا ته جيڪڏهن مون کي ۽ جيڪي مون ساڻ آهن تن کي الله هلاڪ ڪري
يا الله اسان تي ٻاجھ ڪري ته (هر صورت ۾) ڪافرن کي ڏکوئيندڙ عذاب کان ڪير ڇڏائيندو؟
67|29|(اي پيغمبر کين) چؤ ته اُهو ٻاجهارو آهي اُن تي ايمان آندوسون ۽ مٿس ڀروسو ڪيوسون، پوءِ سگهو ئي ڄاڻندؤ
ته پڌريءَ گمراهي ۾ ڪير آهي.
67|30|(اي پيغمبر کين) چؤ ته ڏٺو اٿو ڇا ته جيڪڏهن اوهان جو پاڻي هيٺ پيهي وڃي ته اوهان وٽ وهندڙ پاڻي
ڪير آڻيندو؟
68|1|نۤ قَلَم جو قسم آهي ۽ اُن جو به جيڪي لکندا آهن.
68|2|ته تون پنهنجي پالڻهار جي فضل سان ڪو چريو نه آهين.
68|3|۽ بيشڪ تولاءِ اڻ کٽ ثواب آهي.
68|4|۽ بيشڪ تون وڏي خُلق تي آهين.
68|5|پوءِ سگهوئي ڏسندين ۽ اُهي (به) ڏسندا.
68|6|ته اوهان مان ڪير چريو آهي.
68|7|بيشڪ تنهنجو پالڻهار ئي انهيءَ کي تمام چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي جيڪو سندس واٽ کان گمراھ ٿيو، ۽ اهو سنئين

69|9|۽ فرعون ۽ جيڪي اُن کان اڳ هوا ۽ ناس ڪيل شهرن وارا (به) گناھ (جا ڪم) ڪري آيا.
69|10|۽ پنهنجي پالڻهار جي رسول جي نافرماني ڪيائون تنهنڪري (الله) وڏي پڪڙ سان کين پڪڙيو.
69|11|بيشڪ جڏهن پاڻي حد کان لنگهي ويو (تڏهن) اسان اوهان کي هلندڙ ٻيڙيءَ ۾ چاڙهيو.
69|12|هن ڪري ته اُن (ڳالھ) کي اوهان لاءِ يادگيري ڪريون ۽ ان کي ڪو ياد رکڻ وارو ڪَنُ ياد رکي.
69|13|پوءِ جڏهن صُور ۾ هڪڙي ڦوڪ ڦوڪبي.
69|14|۽ زمين ۽ جبل کنيا ويندا پوءِ هڪ ڀيرو انهن کي ڪٽيو ويندو.
69|15|پوءِ اُن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي.
69|16|۽ آسمان ڦاٽندو پوءِ اُهو اُن ڏينهن ڍلو ٿيل هوندو.
69|17|۽ ملائڪ آسمان جي ڪنارن تي هوندا، ۽ تنهنجي پالڻهار جو تخت اُن ڏينهن اٺ ملائڪ پنهنجي مٿان کڻندا.
69|18|اُن ڏينهن اوهان کي (الله جي) آڏو ڪيو ويندو اوهان جي ڪا ڳالھ ڳجهي لڪي نه رهندي.
69|19|پوءِ جنهن کي سندس اعمالنامون سندس سڄي هٿ ۾ ڏنو ويو سو چوندو ته وٺو منهنجو اعمالنامو پڙهو.
69|20|بيشڪ مون يقين رکيو هو ته آءٌ پنهنجي حساب کي پهچندس.
69|21|اُهو چڱي گذران ۾ هوندو.
69|22|مٿاهين بهشت ۾.
69|23|جنهن جا ميوا ويجها هوندا.
69|24|وڻنديءَ تي کائو ۽ پيئو انهيءَ ڪري جو گذريل ڏينهن ۾ اڳي موڪليو هيؤ (چئبن ته).
69|25|۽ جنهن کي سندس اعمالنامون سندس کٻي هٿ ۾ ڏنو ويو، سو چوندو هاءِ ارمان جيڪر منهنجو اعمالنامون مون کي نه ملي ها.
69|26|نه ڄاڻان ها ته منهنجو حساب ڇا آهي؟
69|27|هاءِ ارمان جيڪر موت نبيريندڙ هجي ها.
69|28|منهنجي مال مون کي (ڪو) فائدو نه ڏنو.
69|29|مون کان منهنجي بادشاهت ڇٽ ٿي.
69|30|پڪڙيوس پوءِ ڳچيءَ ۾ ڳٽ ٻڌوس (ملائڪن کي چئبو ته).
69|31|وري دوزخ ۾ وجهوس.
69|32|وري اهڙي زنجير ۾ قابو ڪريوس جنهن جي ڊيگھ ستر گز هجي.
69|33|ڇو ته اُهو (ماڻهو) الله وڏي کي نه مڃيندو هو.
69|34|۽ نڪي (ٻين کي) مسڪينن جي کارائڻ تي تاڪيد ڪندو هو.
69|35|تنهنڪري اُن جو اڄ هت ڪو دوست ڪونهي.
69|36|۽ نڪي اُن جو ڦٽن جي روڳ ڪانسواءِ ٻيو ڪو کاڌو آهي.
69|37|ڏوهارين ڪانسواءِ (ٻيو) ڪو ان کي نه کارائيندو (جو).
69|38|پوءِ جيڪي ڏسو ٿا اُن جو قسم کڻان ٿو.
69|39|۽ جيڪي نه ٿا ڏسو تنهن جو (به).
69|40|ته بيشڪ هي (قرآن) هڪ سڳوري قاصد جو سنيهو آهي.
69|41|۽ اُهو ڪنهن شاعر جو ڪلام نه آهي، اوهين ٿورڙو يقين رکو ٿا.
69|42|۽ نڪي ڪنهن ڳجھ ٻڌندڙ جو ڪلام آهي، ٿوري نصيحت وٺو ٿا.
69|43|جهانن جي پالڻهار کان نازل ٿيل آهي (هيءُ).
69|44|۽ جيڪڏهن (پيغمبر) اسان تي ڪي ڳالهيون (پاڻون) ناهي ها.
69|45|ته ضرور سڄي هٿ کان کيس پڪڙيون ها.
69|46|وري سندس دل جي رڳ وڍي ڇڏيون ها.
69|47|پوءِ اوهان مان ڪو هڪڙو (اسان جي عذاب کي) کانئس جهلڻ وارو نه آهي.
69|48|۽ بيشڪ هي (قرآن) پرهيزگارن لاءِ نصيحت آهي.
69|49|۽ بيشڪ اسين ڄاڻون ٿا ته ڪي اوهان مان ڪوڙ ڀانئيندڙ آهن.
69|50|۽ بيشڪ هي (قرآن) ڪافرن لاءِ ارمان (جو سبب) آهي.
69|51|۽ بيشڪ هي (قرآن) پورو سَچو آهي.
69|52|تنهنڪري تون پنهنجي وڏي پالڻهار جي نالي کي پاڪائيءَ سان ياد ڪر.
70|1|هڪ سوال ڪندڙ ڪافرن تي پوندڙ عذاب جو سوال ڪيو.
70|2|جنهن کي ڪو هٽائڻ وارو نه آهي.
70|3|جو وڏن مرتبن واري الله جي طرف کان (پوندڙ) آهي.
70|4|جنهن ڏينهن جي ڊيگھ پنجاھ هزار ورهيه آهي تنهن ۾ ملائڪ ۽ جبرئيل الله ڏانهن چڙهندا.
70|5|تنهنڪري تون چڱو صبر ڪر.
70|6|ڇوته ڪافر انهيءَ (ڏينهن) کي پري ڏسن ٿا.
70|7|۽ اسين اُن کي ويجهو ٿا ڏسون.
70|8|جنهن ڏينهن آسمان پگهريل ٽامي وانگر ٿيندو.
70|9|۽ جبل رڱيل اُن جان ٿيندا.
70|10|۽ ڪو مائٽ ڪنهن ٻئي مائٽ کان نه پڇندو.
70|11|اُهي کين ڏسڻ ۾ ايندا، گنهگار گهرندو ته جيڪر اُن ڏينهن جي عذاب جي بدران پنهنجا پُٽ بدلو (توڙي جو) ڏئي.
70|12|۽ پنهنجي زال ۽ پنهنجو ڀاءُ (به).
70|13|۽ پنهنجو اُهو سارو قبيلو (به) جنهن کيس ٽڪايو ٿي.
70|14|۽ اُهو (به) جيڪي سڀئي زمين ۾ آهي پوءِ سندس اهو (بدلو ڏيڻ) ڇڏائيس.
70|15|ائين نه آهي، بيشڪ اِهو (دوزخ) الانبن واري باھ آهي.
70|16|مَٿي جي کَل کي ڇڪيندڙ آهي.
70|17|جيڪو (خدا کان) پٺيرو ٿيو ۽ منهن موڙيائين تنهنکي سڏي ٿي.
70|18|۽ (مال) گڏ ڪيائين پوءِ سانڍيائين.

70|19|بيشڪ ماڻھو حرص وارو پيدا ٿيل آھي.
70|20|جڏھن (ڪو) ڏُک پھچندو اٿس (ته) دانھون ڪندو آھي.
70|21|۽ جڏھن ڪو سُک پھچندو اٿس (ته) ڪنجوس ٿيندو آھي.
70|22|پر (اُھي) نمازي (نه).
70|23|جيڪي پنھنجي نماز تي هميشه پورا آھن.
70|24|۽ اُھي (به) جن جي مالن ۾ (خداءَ جو) حصّو مقرر ٿيل آھي.
70|25|سوال ڪندڙ ۽ نه سوال ڪندڙن لاءِ.
70|26|۽ اُھي جيڪي قيامت جي ڏينھن جو يقين رکندا آھن.
70|27|۽ اُھي جيڪي پنھنجي پالڻھار جي عذاب کان ڊڄڻ وارا آھن.
70|28|بيشڪ سندس پالڻھار جو عذاب (اھڙو آھي) جنھن کان بچي نه سگھبو.
70|29|۽ اُھي جيڪي پنھنجين اگھڙن کي نگاھ رکڻ وارا آھن.
70|30|پنھنجين زالن يا پنھنجين ٻانھين کانسواءِ پوءِ بيشڪ اُھي ملامت وارا نه آھن.
70|31|پوءِ جيڪي اُن کانسواءِ (ٻي ڳالھ) طلبيندا سي ئي حد کان لنگھڻ وارا آھن.
70|32|۽ اُھي جيڪي پنھنجين امانتن کي ۽ پنھنجن انجامن کي پوري ڪرڻ وارا آھن.
70|33|۽ اُھي جيڪي پنھنجين شاھدين تي قائم آھن.
70|34|۽ اُھي جيڪي پنھنجي نماز جي سنڀال ڪندڙ آھن.
70|35|اُھي (بھشت جي) باغن ۾ عزت سان رھندا.
70|36|پوءِ ڪافرن کي ڇا (ٿيو) آھي جو توڏانھن ڪنڌ کڻي ڊوڙندا آھن.
70|37|سڄي پاسي کان ۽ کٻي پاسي کان ٽوليون ٽوليون ٿي.
70|38|منجھائن سڀڪو شخص نعمت واري بھشت جي گھڙڻ جي طمع ڪري ٿو ڇا؟
70|39|ائين نه آھي، بيشڪ اسان اُنھن کي اُنھيءَ شيءِ مان پيدا ڪيو آھي جنھنجي خبر اٿن.
70|40|پوءِ اُڀرندن ۽ اُلھندن جي پالڻھار جو قسم کڻان ٿو ته بيشڪ اسين وسوارا آھيون.
70|41|ھن (ڳالھ) تي جو اُنھن کان چڱا (ٻيا) مٽائي آڻيون ۽ اسين ڪي عاجز ٿيڻ وارا نه آھيون.
70|42| پوءِ (اي پيغمبر) انھن کي (ايسين) ڇاھ ڇاھيندو ۽ راند ڪندو ڇڏي ڏي جيسين اُھي پنھنجو اُھو ڏينھن ڏسن
جنھن جو کين انجام ڏجي ٿو.
70|43|جنھن ڏينھن قبرن مان ڊوڙندا نڪرندا ڄڻ ته اُھي ڪنھن جھنڊي ڏانھن ڀڄن ٿا.
70|44|ان وقت سندن اکيون جھڪيون ھونديون انھن کي خواري وٺي ويندي، اِھو اُھو ڏينھن آھي جنھن جو کين انجام ڏنو
ٿي ويو.
71|1| بيشڪ اسان نوح کي سندس قوم ڏانھن موڪليو ته پنھنجي قوم کي انھن وٽ ڏکوئيندڙ عذاب جي پھچڻ کان اڳ
۾ ڊيڄار.
71|2|چيائين ته اي منھنجي قوم بيشڪ آءٌ اوھان لاءِ پڌرو ڊيڄاريندڙ آھيان.
71|3|ته الله جي عبادت ڪريو ۽ کانئس ڊڄو ۽ منھنجو چيو مڃيو.
71|4| ته اوھان جا گناھ اوھان کي بخشي ۽ اوھان کي ٺھرايل وقت تائين ڍر ڏئي، بيشڪ الله جو ٺھرايل وقت ايندو
(تڏھن) ان کي ڍر نه ڏبي، جيڪڏھن ڄاڻندا آھيو.
71|5|چيو ته اي منھنجا پالڻھار بيشڪ آءٌ پنھنجي قوم کي رات ۽ ڏينھن سڏيندو رھيس (نوح).
71|6|پوءِ منھنجي سڏڻ سندن حق ۾ ڀڄڻ کانسواءِ (ٻيو) ڪي نه وڌايو.
71|7|۽ بيشڪ مون جڏھن به انھن کي سڏيو ته تون انھن کي بخشين (تڏھن) پنھنجيون آڱريون پنھنجن ڪَنن ۾ وڌائون
۽ پنھنجا ڪپڙا پاڻ تي ويڙھيائون ۽ (ڪُفر تي) قائم رھيا ۽ تمام گھڻو ھٺ ڪيائون.
71|8|وري بيشڪ مون اُنھن کي ڏاڍيان سڏيو.
71|9|وري بيشڪ مون انھن کي ظاھر ظھور چيو ۽ انھن کي ڳجھي طرح (به) چيم.
71|10|پوءِ چيم ته پنھنجي پالڻھار کان بخشش گھرو، ڇوته اُھو بخشڻھار آھي.
71|11|ته گھڻو وسندڙ مينھن اوھان تي لڳولڳ وسائي.
71|12|۽ اوھان کي مال ۽ پٽ گھڻا ڏئي ۽ اوھان کي باغ ڏئي ۽ اوھان کي نَھرون ٺاھي ڏي.
71|13|اوھان کي ڇا (ٿيو) آھي جو الله جي وڏائي جو ويساھ نه ٿا رکو.
71|14|حالانڪ اوھان کي قسمن قسمن ۾ بڻايائين.
71|15|نه ڏسندا آھيو ڇا ته الله ڪيئن ستن آسمانن کي طبقا طبقا بڻايو.
71|16|۽ انھن ۾ چنڊ کي روشن ڪيائين ۽ سج کي (چمڪندڙ) ڏيئو ڪيائين.
71|17|۽ الله اوھان کي زمين منجھان ھڪڙي چمائڻ طرح چمايو.
71|18|وري اوھان کي زمين ۾ موٽائي نيندو ۽ وري اوھان کي پوري طرح ٻاھر ڪڍندو.
71|19|۽ الله اوھان لاءِ زمين کي وڇاڻو بڻايو.
71|20|ته اُن ۾ ويڪرين واٽن سان ھلو.
71|21| نوح چيو ته اي منھنجا پالڻھار بيشڪ انھن منھنجو چيو نه مڃيو ۽ اُنھن جي پويان لڳا جن جي حق ۾ سندن
مال ۽ سندن اولاد ڇيئي کانسواءِ (ٻيو) ڪي نه وڌايو.
71|22|۽ انھن تمام وڏو فريب پڪيڙيو.
71|23| ۽ چيائون ته پنھنجن بُتن کي ڪڏھن نه ڇڏيو ۽ نڪي وَد ۽ نڪي سُوَاع ۽ نڪي يَغُوث ۽ يَعُوق ۽ نَسر کي
ڇڏيو.
71|24|۽ بيشڪ گھڻن کي گمراھ ڪيائون، ۽ (اي الله) ظالمن کي گمراھيءَ کانسواءِ (ٻيو) ڪي وڌيڪ نه ڏي.
71|25| انھن کي سندن گناھن جي سبب ڪري ٻوڙيو ويو وري انھن کي باھ ۾ داخل ڪيو ويو، پوءِ الله کانسواءِ (ٻيو)
ڪو پاڻ لاءِ مددگار نه لڌائون.
71|26|۽ نُوح چيو ته اي منھنجا پالڻھار ڪافرن مان ڪو زمين تي رھندڙ نه ڇڏ.
71|27| بيشڪ تون جيڪڏھن انھن کي ڇڏيندين ته تنھنجن ٻانھن کي گمراھ ڪندا ۽ اُھي بدڪار مُنڪر کانسواءِ (ٻيو)
نه ڄڻيندا.
71|28| اي منھنجا پالڻھار مون کي ۽ منھنجي ماءُ پيءُ کي بخش ۽ جيڪو منھنجي گھر ۾ مؤمن ٿي اچي تنھن کي ۽
سڀني مؤمنن ۽ مؤمنياڻين کي (بخش)، ۽ ظالمن کي ھلاڪيءَ کانسواءِ (ٻيو) ڪي وڌيڪ نه ڏي.

73|17|پوءِ جيڪڏهن (اوهين) ڪافر رهندؤ ته اهڙي ڏينهن کان ڪيئن بچندو جيڪو ٻارن کي ٻڍو ڪندو.
73|18|اُن ڏينهن ۾ آسمان ڦاٽندو، الله جو انجام (ضرور پورو) ٿيڻو آهي.
73|19|بيشڪ هيءَ نصيحت آهي، پوءِ جيڪو گهري سو پنهنجي پالڻهار ڏانهن واٽ وٺي.
73|20|بيشڪ تنهنجو پالڻهار ڄاڻندو آهي ته تون ٻن ٽهائن رات جي ويجهو اُٿندڙ آهين ۽ اڌ رات جو ۽ ٽهائي رات
جي ۽ جيڪي تو ساڻ آهن تن مان به هڪ ٽولي (اٿندي آهي)، ۽ الله رات ۽ ڏينهن جو اندازو ڪندو آهي، الله ڄاتو
ته اوهين رات جو اُٺ پورو ڪري نه ٿا سگهو تنهنڪري اوهان تي (ٻاجه سان) موٽيو پوءِ جيترو آسان ٿي سگهي سو
قرآن مان پڙهو، الله ڄاتي چڪو ته اوهان مان ڪي بيمار ٿيندا ۽ ٻيا جي زمين ۾ مسافري ڪن ٿا الله جي فضل مان
(روزيءَ جي) طلب ڪن ٿا ۽ ٻيا الله جي واٽ ۾ (ڪافرن سان) وڙهن ٿا، تنهنڪري جيترو قرآن مان آسان ٿي سگهي
سو پڙهو ۽ نماز کي قائم رکو ۽ زڪوٰة ڏيو ۽ الله کي چڱيءَ طرح قرض ڏيو، ۽ جيڪي پاڻ لاءِ چڱائي مان اڳي موڪليندؤ
تنهن کي الله وٽ وڌيڪ چڱو ۽ اجر ڪري تمام وڌو لهندؤ، ۽ الله کان بخشش گهرو، چوته الله بخشڻهار مهربان آهي.
74|1|اي (پاٽتي) ڪپڙي ويڙهڻ وارا مڙس.
74|2|ڪڙو ٿي پوءِ ڊيڄار.
74|3|۽ پنهنجي پالڻهار جي وڏائي بيان ڪر.
74|4|۽ پنهنجا ڪپڙا پاڪ رک.
74|5|۽ پليتي کان پري رهه.
74|6|۽ (اهڙو) احسان نه ڪر جو زياده عوض گهرين.
74|7|۽ پنهنجي پالڻهار (جي حُڪم) لاءِ صبر اختيار ڪر.
74|8|پوءِ جڏهن صُور ۾ ڦوڪبو.
74|9|تڏهن اُن ڏينهن اوکو وقت ٿيندو.
74|10|ڪافرن تي اڻ سکيو (وقت) هوندو.
74|11|مون کي ۽ جنهن کي اڪيلو پيدا ڪيم تنهن کي ڇڏي ڏي.
74|12|۽ اُن کي گهڻو مال ڏنم.
74|13|۽ (مجلسن ۾) حاضر ٿيڻ وارا پُٽ (به ڏنم).
74|14|۽ ان کي پوري طرح وڌايم.
74|15|وري (به) لالچ رکندو آهي ته (کيس) وڌيڪ ڏيان.
74|16|ائين نه آهي، بيشڪ اُهو اسان جي آيتن سان جهڳڙو ڪندڙ آهي.
74|17|جلد اُن کي وڏي سختي سان تڪليف ڏيندس.
74|18|بيشڪ اُن دل ۾ سوچ ڪئي ۽ ٺهراءُ ڪيو.
74|19|پوءِ لعنت هجيس شال ڪيئن ٺهراءِ ڪيائين.
74|20|وري به لعنت هجيس شال ڪيئن ٺهراءُ ڪيائين.
74|21|وري (غور ڪري) ڏٺائين.
74|22|وري منهن ۾ شور وڌائين ۽ گهنڊ پاتائين.
74|23|وري پٺيرو ٿيو ۽ وڏائي ڪيائين.
74|24|پوءِ چيائين ته هي (قرآن) رڳو جادو آهي جو (جادوگرن کان) هليو اچي ٿو.
74|25|هي (قرآن) رڳو ماڻهوءَ جو ڪلام آهي.
74|26|جلد اُن کي دوزخ ۾ وجهندس.
74|27|۽ توکي ڪهڙي شيءَ ڄاڻايو ته دوزخ ڇا آهي.
74|28|اُهو نڪي ڪجھ (گوشت) رهائي ٿو ۽ نڪي (هڏا) ڇڏي ٿو.
74|29|ماڻهن کي (ساڙي) ڪارو ڪندڙ آهي.
74|30|اُن تي اُڻويهه ڄڻا دربان آهن.
74|31|۽ دوزخ جا دربان رڳو ملائڪ ڪيا اٿون، ۽ سندن ڳاڻيٽو رڳو ڪافرن لاءِ پرک ڪئي اٿون ته ڪتاب وارا
يقين ڪن ۽ ايمان وارا پنهنجي ايمان ۾ وڌن ۽ ڪتاب وارا ۽ مؤمن شڪ ۾ نه پون ۽ ته جن جي دلين ۾ (منافقيءَ جي)
بيماري آهي سي ۽ ڪافر چون ته هن مثال ڏيڻ ۾ الله جو ڇا مطلب آهي، اهڙيءَ طرح الله جنهن کي گهري (تنهن کي)
ڀلائيندو آهي ۽ جنهن کي گهري (تنهن کي) هدايت ڪندو آهي، ۽ تنهنجي پالڻهار جا لشڪر اُن کانسواءِ (ٻيو) ڪونه
ڄاڻندو آهي، ۽ هيءَ (دوزخ) سڀ ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ رڳو نصيحت آهي.
74|32|سچ چوان ٿو چنڊ جو قسم آهي.
74|33|۽ رات جو جڏهن پٺ ڦيري.
74|34|۽ صبح جو (قسم آهي) جڏهن روشن ٿئي.
74|35|ته بيشڪ دوزخ هڪ وڏين شين مان آهي.
74|36|ماڻهو کي ڊيڄاريندڙ آهي (سڀڪنهن).
74|37|اوهان مان انهي لاءِ جيڪو گهري ته (بهشت) لاءِ اڳي وڌي يا (دوزخ ۾) پٺ تي رهي.
74|38|سڀڪو جيءُ پنهنجي ڪئي ۾ ڳهه پيل آهي.
74|39|پر سڄي پاسي وارا (ڇٽل آهن).
74|40|باغن ۾ هوندا، گڏجي پڇندا (بهشت جي).
74|41|ڏوهارين کان.
74|42|ته اوهان کي دوزخ ۾ ڪهڙي ڳالهه وڌو.
74|43|چوندا ته نڪي نمازين مان هواسون.
74|44|۽ نڪي مسڪينن کي کارائيندا هواسون.
74|45|۽ بڪواتن سان گڏ بڪوات ڪندا هواسون.
74|46|۽ بدلي جي ڏينهن کي ڪوڙ ڄاڻئيندا هواسون.
74|47|تان جو اسان کي موت پهتو.
74|48|پوءِ ڪين پارت ڪندڙن جي پارت نفعو نه ڏيندي.
74|49|پوءِ انهن کي ڇا (ٿيو) آهي جو نصيحت کان منهن موڙيندڙ (ٿيا) آهن.
74|50|ڄڻ ته اُهي ٽهندڙ گڏه آهن.

77|44|بيشڪ اسين نيڪن کي ائين بدلو ڏيندا آهيون.
77|45|اُن ڏينهن ڪوڙ پائيندڙن لاءِ خرابي آهي.
77|46|(اي ڪوڙ پائيندڙؤ دنيا ۾) ٿوري دير کائي وٺو ۽ آسودا رهو بيشڪ اوهين ڏوهاري آهيو.
77|47|اُن ڏينهن ڪوڙ پائيندڙن لاءِ خرابي آهي.
77|48|۽ جڏهن کين چئجي ته نماز پڙهو (ته) نماز نه پڙهندا آهن.
77|49|اُن ڏينهن ڪوڙ پائيندڙن لاءِ خرابي آهي.
77|50|پوءِ اُن (قرآن) کانپوءِ ڪهڙي ڳالهه تي ويساهه رکندا.
78|1|ڪهڙيءَ ڳالهه بابت هڪ ٻئي کان پڇن ٿا.
78|2|هڪڙي اهڙي وڏي واقعي بابت (هائو!).
78|3|جنهن (جي ٿيڻ) ۾ اُهي (پاڻ ۾) مختلف آهن.
78|4|ائين (سندن خيالن وانگر) نه آهي سگهوئي ڄاڻندا.
78|5|وري (به چئون ٿا) ته ائين نه آهي سگهوئي ڄاڻندا.
78|6|زمين کي وڇاڻو نه ڪيو اٿون ڇا؟
78|7|۽ جبلن کي ميخون؟
78|8|۽ اوهان کي جوڙو جوڙو (نر ۽ مادي) بڻايوسون.
78|9|۽ اوهان جي ننڊ کي فرحت بڻايوسون.
78|10|۽ رات کي ڍَڪ ڪيوسون.
78|11|۽ ڏينهن کي گذران (جو وقت) ڪيوسون.
78|12|۽ اوهان جي مٿون ست مُحڪم (آسمان) بڻاياسون.
78|13|۽ هڪ چمڪندڙ ڏيئو (سج) بڻايوسون.
78|14|۽ ڪڪرن مان پلٽندڙ پاڻي وسايوسون.
78|15|ته اُن سان اَن ۽ سَلا ڄمايون.
78|16|۽ گهاٽاباغ (به).
78|17|بيشڪ فيصلي جو ڏينهن هڪ مقرر مهل آهي.
78|18|جنهن ڏينهن صُور ۾ ڦوڪبو ته اوهين ٽوليون ٽوليون ٿي ايندؤ.
78|19|۽ آسمان کولبو پوءِ دروازا ٿي پوندو.
78|20|۽ جبل هلائبا پوءِ رُڃ وانگر ٿيندا.
78|21|بيشڪ دوزخ انتظار ڪرڻ وارو آهي.
78|22|جو هٺيلن جو رهڻ جو هنڌ آهي.
78|23|منجهس ڪيئي ڊگهيون مُدتون رهندا.
78|24|اُن ۾ نڪا ٿڌائي ۽ نڪا پيڻ جي شيءِ چکندا.
78|25|تتي پاڻي ۽ روڳ کانسواءِ.
78|26|(اهو سندن) پورو پورو بدلو آهي.
78|27|چوته اُهي حساب ڏيڻ جي اُميد نه رکندا هوا.
78|28|۽ اسان جي حُڪمن کي بلڪل ڪوڙ پائيندا هوا.
78|29|۽ سڀ شيءِ کي لکي ڳڻي ڇڏيو اٿون.
78|30|پوءِ (چئبن ته مزو) چکو جو عذاب کانسواءِ اوهان تي (ٻيو) ڪي (به) نه وڌائينداسون.
78|31|بيشڪ پرهيزگارن لاءِ ڪاميابي آهي.
78|32|جو باغ ۽ ڊاکون.
78|33|۽ هم عمر نوجوان زالون.
78|34|۽ شراب جا ڇلڪندڙ پيالا (به).
78|35|اتي نڪا اجائي بڪ ۽ نڪو ڪوڙ ٻڌندا.
78|36|(اهو پورو) بدلو تنهنجي پالڻهار کان (انعام) عطا ڪيل حساب روءِ آهي.
78|37|جو آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي ٻنهي جي وچ ۾ آهي تن جو پالڻهار ٻاجهارو آهي اُن (جي هيبت) کان ڪوبه ورندي ڏئي نه سگهندو.
78|38|جنهن ڏينهن روح ۽ (سڀئي) ملائڪ صفون ٻڌي بيهندا (تنهن ڏينهن) جنهن کي ٻاجهاري (الله) موڪل ڏني هوندي ۽ پوري ڳالهه ڳالهائي هوندائين تنهن کانسواءِ (ٻيو ڪي به) نه ڳالهائيندا.
78|39|اِهو ڏينهن سچ پچ (ٿيڻو) آهي، تنهنڪري جيڪو گهري سو پنهنجي پالڻهار ڏانهن (پنهنجي) رهڻ جو هنڌ ٺاهي.
78|40|بيشڪ اسان اوهان کي ويجهي عذاب (اچڻ) کان ڊيڄاري ڇڪاسون، جنهن ڏينهن آدمي اُهو ڏسندو جيڪي سندس ٻنهي هٿن اڳي ڪري موڪليو ۽ ڪافر چوندو ته هاءِ ارمان جيڪر آءٌ مٽي هجان ها.
79|1|اندر گهڙي ڇڪي آئيندڙن جو قسم آهي.
79|2|۽ کولي آسانيءَ سان ڳنڍ ڇوڙيندڙن جو قسم آهي.
79|3|۽ چڱي طرح سان ترندڙن جو قسم آهي.
79|4|پوءِ ڊوڙي اڳرائي ڪندڙن جو قسم آهي.
79|5|پوءِ (سڀ) ڪم جي رٿيندڙن ٽولين جو قسم آهي.
79|6|ته جنهن ڏينهن ڏٻڻ واري ڏٻندي.
79|7|ان کي پٺيان لڳندڙ (ٻيو ڌوڏو) پٺيان لڳندو.
79|8|تنهن ڏينهن ڪيترين ئي دليون ڌڪي وڃڻ واريون هونديون.
79|9|انهن جون اکيون (خواريءَ سبب) جهڪيون ٿينديون.
79|10|چون ٿا ته اسين پوئين پيرين موٽائباسون ڇا؟
79|11|هان جڏهن پُتا هڏا ٿينداسون؟
79|12|چوندا آهن ته انهي مهل اهو ٻيهر موٽڻ (وڏو) نقصان وارو آهي.
79|13|پوءِ اهو (واقعو) هڪڙي سخت هڪل آهي.
79|14|پوءِ اتي جو اُتي هڪ پڌري ميدان ۾ حاضر ٿيل هوندا.

79|15|تو وٽ مُوسىٰ جي خبر پُهتي آهي ڇا؟ (اي پيغمبر)
79|16|جڏهن سندس پالڻهار ڪيس پاڪ ميدان طُوىٰ ۾ سڏيو.
79|17|ته فرعون ڏانهن وڃ ڇوته هو حد کان لنگهيو آهي.
79|18|پوءِ (ان کي) چؤ ته هن ڏانهن خيال اٿئي ته تون سڌرجين؟
79|19|۽ تنهنجي پالڻهار ڏانهن توکي (سڌو) رستو ڏيکاريان ته (تون اُن کان) ڊڄين.
79|20|پوءِ فرعون کي وڏي نشاني ڏيکاريائين.
79|21|پوءِ (فرعون موسىٰ) کي ڪوڙو ڀانيو ۽ نافرماني ڪيائين.
79|22|وري (اُٿان) پٺيرو ٿي تکو هلڻ لڳو.
79|23|پوءِ (پنهنجي قوم کي) گڏ ڪيائين پوءِ سڏيائين.
79|24|پوءِ چيائين ته آءٌ اوهان جو تمام مٿاهون پالڻهار آهيان.
79|25|پوءِ الله ان کي آخرت ۽ دُنيا جي عذاب ۾ پڪڙيو.
79|26|بيشڪ هن (قصّي) ۾ انهي لاءِ نصيحت آهي جيڪو ڊڄي.
79|27|ڀلا بڻاوت ۾ اوهين ڏکيا آهيو يا آسمان جنهن کي الله بڻايو؟
79|28|اُن جي مٿاهين بلند ڪيائين پوءِ اُن کي برابر بيهاريائين.
79|29|۽ اُن جي رات کي اونده ڪيائين ۽ اُن جو سوجهرو (ڏينهن جو) پڌرو ڪيائين.
79|30|۽ اُن کان پوءِ زمين کي وڇايائين.
79|31|اُن مان سندس پاڻي ۽ سندس گاهه ڪڍيائين.
79|32|۽ جبلن کي مُحڪم کوڙيائين.
79|33|اوهان جي نفعي لاءِ ۽ اوهان جي ڍورن (جي نفعي) لاءِ.
79|34|پوءِ جڏهن وڏو واقعو (قيامت جو) ايندو.
79|35|اُن ڏينهن ماڻهو اهو ياد ڪندو جيڪي (دنيا ۾) ڪمايو هوائين.
79|36|۽ دوزخ اُنهيءَ لاءِ پڌرو ڪبو جيڪو ڏسڻ گهرندو.
79|37|پوءِ جيڪو حد کان لنگهيو هوندو.
79|38|۽ هن دنيا جي حياتيءَ کي ڀلو سمجهيائين.
79|39|تنهن جي جاءِ بيشڪ دوزخ آهي.
79|40|۽ جيڪو پنهنجي پالڻهار جي (حضور ۾) روبرو بيهڻ کان ڊنو ۽ نفس کي سَڌ کان جهليائين.
79|41|پوءِ تنهنجي جاءِ بيشڪ بهشت آهي.
79|42|توکان قيامت بابت پُڇن ٿا ته اُن جو (واقعو) ٿيڻ ڪڏهن آهي؟ (اي پيغمبر)
79|43|اُن جي خبر بابت تون ڪهڙي خيال ۾ آهين؟ (اي پڇندڙ)
79|44|اُن جي پڄاڻي (جي خبر) تنهنجي پالڻهار وٽ آهي.
79|45|جيڪو قيامت کان ڊڄي رڳو تنهن لاءِ تون ڊيڄاريندڙ آهين.
79|46|جنهن ڏينهن اُن کي ڏسندا (تنهن ڏينهن) ائين ڀانئيندا ته ڄڻڪ هڪڙي وقت سانجهي يا ان جي صبح کانسواءِ
(دنيا ۾) رهيا ئي نه هوا.
80|1|مُنهن ۾ گهنڊ وڌائين ۽ مُنهن موڙيائين.
80|2|هن ڪري جو وٽس نابين آيو.
80|3|۽ ڪنهن سمجهايئي جيڪر اُهو سڌرجي ها.
80|4|يا نصيحت ٻڌي ها پوءِ اُها نصيحت ٻڌڻ نفعو ڏئيس ها.
80|5|پر جنهن بي پرواهي ڪئي.
80|6|پوءِ تنهن (جي سڌاري) لاءِ تون پٺيان پيو آهين.
80|7|هن ۾ توتي (ڪا ميار) ڪانهي ته اُهو نه سُڌرجي.
80|8|۽ جيڪو تو وٽ ڊوڙندو آيو.
80|9|۽ اُهو (پنهنجي الله کان) ڊڄي ٿو.
80|10|پوءِ تنهن کان تون ويسلو ٿئين ٿو.
80|11|ائين نه آهي بيشڪ اهي (قرآن جون آيتون) هڪ نصيحت آهي.
80|12|پوءِ جيڪو گهُري سو قرآن ياد رکي.
80|13|تعظيم وارن ورقن ۾ لکيل آهن (بيشڪ قرآن جون آيتون)
80|14|جي مٿاهان ۽ پاڪ آهن.
80|15|لکندڙن جي هٿن ۾.
80|16|جي سڳورا ڀلارا آهن.
80|17|ماڻهو ماريو وڃي جو ڪهڙو نه بي شُڪر آهي.
80|18|ڪهڙي شيءَ مان پيدا ڪيس (ڌيان ڪري ته الله)
80|19|مني جي ڦڙي مان، خلقيائينس پوءِ اندازو مقرر ڪيائينس.
80|20|وري (نڪرڻ جي) واٽ سنهنجي ڪيائينس.
80|21|وري ماريائينس پوءِ قبر ۾ رکايائينس.
80|22|وري جڏهن گهرندو تڏهن اُن کي جيئرو ڪندو.
80|23|ائين نه آهي جيڪي فرمايائينس سو پورو نه ڪيائين.
80|24|پوءِ جڳائي ته ماڻهو پنهنجي کاڌي ڏانهن نهاري ڏسي.
80|25|ته اسان پاڻي کي چڱيءَ طرح آسمان کان پلٽيو.
80|26|وري زمين کي پوري طرح چيريوسون.
80|27|پوءِ منجهس اَن ڄمايوسون.
80|28|۽ ڊاکون ۽ ترڪاريون.
80|29|۽ زيتون ۽ کجيون.
80|30|۽ گهاٽا باغ.
80|31|۽ ميوو ۽ گاهه (ٻه).

80|32|اوهان جي نفعي لاءِ ۽ اوهان جي ڍورن لاءِ.
80|33|پوءِ جڏهن ڪَن ٻوڙا ڪندڙ (دهشت واري) هڪل ايندي.
80|34|انهي ڏينهن آدمي پنهنجي ڀاءُ کان ڀڄندو.
80|35|۽ (پڻ) پنهنجي ماءُ کان ۽ پنهنجي پيءُ کان.
80|36|۽ پنهنجي گهر واريءَ کان ۽ پنهنجي پٽن کان ڀڄندو.
80|37|انهن مان سڀڪنهن مڙس لاءِ اُن ڏينهن اهڙي حالت هوندي جو ڪيس بس هوندي.
80|38|ڪيترائي منهن اُن ڏينهن روشن هوندا.
80|39|کِلندڙ ۽ (تمام) سرها هوندا.
80|40|۽ ڪيترائي منهن (هوندا) جن تي اُن ڏينهن رئي پيل هوندي.
80|41|جن کي ڪارنهن ويڙهي ويندي.
80|42|اهي ئي مُنڪر بدڪار آهن.
81|1|جڏهن سج ويڙهبو.
81|2|۽ جڏهن تارا ميرا ٿيندا.
81|3|۽ جڏهن جبل هلايا ويندا.
81|4|۽ جڏهن ڏُڪيون ويامڻ تي ڏاچيون بيڪار ڇڏبيون.
81|5|۽ جڏهن جهنگلي جانور گڏ ڪبا.
81|6|۽ جڏهن درياءَ (باهه وانگر) تپائبا.
81|7|۽ جڏهن جيءَ پاڻ ۾ ملائبا.
81|8|۽ جڏهن جيئري پوريل نياڻي پڇبي ته.
81|9|ڪهڙي ڏوهه ڪري ماري وئي.
81|10|۽ جڏهن اعمالناما کولبا.
81|11|۽ جڏهن آسمان ڇلبو.
81|12|۽ جڏهن دوزخ ٻاربو.
81|13|۽ جڏهن بهشت ويجهو ڪبو.
81|14|هر هڪ جيءُ جيڪي حاضر آندو سو ڄاڻندو (تڏهن).
81|15|پوئتي هٽندڙ تارن جو قَسم کڻان ٿو.
81|16|جي (ڪڏهن) سڌا هلندڙ آهن (ڪڏهن) لڪي ويندڙ آهن.
81|17|۽ قسم آهي رات جو جڏهن پوئتي موٽندي آهي.
81|18|۽ قسم آهي صُبح جو جڏهن روشن ٿئي.
81|19|ته بيشڪ اهو (قرآن) هڪ موڪليل سڳوري (مَلَڪ) جو پيغام ڏيڻ آهي.
81|20|جو سگهه واري عرش جي مالڪ (الله) وٽ وڏي مرتبي وارو آهي.
81|21|جو مڃوتيءَ وارو اُتي (مَلڪوت ۾) امين آهي.
81|22|۽ (هي) اوهان جو سنگتي (محمد ﷺ کو) چريو نه آهي.
81|23|۽ بيشڪ (اوهان جي سنگتي) اُن (مَلَڪ) کي آسمان جي پڌري ڪناري تي (چٽائي) ڏٺو آهي.
81|24|۽ اُهو (اوهان جو سنگتي) ڳجهه (جي ڳالهه ڏسڻ) تي بخل ڪندڙ نه آهي.
81|25|۽ قرآن تڙيل شيطان جو ڪلام نه آهي.
81|26|پوءِ ڪيڏانهن وڃو ٿا؟
81|27|هيءُ (قرآن) جهان وارن جي نصيحت کانسواءِ (ٻيو) ڪي نه آهي.
81|28|اوهان مان جيڪو سڌو هلڻ گهري تنهن لاءِ آهي.
81|29|۽ جهانن جي پالڻهار الله جي گهُر کانسواءِ (ٻيو) ڪي اوهين گهري نه سگهندؤ.
82|1|جڏهن آسمان ڦاٽندو.
82|2|۽ جڏهن تارا ڇڻي پوندا.
82|3|۽ جڏهن سمنڊ تمام جوش سان وهائبا.
82|4|۽ جڏهن قبرون پٽبيون.
82|5|سڀڪو شخص اُهو ڄاڻندو جيڪي اڳي موڪليو هوائين ۽ جيڪي پوئتي ڇڏيو هوائين (تڏهن).
82|6|اي ماڻهو توکي تنهنجي (انهي) سڳوري پالڻهار کان ڪهڙي شيءَ ٺڳيو؟
82|7|جنهن توکي پيدا ڪيو پوءِ توکي سنئين لڳين ڪيائين پوءِ توکي برابر ڪيائين.
82|8|جهڙي صورت ۾ گهريائين (تهڙيءَ ۾) تنهنجو جوڙ جوڙيائين.
82|9|ائين نه آهي بلڪ اوهين عملن جي جزا ڏيڻ کي ڪوڙ پائيندا آهيو.
82|10|۽ بيشڪ اوهان تي نگهبان (مقرر ٿيل) آهن.
82|11|سڳورا لکڻ وارا.
82|12|جيڪي اوهين ڪندا آهيو سو ڄاڻندا آهن.
82|13|بيشڪ ڀلارا (بهشت جي) نعمت ۾ هوندا.
82|14|۽ بيشڪ گنهگار دوزخ ۾ هوندا.
82|15|عملن جي بدلي جي ڏينهن دوزخ ۾ داخل ٿيندا.
82|16|۽ اُن کان اُهي لڪل نه هوندا.
82|17|۽ ڪنهن سمجهايئي ته عملن جي بدلي جو ڏينهن ڇا آهي؟
82|18|وري (به چئون ٿا ته) ڪنهن سمجهايئي ته عملن جي بدلي جو ڏينهن ڇا آهي؟
82|19|اُهو هڪ ڏينهن آهي جو ڪو جيءُ ڪنهن جيءَ کي ڪجهه فائدو پهچائي نه سگهندو، ۽ اُن ڏينهن (ساري) حڪومت خاص الله جي هوندي.
83|1|انهن گهٽ ڪري ڏيندڙن لاءِ ويل آهي (تور ۽ ماپ ۾).
83|2|جي جڏهن (پاڻ لاءِ) ماڻهن کان مَئي وٺندا آهن ته بلڪل پورو ڪري وٺندا آهن.
83|3|۽ جڏهن اُنهن کي مَئي ڏيندا آهن يا کين توري ڏيندا آهن (ته) گهٽائي ڏيندا آهن.
83|4|اهي گمان نه ٿا ڪن ڇا ته کين (ضرور) اُٿاربو.

83|5|اُنهيءَ وڏي ڏينهن لاءِ.
83|6|جنهن ڏينهن ماڻهو جهانن جي پالڻهار اڳيان ٿي بيهندا.
83|7|سچ آهي ته بيشڪ بدڪارن جو اعمالنامو سجين ۾ آهي.
83|8|۽ ڪنهن سمجهايئي ته سجين ڇا آهي؟
83|9|هڪ لکيل دفتر آهي.
83|10|اُن ڏينهن (انهن) ڪوڙ پائيندڙن لاءِ ويل آهي.
83|11|جيڪي عملن جي بدلي جي ڏينهن کي ڪوڙ پائيندا آهن.
83|12|۽ اُن کي سپڪنهن حد کان لنگهندڙ گنهگار کانسواءِ (ٻيو) ڪو ڪوڙ نه پائيندو.
83|13|جڏهن اسان جون آيتون ڪيس پڙهي ٻڌائبيون آهن ته چوندو آهي ته (اهي) اڳين جون آکاڻيون آهن.
83|14|ائين بلڪل نه آهي! بلڪ، جيڪي ڪمائيندا هوا تنهن جي ڪَٽ سندين دلين تي ڄمي ويئي آهي.
83|15|ائين نه آهي پنهنجي پالڻهار (جي سامهون اچڻ) کان انهي ڏينهن روڪيل هوندا.
83|16|وري بيشڪ اُهي دوزخ ۾ گهڙڻ وارا هوندا.
83|17|وري چئبن ته هي اُهو دوزخ آهي جنهن کي اوهين ڪوڙ پائيندا هُيؤ.
83|18|سچ آهي بيشڪ ڀلارن جو اعمالنامو عِلِّيِّين ۾ آهي.
83|19|۽ ڪنهن سمجهايئي ته عِلِّيِّين ڇا آهي؟
83|20|هڪ لکيل دفتر آهي.
83|21|اُن وٽ (الله جا) مقرب حاضر رهندا آهن.
83|22|بيشڪ ڀلارا (بهشت) جي نعمتن ۾ هوندا.
83|23|تختن تي ويهي نظارو پيا ڪندا.
83|24|(سڀني پاسن کان) سندن منهن مان ئي نعمت جي تازگي پيو معلوم ڪندين.
83|25|مهر لڳل صاف شراب مان پيو پياربن.
83|26|جنهن جي مُهر مشڪ (جي) هوندي، ۽ شوقينن کي جڳائي ته اُنهيءَ ۾ شوق رکن.
83|27|اُن جي ملاوت تَسنِيم (جي پاڻيءَ) مان هوندي.
83|28|جو هڪ چشمو آهي جنهن مان الله جا ويجها (ٻانها) پيئندا.
83|29|بيشڪ ڏوهاري (دنيا ۾) مؤمنن تي کلندا هوا.
83|30|۽ جڏهن وٽائن لنگهندا هوا ته مؤمنن تي حقارت ڪري پاڻ ۾ ميچون ڏيندا هوا.
83|31|۽ جڏهن پنهنجن گهر وارن ڏانهن موٽندا هوا (ته) ڏاڍيون خوشيون ڪندا موٽندا هوا.
83|32|۽ جڏهن مؤمنن کي ڏسندا هوا ته چوندا هوا ته بيشڪ اُهي گمراه آهن.
83|33|۽ (حقيقت ڪري) اُهي مؤمنن تي نگهبان ڪري نه موڪليا ويا هوا.
83|34|تنهنڪري اڄ مؤمن ڪافرن تي کِلن ٿا.
83|35|تختن تي (ويهي) نظارو ڪن ٿا.
83|36|ته ڪافرن کي انهيءَ جو بدلو ڏنو ويو آهي ڇا جيڪي اُهي ڪندا هوا (۽ چون ٿا).
84|1|جڏهن آسمان ڦاٽندو.
84|2|۽ پنهنجي پالڻهار جو حُڪم ڪن ڌري ٻڌندو ۽ (ٻڌڻ) حق اٿس.
84|3|۽ جڏهن زمين پکيڙبي.
84|4|۽ جيڪي اُن ۾ هوندو سو (سڀ) ڪڍي اُڇليندي ۽ خالي ٿيندي.
84|5|۽ پنهنجي پالڻهار جو حُڪم ڪن ڌري ٻڌندي ۽ (ٻڌڻ) حق اٿس.
84|6|اي ماڻهو تون پنهنجي پالڻهار ڏانهن (پهچڻ ۾) تمام گهڻي تڪليف وٺڻ وارو آهين جو اُن کي (وڃي) ملندين.
84|7|پوءِ اُهو (ماڻهو) جنهن کي سندس سڄي هٿ ۾ سندس اعمالنامو ڏبو.
84|8|تنهن سان آسانيءَ طرح سگهوئي حساب ڪبو.
84|9|۽ پنهنجن گهر وارن ڏانهن خوش ٿي موٽندو.
84|10|۽ اُهو ماڻهو جنهن کي سندس اعمالنامو سندس پٺي پويان ڏبو.
84|11|سو سگهوئي موت کي سڏيندو.
84|12|۽ دوزخ ۾ گهڙندو.
84|13|ڇوته اُهو (دنيا ۾) پنهنجن گهر وارن ۾ خوش (حال) هو.
84|14|بيشڪ انهيءَ ڀانيو هو ته (الله ڏانهن) ڪڏهن نه موٽندو.
84|15|هائو! (موٽندو) ڇوته سندس پالڻهار اُن کي ڏسندڙ آهي.
84|16|پوءِ شفق جو قسم کڻان ٿو.
84|17|۽ رات جو (قسم) ۽ جنهن کي گڏ ڪيو اٿس.
84|18|۽ چنڊ جو (قسم) جڏهن پورو روشن ٿئي.
84|19|ته هڪ حال کان ٻئي حال تي ضرور چڙهندؤ.
84|20|پوءِ هنن (ڪافرن) کي ڇا (ٿيو) آهي جو ايمان نه آڻيندا آهن.
84|21|۽ جڏهن وٽن قرآن پڙهبو آهي (ته) سجدو نه ڪندا آهن.
84|22|بلڪ (اهي) ڪافر ڪوڙ پائيندا آهن.
84|23|۽ جيڪي (پنهنجين دلين ۾) سانپيندا آهن سو الله چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي.
84|24|پوءِ کين ڏکوئيندڙ عذاب جي خبر ڏي.
84|25|پر جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ اَڻ کُٽ اَجر آهي.
85|1|بُرجن واري آسمان جو قسم آهي.
85|2|۽ وعدي ڪيل ڏينهن جو قسم آهي.
85|3|۽ حاضر ٿيڻ واري ۽ جنهن وٽ حاضر ڪيو وڃي تنهن جو قسم آهي.
85|4|ته کاهين وارا ماريا وڃن.
85|5|جا باه گهڻي ٻَل واري هئي.
85|6|جڏهن اُهي اُنهن باه جي (کاهين) تي ويٺل هوا.
85|7|۽ جيڪي اُنهن مسلمانن سان (ظلم) ٿي ڪيو تنهن کي روبرو ڏسڻ وارا هوا.

85|8|۽ انهن هن ڪانسواءِ (ٻيءَ) ڪنهن ڳالھ جو ويرُ نه ٿي ورتو ته انهن اُنهيءَ غالب ساراهيل الله تي ايمان آندو هو.
85|9|جنهن کي آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي آهي، ۽ الله سڀ شيءَ جي خبر رکندڙ آهي.
85|10|بيشڪ جن (ماڻهن) مؤمنن ۽ مؤمنياڻين کي ايذايو وري توبه نه ڪيائون تن لاءِ دوزخ جو عذاب آهي ۽ انهن لاءِ سڙڻ جو عذاب (به) آهي.
85|11|بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ اهڙا باغ آهن جن جي هيٺان واهيون پيون وهن، اها وڏي مراد ماڻڻ آهي.
85|12|بيشڪ تنهنجي پالڻهار جي پڪڙ بلڪل سخت آهي.
85|13|بيشڪ اُهو پهريون دفعو بڻائي ٿو ۽ وري ٻيهر موٽائيندو.
85|14|۽ اُهو بخشڻهار پيار رکندڙ آهي.
85|15|(جو) عرش جو مالڪ تمام وڏي شان وارو آهي.
85|16|جيڪي گهري سو ڪرڻ وارو ئي آهي.
85|17|تو وٽ لشڪرن جي خبر (نه) آئي آهي ڇا؟
85|18|(يعني) فرعون ۽ ثمود جي.
85|19|بلڪ ڪافر ڪوڙ پائڻ ۾ (لڳا پيا) آهن.
85|20|۽ الله سندن چوڌير گهيرو ڪندڙ آهي.
85|21|بلڪ هي سڳورو قرآن آهي.
85|22|حفاظت ڪيل تختي ۾ لکيل آهي.
86|1|آسمان جو ۽ رات جي وقت ۽ ايندڙ جو قسم آهي.
86|2|۽ ڪنهن سمجهائيو ته رات جو ايندڙ ڇا آهي؟
86|3|(اُهو) چمڪندڙ تارو آهي.
86|4|ته ڪو جيءُ اهڙو ڪونهي جنهن تي هڪ نگهبان مقرر ٿيل (نه) آهي.
86|5|تنهنڪري ماڻهوءَ کي گهرجي ته نهاري ڏسي ته ڪيس ڇا مان بڻايو ويو آهي.
86|6|ٽپي سان نڪرندڙ پاڻي مان بڻايو ويس.
86|7|جو پُٺيءَ ۽ اُره جي وچ مان نڪرندو آهي.
86|8|بيشڪ الله سندس وري موٽائڻ تي وس وارو آهي.
86|9|جنهن ڏينهن (ماڻهن جي دلين جا) سڀ ڳجهه جاچيا ويندا.
86|10|پوءِ تنهن ڏينهن ڪانه اُن کي سگهه رهندي ۽ نڪو واهرو (هوندس).
86|11|۽ مينهن واري آسمان جو قسم آهي.
86|12|۽ ڦاٽڻ واريءَ زمين جو (به) قسم آهي.
86|13|ته بيشڪ قرآن هڪ فيصلو ڪندڙ ڳالھ آهي.
86|14|۽ هيُ قرآن ڪا ٺٺولي (جي ڳالھ) نه آهي.
86|15|بيشڪ ڪافر هڪ (طرح جي) ڳجهي رٿ رٿين ٿا.
86|16|۽ (آءٌ به) هڪ (طرح جي) رٿ رٿيان ٿو.
86|17|پوءِ ڪافرن کي دير ڏي ۽ ٿوري مُدت کين ڇڏي ڏي.
87|1|(اي پيغمبر) اُنهي پنهنجي تمام مٿاهين پالڻهار جي نالي جي پاڪائي بيان ڪر.
87|2|جنهن (ساري مخلوق کي) خلقيو پوءِ سنئين لڳين ڪيائين.
87|3|۽ جنهن اندازو ڪيو پوءِ رستو ڏيکاريائين.
87|4|۽ جنهن تازو گاھ ڄمايو.
87|5|پوءِ اُن کي سُڪو سڙيو ڪيائين.
87|6|اسين توکي (قرآن) پاڙهينداسون پوءِ نه وساريندين.
87|7|(به) مگر جيڪي الله گهريو آهي، بيشڪ اُهو ظاهر کي ڄاڻندو آهي ۽ جيڪي ڳُجهو آهي تنهن کي (به).
87|8|۽ آسان رستو توکي سنهنجو ڪري ڏينداسين.
87|9|پوءِ جيڪڏهن نصيحت ڏيڻ فائدو ڪري ته نصيحت ڪر.
87|10|جيڪو ڊڄندو سو سُتت سمجهه وٺندو.
87|11|۽ اُن (نصيحت وٺڻ) کان (اُهو) تمام نڀاڳو پاسو ڪندو.
87|12|جو وڏيءَ باھ ۾ پوندو.
87|13|وري نڪي اُتي مرندو ۽ نڪي جيئرو رهندو.
87|14|بيشڪ اُهو ڇٽو جيڪو سڌريو.
87|15|۽ پڻ پنهنجي پالڻهار جو نالو ياد ڪري نماز پڙهندو رهيو.
87|16|بلڪ دُنيا جي حياتيءَ کي (آخرت کان) پسند ڪندا آهيو.
87|17|۽ (حقيقت ڪري) آخرت ڀَلي آهي ۽ هميشه رهڻ واري آهي.
87|18|بيشڪ هيءَ (بيان) پهرين صحيفن ۾ (به لکيل) آهي.
87|19|جي صحيفا ابراهيم ۽ مُوسىٰ جا آهن.
88|1|(اي پيغمبر) (قيامت) جي خبر پهتي آهي ڇا؟ تو وٽ ڍڪيندڙ
88|2|اُن ڏينهن ڪيترائي مُنهن خوار هوندا.
88|3|ڪمائيندڙ ڏک پوڳيندا هوندا.
88|4|ٻرندڙ باھ ۾ پوندا.
88|5|بلڪل تتي چشمي مان پاڻي پيارين.
88|6|ڪنڊن واري گاھ کانسواءِ (ٻيو) ڪو کاڄ انهن لاءِ نه هوندو.
88|7|(جو اُهو) نڪي (کين) ڦُلهو ڪندو ۽ نڪي بُک لاهيندو.
88|8|ڪيئي مُنهن اُن ڏينهن تازا هوندا.
88|9|پنهنجي ڪمائيءَ کان راضي هوندا.
88|10|مٿاهين بهشت ۾ هوندا.
88|11|اتي ڪا اجائي ڳالھ نه ٻڌندين.

90|17|ان کانپوءِ (اُهو) مؤمنن مان هجي ۽ هڪ ٻئي کي صبر جي وصيت ڪيائون ۽ (پڻ) هڪ ٻئي کي (خلق تي) ٻاجھ ڪرڻ جي وصيت ڪيائون.
90|18|اُهي نيڪ بخت سڄي پاسي وارا آهن.
90|19|۽ جن اسان جي آيتن جو انڪار ڪيو سي بدبخت کٻي وارا آهن.
90|20|مٿن دميل باھ چوڌاري ويڙهيل (موڪلبي) آهي.
91|1|سج ۽ اُن جي سوجهري جو قسم آهي.
91|2|۽ چنڊ جوقسم آهي جڏهن ان جي پوئتان اچي.
91|3|۽ ڏينهن جو (قسم آهي) جڏهن سج کي روشن ڪري.
91|4|۽ رات جو (قسم آهي) جڏهن سج کي ڍڪي.
91|5|۽ آسمان جو ۽ اُن جو (قسم آهي) جنهن اُن کي بڻايو.
91|6|۽ زمين جو ۽ اُنجو (قسم آهي) جنهن اُن کي پکيڙيو.
91|7|۽ (ماڻهوءَ جي) جيءُ جو ۽ اُنجو (قسم آهي) جنهن اُن کي جوڙي برابر ڪيو.
91|8|پوءِ سندس بدڪاري ۽ سندس پرهيزگاريءَ (جي سڃاڻ) اندر ۾ وڌائينس.
91|9|جنهن اُن (نفس) کي (بدڪاريءَ کان) پاڪ ڪيو سو بيشڪ ڇٽو.
91|10|۽ جنهن اُن کي (گناهن ۾) پوري ڇڏيو سو بيشڪ ٽوٽي وارو ٿيو.
91|11|ثمود پنهنجي سرڪشيءَ سببان (پيغمبر کي) ڪوڙو ڀانيو (قوم).
91|12|جڏهن منجهانئن بلڪل نڀاڳو اُٿيو.
91|13|پوءِ الله جي پيغمبر کين چيو ته الله جي ڏاچي ۽ اُن جي پاڻي پيئڻ کي آڏو نه ٿيو.
91|14|پوءِ پيغمبر کي ڪوڙو ڀانيائون پوءِ ڏاچيءَ جو ڪُچون ڪپيائون، پوءِ سندن گناهن سببان سندن پالڻهار مٿن عذاب پلٽيو پوءِ اُن (سزا) کي (سڀني) تي هڪ جهڙو ڪري ڇڏيائين.
91|15|۽ (الله) اُن (سزا) جي پڇاڙيءَ کان نه ٿو ڊڄي.
92|1|رات جو قسم آهي جڏهن ڍَڪي ٿي.
92|2|۽ ڏينهن جو (قسم آهي) جڏهن روشن ٿئي ٿو.
92|3|۽ اُن جو (قسم آهي) جنهن نر ۽ مادي خلقي.
92|4|ته بيشڪ اوهان جي ڪوشش قسمين قسمين آهي.
92|5|پوءِ جنهن (الله لڳ) ڏنو ۽ پرهيزگاري ڪئي.
92|6|۽ چڱائي کي سچ ڄاتائين.
92|7|تنهنکي (نجات جو) آسان رستو سهنجو ڪري ڏينداسين.
92|8|۽ جنهن بخل ڪيو ۽ (پاڻ کي) بي پرواھ ڄاتائين.
92|9|۽ چڱائي کي ڪوڙ ڀانيائين.
92|10|تنهن کي اوکائيءَ (۾ پوڻ) لاءِ (رستو) آسان ڪري ڏينداسين.
92|11|۽ جڏهن اونڌو ڪرندو ته سندس مال ڪانئس (ڪجھ) نه ٽاريندو.
92|12|بيشڪ سڌو رستو ڏيکارڻ اسان تي (لازم) آهي.
92|13|۽ بيشڪ آخرت ۽ دُنيا (ٻئي) اسان جي وس ۾ آهن.
92|14|پوءِ اوهان کي باھ کان ڊيڄاريم جا ڄڀي ڪري ٿي.
92|15|وڏي نڀاڳي ڪانسواءِ (ٻيو) ڪو اُن ۾ ڪونه گهڙندو (اهڙي).
92|16|جنهن (اسلام کي) ڪوڙ ڄاتو ۽ پٺيرو ٿيو.
92|17|۽ اُن (باھ) کان انهي وڏي پرهيزگار کي پاسي ڪبو.
92|18|جيڪو پنهنجو مال (الله جي واٽ ۾) ڏئي ٿو ته پاڪ ٿئي.
92|19|۽ مٿس اهڙي ڪنهن جو ڪو احسان ٿيل نه آهي جو بدلو ڏجي.
92|20|پر پنهنجي تمام مٿاهين پالڻهار جي رضامندي طلبڻ لاءِ (ڏئي ٿو).
92|21|۽ ضرور جلد خوش ٿيندو.
93|1|مٿي آيل ڏينهن جو قسم آهي.
93|2|۽ رات جو (قسم) آهي، جڏهن ڍَڪي ٿي.
93|3|ته (اي پيغمبر) تنهنجي پالڻهار توکي نه ڇڏيو ۽ نکي ناراض ٿيو.
93|4|۽ بيشڪ آخرت تولاءِ دنيا کان گهڻو چڱي آهي.
93|5|۽ تنهنجو پالڻهار سگهوئي توکي (ايترو) ڏيندو جو (تون) خوش ٿيندين.
93|6|توکي يتيم نه ڏٺائين ڇا پوءِ (توکي) جاءِ ڏنائين.
93|7|۽ توکي ناواقف ڏٺائين پوءِ (شريعت جي) رستي لاتائين.
93|8|۽ توکي مسڪين ڏٺائين پوءِ آسودو ڪيائين.
93|9|تنهنڪري يتيم تي تون ڏاڍ نه ڪر.
93|10|۽ سوالي کي نه جهڻڪ.
93|11|۽ پنهنجي پالڻهار جي نعمت جو بيان ڪندو رھ.
94|1|(اي پيغمبر) تنهنجو سِينو تولاءِ ڪشادو نه ڪيو اٿون ڇا؟
94|2|۽ تنهنجو (اُهو) بار توکان لاٿوسون.
94|3|جنهن تنهنجي پٺي کي ڳرو ڪيو هو.
94|4|۽ تنهنجي ساراھ تولاءِ مٿاهين ڪئي سون.
94|5|چوته بيشڪ اهنج سان گڏ سهنج آهي.
94|6|بيشڪ اهنج سان گڏ سهنج آهي.
94|7|تنهنڪري جڏهن واندو ٿئين ته (عبادت لاءِ) محنت ڪر.
94|8|۽ خاص پنهنجي پالڻهار ڏانهن دل لڳاءِ.
95|1|اَنجير ۽ زيتون جو قسم آهي.
95|2|۽ طُور سينا جو.
95|3|۽ هِن اَمن واري شهر (مڪي) جو.

95|4|ته بيشڪ ماڻھوءَ کي تمام سھڻي نموني پيدا ڪيوسون.
95|5|وري سڀني ھيٺاھين کان ھيٺ موٽايوسونس.
95|6|پر جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ اڻ کُٽ اجر آھي.
95|7|پوءِ (اي ماڻھو) ھن (نصيحت) پڄاڻا ڪھڙي شيءِ توکي عملن جي بدلي ملڻ بابت منڪر بڻائي ٿي؟
95|8|حاڪمن جو وڏو حاڪم الله نه آھي ڇا؟
96|1|پنھنجي پالڻھار جي نالي سان پڙھ جنھن (سارو جڳ) خلقيو (اي پيغمبر).
96|2|ماڻھوءَ کي رت جي دِڳ مان بڻايائين.
96|3|پڙھ ۽ تنھنجو پالڻھار ڏاڍو سڳورو آھي.
96|4|جنھن (ماڻھوءَ کي علم) قلم سان سيکاريو.
96|5|ماڻھوءَ کي اُھو سيکاريائين جو نه ڄاڻندو ھو.
96|6|سچ آھي ته بيشڪ ماڻھو سرڪشي ڪندو آھي.
96|7|جڏھن اُھو پاڻ کي بي پرواھ ڏسندو آھي.
96|8|بيشڪ تنھنجي پالڻھار ڏانھن موٽي وڃڻو آھي.
96|9|اُھو ڏٺو اٿئي ڇا جيڪو جھليندو آھي.
96|10|ٻانھي کي جڏھن اھو نماز پڙھندو آھي (منھنجي).
96|11|ڏٺو اٿئي ڇا ته جيڪڏھن (اُھو ماڻھو) سڌي رستي تي ھجي ھا.
96|12|يا پرھيزگاريءَ جو حڪم ڪري ھا.
96|13|ڏٺو اٿئي ڇا ته جيڪڏھن ڪوڙ ڀانيائين ۽ ڦيرو ٿيو.
96|14|ته (ھيُ) نه ڄاتائين ڇا ته الله ڏسي ٿو.
96|15|ائين نه آھي! قسم آھي ته جيڪڏھن پاڻ نه ڦليندو، ته ضرور پيشانيءَ جي وارن کان وٺي گھليندا سونس.
96|16|اُھا پيشاني ڪوڙي گنھگار آھي.
96|17|پوءِ ڀلي ته پنھنجي ڪچھريءَ وارن کي سڏي.
96|18|اسين به دوزخ جي داروغن کي سڏينداسون.
96|19|ائين نه آھي، تون چيو نه مڃيس ۽ سجدو ڪر ۽ (الله کي) ويجھو ٿيءُ.
97|1|بيشڪ اسان قرآن شب قدر ۾ لاٿو.
97|2|۽ ڪنھن سمجھايئي ته شب قدر ڇا آھي.
97|3|شب قدر، ھزار مھينن کان ڀلي آھي.
97|4|منجھس ملائڪ ۽ رُوح پنھنجي پالڻھار جي حڪم سان سڀڪنھن ڪم (جي پورائي) لاءِ لھندا آھن.
97|5|اُنھيءَ رات پرھ ڦُٽڻ تائين سلامتي آھي.
98|1|ڪتاب وارن ۽ مشرڪن مان جن انڪار ڪيو سي (ايسين تائين پنھنجي رسم کان) الڳ ٿيڻ وارا نه ھوا جيسين
تائين وٽن پڌري حُجّت (نه) اچي.
98|2|الله جو پيغمبر جو پاڪ صحيفا پڙھي (يعني).
98|3|جن ۾ سڌا سنوان لکيل حُڪم آھن.
98|4|۽ جن کي ڪتاب ڏنو ويو سي پاڻ وٽ پڌري حُجّت جي اچڻ کانپوءِ مُختلف ٿيا.
98|5|۽ ھن کانسواءِ (ٻيو) ڪو حڪم نه ڪيو وين ته باطل کان مُنھن موڙي الله جي عبادت ڪن ۽ نماز پڙھندا رھن
۽ زڪوٰة ڏيندا رھن ۽ اھو آھي سڌو دين.
98|6| بيشڪ ڪتاب وارن ۽ مشرڪن مان جن ڪفر ڪيو سي دوزخ جي باھ ۾ پوندا منجھس سدائين رھندڙ ھوندا، اھي
ئي (ساريءَ) خلق کان (تمام) بڇڙا آھن.
98|7|بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا اھي ئي (ساريءَ) خَلق کان ڀَلا آھن.
98|8|سندن بدلو سندن پالڻھار وٽ ھميشه جي رھڻ وارا باغ آھن جن جي ھيٺان واھيون پيون وھن انھن ۾ ھميشه سدائين
رھندا، الله کانئن راضي ٿيو ۽ اُھي کانئس راضي ٿيا، اھو (وعدو) انھيءَ لاءِ جيڪو پنھنجي پالڻھار کان ڊنو.
99|1|جڏھن زمين پنھنجي سخت ڌوڏجڻ سان ڌوڏبي.
99|2|۽ زمين پنھنجا بار ٻاھر ڪڍندي.
99|3|۽ ماڻھو چوندو ته زمين کي ڇا ٿيو آھي.
99|4|اُن ڏينھن (اُھا) پنھنجيون سڀ خبرون بيان ڪندي.
99|5|ھن ڪري جو تنھنجي پالڻھار ڏانھس حُڪم ڪيو.
99|6|اُن ڏينھن ماڻھو ڌار ڌار ٿي ورندا، ته سندس ڪم ڪين ڏيکارجن.
99|7|پوءِ جنھن ذري جيترو چڱو ڪم ڪيو ھوندو سو اُن کي ڏسندو.
99|8|۽ جنھن ذري جيترو بد ڪم ڪيو ھوندو سو اُن کي ڏسندو.
100|1|ھانبارو ھڻي ڊوڙندڙن گھوڙن جو قَسم آھي.
100|2|پوءِ پھڻن تي نعلن ھڻڻ سان چڻنگن ڪڍندڙن (گھوڙن) جوقسم آھي.
100|3|پوءِ صبح جي مھل لُٽ ڪندڙ (گھوڙن) جو قسم آھي
100|4|جو اُن مھل رئي اُٿارين.
100|5|پوءِ اُن گھڙي (دشمنن جي) ٽوليءَ جي وچ ۾ پون.
100|6|ته بيشڪ ماڻھو پنھنجي پالڻھار جو وڏو بي شُڪر آھي.
100|7|۽ بيشڪ اُھو پاڻ انھن تي شاھد آھي.
100|8|۽ بيشڪ اھو مال جي محبت ۾ ڏاڍو آھي.
100|9|نه ڄاڻندو آھي ڇا جنھن وقت انھن کي اُٿاربو جيڪي قبرن ۾ نه آھن (اُنھيءَ وقت کي).
100|10|۽ جيڪي سينن ۾ آھي سو پڌرو ڪبو.
100|11|بيشڪ اُن ڏينھن سندن پالڻھار سندن (حال جي) خبر رکندڙ آھي.
101|1|سخت ٺوڪيندڙ.
101|2|سخت ٺوڪيندڙ ڇا آھي؟ (اُھا)
101|3|۽ ڪنھن سمجھايئي ته (اُھا) سخت ٺوڪيندڙ ڇا آھي؟
101|4|جنھن ڏينھن ماڻھو پکيڙيلن پتنگن جان ھوندا.

101|5|۽ جبل تنبيل رڱيل اُن جان هوندا.
101|6|پوءِ جنهن (جي عملن) جا ترارا ڳرا ٿيا.
101|7|سو دلپسند گذران ۾ هوندو.
101|8|۽ جنهن (جي عملن) جا ترارا هلڪا ٿيا.
101|9|تنهن (جي رهڻ) جي جاءِ هاوِيَه آهي.
101|10|۽ ڪنهن سمجهايئي ته هاويه ڇا آهي؟
101|11|هڪ ٻرندڙ باهه آهي.
102|1|پاڻ ۾ گهڻائي (تي مرڪڻ) اوهان کي ويسلو ڪيو (اي ماڻهو).
102|2|تان جو قبرن کي ڏٺو.
102|3|ائين نه آهي سگهوئي ڄاڻندؤ.
102|4|وري (چئون ٿا ته) سگهوئي ڄاڻندؤ.
102|5|نه نه! جيڪڏهن پڪي ويساهه سان ڄاڻو ها (ته ويسلو نه ٿيو ها).
102|6|قسم آهي ته ضرور دوزخ کي ڏسندؤ.
102|7|وري به ان کي يقين واريءَ اک سان ضرور ڏسندؤ.
102|8|وري اُن ڏينهن نعمتن بابت اوهان کان ضرور پڇبو.
103|1|پوياڙيءَ جو قسم آهي.
103|2|ته بيشڪ ماڻهو گهاٽي ۾ آهي.
103|3|سواءِ انهن جي جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا ۽ هڪ ٻئي کي سچ جي وصيّت ڪيائون، ۽ هڪ ٻئي کي صبر جي وصّيت ڪيائون.
104|1|سڀڪنهن گلا ڪندڙ عيب ڳوليندڙ لاءِ ويل آهي (انهيءَ).
104|2|جنهن مال گڏ ڪيو ۽ اُهو ڳڻي ڳڻي رکيائين.
104|3|ڀانئيندو آهي ته سندس مال سدائين رهندو.
104|4|هرگز ائين نه آهي ضرور حُطمه ۾ اُڇلائبس.
104|5|۽ ڪنهن سمجهايئي ته حُطَمَه ڇا آهي؟
104|6|الله جي ٻاريل باهه آهي.
104|7|جا دلين تي پهچندي.
104|8|بيشڪ اُها مٿن در بند ڪيل آهي.
104|9|ڊگهن ٿنڀن ۾ (ٻڌل هوندا) (جنهن حالت ۾ اُهي).
105|1|نه ڏٺئي ڇا؟ ته تنهنجي پالڻهار هاٿي وارن سان ڪئن ڪيو؟ (اي پيغمبر)
105|2|سندن ٻڇڙي رٿ کي ناس نه ڪيائين ڇا؟
105|3|۽ وَلر وَلر پکي مٿن موڪليائين.
105|4|جن ڪنڪريٽ جون پهڻيون کين هنيون ٿي.
105|5|پوءِ اولڙ گاهه جان کين ڪيائين.
106|1|قريشين کي اُلفت ڏيارڻ لاءِ.
106|2|جو سياري ۽ اونهاري جي سفر سببان کين اُلفت ڏيارڻ آهي.
106|3|تنهنڪري گُهرجين ته هِن گهر جي (انهيءَ) پالڻهار جي عبادت ڪن.
106|4|جنهن کين بُک ۾ کاڄ کارايو، ۽ کين ڀؤ کان امن ڏنو.
107|1|انهي کي ڏٺيءِ ڇا جيڪو عملن جي بدلي ملڻ کي ڪوڙ ڀانئيندو آهي (اي پيغمبر).
107|2|پوءِ اُهو آهي جو ڇوري ٻار کي ڌِڪيندو آهي.
107|3|۽ (ڪنهن کي) مسڪين جي کارائڻ تي رغبت نه ڏياريندو آهي.
107|4|پوءِ انهن نمازين لاءِ وَيل آهي.
107|5|جي پنهنجين نمازن کان ويسلا رهندا آهن.
107|6|اُهي جيڪي رياءُ ڪندا آهن.
107|7|۽ اُڌاريون شيون جهليندا آهن.
108|1|بيشڪ اسان توکي ڪوثر عطا ڪيو (اي پيغمبر).
108|2|تنهنڪري پنهنجي پالڻهار جي لاءِ نماز پڙهه ۽ قرباني ڪر.
108|3|بيشڪ تنهنجو ويري ئي بي نسل آهي.
109|1|چؤ ته اي ڪافرؤ (اي پيغمبر ڪافرن کي).
109|2|نڪي آءٌ ان جي عبادت ڪندس جنهنجي اوهين عبادت ڪندا آهيو.
109|3|۽ نڪي اوهين ان جي عبادت ڪندؤ جنهن جي آءٌ عبادت ڪندو آهيان.
109|4|۽ نڪي آءٌ ان جي عبادت ڪندس جنهنجي اوهان عبادت ڪئي.
109|5|۽ نڪي اوهين ان جي عبادت ڪندؤ جنهنجي آءٌ عبادت ڪندو آهيان.
109|6|اوهان لاءِ اوهان جو دين ۽ مون لاءِ منهنجو دين آهي.
110|1|جڏهن الله جي مدد ۽ سوڀ اچي،
110|2|۽ ماڻهن کي الله جي دين ۾ ٽوليون ٽوليون ٿي گهڙندو ڏسين،
110|3|تڏهن (تون) پنهنجي پالڻهار جي ساراهه سان گڏ پاڪائي بيان ڪر ۽ کانئس بخشش گهر. بيشڪ اُهو ٻاجهه سان موٽندو آهي.
111|1|ابولهب جا هٿ ڀڳا ۽ (پاڻ به) هلاڪ ٿيو.
111|2|سندس مال ۽ جيڪي ڪمايائين تنهن کانئس (الله جو عذاب) نه ٽاريو.
111|3|ڇيئي واري باهه ۾ سگهو پوندو.
111|4|۽ سندس زال به، جا ڪاٺين (جي) لَڏ کڻندڙ آهي.
111|5|جنهن جي ڳچيءَ ۾ ڪاٻر جو نوڙ پيل آهي.
112|1|چؤ ته الله اڪيلو آهي (اي پيغمبر).
112|2|الله بي احتياج آهي.

112|3|نکي چٽيائين، ۽ نکي چٽيو ويو.
112|4|۽ سندس برابر ڪوبه ڪونهي.
113|1|(اي پيغمبر) چؤ ته صبح جي پالڻهار جي پناھ گھران ٿو.
113|2|جيڪي پيدا ڪيو اٿس تنھنجي بڇڙائي کان.
113|3|۽ اونداهي ڪندڙ (رات) جي بڇڙائي کان جڏھن اُھا پکڙجي.
113|4|۽ ڳنڍين ۾ ڦوڪيندڙين (عورتن) جي بڇڙائي کان.
113|5|۽ مَسَھُوءِ جي بڇڙائيءَ کان جڏھن (اُھو) مَسَھائي ڪري.
114|1|(اي پيغمبر) چؤ ته ماڻھن جي پالڻھار جي پناھ گھران ٿو.
114|2|ماڻھن جي بادشاھ جي.
114|3|ماڻھن جي (سچي) معبود جي.
114|4|پٺ تي هٽي ويندڙ (شيطان) جي وَسوَسن جي بڇڙائي کان.
114|5|جيڪي ماڻھن جي سينن ۾ وَسوَسو وجھي ٿو.
114|6|جو جنن (جي جنس) مان ھجي يا ماڻھن (جي جنس) مان.

Translator: Taj Mehmood Amroti